دِيوانِ سَعِيد

مصنف:

حضرت امام الاولياء خواجہ محمد سعيد قدس سرہ اللہ

پنجون سجاده نشين

درگاھ عاليہ لواري شريف ضلع بدين

(1264-1324 ھ - 1847-1906ع)

"كُلَ"
ناجي نور محمد ڦرڙو
لئبريري
كتاب نمبر: ____
موبائل: 03023629987
تاريخ: ____

ترجمو، تقديم ۽ تحقيق:

حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري

ناشر:

مير الاھي بخش چنگل حاجي فتح علي باگراڻي ٽالپر

نور محمد ڦرڙو 03023629987

حق ۽ واسطا قائم.

كتاب جو نالو : ديوانِ سعيد

مصنف : حضرت امام الاولياء خواجہ مُحمَّد سعيد مهاجر مكي قدس سرہ اللہ

ترجمو، تقديم ۽ تحقيق: حافظ عبدالرزاق مهراڻ سكندري 0333-2925608

كمپوزنگ: اسدالله پنو: 0321-3010894

تاريخ طباعت: مئي 2009ع

تعداد: 500

قيمت: -/500 روپيا

ناشر: مير الاهي بخش چنگل حاجي فتح علي باگراڻي ٽالپر

ملڻ جا هنڌ:

- مير الاهي بخش ٽالپر، مير محلا، "اسلام قلب روڊ" پوسٽ آفيس كڏڙو، ضلع سانگهڙ. 0301-2034043 — 0333-7022076
- برگيڊيئر (رٽائرڊ) مولابخش بلوچ، ڳوٺ خانصاحب عبدالرحمٰن، پوسٽ آفيس لواري شريف، ضلع بدين. 0331-3782468 -0314-2819527
- حضرت سلطان الاولياءِ اكيڊمي ڏوكڙي. "قبولائي منزل" پوسٽ آفيس ڏوكري- ضلعو لاڙكاڻو 0306-3473744
- مكتبہ حزب الاحناف- پوليس لائين، سانگهڙ 0333-2925608
- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
- سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد
- المهراڻ ادبي كتاب گهر، سانگهڙ
- حافظ كتاب گهر- شهيد چوك كپرو
- سكندري كتب خانو، شهيد چوك كپرو

[illegible]

حقائق آگاه بکار برخوردار [illegible] محمد واثق میان [illegible] محمد [illegible]

[illegible] تهنیت [illegible] کرده [illegible] فرزند [illegible]

[illegible] دست [illegible] ابنه [illegible] این [illegible] [illegible]

خداوند [illegible] توفیق رفیق کناد [illegible] دست دهاد و [illegible] برکات

[illegible] لذت [illegible] طریقت و منبع حقیقت زیاده [illegible] خداوند

[illegible] یاران [illegible] والسلام علیکم فقط ۲۸ [illegible] ۱۳۲۰

[illegible] محمد [illegible] محمد [illegible]

[illegible]

نبی کریم جمیل قدسی بدیع داور نجیب کبری ۱۱۸۸

حلیم وعالم منیع و سیما دلیل اکبر منیع و اعلیٰ ۱۱۸۸

عجیب ولی صفا و صافی جلال اکبر کمال دارا ۱۱۸۸

صفا و اصفی بکبیر دنیا حمید دارا ضیا و دارا ۱۱۸۸

۱۱۸۸ ۱۱۸۸ ۱۱۸۸ ۱۱۸۸

[illegible]

[illegible]

حضرت امام الاولیاء خواجه محمد سعید صدیقی قدس سره جن جو تحریری عکس

ناشر طرفان

حضرت امام الاولياء خواجه محمد سعيد قدس الله درگاهه عاليه لواري شريف جو پنجون سجاده نشين ظاهري خواهه باطني علمن ۾ بي مثال گوهر هئا ۽ پنهنجي زماني جا "مجدد" ۽ "مجتهد" هئا. سندن علم ۽ فيض ساري جهان ۾ اظهر من الشمس هو. سنڌ هند کان علاوه عرب ۽ عجم جا عالم خواهه عارف سندن سلامي هئا.

حضرت امام الاولياء قدس الله جن کيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ خاص طور تي هيٺيان ڪتاب گهڻو مشهور آهن: (1) صقال الضمائر (2) فيوضات لواريه (3) رفع الظنون السيئة (4) معرفت نامو (5) ديوانِ سعيد.

ڪتاب "ديوانِ سعيد" جيڪو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، سو حضرت جن جي فارسي ۽ عربي ڪلام تي مشتمل آهي. اصل فارسي متن ٻه دفعا سال 1965ع ۽ 1989ع ۾ شايع ٿيل آهي. مذڪوره ڪتاب جو سنڌي ترجمو تمام گهڻي محنت ۽ محبت سان مولوي حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري صاحب ڪيو آهي. الله تعاليٰ کيس جزاءِ خير عطا ڪندو.

حقيقت ۾ هيءُ ڪتاب علم تصوّف ۾ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ هن ۾ "علم معرفت" جو بحر بي ڪنار آهي، جنهن ۾ گويا "قرآن جو مغز" سمايل آهي. مطلب ته حضرت جن جو ڪلام تصوف جي باريڪ نڪتن سان ڀرپور آهي ۽ ڪلام نهايت پُراثر ۽ ميناج وارو آهي. جيڪڏهن ڪو حق تعاليٰ جو طالب صدقِ دل سان هن کي پڙهندو ۽ هنئين سان هنڊائيندو، سو پورو پورو فيض ۽ فائدو حاصل ڪندو. طريقت جي راهه ۾ ترقي ماڻي، منزلِ مقصود تي پهچندو.

آخر ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ محترم مولابخش بلوچ صاحب ۽ طريقتي ڀاءُ سائين بخش قبولائي صاحب جو نهايت گهڻو شڪرگذار آهيان، جن جي سهڪار ۽ ساٿ سان هي متبرّڪ ڪتاب شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

عاجز ٻانهو

مير الاهي بخش چنگل حاجي فتح علي ٽالپر

ڪڍڙو

27 ربيع الثاني 1430 ھ

مطابق 24 اپريل 2009ع

"ديوانِ سعيد" بابت تاثرات

محترم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري وڏو پورهيو ڪيو آهي، جو سنڌ جي هڪ قادرالڪلام فارسي جي شاعر حضرت خواجه محمد سعيد لواري شريف جي فارسي ديوان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿس. سندس پنهنجي زباني ته احباب جي اصرار تي هي ڪشالو ڪيائين. ورنه خواجه صاحب جي شعر ڪي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو لطف اصل زبان ۾ ئي آهي.

خواجه صاحب کي فارسي زبان تي پوري دسترس هئي ۽ پاڻ قطع تاريخ چوڻ جا وڏا ماهر هئا. پاڻ ڪيترن ئي بزرگن ۽ عارفن جي وصال تي قطع تاريخ چيا اٿن، خاص طور تي پنهنجي والد بزرگ حضرت (غوث مدني) خواجه محمد حسن قدس الله جي وصال تي مختلف ترڪيبن سان قطع تاريخ چيا اٿن ۽ مشهور درويش ۽ ڀلاري خواجه عبدالرحمٰن سرهندي جي وفات جو فارسيءَ ۾ قطعو پڻ لکيائين ۽ ايڏي قابليت سان لکيائين، جو هر سٽ مان ابجد جي حساب موجب خواجه عبدالرحمٰن جو سال وفات (1315هه) توڙي سال ولادت (1244هه) نڪرن ٿا.

اميد ته محترم حافظ عبدالرزاق جي هيءَ خدمت قبول پوندي.

خادم العلم

نبي بخش
علامه آءِ آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد سنڌ

نور محمد ڦرڙو 03023629987

حضرت امام الاولياءُ خواجہ محمد سعيد قُدِّسَ سِرُّہُ

سنڌ ڌرتي صدين کان عالمن، عارفن، اديبن ۽ شاعرن جو مسڪن پي رهي آهي. سونهاري سنڌ ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون خانقاهون آهن، جيڪي اسلامي تبليغ ۽ روحاني رهنمائيءَ سان گڏ علم ادب جي ترقي ۽ ترويج جو بہ مرڪز رهيون آهن. انهن مان لواري شريف جي درگاهہ بہ هڪ خاص اهميت رکي ٿي. هتان جي روحاني رهبرن ۽ نيڪنام بزرگن، روحاني ۽ ديني خدمتن سان گڏوگڏ علم ۽ ادب جي واڌاري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. لواري شريف جا بزرگ نہ فقط روحاني رهبر هئا، پر ان سان گڏ اهل دل، صوفي، عارف، عالم، فاضل ۽ شاعر پڻ هئا. جن سنڌي ڪان علاوه عربي ۽ فارسي ۾ پڻ شعر چيو. ان سلسلي ۾ سلطان الاولياءِ حضرت خواجه محمد زمان قُدِّسَ سِرُّہُ، حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمۃ اللہ علیہ ۽ حضرت خواجه محمد سعيد مهاجر مڪي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي وقت جا عظيم شاعر ليکيا وڃن ٿا.

حضرت خواجه محمد سعيد قُدِّسَ سِرُّہُ جن جي ولادت باسعادت 4 محرم الحرام سن 1264ھ/ 1847 لواري شريف ۾ ٿي. سندن ولادت مبارڪ کان اڳ ڪيترن ئي بزرگن، سندن دنيا ۾ اچڻ بابت بشارتون ڏنيون هيون.

مير حاجي سهراب باگراڻي کان نقل آهي تہ خواجه محمد سعيد جن جي والد ماجد خواجه محمد حسن قُدِّسَ سِرُّہُ کي شادي ڪئي ڪافي وقت ٿيو هو، پر ڪين اولاد ڪو بہ نہ ٿيو. انهن ڏينهن ۾ سيد نور علي شاهہ لڪوي لواري شريف جي زيارت لاءِ آيو هو. شام جو حويلي مان بيبي سڳوري شاهہ صاحب کي ڪکڙ جي پُلاءَ جو ڊِش پيري موڪلي ڏنو ۽ پيغام بہ اماڻيائين تہ ”اڄ حضرت سلطان الاولياء جي روضي ڪريم تي مراقبو ڪري، پير صاحب (خواجه محمد حسن) جي اولاد ٿيڻ لاءِ دعا گهرو ۽ صبح جو مون کي مراقبي جي احوال کان پڻ آگاهہ ڪيو.“ حضرت شاهہ صاحب خادمياڻي کي چيو تہ ”هن کان اڳ منهنجوسير نزول جي طرف ٿيندو هو، تڏهن مون کي انهن واقعن بابت خبر پوندي هئي. پر هاڻي منهنجو سير عروج جي طرف آهي. انهي ڪري انهن واقعن بابت آگاهي نٿي ٿئي. تاهم بيبي

صاحب جي حڪم جي تعميل ڪندي، اڄ رات سَير تبديل ڪري، صبح جو احوال کان آگاهه ڪندس.“

شاهه صاحب جي انهيءَ گفتگو جي وقت حضرت خواجه محمد حسن قدس الله جو خادم حاجي خير محمد ٽالپور به شاهه صاحب وٽ ويٺو هو. انهي اها سموري ڳالهه ٻڌي ورتي. چيائين ته سڀاڻي شاهه صاحب جي خدمت ۾ اچي اهو جواب معلوم ڪندس. صبح ٿيندي ئي خادم شاهه صاحب وٽ اچي ويٺو. ايتري ۾ خادمياڻي به اچي حاضر ٿي. شاهه صاحب چيو ته ”توکي خوش ڪرڻ لاءِ اگر چوين ته ڪوڙ سوڙ هٺي ڳالهه ڪريان يا چوين ته سچ ٻڌايان“. نوڪرياڻي چيو ته سچ ڳالهه ٻڌاءِ. ان تي شاهه صاحب چيو ته ”انهيءَ بيبي سڳوري مان اولاد جي اميد ناهي“. نوڪرياڻي اهو جواب ٻڌي هلي ويئي ۽ حاجي خير محمد ٽالپر حضرت خواجه صاحب رحمة الله عليه جن جي حضور ۾ حاضر ٿيو. جيئن ته انهيءَ ڳالهه کان آگاهه ڪري، حضرت خواجه صاحب جن جي خدمت ۾ خليفو نظر علي به ويٺو هو. حاجي خير محمد ٽالپور سوچيو ته هيءَ مجلس برخواست ٿئي ته شاهه صاحب جي ڳالهه حضرت جن کي ٻڌايان. ايتري ۾ دروازي تي ڪنهن دستڪ ڏني. حضرت جن جو خادم حاجي حسن دروازي تي ويو ۽ واپس اچي اطلاع ڏنائين ته قبلا! سيد نور علي شاهه لڪوي ملاقات جي لاءِ آيا آهن. پاڻ فرمايائون ته اچڻ ڏيو. شاهه صاحب اندر اچي ويٺو ۽ بيبي سڳوري جي نوڪرياڻي جي اچڻ ۽ رات واري مراقبي جو سمورو احوال بيان ڪيائين. جنهن کي ٻڌي حاضرين مجلس تي ڪجهه وقت لاءِ خاموشي طاري ٿي ويئي. آخر خليفي نظر علي سڪوت ٽوڙي شاهه صاحب کان پڇيو ته ”ان کان اڳتي تو ڇا ڏٺو؟“ شاهه صاحب چيو ته ”مون موجوده بيبي سڳوري جي عمر پوري ٿيندي ڏٺي آهي. ان کانپوءِ حضرت خواجه صاحب جن جي ٻي شادي جتي ٿيندي، ان کان به باخبر آهيان. ان مان جيڪو اولاد ٿيندو ان جي به مون کي خبر آهي. اولاد مان نياڻين جي ڳالهه نه ٿو ڪريان، البت پٽن جي اولاد مان مون کي جيڪي نظر اچن ٿا، جن مان وڏو فرزند ظاهر ۽ باطن جو وڏو جيّد عالم ۽ وڏو شيخ المشائخ ٿيندو“. ان کانپوءِ ستت ئي بيبي سڳوري جو وصال ٿيو. آخر حضرت خواجه صاحب جن ٻي شادي ڪئي، جنهن مان پهريون فرزند پيدا ٿيو. پاڻ ان جو نالو ”محمد سعيد“ رکيو جيڪو اڳتي هلي امام

الاولياءِ جي نالي سان مشهور ٿيو.

حضرت جن جي ولادت مبارڪ تي خليفي نظر علي ٽالپور هي قطع چيو آهي، جنهن مان تاريخ ولادت نڪري ٿي:

ز مولود اشرف محمّد سعيد،

دل از غيب "وه مظهر حق" شنيد.

۱۲۶۴ھ

تعليم ۽ تربيت:

چوندا آهن ته "سلو انگورن پلو" ڏٺي تعاليٰ هن صاحبزادي کي ننڍپڻ ۾ ئي ذهن، ذڪاوت، علم، حلم، جود ۽ سخا سان نوازيو هو. ايئن سمجهو ته ڄمندي ئي ڄام هئا. سندن والد حضرت خواجه محمد حسن مهاجر مدني قدس الله جن سندن تعليم ڏيارڻ لاءِ هڪ عالم سڳوري سيد علي شاھ بخاري کي مقرر ڪيو هو. حضرت مهاجر مدني قدس الله صاحبزادي جي تعليم بابت سخت تاڪيد ڪندا هئا. هڪ ڀيري خواب ۾ حضور اڪرم ﷺ جن حضرت خواجه صاحب کي ارشاد فرمايو ته "صاحبزادي جي تعليم لاءِ فڪر نه ڪريو، ان جي تعليم جو بار اسان جي ذمي آهي." انهيءَ بشارت ڪانپوءِ حضرت خواجه صاحب جن صاحبزادي جي تعليم جي باري ۾ بلڪل بي فڪر ۽ مطمئن ٿي ويا.

امام الاولياء قدس الله ننڍپڻ ۾ ئي تمام معقولات ۽ منقولات جو علم حاصل ڪري، هڪ بيمثال عالم بڻجي ويا. ظاهري علمن سان گڏوگڏ پنهنجي والد سڳوري جي تربيت ۾ رهي، باطني علم جا به يگانهءِ روزگار بڻجي ويا. انهن صلاحيتن جي ڪري سندن والد سڳورو ٽئين ڀيري جڏهن حج تي ويو ته حويلي ۽ درگاهه شريف جا سمورا معاملا صاحبزادي جي حوالي ڪري، پلي پار روانو ٿي ويو. حالانڪ ان وقت صاحبزادي جي عمر تيرهين سال هئي. پر ان هوندي به والد جي غيرموجودگي ۾ به پنهنجي خداداد صلاحيتن سان خانقاهي نظام کي سهڻي طريقي سان هلائيندا رهيا.

دستاربندي:

حضرت خواجه محمد سعيد قدس الله جڏهن پنهنجي والد سان گڏ ٽئين حج جي ادائيگي لاءِ 1297ھ ۾ پلي پار ويا، سندن والد جو اهو آخري حج

هو. حضرت خواجه محمد حسن قدس الله سره 7 صفر المظفر سن 1298ھ ۾ مديني منوره ۾ وصال فرمايو. والد بزگوار جي رحلت کانپوءِ مديني طيبه جي بلنديءَ پايي جي عالمن ۽ اکابرن حضرت امام الاولياء جن جي دستاربندي ڪرائي. ان ڪان پوءِ پاڻ اهل وعيال، مريدن ۽ معتقدن سميت واپس پنهنجي اباڻي وطن لواري شريف ڏانهن وريا. لواري شريف ۾ ٻئي ڀيري دستاربندي ٿي ۽ پاڻ مسند تلقين وارشاد تي ويٺا. ان وقت سندن عمر 34 سال هئي.

سرهند شريف جو سفر:

حضرت خواجه محمد حسن قدس الله سره جن جي آخري حج جي سفر دوران جهاز ۾ ذڪر نڪتو ته سرهند شريف تائين ريل جو رستو تيار ٿي ويو آهي ۽ هاڻي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس الله سره جي زيارت ڪرڻ وڌيڪ آسان ٿي پئي. تنهن تي حضرت جن فرمايو ته ”اگر وطن واپس ورڻ نصيب ٿيو ته ضرور سرهند شريف جي حاضري ڀريندا سون“ مگر زندگيءَ وفا نه ڪئي. خواجه محمد سعيد قدس الله سره پنهنجي والد جي اها تمنا پوري ڪئي، جو لواري شريف جي حاضري ڏيڻ کانپوءِ پاڻ سرهند شريف ڏانهن اُسهيا. آخرڪار امام رباني مجدد الف ثاني ﷺ جي مرقد مبارڪ جي زيارت کان مشرف ٿي خيريت سان وطن واپس آيا.

حاضر ہوا میں شیخ مجدّد کی لحد پر
وہ خاک کہ ہے زیرِ فلک مطلعِ انوار
اس خاک کے ذروں سے ہیں شرمندہ ستارے
اس خاک میں پوشیدہ ہے وہ صاحبِ اسرار
گردن نہ جھکی جس کی جہانگیر کے آگے
جس کے نفسِ گرم سے ہے گرمیٔ احرار
وہ ہند میں سرمایۂ ملت کا نگہبان
اللہ نے بروقت کیا جس کو خبردار۔

عبادت ۽ ورد ۽ وظائف:

حضرت امام الاولياء مهاجر مکي قدس سرّه جيئن ته هڪ عظيم روحاني مسَند جا سجاده نشين ۽ ان سان گڏوگڏ شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جا صاحب به هئا، انهي ڪري ڏينهن رات ذڪرِ الاهي ۾ مشغول رهندا هئا. هر نماز با جماعت امام ٿي پڙهائيندا هئا. فجر ڪان اشراق تائين جماعت سان گڏ حلقو ڪري، مراقبي ۾ ويهندا هئا. ٻپهري نماز کان اڳ مسندِ ارشاد تي ويهي، مريدن ۽ معتقدن تي روحاني اسرارن جي اُپٽار ڪنداَ هئا. جيڪڏهن صبح واري وظيفي مان قرآن شريف جو دؤر رهيل هوندو هو ته ان جي تلاوت ڪندا هئا، پوءِ قرآن، حديث ۽ بزرگن جي اقوال زرين مان نصيحت آميز نُڪتا بيان ڪندا هئا. ٽپهري نماز ڪانپوءِ مراقبي ۾ ويهندا هئا. مغرب نماز پڙهي، حويلي ڏانهن ويندا هئا. اُتي ماني واپرائي سومهڻيءَ جي نماز واپس اچي پڙهندا هئا. نماز ڪانپوءِ نفلن ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. آخر ۾ مراقبو ڪري ٿوري وقت لاءِ آرام ڪري تهجد لاءِ اٿندا هئا. تهجد ڪانپوءِ روزانه ذڪر تهليل "لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" جو ورد ستر هزار ڀيرا ڪندا هئا، اهو سندن روزانو جو معمول هوندو هو.

عالمن جي قدرداني:

حضرت خواجه محمد سعيد قدس سرّه جن پاڻ وقت جا جيّد عالم، فقيه، فاضل ۽ ان سان گڏوگڏ شيخ طريقت پڻ هئا. ان ڪري سندن خدمت ۾ هر وقت عالمن جي آمد ورفت هوندي هئي. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جن جي طريقي ۾ هجڻ ڪري، پاڻ سرهندي بزرگن جي وڏي عزت ڪندا هئا، خاص ڪري ٽنڊي سائينداد جي بزرگ خواجه عبدالرحمٰن سرهندي ۽ مٽياري شريف جي سرهندي حضرات خواجه عبدالرحيم ۽ خواجه عبدالحليم وارن جا گهرا دوست هئا. حضرت خواجه عبدالرحيم جن تي اڏايل قبي جي تاريخ تعمير پنهنجي ناهيل قطع مان ڪڍي اٿن.

ز مرقد تا بعرش پاک ایزد
عمود نور افشاں شد مؤسس
سعید از سال تعمیرش بگفتا
مکان ثانی بیت المقدس۔

۱۳۱۹ھ

ايضاً منه

گنبد تعمیر شد رشکِ فلک جنت نشاں
طاق طاقش نور افشاں و کماں کش بر ہلال
از کمالِ ہمت صاحب ہمم دریائے دل
خواجہ عبدالحلیم بانیِ رُشد و کمال
بر مکان مرقد فردوس جائ آقائے نامدار
خواجہ عبدالرّحیم قامعِ بدع و ضلال
خانقاہِ فیضِ گاہِ مظہرِ انوارِ حق
باد در عینِ کمال و پاک از عین الکمال
سالِ تعمیرش بجست از دل "سعید" وگفت زود
شہر شعبان و سیزدہ صد نوزدہ بالا بسال

۱۳۱۹ھ

انهن کانسواءِ سنڌ جا ناميارا عالمر، جهڙوڪ: مولانا گل محمد، مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي ۽ ٻيا به ڪوڙ سارا عالمر سگهورا علمي ۽ روحاني اُڃ اجهائڻ لاءِ حضرت جن جي صحبت جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا رهندا هئا ۽ هميشه چوندا هئا ته "سموري هندستان جو سفر ڪيو اٿئون، مگر حضرت جن جهڙو عالمر، مجتهد، ڪامل ولي ۽ واصل بالله ٻئي هند نه ڏٺوسين" عجمي عالمن ڪانسواءِ عرب جا عالمر به حضرت جن جي ظاهري ۽ باطني فيض مان فيضياب ٿيا. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب کان منقول آهي، ته علامه ڪتاني پنهنجي ڪتاب "فهرس الفهارس" ۾ لکيو آهي ته مون مڪي پاڪ ۾ حديث شريف جي سَند حضرت خواجه محمد سعيد مهاجر مڪيﷺ کان حاصل ڪئي.

فقهي مقام:

حضرت خواجه محمد سعيد ﷺ جن جهڙي ريت روحاني ۽ عرفاني علمر کان آگاهه هئا، اهڙي ريت ظاهري علمر جا به اڪابر ليکيا ويندا هئا.

هڪ دفعي سندن والد خواجه محمد حسن مهاجر مدني کان ڪنهن شخص سوال ڪيو تہ ڪي عورتون پنهنجن مڙسن يا محرمن سان گڏ مرشد جي زيارت ڪرڻ يا ان کان ذڪر جي تلقين وٺڻ لاءِ شرعي سفر ڪنديون آهن، انهن لاءِ اهو سفر ڪرڻ جائز آهي يا نہ؟ ۽ عورتن ڪي مرشد وٺڻ صحيح آهي يا نہ؟ ڪي ظاهر جا عالم عورتن جي اهڙي سفر ڪي مطلقًا حرام چوندا آهن، چو تہ سفر ۾ عورتون مجبوريءَ جي ڪري پردو نہ ٿيون ڪري سگهن، ڇا اهو صحيح آهي يا نہ؟ حضرت خواجه مهاجر مدني فرمايو تہ "مولىٰ جي طلب جهڙي ريت مردن تي فرض آهي، اهڙي طرح عورتن تي بہ فرض آهي". باطني علم ڪان پلو ٻيو ڪهڙو علم تي سگهي ٿو؟ اعتراض ڪندڙ اهو نہ ٿا ڏسن تہ وڏن وڏن بادشاهن ۽ حاڪمن جون نياڻيون ۽ زالون اسان جي بزرگ حضرت خواجه محمد معصوم قدس سره جن وٽ اچي مريدياڻيون ٿينديون هيون. اڄ انهن کان وڏيڪ ٻيو ڪير آهي؟ ان ڪانپوءِ خواجه محمد حسن مهاجر مدني قدس سره جن حضرت خواجه محمد سعيد جن کي فرمايو تہ ان باري ۾ شرعي دليل ۽ مثال ڏيئي انهيءَ سوال جو جواب ڏيو. پاڻ دوران سفر (حج جو سفرهو) ڪتابن جي عدم موجودگي هوندي بہ هڪ لاجواب جواب هن ريت لکيو.

انهيءَ سوال جي جواب ۾ واضح ڳالهہ هيءَ آهي تہ عورتن کي مطلق سفر کان منع ڪرڻ نہ صرف غيراسلامي طريقو، بلڪ لاعلمي آهي، اهڙو سوال ڪرڻ وارا اهو نہ ٿا ڏسن تہ فقه ۾ مسنون شرطن تي عورت جو حج تي وڃڻ فرض ثابت ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت قلب جي صفائي ۽ نفس جي رذيل (خراب) خيالن کي دفع ڪرڻ بہ ضروري امرن مان آهي، ان جي وضاحت حضوراڪرم صلی الله عليه وسلم جن جي جهاد اڪبر واري فرمان مبارڪ مان ٿئي ٿي. جهڙي ريت حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ "رَجَعْنَا مِنَ الْجِهَادِ الْأَصْغَرِ إِلَى الْجِهَادِ الْأَكْبَرِ" يعني: اسان جهاد اصغر کان اڪبر جهاد ڏي موٽيا آهيون. جهاد بالنفس ۽ ان جو حصول شيخ ڪامل کان استفادي ڪرڻ تي موقوف آهي. جهڙي ريت شيخ علي قاري شرح "عين العلم" ۾ فرمائي ٿو: "وهو اى الطريق الذى يتعرف به الانسان عيوب نفسه بالاستفادة من الشيخ اى ولو شاب تائب الذنوب الخ "اهو طريقو جنهن سان پنهنجي نفس جي عيبن کي

ڀرڪي سگھي، اهو پنهنجي مرشد کان استفادي ڪرڻ سان ئي ٿي سگھي ٿو. يعني اگر اهو جوان هجي ها ته گناهن کان توبه ڪري ها.

قرآن ڪريم جي هن آيت ۾ به ان طرف اشارو آهي: "وَابْتَغُوٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ" ۽ ان رب ڪريم ڏانهن پهچڻ لاءِ وسيلو ڳوليو. جهڙي طرح صوفياءِ ڪرام قدس الله اسرارهم ان جي وضاحت ڪئي آهي. تفسير روح البيان ۾ آهي ته "بِـاِبتغاءِ الْوَسِيْلَةِ" ۾ اهو امر واضح آهي ته وسيلو تلاش ڪريو، ڇوته وسيلي کانسواءِ الله تعاليٰ جي ذات کي حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي. طريقت جي مشائخن ۽ حقيقت جي عالمن جو ان ڳالهه تي اتفاق آهي. حضرت حافظ شيرازي رحمة الله عليه به مبتديءَ کي سلوڪ جو سبق سيکاريندي چوي ٿو ته:

قطع ايں مرحله بے همرهی خضر مکن
ظلماتست بترس از خطر گمراہی۔

ترجمو: حضرت خواجه خضر جي همراهي (رهبريءَ) کانسواءِ منزل کي طئي نه ڪر، اڳيان انڌيرا ڪُن آهن. گمراهي جي خطري کان ڊڄ.

پنهنجي نفس جي مرضيءَ سان عمل ڪرڻ، جڻ ان کي طاقت بنائڻ آهي. پر مُرشد ڪامل جي اشاري جي موافقت سان عمل ڪرڻ انبيائن ۽ اوليائن جي طريقي تي هلڻ سان نفس جي شرارتن کان ڇوٽڪارو ملڻ آهي. اهو حجاب کي پري ڪري طالب کي ڏٺي تعاليٰ جي حضور ۾ پهچائيندو آهي. الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت هڪ عظيم نعمت آهي. تفسير روح البيان ۾ حضرت بايزيد بسطامي جو قول منقول آهي ته "مَن لم يَكُن لهُ اسْتادٌ فَـاِمَامُهُ الشيطٰن" يعني جنهن جو ڪو به استاد نه آهي، ان جو اڳواڻ شيطان هوندو آهي. پوءِ حق جي طالب لاءِ لازمي آهي ته اهو ڪامل مرشد يا فائق استاد وٽ، جيڪو ان کي نفس جي آفتن ۽ ڪُڏن ڪمن کان واقف ڪري. جڏهن ان اهڙيءَ ريت ڪيو ته ان تي لازم ٿيو ته اهو مرشد جي صحبت اختيار ڪري ۽ ان جي آداب کان پاڻ کي سنواري، پوءِ اهو مرشد ان جي باطن ۾ روشنيءَ جيان ظاهر ٿيندو ۽ ان جو حال روشن ۽ مضبوط ٿي ويندو. مرشد ڪامل کي تسليم ڪرڻ جڻ ته الله

تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ کي تسليم ڪرڻ آهي. اهو سلسلو حضور اڪرم ﷺ ۽ الله تعاليٰ جي ذات تائين پهچي ٿو.

انهيءَ ڪلام جو خلاصو (مقصد) هيءُ آهي ته هر مرد ۽ عورت کي مُرشد وٺڻ لازم ۽ ضروري آهي. "يَآيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ" اي نبي! جڏهن تنهنجي حضور ۾ مسلمان عورتون بيعت وٺڻ لاءِ حاضر ٿين. انهيءَ آيت جي تفسير ۾ روح البيان ۾ آهي، ته عورتن ۽ مردن ٻنهي کان بيعت وٺڻ مراد آهي ۽ اهو الله تعاليٰ جي حڪم ۽ رسول الله ﷺ جن جي سنت سان شرعي حڪم ٿيو. ان جي پيروي ڪندي صوفياءِ ڪرام انهي سلسلي کي احسن طريقي سان ونيو پيا اچن. "اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ" ترجمو: بيشڪ جيڪي تنهنجي بيعت ڪن ٿا (درحقيقت) اُهي الله تعاليٰ جي بيعت ڪن ٿا. تفسير روح البيان ۾ هن آيت جي تفسير جي ضمن ۾ گهڻو ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي. فقير جي دليل مطابق هن آيت مان ثابت ٿيو ته بيعت وٺڻ سنت آهي. بزرگن جو هٿ وٺي تلقين حاصل ڪرڻ به سنت جي متابعت آهي، اها مردن لاءِ سنت مان ثابت آهي. عورتن جي لاءِ روايت آهي، ته اُهي جڏهن حضوراڪرم ﷺ جن وٽ اينديون هيون ۽ هٿ مبارڪ وٺڻ جي خواهش ڪنديون هيون ته پاڻ ڪين فرمائيندا هئا ته "آئون عورتن سان هٿ نه ملائيندس" پوءِ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ دست مبارڪ وٺڻ جي طلب ڪئي ويئي. تڏهن پاڻ پنهنجو هٿ مبارڪ پاڻي جي ٿانو ۾ وجهي، پوءِ عورتن کي حڪم فرمايائون ته "هن ٿانوَ ۾ هٿ ٻوڙيو" اها حديث حضرت شيخ عبدالعزيز الديريني "الروضة الانيقة" ۾ آندي آهي ۽ فتوحات ۾ به ان جو ذڪر آيو آهي. پوءِ عورتون جيڪڏهن پنهنجن محرمن سان گڏ مذڪوره امر حاصل ڪرڻ لاءِ شرعي سفر تي وڃن ته جائز آهي، بلڪ اجر ۽ ثواب جون مستحق ٿينديون، ان کان روڪڻ (چڻ) خير جي ڪم کان روڪڻ آهي. شيخ محمد عابد انصاري سيوهاڻي "طوالع الانوار شرح الدر المختار" جي حظر ۽ اباحت جي باب ۾ لکي ٿو ته: عورت گهوڙي تي سواري نه ڪري، هن حديث جي موجب ته "لوكانت المسلمة التلهى اما لو ركبت لحاجة غزو او حج او مقصد دينى او دنيوى لا بد لها منه فلاباس". جيڪڏهن مسلمان عورت لاءِ (اها) سواري دائمي هجي ته هوند اها هلاڪ ٿي وڃي. پر

نور محمد ڦرڙو 03023629987

ضرورت جي وقت جهڙوڪ: جنگ يا حج يا ديني ۽ دنيوي مقصد لاءِ جيڪو ان لاءِ ضروري هجي ته ان ۾ ڪو به حرج نه آهي، پر شرط اهو آهي ته پردو ملحوظ هجي ۽ جنگ تي وڃڻ جو جواز هجي، ان جي ٻاهر نڪرڻ ۾ شرعي مصلحت هجي. امهات المؤمنين ۽ اصحابياڻين سڳورين جو به گهرن مان ٻاهر نڪرڻ ثابت آهي ۽ نبي ڪريم ﷺ جن "اُمِّ حرام" جي لاءِ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ هن عورت کي به انهن مان ڪري" انهيءَ باري ۾ حضوراڪرم ﷺ جن ارشاد فرمايو ته "منهنجي امت ۾ اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي گهوڙن تي سوار، يا درياءَ ۽ سمنڊ ۾ بادشاهن وانگر ٻيڙين تي سوار تي الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندا"، پوءِ ان عورت (اُمِّ حرام) عرض ڪيو ته منهنجي لاءِ دعا ڪريو ته آئون به انهن مان ٿيان. طريقه محمديه ۽ ان جي شرح ۾ واضح لکيل آهي ته بغير عذر جي عورتن کي گهوڙي تي سوار ٿيڻ ان جي بدن لاءِ نقصانڪار آهي. ابن حبان حضرت عبدالله ابن عمر رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي ته منهنجي آخري امت ۾ اهڙيون عورتون هونديون، جيڪي مردن وانگر گهوڙن تي سواري ڪنديون ۽ مرد مسجدن جي دروازن تي لهندا ڏسڻ ۾ ايندا. انهن جون عورتون نفيس بُرقعا منهن تي پائي، سنهي پوشاڪ ۾ انهن جي روبرو رڍن ٻڪرين وانگر چرنديون رهنديون. انهن جي ڪپڙن مان بدن نظر ايندو. جڻ ته اُهي اُگهاڙيون آهن. انهن تي خدا جي لعنت آهي ۽ اهو به چيو ويو آهي ته اهو حڪم ان وقت لاڳو ٿيندو، جو سواري ڪندڙ عورت جوان هجي ۽ پنهنجي حُسن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ سواري ڪري. پر جيڪڏهن اها عورت پوڙهي آهي، يا پنهنجي مڙس يا محرم سان گڏ جهاد يا عمري ۽ حج جي لاءِ سواري ڪري ته ان ۾ ڪو به حرج نه آهي، پر شرط هي آهي ته پَردي سان هجي. "طوالع الانوار" ڪتاب ۾ سَترِ عورت جي حَد هن ريت بيان ڪئي ويئي آهي. جهڙي ريت هن آيت ۾ اشارو آيل آهي. "وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا" ترجمو: ۽ پنهنجي خوبصورتيءَ کي ظاهر نه ڪن، مگر جيڪا ان مان پاڻ ظاهر آهي.

"يَاۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَبَنٰتِكَ وَنِسَآءِ الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ جَلَابِيْبِهِنَّ" ترجمو: اي رسولِ عربي! توهان پنهنجي گهروارين ۽ پنهنجي نياڻين ۽ مؤمنن جي گهر وارين کي فرمايو ته اُهي سندن پردي جون

چادريون پنهنجن منهن ۽ مٿن کي ويڙهن. انهيءَ آيت جو مقصد بُرقعي جو پردو آهي جهڙي ريت حرمين شريفين ۾ متعارف آهي.

علامہ ابن حجر عسقلاني (بخاريءَ جي شارح) امهات المؤمنين جي باري ۾ لکيو آهي تہ "يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَدْخُلُوا بُيُوتَ النَّبِيِّ إِلَّا أَنْ يُؤْذَنَ لَكُمْ" اي مؤمنو! توهان رسولِ عربي جي گهرن ۾ نہ وڃو، مگر جنهن وقت توهان کي طعام لاءِ سڏيو وڃي. "وَإِذَا سَأَلْتُمُوهُنَّ مَتَاعًا فَاسْأَلُوهُنَّ مِنْ وَرَاءِ حِجَابٍ" ترجمو: جڏهن انهن بيبين کان ڪا شيءِ گهرو تہ پردي جي ٻاهران (اها شيءِ) انهن کان طلب ڪريو. اِهي آيتون امّهات المومنين جو غيرن کان پردي ڪرڻ جي فرضيت بابت نازل ٿيون آهن. حضوراڪرم ﷺ جن جي وصال کانپوءِ بہ امهات المومنين پردو ڪنديون هيون. جڏهن اصحاب سڳورا ڪانئن حديث ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا تہ اُهي پردي ۾ رهنديون هُيون. حضرت عائشه رضي الله عنها طواف ۽ ارڪان حج جي ادائيگي جي وقت پردي سان هوندي هئي. "شرح المنية" ۾ آهي تہ آزاد عورت جو سمورو بدن سواءِ هٿن ۽ چهري جي ستر ۾ شامل آهي، پر پيرن جي باري ۾ مشائخن جو اختلاف آهي، ڇو تہ نماز جي وقت منهن ۽ پير کليل رهندا آهن. غير محرمن جي اڳيان بہ پيرن کي ڍڪڻ ضروري ناهي. "محيط" ۾ آهي: پير ستر ۾ شامل ناهن، ڇو تہ انهن سان هلڻ ڦرڻ ٿيندو آهي، ۽ ڪم ڪار جي وقت کليل رهندا آهن. انهيءَ کري شيخ علي قاري "شرح مناسڪ" ۾ ۽ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي "حيات القلوب" ۾ لکيو آهي تہ: احرام ٻڌڻ کانپوءِ عورت کي منهن ڍڪڻ جائز نہ آهي. جهڙي ريت مرد کي جائز نہ آهي ۽ جيڪڏهن احرام کانپوءِ عورت پنهنجي منهن کي ڍڪيندي تہ ان تي ڪفارو لازم ٿيندو، پر جيڪڏهن عورت پنهنجو منهن بُرقعي سان اهڙي ريت ڍڪي ٿي جو بُرقعو ان جي چهري کي نہ ٿو لڳي، يا منهن کان ڪپڙي کي ڪنهن ڪاٺيءَ جي سَهاري پري رکي تہ پوءِ اهو جائز بلڪ مستحب آهي. اهڙي ريت "فتح القدير" ۽ "نهاية" ۾ حج جي واجبن ۾ ان جي وضاحت ڪئي ويئي آهي. حضرت علامہ عبدالواحد سيوستاني عورتن کي تلقين ڪرڻ جي سوال بابت جيڪو جواب تحرير ڪيو آهي، ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن عورت حصول طلب لاءِ ذڪر جي تلقين خاطر، رذيل عادتن کي ترڪ ڪرڻ ۽ پنهنجي هَستيءَ کي مٽائڻ لاءِ مُرشد جي روبرو ۽

بغير پَردي جي اچي ويهي تہ فقهي مسئلي مطابق جائز آهي. ڇو تہ مرشد کامل روحاني پيءُ آهي، ان جي نظر پاڪ آهي. "هدايه" ۾ آهي تہ ولا يجوز ان ينظر الرجل الى الاجنبية الا الىٰ وجهها و كفيها لقوله تعالىٰ "وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا" ترجمو: ڪنهن بہ غير محرم مرد کي ڌاري عورت جي چهري ۽ هٿن ڪانسواءِ ٻئي جسم ڏانهن نهارڻ جائز نہ آهي. الله تعاليٰ جي هن فرمان مطابق تہ "اهي عورتون پنهنجي سينگار کي ظاهر نہ ڪن، مگر جيترو ظاهر آهي. پوءِ چهري ۽ هٿن کي قرآن جي نص مطابق کولڻ جائز آهي. جيتوڻيڪ ننگ ۽ ناموس جي لحاظ سان اها ڳالهہ تمام ڳري آهي، پر جيڪڏهن ننگ ۽ ناموس جيڪا طريقت جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ آهي، اگر ان کي نہ ڇڏيو ويو تہ سلوڪ کي حاصل نہ ڪري سگهبو. ها غير محرم سان خلوت ۾ ويهڻ کان پاسو ڪري، ڇو تہ خلوت صرف محرم سان ئي جائز آهي، پر شريعت جي اجازت ڪانپوءِ مُريدياڻي کي مرشد جي چهري ڏانهن نهارڻ وڏي سعادت آهي. ڇو تہ ڪامل مرشد جي پيشاني لوح محفوظ جي مظهر آهي. انهيءَ ڪري مرشد جي صحبت رابطي رکڻ جو بهترين شغل آهي.

مذڪوره فتويٰ مان سندن وسيع مطالعي ۽ تبحر علمي جو واضح ثبوت ملي ٿو، جو سفر دوران تقريباً سورنهن ڪتابن جو ڳوڙهو مطالعو ڪري، انهن مان هڪ مستند فتويٰ لکي، هڪ قاريءَ کي غير معمولي فقهي مواد پيش ڪيو ويو آهي.

وعظ ۽ نصيحت:

حضرت جن جي زندگي مبارڪ سلوڪ جي مُبتدِي، توڙي منتهيٰ طالب لاءِ سَبق آموز هوندي هئي. سندن ظاهري روش اهڙي هوندي هئي، جو ڪنهن بہ شخص مٿن ڪو بہ اعتراض نہ ڪيو. ڪو بہ شخص ڪهڙي بہ قسم جو ڪائنڻ سوال ڪندو هو تہ پاڻ خوشيءَ سان ان کي صحيح جواب ڏيندا هئا. حضرت جن جي مجلس ۾ تصوف جو ذڪر گهڻو ٿيندو هو. پاڻ صوفيانہ نڪتن کي سمجهائڻ خاطر قرآن شريف، حديث نبوي ﷺ، مولانا رومي، شيخ سعدي، خواجه حافظ شيرازي، مُلّا جامي ۽ حضرت سلطان الاولياءِ (خواجه محمد زمان) جن جي شعرن ۽ قولن کي پيش ڪري، ٻڌندڙ

کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندا هئا. حضرت جن پنهنجي شاعريءَ جا پڻ شعر پڙهي اُهي راز کوليندا هئا، جيکي هر انسان جي روحاني زندگيءَ جي عڪاسي ڪندا هئا. سندن ظاهري ۽ باطني فيض مان ڪيترائي واهڙ وَهي نڪتا، جن پڻ روحاني سيرابي ڪري گهڻن مئل دلين کي اَمر ۽ شاداب بنائي ڇڏيو.

حج جي سعادت:

حضرت جن جملي ڇهه حج ڪيا، جن مان ٽي حج پنهنجي والد سڳوري سان گڏ ڪيائون. پاڻ چوٿون حج 1301هه/1883ع ۾ ادا ڪيائون، هن حج تي عيال سميت اُسهيا. هي سفر ڪڇ مُلڪ جي مَنڊئي بندر کان جهاز ذريعي ٿيو هو. ان وقت سندن فرزند خواجه احمد زمان جن ٽئن سالن جا هئا. ساموندي سفر هفتي اندر ٿيو، جدي کان مکي پاڪ تائين اٺن تي سفر ڪري، بيت الله شريف ۾ اچي پهتا. اُتي شافعي مذهب مطابق فجر نماز سوير پڙهي مراقبو ڪندا هئا. سج اڀرڻ کانپوءِ طواف ڪري جاءِ تي اچي رهندا هئا. ان سال مکي پاڪ ۾ سخت گرمي ٿي هئي، ان ڪري پاڻ گهڻو عرصو طائف ۾ رهيا، ان کانپوءِ مديني شريف ڏانهن روانا ٿيا. جتان کان پرين پيغمبر جي پاڪ شهر تي نظر پيئي، اُتان کان پيادا هلڻ لڳا. مديني پاڪ پهچي پهرين روضي ڪريم ۽ مسجد نبوي شريف جي زيارت ڪيائون، اتي اشرافِ عرب سان گڏوگڏ وقت جي بادشاهه به اچي ساڻن ملاقات ڪئي. پاڻ ان جي خاطر تواضع ۽ مهماني به ڪيائون. پاڻ اتي رهائش دوران هميشه مسجد نبوي شريف ۾ نماز پڙهي روضي ڪريم جي اچي زيارت ڪندا هئا. حضرت جن پنجون حج 1310هه/1892ع ۾ ڪيو. هن حج ۾ پاڻ پنهنجي والد حضرت خواجه محمد حسن مهاجر مدني قدس سرهٗ جن جي مزار مبارڪ لاءِ هڪ وڏو پڃرو ممبئيءَ مان ٺهرائي، مديني پاڪ ڪٺائي آيا، اُتي حاڪم ۽ ٻين معززين جي اجازت سان مزار مبارڪ تي چاڙهيو ويو. جڏهن سعودي حڪومت ٻين مزارن جا قُبا ڊهرايا ته اهو پڃرو به لهرائي رکي ڇڏيو. پاڻ ڇهون ۽ آخري حج 1323هه/1904ع ۾ پنهنجي اهل و عيال سميت ڪيائون. حضرت جن حج جا سمورا ارڪان سهڻي نموني سان ادا ڪيا. 12 ذي الحج ڏاري سندن طبيعت هيٺي ٿي پئي. آخر 2 محرم

الحرام 1324ھ تي پنهنجي فرزند حضرت خواجه احمد زمان کي پنهنجو مختار مقرر ڪري، پنهنجي امانت سندن سيني مبارڪ ۾ اوتيائون. سندن سيني تي ٽيڪ ڏيئي وينا ۽ اتي ئي حق سان واصل ٿيا. سندن وصيت موجب کين جنت المعليٰ قبرستان ۾ حضرت عبدالرحمان بن ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن جي پير ۾ جاءِ ڏني ويئي.

حضرت جن جي وصال تي خليفي بچل پيرزادي هڪ قطع چيو آهي، جنهن مان وصال جو سال نڪري ٿو.

ڪر "بچل" بس چڱ حشر ڪر هٿ هر هر ادب،
سر ڏنو سردار اڄ ڪعبي اڳيون ڪامل قلب،
جئي چڱي تاريخ تنهن جي جو عجب اعليٰ عرب،
ٿو ڪري آواز هاتف چئو ته "اعظم قطب ربّ"

۱۳۲۴ ھ

هرگز نميرد آنکه دلش زنده گشت بعشق
ثبت است بر جريدهٔ عالم دوام ما.

تصنيف ۽ تاليف:

پاڻ وقت جا جيد عالم هئا. شريعت ۽ طريقت جا مسئلا قرآن مجيد، حديث، فقه ۽ بزرگانِ دين جي اقوال جي روشني ۾ تمام سهڻي طريقي سان حل ڪندا هئا. سندن ڪيترين ئي تحريرن تي وقت جي وڏن وڏن عالمن جون تصديقون ۽ مهرون لڳل هونديون هيون. مختلف تحريرن ۽ فيصلن ڪانسواءِ پاڻ چار ڪن ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان ٻه نثر ۽ ٻه نظم ۾ آهن. نثري ڪتابن ۾ اهم تصنيف "صقال الضمائر" (فارسيءَ) آهي، جنهن ۾ پنهنجي والد ماجد حضرت خواجه محمد حسن قدس الله سره جن جا حالاتِ زندگي، ملفوظات، طريقت جا رموز ۽ اسرار، ان ڪانسواءِ پنهنجي فارسي شاعري جا مختلف غزل، مناجات، مثمن ۽ مخمس پڻ موقعي جي مناسبت سان درج ڪيا اٿن. هيءُ ڪتاب پهريون ڀيرو 1312ھ/1496ع ممبئيءَ مان شايع ٿيو. ٻيو ڀيرو 1396ھ/1976ع ۾ ڪراچيءَ مان شائع ٿيو. ٽيون ڀيرو اردو ترجمي سان 1408ھ/1988ع ۾ ڪراچي مان شائع ٿيو. چوٿون ڀيرو 1424ھ/3003ع ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. هن ڪتاب جو فارسي مان اردو

ترجمو محمد آدم اسحاقاڻي ڪيو آهي. سندن ٻيو ڪتاب "فيوضات اللواريه" آهي، جيڪو پڻ منفرد مقام جي حيثيت رکي ٿو. هن ۾ شريعت ۽ طريقت جا رموز ۽ اسرار بيان ڪيا ويا آهن. هيءَ ڪتاب اڃا شائع نه ٿيو آهي.

ٽيون ڪتاب "منظوم سنڌي" جنهن ۾ نعتيه ڪلام، معرفت نامون ۽ سجاڳي بابت نظم چيل آهي. چوٿون ڪتاب "ديوانِ سعيد" جيڪو فارسي شعرن جو مجموعو آهي. ان سان گڏوگڏ ڪجهه عربي ۾ به شاعري ڪيل آهي. ديوان سعيد جو وچور هن ريت آهي: هن ۾ هڪ سئو اُٺاسي قصيدا، مناجاتون ۽ غزل آهن. انهن مان ٽي غزل حافظ شيرازيءَ جي غزل تي مخمس طورچيل آهن. پهرين مُخمس غزل جا مصرع هن ريت آهن:

تبادر ملحن الاسرار فالحن عن مراحلها
فحاشا ثم حاشا انظر الی الدنیا و شاملها
سقانی الخمرة الباقی ید الساقی وحاملها
الا ایّها الساقی ادر کاسا وناولها
کہ عشق آساں نمود اوّل ولے افتاد مشکلها.

ترجمو: مخفي رازن جا سُر آلاپيندڙ! جلدي ڪر، سُر آلاپي اڳتي وک وڌاءِ، ها! ها! دنيا ۽ ان جي ساز سامان کي ڇڏ، ساقي، مون کي بقا بخشيندڙ شراب جو پيالو ڪٽي پياريو. خبردار! اي ساقي! پيالي جو دؤر هلاءِ! ۽ اهو ڏي جو ته شروع ۾ عشق آسان نظر آيو، پر ان ۾ پير پائڻ کان پوءِ پتو پيو ته) ان ۾ تڪليفون تمام گهڻيون آهن.

آخري مصرع هن ريت آهن:

بجز وجهت وجهی للذی آئب مشو حافظ،
زخمر لذت الشارب خوشش نائب مشو حافظ،
"سعیدؒ" گر همی بکس غائب مشو حافظ،
حضوری گر همی خواهی از و غائب مشو حافظ،
متیٰ ما تلق من تهویٰ دع الدنیا و اهلها.

ترجمو: حافظ! خدا جي حضور ۾ نياز ۽ نوڙت سان پيشاني جهڪائڻ کانسواءِ ٻئي طرف جهڪندڙ نہ ٿي، حافظ! شراب پيئندڙ جي ذائقيدار لذت کان غافل نہ ٿي، "سعيد" جيڪڏهن ڪجهہ منزل گهرين ٿو تہ حافظ! ڪنهن کان بہ غائب نہ ٿي، حافظ! تون اگر خدا جي حضور جي طلب ڪرين ٿو تہ ان ذات کان غائب نہ ٿي، جيڪڏهن تنهنجو حقيقي محبوب سان ميلاپ ٿئي تہ دنيا کي ڇڏ!

حافظ شيرازيءَ جي غزل تي چيل ٻئي مخمس غزل جا پهرين مصرع هن ريت آهن:

بسر پاک از خودی پندارم امشب،
عجب باچشمِ دل بیدارم امشب،
ہلالِ ابرو برعید آرم امشب،
تعالیٰ اللہ چہ دولت دارم امشب،
کہ آمد ناگہاں دلدارم امشب.

ترجمو: پاڪ راز سان اڄ رات خوديءَ کي سمجهيم، ڪهڙو نہ سنو ٿيو جو دل جي اکين سان اڄ رات سجاڳ ٿيس، اک جي ڀروڻ جو چنڊ اڄ رات عيد تي آندم، اڄ ڪهڙي نہ سٺي دولت رکيم، جو اڄ رات منهنجو دلبر اوچتو آيو.

انهيءَ غزل جا آخري مصرع هن ريت آهن:

اگر بیند رخت را رام گردد،
بطوفِ روءِ گرداگرد گردد،
"سعیدؒ" از سوز آں ذی صحو گردد،
ہمی ترسیم کہ حافظ محو گردد،
ازاں شوری کہ درسر دارم امشب.

ترجمو: جيڪڏهن (نفس) ڪنهن ماڻهوءَ جي طعام ڪي ڏسي ته ان جو تابعدار ٿيو پوي ۽ ان جي چوطرف پيو ڦري، سعيد انهي سوز ڪان صحو يعني حق جي منزل وارو ٿي پيو، مون ڪي اهو خوف آهي جو اڄ رات جيڪو منهنجي مٿي ۾ شورو غل آهي، ان ۾ حافظ محو ٿي ويندو.

ٽيون غزل حافظ شيرازي جي غزل تي مخمس طور چيل آهي. ان جا پهريان مصرع هن ريت آهن:

جمال و حسن جميل است، بجمله اطراف است،

ازاں بديدنت آمده رجال اکناف است،

ز سلک گوهر اشکم دو چشم صرّاف ست،

اگر بلطف خوانی مزيد الطاف ست،

وگر بقهر برانی درونِ ما صاف ست.

ترجمو: هر طرف جمال، سونهن ۽ سوڀيا آهي. انهي سبب تنهنجي ڏسڻ لاءِ هر طرف ماڻهو آيا آهن، موتين جي جڙيل لڙيءَ ڪان پارکو جون ٻئي اکيون لڙڪ هاريندر آهن، جيڪڏهن مهربانيءَ سان گهرائين ته اها وڏي مهرباني چئبي، جيڪڏهن ڏمر سان تڙين ته ٻه اسان جو اندر صاف آهي.

انهيءَ غزل جا آخري مصرع هن ريت آهن:

هر آنکه غرق شده بحر ذات او بی قعر،

دلش خزينه دارها ثمين شد بی سعر،

"سعيدؒ" همچو غوّاص ست در آن و حاسد وعر،

عدو بمنطقِ حافظ طمع کند در شعر،

هماں حديث هماء و طريق خطاف ست.

ترجمو: جيڪو اونهي کوهه ڪانسواءِ ان ذات جي سمنڊ ۾ غرق ٿيو، ان جي

دل بغير قيمت مقرر ڪرڻ جي وڏي قيمت وارو خزانو رکندڙ تي "سعيد" ان ۾ ماهر ٿوهي جيان ٽيهون هڻندڙ آهي ۽ حاسد نمام سخت آهي. دشمن جيڪو شعر چوڻ ۾ حافظ جي ڪلام جي لالچ ڪري ٿو، اها تہ هُماء جي ڳالھ ۽ ابابيل جو طريقو آهي.

"ديوانِ سعيد" جو جڏهن گهري نظر سان مطالعو ڪجي ٿو تہ ان ۾ تصوّف جون باريڪيون ۽ عمدا اسرار عيان نظر اچن ٿا. هر غزل جي سٽ سٽ ۾ سلوڪ جي راھ جي پانڌيئڙي لاءِ ڪا نہ ڪا نصيحت آموز ڳالھ ۽ نئون نُڪتو نظر ايندو. پر ڪٿي ڪٿي تہ سمورا غزل ان ڳالھ جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿا. اهڙو هڪ واضح مثال حافظ شيرازيءَ جي علم تصوف تي ڇيل غزل تي حضرت خواجه محمد سعيد رحمه الله مثمن غزل چيو آهي، جنهن ۾ حقيقي محبوب جي ذات ۾ سالڪ جو محو ۽ مستغرق ٿيڻ عجيب تمثيل سان بيان ڪيو ويو آهي، انهيءَ غزل جا پهريان مصرع هن ريت آهن:

جميل ذات پاک تو صباحت وار شد رويت،
ملاحت مرکز آن پرکاره آن خال هندويت،
بحکم کلح بصر که هست اين از کرم خويت،
بصر شد ذاتِ رخ اجمل که غمزش ميکند سويت،
شبون ذاتِ احسن تو عجب شد فجر از مويت،
کنندم مست مجذوبي بنگهت عنبرين بويت،
مدامم مست ميدارد نسيم جعد گيسويت،
خرابم ميکند هردم فريب چشم جادويت.

ترجمو: تنهنجي ذات پاڪ سهڻي سيرت ۽ سهڻي صورت واري ٿي، انهيءَ گول دائري واري سانوري ڇهري ۾ واھ جو سهڻو تر آهي، هر هڪ اک تنهنجي ڪرم جي عادت کان فيضياب آهي، تنهنجي حُسن وجمال جو ظهور، تنهنجي ناز ۽ ڪرشمي جا اشارا ڪري ٿو، تنهنجي وارن کي (ڇهري کان مٿي ڪٽڻ سان) تنهنجي سهڻي ذات

جون اونداهي رات مان، پرھ ڦٽڻ جيان عجيب حالتون آهن، تنهنجي عنبرس گل جهڙي مهڪ مون کي مست ۽ چريو ڪندڙ آهي، تنهنجي گهنڊيدار وارن جي خوشبوءِ مون کي هميشه مست رکندي آهي، تنهنجي جادوءِ ڀري نگاهه جو فريب مون کي هر گهڙي تباهه ڪندو رهندو آهي.

انهيءَ غزل جا آخري مصرع هن ريت آهن:

برون شد شوقِ عارف راست از دنیا و از عقبیٰ،
چو زو نقش ایں عدم آراست از دنیا و از عقبیٰ،
بسوئے ذات حق برخواست از دنیا و از عقبیٰ،
بسو قلبش سرادی ست از دنیا و از عقبیٰ،
بخمر حب عجب شیداست از دنیا و از عقبیٰ،
"سعیدا" حق بتو ہر جا ست از دنیا و از عقبیٰ،
زہی ہمت کہ راست از دنیا و از عقبیٰ،
نیاید ہیچ در چشمش مگر خاک سر کویت۔

ترجمو: عارف جو شوق دنيا ۽ آخرت کان گهڻو ٻاهر آهي، جڏهن دنيا ۽ آخرت کان آزاد ٿي هن عدم واري نقشي کي سينگاريائين، دنيا ۽ آخرت کان آجو ٿي، ذات حق جي طرف اُٿي هليو، دنيا ۽ آخرت کان آزاد ٿي پنهنجي دل جي روشنائيءَ سان سر ڏنائين، دنيا ۽ آخرت کان حقيقي شراب جي محبت عجيب روشني آهي، اي سعيد! دنيا ۽ آخرت ۾ حق توسان هر جاءِ تي گڏ آهي، ڪهڙي نه سٺي همت (جي ڳالهه آهي، جو حافظ دنيا ۽ عقبيٰ کان لنگهي ويو (پر) ان جي اک ۾ تنهنجي گهٽيءَ جي مٽيءَ کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ ماپي نه ٿي سگهي.

ديوانِ سعيد ۾ فنا جو ذڪر:

صوفين جو پيغام هميشه کان دنيا جي بي ثباتي ۽ فاني هجڻ جو پئي رهيو آهي: حضرت خواجه محمد سعيد مهاجر مڪي قدس الله پڻ هڪ

روحاني خانقاهه جا سجاده نشين ۽ صوفي منش بزرگ هئا، انهي ڪري سندن شاعري ۾ فنا جي مقام جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو. جهڙي ريت هڪ هنڌ تي فرمايو اٿن ته:

من و مائی درین منزل بگامِ اول شود زائل،
نفس رحمان ہم تابان شُیون ذات شد مائل.

ترجمو: ”مان“ ۽ ”اسان“ هن منزل ۾ پهرين وک رکڻ سان ختم ٿيا، رحمٰن جي ذات خود (پنهنجي شان مطابق) پنهنجي نور جي تجليءَ سان شامل ٿي.

اهڙو ئي ساڳيو اشارو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه پنهنجي لاثاني ڪلام ۾ هن ريت ڪيو آهي:

رهي نه رَتيءَ جيتري انهن وٽ آئون،
وڍي وڌائون هَو جو وڻ هئڻ جو.
هيڪر هئڻ ڇڏ، ته اوڏي ٿيين عجيب کي،
”مَا رَئَيتَ شَيئًا اِلاَّ وَ رَئَيتَ الله“ نيئي اَجها اوڏهين اَڏِ،
ته تونهين کان هڏ، پرين پاسي نه ٿئي.

در فنا رو در فنا رو در فنا، شد انانیت حقیقی منتہا،
از فنا با انتقا ولا تذر، شو ”سعید“ از ذات پاک از رنگہا.

ترجمو: فنا جي مقام ۾ وڃ، فنا جي مقام ۾ وڃ، فنا جي مقام ۾ وڃ، خودي جي خيالن کان آجو ٿي ته حقيقي مرتبو ماڻين. فنا جي مقام ۾ متجي وڃ ۽ هستيءَ کي ڇڏ، سعيد! الله پاڪ جي رنگ ۾ رنگجي وڃ.

کارِ خود را سوئ خدا و حق ”سعید“،
بسپرو شمار تا گردی فنا.

ترجمو: اي سعيد! پنهنجو سمورو ڪم ڏٺي تعاليٰ جي حوالي ڪر، ته جيئن فنا جو مقام حاصل ڪرين.

شو ازیں دارِ فنا خارج بفنا تا بیابی تو اسرارِ خدا نورِ غنا،

بعد افناءِ خود و غیر شوی باقی باز کاین چنین کاخ وجودست زایزد بہ بنا،

ہرکہ بوئ ز فنا و فقر نبوئید بجان درکم وکاست وخسران فتادست وعنا،

وانکہ در ہر دو مقامات شدہ سائر تیز فاز بالخیر من اللہ وقد حاز مُنیٰ،

در فنا رفتن شد حج حقیقت کیشان باز باقی شدنش آمدن از حج مُنیٰ،

وصف حق بین فناکیش بقا پوئ بود چیست بہر اہلِ خدا زین دوصفت قول ثنا

ترجمو: هن فنا واري گهر مان فاني ٿي ٻاهر نڪر، ته جيئن خدا جي نور جا راز حاصل ڪري سگهين، پاڻ کي فنا ڪرڻ کانپوءِ غير کي ڏوئي ڇڏ، ته جيئن وجود واري محل کي رب جي طرفان بقا حاصل ٿئي، جيڪو فنا ۽ فقر کان ساهه سان بُوءِ نه سونگهيندو، اهو نقصان ۽ گهاٽي جي تڪليف ۾ پوندو. جيڪو انهن ٻنهي (فقر ۽ فنا) جي مقام ۾ تيز هليو، اهو الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ سان سَڌُن جي گهيري کان نِڪري ڪامياب ٿيو. حقيقت جي طالبن جو حج فنا جي مقام ۾ وڃڻ سان ٿي ويو، پوءِ سَڌُن جي حج کان موٽِي بقا جي مقام ۾ اچڻ سان باقي بالله ٿي پيو، خدا جي صفت کي ڏسُ، فنا ڪيشي اختيار ڪر، ته پوءِ تو کي بقا حاصل ٿيندي، خدا وارن کي انهن ٻنهي صفتن سان ڪهڙو ڪم؟ (يعني انا، نفس پرستي ۽ عشق الاهي جي دعويٰ اِهي ٻئي گڏجي نٿيون سگهجن).

ڪيئن مائيندا مَن ۾، خودي ۽ خدا،
ٻن ترارين جاءِ، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾.

پوڇا ڪَر مَ پاڻ کي ڪوءِ! راول ٻَنِ رَجات،
لباسان لطيف چئي، پل ويراڳي وات،
مَن ماري ڪر مات، ته تيرتَ پسين تڪيو.

دنيا کي ترڪ ڪرڻ:

قرآن ڪريم دنيا جي زندگيءَ کي راند روند ڪوٺيو آهي. دنيا جي ساز سامان کي ”قليل“ چيو آهي، ڪٿي اهو پهاڙن جي برابر چو نه هجي. حديث پاڪ ۾ ”حب الدنيا راس کل خطيئة وترك الدنيا راس کل عبادة“ دنيا جي محبت هر گناهه جي جڙ آهي، دنيا کي ترڪ ڪرڻ هر عبادت جو مُنڍ آهي. انهيءَ ڪري الله جي ڪامل ولين دنيا کي ڌڪاريو آهي. حضرت پير سائين روزي ڌڻي رحمة الله عليه فرمايو ته ”ڪي طالب دنيا کي ترڪ ڪن ٿا، پر انهن جي طمع وڃي ئي ڪا نه ٿي. چوته ترڪ ان کي چئبو آهي، جو ڪنهن به مخلوقات ته ڇا، پر خالق ۾ به دنيا جي طمع نه رکجي.“ حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس الله سره فرمائي ٿو ته:

ڇڏئو جن پنيور، ڇپر تن کي ڇاڙڪي،
هم، غم لٿن هور، وڃي ڪيچ قراريون.

خواجه محمد سعيد قدس الله سره جن دنيا جي ترڪ بابت پنهنجي شاعري ۾ مختلف جاين تي اهڙا اشارا ڏنا آهن. مثال:

در رهِ حق ترک دنيا کار هر قلاش نيست،
بذلِ مال و نفس و تن خود عادتِ اوباش نيست.

ترجمو: خدا جي واٽ ۾ دنيا کي ڇڏڻ هر سُجي جو ڪم نه آهي، پنهنجو تن، مَن ۽ ڌَن (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪرڻ بدمعاش جي عادت ناهي.

هڪ ٻي جاءِ تي چيو اٿن:

ما کان وما يکون من الکون فانياً
با فانيِ تعلق اهلِ دلی عبث.

ترجمو: دنيا ۾ جيڪي ٿيو ۽ ٿيندو (اهو سڀ) فاني آهي. اهلِ دل کي فنا ٿيڻ واري (شيءَ سان) تعلق رکڻ اجايو آهي.

حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه به انهي ساڳي ڳالهه جو سبق ڏيئي ٿو:

لاڳاپا هن لوڪ جا، جڏهن ڇڏيا جن،
تڏهن ڏنو تن، ڏونگر وارو سپرين.

ديوان سعيد ۾ عشقِ رسول ﷺ جي هڪ جهلڪ:

حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره جن ٻنهي جهانن جي سردار عليه الصلواة والسلام جي شان ۾ تي مناجاتون فارسي ۽ ٻه عربي ۾ چيون آهن، جن جي پڙهڻ سان حضور جن جي ذات پاڪ سان سندس والهانه عشق عيان نظر اچي رهيو آهي. نموني طور ٻه ٽي شعر هيٺ ڏجن ٿا:

تاج بر سر لی مع الله تخت لولاکش بپا،
شد ملائک در جهادش چاکرانِ مصطفی.

ترجمو: "لي مع الله" جو تاج سرمبارڪ تي، (۽) ان جي لولاڪ جو تخت قائم آهي، ان جي جهاد ۾ سندن خدمت چاڪري ڪندڙ ملائڪ سڳورا ٿيا.

ذرهٔ مسکین چه داند کنهه نورِ مهر را،
بر تر از افهام ما سرِّ نهانِ مصطفی.

ترجمو: هي مسڪين ذرڙو سج جي نور جي حقيقت ڪي ڄاڃاڻي؟ نبي ڪريم ﷺ جي حقيقت جو ڳجهو راز اسان جي سمجهه کان تمام مٿانهون آهي.

طیبه او رشکِ فردوس ست اندریں جهاں،
بهرِ عشاقان بوئ بوستانِ مصطفی.

ترجمو: ان محبوب جو شهر مبارڪ (مدينه منوره) هن جهان ۾ رشڪِ جنت الفردوس آهي. (۽) عاشقن لاءِ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جن جي باغ جي خوشبوءِ آهي.

ليس يا سيّدى و يا سندى	غير عروتك قطّ مستندى
سياتى تجاوزن العددى	فاستعينك خذ بيدى

ترجمو: اي منهنجا سائين ۽ منهنجا سهارا! تو کان سواءِ منهنجو ڪو ٻ

سَهارو نہ آهي، منهنجا گناهہ حد کان لنگهي ويا آهن، پوءِ آئون تو کان مدد گهران ٿو، منهنجو هٿ وٺ!

طال شوقی الیك واشوقاه ضاقت الارض فیك وا غوثاه

من هموم الفراق واحزناه انا العبد الذلیل واسفاه

فاجذبونی الیکم بالله جذبتك ان تقول آمینا.

ترجمو: منهنجو شوق تو ڏانهن وڌي ويو آهي، هاءِ کهڙو نہ سنو شوق آهي! تنهنجي ياد ۾ فرياد ڪري رهيو آهيان، هتي جي زمين مون لاءِ تنگ ٿي وئي آهي، هاءِ حبيب جي جدائيءَ جو ڪيڏو نہ غم آهي! هاءِ افسوس آئون گهڻو عاجز آهيان، مون کي پاڻ ڏي ڇڪي وٺو، الله جو قسم آئون تنهنجي سڪ ۽ محبت گهران ٿو، ۽ منهنجي دعا جي عرض تي آمين چئو.

قصيدي بُردي جي نهج تي چيل سندن هڪ مناجات جنهن مان چند شعر هيٺ ڏجن ٿا:

ايا ختم الرسل اجمع رؤفا شافع الامم،

نبی قد تشرفك البدیع بہ لفی القدم،

ينوّر و جهك الظلمة كشمس فی ضحاياها،

فضوءك منه مندرس ضياءَ البدر والنجم،

خرقت الحُجب والاستار من النور ومن ظلمه،

رئيت الرب بالعينين فی الاسواءِ ملتئم.

ترجمو: اي شافع امم! اي ختم الرسل! شفقت فرماءِ، اي نبي سڳورا! تنهنجي قدم مبارڪ جي اچڻ سان زمين شرف واري ٿي، تنهنجي چهري مبارڪ جو نور، اونداهيءَ ۾ روشن سج جيان آهي. تنهنجي روشني سان چوڏهينءَ جي چنڊ ۽ تارن جي روشني بي نور ٿي ويندي آهي، حجاب، پوشيدگي، نور ۽ ظلمت جا پردا ٽوڙيئي، معراج واري رات رت ڪريم جو ٻنهي اکين سان ديدار ڪيئي.

ودارك يا حبيب الله ميت الارض بالاحياء،

فارسل من سحاب اللطف ماء الفيض كالديم.

ترجمو: اي الله جا حبيب! تنهنجي در تان مٿل زمين کي زندگي ملي ٿي، پنهنجي لطف جي ڪڪر مان فيض جو مينهن وساءِ.

وَدَارُكَ يا حبيب الله غياث الخلق يا سندى

"سعيدا" مستغيثا بك نكيس الراس من ندم.

ترجمو: اي الله جا حبيب! تنهنجي حويلي مبارڪ مخلوق جي فرياد جي جاءِ آهي، اي منهنجا سائين! "سعيد" پريشانيءَ مان سرجهڪائيندي تو کي فرياد ڪري ٿو.

ما كان وما يكون فدائى محمد ست،

مسجودِ كعبه هم برضائى محمد ست،

قرآن جمله رمز ثنائ محمد ست،

هر يك نبى بزيرِ لوائ محمد ست،

ما بندهٔ محمد و الِ محمّديم.

ترجمو: دنيا ۾ جيڪي ٿيو ۽ ٿيندو اهو سمورو محمد ڪريم ﷺ تي فدا آهي، ڪعبو سجده گاهه محمد ڪريم ﷺ جي رضا سان بنيو آهي، سمورو قرآن محمد ڪريم ﷺ جي ثنا جي رمز آهي، قيامت جي ڏينهن هر هڪ نبي سڳورو محمد ڪريم ﷺ جي جهنڊي هيٺيان هوندو، اسان محمد ﷺ ۽ آلِ محمد ﷺ جا غلام آهيون.

حضرت خواجه محمد سعيد قدس سرہ حضور جن جي هجر و فراق کان متاثر ٿي، سندن حضور ۾ فرياد رسي لاءِ دانهن ڏيندي عرض ڪري ٿو ته:

بيدلانرا يا شفيع المذنبين فرياد رس،

عاشقانرا رحمة للعالمين فرياد رس.

ترجمو: اي گنهگارن جي شفاعت ڪندڙ! بي دلين جي دانهن ٻُڌ، اي سمورن جهانن لاءِ رحمت بنجي ايندڙ! عاشقن جي دانهن ٻُڌ.

روز شب شد در فراق و آرزويت يا رسول،

كى دمد صبح رخت اى خور جبين فرياد رس.

ترجمو: اي الله جا رسول! تنهنجي جدائي ۽ آرزوءَ ۾ ڏسهن رات بنجي ويو آهي، اي سج جيان چمڪندڙ ڇهري وارا! (تو ڏانهن) سفر جي سامان ٻڌڻ جي صبح ڪڏهن ٿيندي؟ فرياد ٻڌ.

يک زمانم ره بسوئ روضۂ ت بکشا مرا
لطف فرما در مدینه کن مکین فریاد رس.

ترجمو: هڪ گهڙي تنهنجي روضي پاڪ جي واٽ مون لاءِ کول، مهرباني فرمائي مديني پاڪ جو رهواسي بناءِ. فرياد ٻڌ.

بند در بندِ بلادِ سنده گشت این بنده،
بند بکشا ای امام المتقین فریاد رس.

ترجمو: سنڌ جي شهرن ۾ هي ٻانهون قيدن ۾ قيدي آهي، اي پرهيزگارن جا امام! (قسمت جو) قيد کول ۽ منهنجي دانهن ٻڌ.

روضۂ ات بنما که مشتاقِ لقاء اومنم،
ای نثارت خانمان و آن و این فریاد رس.

ترجمو: پنهنجي روضي پاڪ جو ديدر ڪراءِ، جو ان جي ڏسڻ جو مون کي شوق آهي، تو تان گهر ٻار هيءُ ۽ هو ٻئي جهان گهوريان! منهنجي دانهن ٻُڌ.

سلطان الاولياء حضرت خواجه محمد زمان قدس الله جن به اها ساڳي ڳالهه سنڌيءَ ۾ ورجائي آهي:

ڇڏيان هيءُ جهان، هو پڻ گهوري گهوريان،
پلڪ پريان ساڻ، جي مون سَري جيڏيون.

حافظ شيرازيءَ جي فڪر جي اُڏام ايتري نه آهي، هو صرف پرين جي جهلڪ پَسڻ جي بَدلي سمرقند ۽ بُخارا انعام ۾ ڏئي ٿو. چوي ٿو ته:

اگر آن تُرک شیرازی بدست آرد دلِ ما را،
بخال هندویش بخشم سمرقند و بخارا را.

ترجمو: جيڪڏهن اهو محبوب شيرازي اسان جي دل وٺي ها ته ان جي ڳل جي تر جي عيوض آئون ڪيس سمرقند ۽ بُخارا بخشي ڇڏيان ها.

حضرت خواجه محمد سعيد ﷫ چوي ٿو ته محبوب جو ته مُلهه ئي ناهي، سمرقند ۽ بخارا ته ان جي اڳيان ڪا شيءِ ناهن. خواجه صاحب حافظ شيرازيءَ کي ڏوراپو ڏيندي چوي ٿو ته:

ايا حافظ چه ميدانی تو قدرِ دلبر جانی،
بخالِ هند می بخشی سمرقند و بخارا را.

پر اهو محبوب مون تي مهر جي نظر ڪري ته آئون ڪيس هيءُ انعام ڏيان.

اگر آن ماهِ نورانی بدست آرد دل ما را،
بخال هندوش بخشم همه دنیا و عقبیٰ را.

ترجمو: اگر اهو محبوب مُنوّر منهنجي دل وٺي ته آئون ان جي حُسن تان دنيا ۽ آخرت ٻئي گهوري ڇڏيان.

حضرت خواجه محمد سعيد ﷫ حضوراڪرم ﷺ جن جي اوصاف جميل جو ذڪر اهڙي ته عشق واري انداز سان ڪيو آهي، جو پڙهندڙ خود عشق رسول ۾ محو ۽ مستغرق ٿيو وڃي.

والضّحیٰ والّیل شان روئی گیسوئی شما،
قاب قوسین ست تشبیه دو ابروءِ شما.

ترجمو: اي محبوب! توهان، زلفن ۽ رُخ مبارڪ جو شان والضحيٰ ۽ والليل آ، توهان جي ٻن ڀروئن کي "قاب قوسين" جي تشبيهه ڏنل آ.

سرمه در دیده داری ما طغیٰ ما زاغ را،
نوک کافِ کن فکان پیچ خم موءِ شما.

ترجمو: توهان پنهنجين اکين مبارڪن ۾ "ما زاغ" ۽ "ما طغيٰ" جو سُرمون پاتو، توهان جي زلفن جو گهنڊ "ڪُن فڪان" جي ڪاف جي نوڪ آ.

بخش کردی جان غزاله را و دین صیّاد را
رحمۃ للعالمین حق گفت در خوئے شما.

ترجمو: هرڻيءَ کي جان عطا ڪيئي ۽ شڪاريءَ کي دين جو درد ڏنئي، الله تعاليٰ توهان جي عادت مبارڪ جي باري ۾ ”رحمة للعالمين“ فرمايو آ.

روضۂ رضوان معطر شد مگر دردی چکید،
وقت اسریٰ قطره از خوئی خوشبوءِ شما.

ترجمو: معراج واري رات توهان جي جسم پاڪ مان پگهر ٽميو، جنهن جي ڪري، سموري جنت هُبڪار يري معطر معطر ٿي ويئي.

حلقۂ بابِ شفاعت را بدستت داد حق،
عاصیان را دمبدم وا دیدگان سوءِ شما.

ترجمو: شفاعت جي دروازي جو ڪڙو الله تعاليٰ توهان جي هٿ مبارڪ ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي، گنهگارن جون نظرون توهان ڪي تڪينديون آهن.

رستگاری گنهگاران بدست افشانیت،
آستین حلّ مشکل زیب بازوءِ شما.

ترجمو: گنهگارن کي ڇوٽڪارو ڏيڻ توهان جي هٿ ۾ آهي، هر مشڪل جو حل توهان جي بازو (مبارڪ) کي ٿو سونهي.

ہیچ روءِ ره ندیدم باز پویان آمدم،
مو سفید و رُو سیه بر باب مشکوءِ شما.

ترجمو: توهان ڪانسواءِ ٻي ڪا به واھ ۽ راھ نه ڏٺم، وري به گناهن ۾ رُوسياه ۽ اڇا وار ڪٽي توهان جي محل جي دروازي تي ڊوڙندو آيس.

عاصیانه مفلسانه آمدم در کوئے تو،
مصطفی یا شیئاً للہ از جمال روءِ تو.

ترجمو: گنهگار، بيواهه تنهنجي در تي آيو آهيان، اي مصطفيٰ! خدا جي واسطي پنهنجو ديدار ڪراءِ.

از بياضِ مطلع الفجر و سوادِ ليل قدر،
عاشقان جستند خوش خدّ و خطِ زيباءِ تو.

ترجمو: شب قدر جي ڪاراڻ ۽ باک ڦٽيءَ جي سفيدي مان عاشق تنهنجي زلفن جي ڪاراڻ ۽ چهري جي چمڪاڻ ڳوليندا آهن.

سرِّ ما اوحىٰ ترا هرگز نداند جبرئيل،
سرِّ تو سرِّ حق ست و نيست کس داناءِ تو.

ترجمو: تنهنجي وحيءَ جي راز جي جبرئيل کي به خبر نه آهي، تنهنجو راز ربّ جو راز آ، ان ڳالهه جي ٻئي ڪنهن کي به خبر نه آهي.

در کبائر خود شفاعت خاصداري مصطفى،
ميکشد از ياس مارا همتِ والاء تو.

ترجمو: ڪبيرن گناهن وارن جي خاص شفاعت اي مصطفيٰ ڪريم! تون ئي ڪندين، اسان کي نااميديءَ جي کُن مان تنهنجي ئي همت ٻاهر ڪڍي پار ڪندي.

ناله و فرياد را لا ترفعوا مسدود کرد،
زانکه مخفى نيست چيزے بر فروغى راءِ تو.

ترجمو: دانهن ۽ فرياد کي "لا ترفعوا" جي حڪم بند ڪري ڇڏيو، ڇو ته تنهنجي روشن راءِ تي ڪا به شيءِ مخفي ناهي.

کى شود نفس شقّى من "سعيدؒ" راضيه،
جُز عناياتِ هدىٰ بخش و گنه بخشاءِ تو.

ترجمو: تنهنجي هدايت بخش وارين مهربانين ۽ منهنجن گناهن جي بخشش لاءِ تنهنجي سفارش ڪرڻ ڪانسواءِ آئون "سعيد" (نيڪ بخت) ۽ منهنجو

نفس بد بخت ۽ خدا جي رضا تي رهڻ وارو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره مولانا جامي جي غزل تي ٻه هڪ مخمس غزل چيو آهي، جنهن ۾ محبوب جي چنڊ جهڙي چهري، صاد جهڙي صورت رکندڙ ڪارين اکين، الف ۽ شمشاد جهڙي قد ۽ ڪاريهر نانگ جهڙي وَنگ رکندڙ وارن جو ذڪر ٻه عجيب انداز سان ڪيو آهي.

محبوب جي ڳل جو ذڪر:

عارض ست این یا تجلّیِ گہِ موسیٰ ست این،
عارض ست این شمع یا نورِ ید بیضا ست این،
عارض ست این یا شفق یا عکس اشکِ ماست این،
عارض ست ایں یا قمر یا لالۂ حمراست این،
یا شعاعِ شمس یا آئینہ دلہاست این۔

ترجمو: هيءُ محبوب جو ڳلُ آ، يا موسيٰ جي تجلي گاهه آ؟ هيءُ محبوب جو ڳل شمع آ، يا يدِ بيضاء جو نور آ؟ هيءُ محبوب جو ڳل آ، يا سج لهڻ وقت شفق جي لالاڻ آ، يا اسان جي ڳوڙهن جو عڪس آ؟ هيءُ محبوب جو ڳل آ يا چنڊ يا ڳاڙهي گل جي لالاڻ آ، يا سج جو شعاع آ، يا دل جو آئينو آ؟

قَد جو ذڪر:

قامت ست این یا سُتونِ نور یا شمع وداد،
قامت ست این یا عَلم یا نونہالِ پاک زاد،
قامت ست این طوبیٰ اخلاص یا شمشاد شاد،
قامت ست این یا الف یا سرو یا نخلِ مراد،
یا مگر گلدستۂ باغِ جنان آراستہ این۔

ترجمو: هيءُ محبوب جو قَدُ آ، يا نور جو سُتون، يا محبت ۽ دوستي جي

شمع آ؟ هيءَ محبوب جو قدُ آ، يا جهنڊو يا پاڪ ٻوٽو آ؟ هيءَ سچائي ۽ اخلاص جو طوبيٰ وارو وڻ آ، يا شمشاد جو وڻ آ؟ هيءَ محبوب جو قدُ آ، يا الف يا سروَ جو وڻ آ، يا مقصد ۽ مراد جي ڪجي جو وڻ آ، يا جنت جي باغ جو سينگاريل گلدستو آ؟

زُلفن جو ذڪر:

زلفِ تو شامِ غريبان يا سيه زندانِ من،
زلفِ تو دامِ دلم يا مار تابِ پيچ زن،
زلفِ تو دودست آہم يا ڪمندِ سرشڪن،
زلفِ تو زنجير يا قلاب يا مشڪِ ختن،
سوسن و يا سنبل و يا عنبر سارا ست اين.

ترجمو: تنهنجا زلف مصيبت زدن جي شام، يا منهنجي قيد جي ڪاري ڪوٺي آهن. تنهنجا زلف منهنجي دل جو قيد، يا وَر ھڻندڙ چمڪندڙ نانگ، تنهنجا زلف ٻہ ھٿ پاڻ ۾ ملندڙ، يا سر توڙيندڙ ڦاهي، تنهنجا زلف زنجير، يا مڇي وٺڻ جو ڄار يا مُشڪ ختن. يا نيري رنگ جو گل، يا سُنبل، يا عنبر جهڙا آهن؟

اکين جو ذڪر:

چشمِ تو خون ريز يا جامِ مُل بيداد خلق،
چشمِ تو سر صورتِ صادست يا قلّادِ خلق،
چشمِ تو افسون يا زگير يا جلّادِ خلق،
چشمِ تو جادوست يا آهوست يا صيّادِ خلق،
يا دو بادامِ سيه يا نرگس شهلاست اين.

ترجمو: تنهنجي اک رت وهائيندڙ، يا شراب جو پيالو خلق جي لاءِ ظلم؟ تنهنجي اک صاد جي صورت واري، يا خلق لاءِ ڳٽ؟ تنهنجي اک جادو، يا ڪڙو، يا خلق لاءِ جلاد آ؟ تنهنجي اک هرڻ جهڙي، يا جادو آ، يا خلق جو شڪاري آ؟ يا ٻن ڪارن بادامن جهڙي، يا نرگس گل، يا تمام ڪاري آ؟

پروئڻ جو ذڪر:

يا ربّ اين نون ست مشک ناب يا قوس قزح،
يا ربّ اين تيغ ست پُر زهراب يا قوس قزح،
يا ربّ اين خط است چشمک تاب يا قوس قزح،
يا ربّ اين طاق ست يا محراب يا قوس قزح،
يا هلالِ عيد يا ابروئ يارِ ماست اين.

ترجمو: يارب! هي نون مشڪ ناب آهي، يا اندلٺ آ؟ يا ربَ! هي پُرزهر تلوار آ، يا اندلٺ آ؟ يا رب! هي چمڪندڙ اکِ جي اشاري جو خط آ، يا اندلٺ آ؟ يا رب! هي چراغدان آ، يا محراب، يا اندلٺ آ؟ يا عيد جو چنڊ، يا اسان جي محبوب جو پرون آ؟

"ديوانِ سعيد" ۾ محمود غزنوي جي غزل تي ٻه هڪ مُخمس غزل چيو ويو آهي، جنهن جو مطلع حافظ شيرازيءَ جي غزل جيان آهي.

شد مدتی نه هيچ سلام و پيام شد درد فراق و هجر بروں از کلام شد،
عاشق سزد ز قلبت منی نام شد امروز ديگرم بفراقِ تو شام شد،
در آرزوئ وصلِ تو عمرم تمام شد.

ترجمو: مدت ٿي ويئي (پرين جي پاران) ڪو ٻه سلام ۽ سنيهو نه مليو، هجر و فراق جي درد جو داستان ڳالهه ڪرڻ ڪان ٻاهر ٿيو، تنهنجي دل مان عاشق جو نالو وسارڻ مناسب ٿيو، تنهنجي جُدائي جي اڄ مون ڪي ٻي شام ٿي، تنهنجي ملڻ جي آرزو ۾ منهنجي عمر پوري ٿي ويئي.
آخري مصرع هن ريت آهي:

هرجا هر گدا که او خواست تخم پاشت در مزرعِ سلاطين از عشق تخم کاشت،
طرفه "سعيدؒ" چون شه جان باگداگماشت محمود غزنوی که هزاران غلام داشت،
عشقش چنان گرفت که غلامِ غلام شد.

ترجمو: هر جاءِ تي هر گدا جيڪي گهريو، ٻج چنڊيائين، بادشاهن جي پوکيءَ
۾ عشق جو ٻج چنڊيائين، ٿورڙي دير لاءِ "سعيد" بادشاھ وانگي گدا
سان هليو، محمود غزنويءَ کي هزارين غلام رکڻ جي باوجود ٻه
اهڙو عشق لڳو، جو غلام جو غلام بڻجي ويو.

حضرت خواجه محمد سعيد قدس سرہ جن جهڙي ريت مختلف شاعرن
جي فارسي غزلن تي مثمن ۽ مخمس غزل جو چوڻ لاءِ خامہ فرسائي ڪئي
اٿن، اهڙي طرح حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن ڏانهن منسوب مشهور
مناجات:

خُذْ بلطفك يا الٰهی من له زاد قلِيل

مفلس بالصدق ياتی عند بابك يا جليل

تي مثمن مناجات چئي اٿن. اهڙي ريت روزي بابت مشهور حديث قدسي
"الصوم لی وانا اجزی به" تي مخمس ڪلام پڻ اچيو اٿن.

"ديوانِ سعيد" جو موضوع خاص ڪري تصوّف آهي، پر ڪي غزل
ديوانِ حافظ جي پَران نظر اچن ٿا، جن ۾ بهار جي موسم، گلن جو ٽڙڻ،
معشوق جي ناز، انداز ۽ رعنائي جو ذڪر ٻہ تمام سهڻي انداز ۾ ڪيو
ويو آهي. جنهن مان نموني طور ٻہ ٽي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

سمن مخند ز نو بادهٔ امل اکنون،

ہزار رفت بر غم تو وشد بگل دمساز.

ترجمو: چنبيلي تازي ڦنندڙ ٻوٽي جي سٽن تي هاڻي نہ کلي، تنهنجي غم
تي ٻہ هزارين (ڪلنڊڙ کلي ويا) تڏهن وڃي گل سان همراز ٿيو.

منال دل ز جفاءِ نگار کہ اندر عشق،

سزد نیاز ز خواجہ و ز خواجہ تا شان ناز.

ترجمو: اي دل! معشوق جي ڏاڍ جي شڪايت نہ ڪر، ڇو تہ عشق ۾ عاشق
کي نوڙت ڪرڻ سونهي ٿي ۽ معشوق جو تہ شان ئي ناز ڪرڻ آهي.

کشا موء مجعّد کہ مشکبوء بویم،

کہ نافہ بوءِ ز مشکِ ختن در آید باز.

ترجمو: گهنڊيدار وارن کي کول تہ مشڪ جي خوشبوءِ سونگهيان، جو ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ مشڪِ ختن کان واپس موٽي اچي ٿي.

حافظ شيرازي ۽ خواجه محمد سعيد جي شاعري ۾ فڪر جو تقابل ۽ موازنو هيٺ ڏنل شعرن ۾ پيش ڪجي ٿو:

يوسف گم گشتہ باز آيد بکنعاں غم مخور،

کلبہ احزان شود روزے گلستاں غم مخور. (حافظ)

ترجمو: گم ٿيل يوسف واپس اچي ويندو، غم نہ ڪر، غمن جي ڪوٺي هڪ ڏينهن باغ بنجي ويندي، غم نہ ڪر.

در خزان اى مرغ خوشخوان چمن هان غم مخور،

باز آيد آن بهار اندر گلستان غم مخور. (سعيد)

ترجمو: اي باغ جا سنا پول ٻوليندڙ پکي! سَرو جي مُند ۾ غم نہ کاءُ، باغ ۾ بهار جي موسم وري موٽي ايندي، غم نہ کاءُ.

ايدل ار سيل فنا بنياد هستى برکند،

چوں ترا نوحست کشتيبان ز طوفان غم مخور. (حافظ)

ترجمو: اي دل! فنا جو سيلاب جيڪڏهن وجود جي بنياد کي اُکيڙي ڇڏي، (تہ ڇا ٿيو؟) جڏهن تہ تنهنجي (ٻيڙيءَ جو) ناکئو نوح آهي، تہ پوءِ غم نہ ڪر.

گشت سيل غم ز هرسو موج زن ليکن چه سود؟

کشتيت را نوح کشتيبان ز طوفان غم مخور. (سعيد)

ترجمو: غم جي ڇَر هر طرف کان موج ٿي هڻي، پر ڪهڙو فائدو؟ تنهنجي ٻيڙيءَ جو هلائيندڙ جڏهن حضرت نوح آهي تہ پوءِ طوفان کان غم نہ کاءُ.

ديوانِ سعيد کي جڏهن غور ۽ فڪر سان پڙهجي ٿو تہ ان جي قاري جو فيصلو ۽ فڪر ان جاءِ تي پهچي ٿو تہ "ديوانِ سعيد" اگر "ديوانِ حافظ

ڪان اڳيرو ناهي، نه ان ڪان گهٽ به ناهي، انهيءَ ڪري نه خواجه محمد سعيد ﷫ جن چيو آهي ته:

چشمِ عبرت نظمِ سعید گر بنی،

رود ز ذوقِ تو، دیوانِ حافظ شیراز.

ترجمو: "سعيد" جي نظم کي جيڪڏهن عبرت واري اک سان ڏسين، ته حافظ شيرازي جو ديوان تنهنجي شوق مان (نڪري) هليو وڃي.

اظهار تشڪر:

"ديوانِ سعيد" جي ترجمي لاءِ محترم الاهي بخش ٽالپر ۽ سائين بخش قبولائي سسئي جيان گهڻا جبل جهاڳيا ۽ پاڻ پتوڙيو، آخرڪار ڪوشش ساڀ پيئي. حافظ شيرازيءَ جي چوڻيءَ مطابق ترجمي لاءِ هن حقير جو نالو فال ۾ نڪتو.

آسمان بارِ امانت نتوانست کشید،

قرعهٔ فال بنامِ منِ دیوانه شُد.

مون حتي المقدور ترجمي ۾ ڪوشش ڪئي آهي، ته ڪتاب جي متن ۽ شاعر جي خيال کي آڏو رکي ترجمو ڪريان. انهي ڪوشش ۾ آئون ڪيترو ڪامياب ٿيو آهيان؟ اهو ناظرين جي راءِ تي ڇڏيان ٿو. اگر ترجمي ۾ ڪا اوڻائي رهيل آهي ته اها منهنجي ڪوتاهي ۽ ڪم فهمي هوندي. اگر شاعر جي خيال مطابق ترجماني ٿي آهي ته ربَ سائينءَ جي خاص ٻاجھ ۽ بزرگ جي غيبي ۽ روحاني مدد چئبي. جن دوستن منهنجي هن علمي سفر ۾ منهنجو ساٿ ڏنو ۽ علمي معاونت ڪئي، انهن جو آئون نهايت شڪر گذار آهيان. خاص ڪري آءٌ پنهنجي عزيز بزرگ دوست ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب جن جو ٿورائتو آهيان، جو پاڻ وڏا وڙ ڪري ڪتاب جي نظرثاني ڪري ڏنائون. ان سان گڏ ڪن شعرن جي ترجمي ۾ پڻ رهنمائي ڪيائون، سندس لک ٿورا. ان ڪان علاوه مرحوم ڊاڪٽر گل حسن لغاري جو به شڪرگذار آهيان، جنهن پيرانه سالي جي باوجود به ڪجھ شعرن ۾ پڻ رهنمائي ڪيائون. الله تعاليٰ مرحوم کي مرهي ۽ جزاءِ خير عطا

فرمائي! آمين... آئون نهايت تهدل سان ٿورائتو رهندس محترم الاهي بخش ٽالپور ۽ سائين بخش قبولائي صاحب جو، جن دوستن ڪجھ فارسي لغت جا ڪتاب پڻ مهيا ڪري ڏنا، جن جي مدد سان آئون پنهنجي منزلِ تي خير ۽ خوبي سان پهتس. ڪتاب جي پروف ريڊنگ جي اهم ۽ ڏکئي ڪم ۾ قدم بہ قدم محترم سائين غلام فاروق شاھ لڪياري سڪندري جن منهنجو ساٿ ڏنو، ان لاءِ آءٌ سندن ٿورائتو آهيان.

آخر ۾ ڏٽي در دعا آهي تہ باري تعاليٰ مون گنهگار کي پنهنجن نيڪ ٻانهن جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ انهن سان سچي محبت ۽ عقيدت نصيب فرمائي! آمين ثم آمين.

خواهی اگر پیاپے نور سعادتی،

باش ای "سعید" بنده درگاهِ عارفان.

20 محرم الحرام 1430 ھ
مطابق 18 جنوري 2009ع

حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري
خطيب جامع مسجد
پوليس لائين سانگهڙ سنڌ

ناجي ... قرڙو
ڪتاب نمبر ...
موبائل: 0302-3629987
تاريخ: ...

نور محمد قرڙو 03023629987

"ديوانِ سعيد" جي نسخن بابت سمجهاڻي

"ديوانِ سعيد" جي ترجمي دوران راقم ٽي نسخا آڏو رکيا هئا، جيڪي هن ريت آهن:

① پهريون نسخو خواجہ محمد سعيد قدس الله سره جو هٿ اکر، جيڪو 1409ھ/ 1989ع ۾ حضرت خواجہ پير فيض محمد نقشبندي قدس الله سره جن فوٽو عڪس شايع ڪرايو هو، جنهن ۾ ٽوٽل 108 غزل آيل آهن ۽ اهو هڪ سؤ ٻن (102) صفحن تي مشتمل آهي.

② ٻيو نسخو فقير عبدالغفور جو هٿ اکر، جنهن تي فراغت جي تاريخ 27 ذوالحج 1360ھ لکيل آهي. هن نسخي ۾ ٽوٽل 98 غزل آهن. شروع وارا صفحا ضايع ٿيل آهن، جنهن ڪري هن نسخي ۾ پهريان ڏھ غزل نہ آهن.

③ ٽيون نسخو "ديوانِ سعيد" مطبوع، جيڪو پهريون ڀيرو 1965ع ۾ مطبع مشهور آفسٽ پريس ڪراچيءَ مان شايع ٿيو، جنهن ۾ هڪ سؤ انهتر غزل آهن، جن مان ہ عربيءَ ۾ آهن ۽ هڪ (غزل نمبر153) مطبوع نسخي ۾ نہ هو، اهو خواجہ محمد سعيد جي هٿ اکر فوٽوعڪس نسخي تان نقل ڪري، هن ۾ آندو ويو آهي.

انهيءَ حساب سان هاڻي موجوده "ديوانِ سعيد" ۾ 179 غزل آهن.

مترجم "ديوانِ سعيد" ۾ مٿي ذڪر ڪيل ٽن نسخن سان ڀيٽا ڪئي وئي آهي ۽ مطبوع نسخي جي حاشيي ۾ جيڪي قرآني آيتون، حديثون ۽ شعر آندل آهن، انهن کي بہ برقرار رکيو ويو آهي. پهرين ۾ "ن خ" جو اشارو ڏنو ويو آهي ۽ ٻئي ۾ "ن ع" جو اشارو ڏنو ويو آهي.

نوٽ: ڪتاب "ديوانِ سعيد" جي مذڪوره ٽن نسخن کان علاوه هيٺيان ٽي نسخا پڻ موجود آهن:

① آخوند الهڏنو بوبڪائي وارو نسخو: جيڪو 15 شعبان 1352ھ جو لکيل آهي. (هي نسخو محترم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.)

② مولوي حڪيم ميان محمد ڏيري وارو نسخو: جيڪو 19 ڊسمبر 1959ع جو لکيل آهي.

③ محترم جناب غلام فاروق آريجي وارو نسخو: جيڪو 1391ھ/ 1971ع جو لکيل آهي. (قبولائي)



خواجہ محمد سعيد قدس سرہ جي هٿ اکر نسخي جي پهرئين صفحي جو عڪس

١٠٢

ديوانِ سعيد

غزل ع ١٠٨



خواجه محمد سعيد قدس سرہ جي هٿ اکر نسخي جي آخري صفحي جو عکس

نیستی گر طالبِ عرفان بخوید تا چه کرد — طفل نگذارد لعب را جز دلبستان نیستی
بلبلان سان از رخ لیلی چو گل مجنون ندید — ذوقِ جانش تا ندارد رو به هجران نیستی
سطرهای کتبِ اهلِ حق چو اشجارِ چمن — تو سعید آن بلبلش نغمت ز الحان نیستی

الیضا

غزل ۱۰۹

ای متاعِ شرک در بازارِ جان انداختی — گوهرِ مهرِ سود در جیبِ زیان انداختی
گلبنِ ایمان بدل از لطفِ آبِ لطفِ نیست — طالبان را رقصِ لحنِ بلبلان انداختی
لب نه بگشوده صدفِ دل گوهرِ ایمان که — از تلاطمِ موجِ شرکت در امان انداختی
غرقِ عالم موجِ طوفانِ شرک آمد مگر — دا نوح علیه السلام روح کشتی در میان انداختی
نقشِ کلکِ عقل ایمان کرد بر لوحِ علام — هر که از غیبِ تو حوضِ کن فکان انداختی
در رگِ عقل از خلد چون نشترِ ایمان زتو — خون سوادِ شرک گویا از جنابِ انداختی
تازه شاخِ شعر بر لبِ خشک که آوردی سعید قدس سره — در سفالِ خشک شاخِ ارغوان انداختی

تمام شد نامه غزلهای لطور رشتی حرفی بتاریخ ۲۷ ماه ذوالحج سنه ۱۳۰۶ بومیانی ملک عزیزم
الکریم خان حرسه الله من الشیطان از قلم عاجز راجی رب الشکور فقیر عبدالغفور حفظه الله من الشرور
و عفا الله عنه جمیع القصور
لنفعک و ورثه
سیدنا
محمد و آله
و سلم

اسمائے گرامی دوازده امام کرام رضی الله تعالیٰ عنهم
حیدر و حسین و زهرا و علی و باقر امام — کاظم امام نقی و حسن و مهدی الامام
نشانِ نامِ گل دارم که گل بویم با بلِ دل — گلِ چشم جمعِ دانم بجان با دشمنان داغم
زبان لطف علی علیه السلام سیف بر ملوک نهال — سمن ز حسن بد لعش شده بدیع جمال

فقير عبدالغفور جي قلمي نسخي جي آخري صفحي جو عكس

دیوانِ
سعیدؔ

نور محمد قرژو 03023629987

Scanned with CamScanner

بسم اللہ الرحمن الرحیم

بَابُ الالف

غزل نمبر: ۱

① الا یا ایہا الساقی ادر کاساً و ناولہا
که بیخود سازد و مستم شود حلّال مشکلہا

② پئ وصلِ حقیقت طالبان صیقل زلا کرده
بصبح و شام بخراشند زنگِ ظلمت از دلہا

③ نباید خواب خرگوشی بشب گاهی انانیہ
که داعیّ حقیقت شد جرس بندید محملہا

④ بمی سجادہ آلودم ز خود بے خود خدا دیدم
که بد پیر مغانم واقف از ہر رسمِ منزلہا

⑤ بفلکِ لا ز گردابِ الله ما سویٰ بگذر
که تا بر ساحلِ اثبات یابی فیض ساحلہا

⑥ بحق زیبد انانیت ز خود کامی و بدنامی
مکن دعواء خود کامی مشو رسواء محفلہا

⑦ "سعید" از حافظِ عالم مشو غائب بدل ہر گز
متیٰ ما تلق من تہویٰ دع الدنیا واہملہا

ترجمو

① اي ساقي! حقيقت واري پيالي کي ڦيراءِ ۽ اهو ڏي جو مون کي حيران ۽ مست ڪري ڇڏي، ته من مشڪلاتون حل ٿين.

② حقيقت جي وصل پنيان (حق جي) طالبن صبح، شام "لا" جي ضرب سان ڪٽيل دلين کي صاف ڪيو.

③ سَهي جيان رات جي وقت ننڊ نه ڪرڻ گهرجي، جو حقيقت جي راهه جي طرف سڏيندڙ جو سڏ ٿيو (ته هاڻي) پلاڻ ٻڌي تيار ٿيو.

④ مصلي کي حقيقت واري شراب سان ڌوتم، پنهنجي پاڻ کان حيران ٿيندي خدا کي ڏٺم. جو منهنجو پير (ڪامل مرشد) حقيقت جي هر منزل جي راهه ۽ رسم کان واقف آهي.

⑤ "ماسوي الله" جي ڪُن کان "لا" جي ضرب سان آسمان کان اڳتي هَلُ. جو اثبات جي ڪناري تي حقيقي فيض جي ڪناري کي لهين.

⑥ خودي خدا تعاليٰ کي ٿي سونهي. تون خودغرضي ۽ پنهنجي بدنامي نه ڪر ۽ خودغرضي جي دعويٰ نه ڪر (پري) محفل ۾ خوار نه ٿي.

⑦ "سعيد ﷫"! جهان جي نگهبان ذات کان دل سان هرگز غائب نه ٿي. جڏهن تنهنجو مقصد حقيقي محبوب سان ملڻ آهي (ته پوءِ) دنيا ۽ ان جي ساز، سامان کي ڇڏي ڏي.

غزل نمبر: ٢

① عوام الناس کی داند عالی شان کامل را
زمینِ شور کی فهمد لطافت هائے وابل را

② بلی کامل ز فیضانِ حقائق بر دلِ طالب
خجالت داد اندر جود بحر و غیم هاطل را

۳ فدار و حم. بران ذوالهمتی کز همتش باری
شود فانی و نگذارد میانِ ذات حائل را

۴ بوصفِ قطب اقطابِ جهان و پیشواءِ دین
زبان و گوش صم بکم ہر ذی ہوش قائل را

۵ حقیقت کامل آمد نور وز از نور ذات اللہ
بدین میدان پالنگست اسپِ عقل عاقل را

۶ بیا بنشین ای ناپاک. بر دریاء رابطۂ
نہ سازد پاک جز دریاء صورت جامۂ دل را

۷ کسی کہ او گشت فانی در جمال و خلق پیرِ او
فرامش کی کند گاہی ہمین شکل و شمائل را

۸ تاویلِ انا الحق را بجوازِ دفترِ وحدت
کہ کس از مالک و نعمان نپرسد این مسائل را

۹ بعبرت بین کہ ماہ و خور نگوید کس "سعیدؒ" آخر
بعکس و شبہ در آئینۂ صاف و مقابل را

ترجمو

① عام ماڻهو بلند شان واري ڪامل مرشد کي ڪٿي تا سڃاڻي سگهن؟ ڪلراٺي زمين وڏڦڙي مينهن جي مهرباني کي ڪيئن ٿي سمجهي سگهي.

② هائو! ڪامل مرشد، طالب جي دل تي حقيقت جي فيض جي پالوٽ ڪئي، سخا جي سمنڊ ۽ فيض جي ڪڪر وسڻ جي توکي شرمساري ٿي.

٣ منهنجو روح ان همت واري هستيءَ تان قربان، جنهن جي بلند همت
کان ان جو وجود فاني ٿيو، ۽ پنهنجي وجود مان غير کي نہ گذاريائين.

٤ ان دين جي پيشوا، جهان جي قطب الاقطاب جي عالي وصف بيان
ڪرڻ کان هر هوش واري بيان ڪندڙ جي زبان گونگي ۽ ڪن ٻوڙا آهن.

٥ ان ڪامل مرشد جي حقيقت خدا جو نور آهي. انهي حقيقت جي
ميدان کي سمجهڻ کان عقلمند جي عقل جو گهوڙو مَندو آهي.

٦ اي ناپاڪ خيال وارا! اچ هن مرشد جي رابطي واري درياءَ تي ويهہ
(جو) مرشد جي صورت واري درياءَ کان سواءِ دل جو ڪپڙو پاڪ نہ ٿيندو.

٧ جيڪو طالب پنهنجي پير (مرشد) جي سهڻي سيرت ۽ صورت ۾ فنا
ٿيو. اهو اهڙي سهڻي سيرت ۽ صورت کي ڪيئن وساري سگهندو؟

٨ "اَنَاالْحَقُّ" جي تفسير کي وحدة الوجود جي دفتر (ڪتاب) ۾ جائز
سمجهہ. جو ڪو بہ حقيقت جو طالب اهي مسئلا امام اعظم ۽ امام
مالڪ کان نہ پڇندو.

٩ سچ ۽ چنڊ کي عبرت جي نگاهہ سان ڏس. تہ "سعيد" ﷬ ڪو بہ ماڻهو
انهن کي ٻيو نہ چوندو آهي. جو انهن جو عڪس صاف آئيني ۾
سامهون هوندو آهي.

غزل نمبر: ٣

١ همچو سوسن ده زبان داریم خاموشیم ما
راز دل در دل بسانِ غنچہ می پوشیم ما

٢ ایکہ جا در مردمِ چشمِ دلم کردی عجب
باوجود این قرب از یادت فراموشیم ما

۳ بستہ مجری السر رودِ جسہا و از اعتبار
قلب قلزم وار خود در خود ہمی جوشیم ما

۴ جمع اضداد ست قالب بین کہ بالبہا خمش
رگ رگ از مضرابِ دل چون چنگ بخروشیم ما

۵ بت پرستی کرد تلقین یار و از فرمانِ او
حلقۂ طاعت حلیٰ وش در بنا گوشیم ما

۶ ای جرس جنبان بر و بر ما مخور فکرِ سراب
پیش دلبر بر صلائ مائدہ گوشیم ما

۷ حرف عجز الدرک درک از لوح جبہش خواندہ ایم
درک فکرِ فلسفہ سفہ است نی نوشیم ما

۸ لوز از تشبیہ چشمِ نرگست خشکے فزود
آبِ عناب از لب تردہ کہ تانوشیم ما

۹ تیغ وقتِ لی مع اللہ سر بُرید از ما مضیٰ
حالِ خوش اندر وصالش فارغ از دوشیم ما

۱۰ منع جامِ مل مگو زاہد کہ در روزِ ازل
جرعۂ وحدت چشیدہ مست مدہوشیم ما

۱۱ حرمتِ مئ نیست اندر مذہبِ رندی "سعیدؒ"
خیز بہرِ جامِ می سجادہ بفروشیم ما

ترجمو

(١) اسان جي زبان نيري رنگ جي سوسن گل وانگر خاموش آهي. اسان (به) خاموش آهيون. دل جو راز دل ۾ مڪڙيءَ جي ٽڪري ۾ ڍڪيو وينا آهيون.

(٢) اي منهنجا محبوب! تون اسان جي دل ۾ اکين جي ماڻڪيءَ وانگر سمايل آهين. پوءِ به عجب آهي ته هيتري ويجهڙائي هوندي به اسان تنهنجي ياد کان وسريل آهيون.

(٣) راز واري رڳ ٻڌئي، ان جي حرڪت بند ٿي. پنهنجي اونهي دل جي اعتبار ڪان اسان پاڻ ۾ جوش ڪيو.

(٤) ٻن ضدن جو گڏجڻ محال آهي، ان هوندي به جسم ڪي ڏس ته چپ خاموش آهن، پر دل جي تار مان اسان چنگ جيان وڄي رهيا آهيون.

(٥) يار بت پرستي جي تلقين ڪئي، ان جي فرمان کان اسان ڪن ۾ ڳهه جهڙو اطاعت جو ڪڙو وڌو.

(٦) اي گهنڊ وڄائيندڙ! وڄ ! اسان وٽ رڻ جي فڪر جون ڳالهيون نه ڪر. ڇو ته عام دسترخوان تي دلبر جي اڳيان، اسان جي ڪنن ۾ اهو پڙلاءُ پهچي چُڪو هو.

(٧) معلوم ڪرڻ واري حرف کان عاجز رهڻ واري راز ڪي، ان جي چهري واريءَ تختيءَ تان پڙهيوسون، فلسفي جي فڪرڪي سمجهڻ ناداني آهي. اسان اهو فڪر نه پيتو آهي.

(٨) تنهنجي نرگس ۽ بادام جهڙين نازنين اکين جي (ڏسڻ) سان خشڪي وڌي وئي. انگور جو پاڻي پنهنجي تازي چپ مان ڏي ته پيئون.

(٩) "لِيْ مَعَ اللهِ وَقْتٌ"(١) جي تلوار اڳ ۾ تيل ڪمن جو مٿو ڪپي ڇڏيو آهي، اسان ان (محبوب) جي وصال جي حال ۾ خوش ۽ پنهنجي خيال کان فارغ آهيون.

(١٠) اي زاهد! شراب جي ڀريل پيالي کان منع نه ڪر، ڇوته اسان روزِاول ۾ وحدت جي پيالي مان چرون چکيو آهي جو اجان تائين مست ۽ مدهوش آهيون.

(١١) "سعيدؒ"! رندن جي مذهب ۾ محبت جو شراب حرام ناهي. شراب جي پيالي لاءِ اٿي، اسان مَسند وڪٽي ڇڏي آهي.

(١) حديث شريف ۾ آهي ته "منهنجي لاءِ ڪو اهڙو وقت هوندو آهي، جو آئون الله تعاليٰ جي حضور ۾ هوندو آهيان.

غزل نمبر: ۴

① نزد روباه شیر گرده بیا[1]
لیک حرفِ جفا ستر ده بیا

② جان که بردی ز ما کجا کردی
باز باری بجان برده بیا

③ چشم و خذ را فزود سرخی از
جام صوفی مدام خورده بیا

④ بوسه ات عیسی و لبت مریم
باری آخر بخاک مرده بیا

⑤ یوسفِ مصر دلِ زلیخا را
مشتری ات ز جان شمرده بیا

⑥ حقهٔ فمِ مفرحت یاقوت
اند پئ فرح دل فسرده بیا

⑦ بہر وصلِ "سعید" حاسد را
خار در چشم جان فسرده بیا

(1) روباه و شیر گرده محاورهٔ علم نجوم است

ترجمو

① دنيا جي لومڙي، لاءِ شينهن بنجي اچ، پر وفا سان جفا جو حرف چئي اچ.

② اسان جي جان کڻي وئين، اهو ڇا ڪيئي؟ ڪڏهن ويل جان وري هڪ پيرو واپس کڻي اچ.

③ اڪ ۽ رخسار کي صوفي جي پيالي وڏيڪ سرخ ڪيو. هميشه پيڻ وارو شراب کڻي اچ.

④ تنهنجي چمي عيسيٰ عليه السلام جي ڦوڪ جيان، تنهنجا چپ مريم جي عرض ڪرڻ وانگي، هڪ پيري وري مٽيءَ ۾ دفن ٿيل لاش کي ته جيئرو ڪري کڻي اچ.

⑤ مصر جي يوسف زليخا جي دل کي خريد ڪيو، تون جان جو اهڙو خريدار ته بنجي اچ.

⑥ تنهنجي خوبصورت منهن جي دبيءَ ۾ موتيءَ جهڙا ڏند آهن، مرجهايل دل کي مرڪڻ سان ته خوش ڪر.

⑦ "سعيد" جي وصل لاءِ حاسد کي اک ۾ ڪنڊو آهي، پريشان حال ڏي هڪ پيرو ته (وري) اچ.

غزل نمبر: ۵

① رفت از دست دلم آه که دلدار کجا
کشت جان خشک شده ابرِ کرم بار کجا

② شب شده روز دلِ نور در حق جویان
پیر خور رو کجا مشرقِ انوار کجا

۳ صبر چون صبر فزود ست مرار صفرا
شربت آب لبِ دلبر چوں نار کجا

۴ نفس و شیطان پیِٔ یغماء دل آمد افسوس
ظلِّ فاروق کجا حیدرِ کرّار کجا

۵ قلب بی نور چو بی روح جسد لاشه وشم
یاریٔ نفخۂ کجا عیسیٰ مختار کجا

۶ دردِ مارانه طبیب ست نه دارو نه فسون
یارب آن شہد شفا داروءِ بیمار کجا

۷ صورتِ پیر ز تخییل بدل کرد نزول
شعشعِ نور کجا پرتوِ اسرار کجا

۸ نفس چون سامری آورد ہوا گو ساله
دستِ بیضاء کجا موسیٰؑ گفتار کجا

۹ گفت دل دوش که پیرِ تو وزیرست رسول
طیبۂ طیبه کجا سرورِ سالار کجا

۱۰ خود پیرانه چو جامی بشده پیر "سعیدؒ"
پیر غم خوار کجا خواجۂ احرار کجا

ترجمو

① منهنجي دل هٿان هلي ويئي، افسوس! جو دلدار ڪٿي؟ سُڪل ساهه کي ڪنائين، فيض جي سخا جو ڪڪر ڪٿي آهي؟

② دل جو نور حق ڳوليندڙن ۾ ڏينهن رات تي ويو، سج جهڙي چهري واري ڪامل پير جو منهن ڪٿي؟ انوار جا ڪرتا ڪٿي آهن؟

③ صبر ايلوا جي ڪڙي ڪونئر جيان، بلڪ پيٽ مان آيل ڪاري پت کان به وڌيڪ ڪڙو، محبوب جي چپ جي ڏاڙهونءَ جهڙو شربت ڪٿي!

④ نفس ۽ شيطان دل جي پٺيان حملو ڪري آيا، افسوس! فاروق جو سايو ڪٿي ۽ حيدر ڪرّار ڪٿي!

⑤ دل (ائين) بي نور آ، جيئن جسم بغير روح جي لاش بيهوش پيل آهي، فيض بخش ڦوڪ ڪٿي؟ حضرت عيسيٰ مختار ڪٿي!

⑥ اسان جي درد جو نه ويج نه ڦڪي ۽ نه ڦيٽو،اي رب منهنجا! بيمار کي شفا ڏيندڙ اها ماڪي ڪٿي!

⑦ پير مرشد جي صورت خيال کان دل ۾ لهي آئي، نور جا ڪرتا ڪٿي؟ اسرارن جا اولا ڪٿي!

⑧ نفس سامري وانگي سَڌ جو ڳابو آندو، اهو سفيد هٿ ڪٿي؟ موسيٰ عليه السلام جي گفتار ڪٿي!

⑨ گذريل رات دل چيو ته تنهنجو پير رسول ڪريم ﷺ جو وزير آهي، مديني پاڪ جو ڪلمو ڪٿي؟ سردار ۽ سالار ڪٿي!

⑩ جامي وانگي ”سعيد ؒ“ پاڻ نه پير ٿيو (پر) غم ميٽيندڙ پير ڪٿي؟ ۽ خواجه احرار ڪٿي!

غزل نمبر:٦

① عارضت آئینہ و بدر خور انورِ ما
خطِ آن دائرہ و مشکِ ختن عنبرِ ما

۲ ز التفاتِ نظرت عشوه بما کن باری
چشمِ تو آهو و بادام خوشا عبهرِ ما

۳ صیدِ جان چون برهد کشت چو نوکِ مژه‌ات
نیزه و تیر سنان و تبر و خنجرِ ما

۴ تشنگان را بده از مرگ امان ای دهنت
شربت و آبِ حیات و لبن و کوثرِ ما

۵ خنده بنما گرهٔ چین ز ابر و بگشا
سلکِ دندانِ تو نجوم ست دُرّ و جوہرِ ما

۶ میل نه آریم بقرآن که ز لوحِ جبهش
فاتح و نور و اخلاص بود ازبرِ ما

۷ باد از خاکِ کفِ پاءِ نگارم برسان
اثمدِ نورده و کحل دُرّ و جوہرِ ما

۸ فخرِ رندی نکنم ارچه که شد پیرِ مغان
ہادی و پند ده و راه رو رہبرِ ما

۹ شکرِ حق گفت نگارم که کلامِ تو "سعید"
شهد و حلواء طبر زد بود و شکرِ ما

ترجمو

① تنهنجو ڳلُ آرسي ۽ چوڏهينءَ جو چنڊ، اسان جي لاءِ روشني آ. ان جي گول دائرو ۽ ختن جي مشڪ اسان جو عنبر آ.

② پنهنجي ناز واري نظر هڪ ڀيري ته اسان ڏانهن ڪر، معشوق تنهنجي هرڻ واري اک اسان جي لاءِ کهڙي نه سٺي ڪاري نرگس آهي.

③ تنهنجي اک جي ڀنبڻ جي اشاري منهنجي جان جو شڪار ڪري ڪنو، نيزو، ڀالو، تير، ڪهاڙي ۽ خنجراهي اسان کي کهندڙ آهن.

④ اجايلن کي پنهنجي وات جي پِڪ پياري موت کان امن ڏي، (اها پِڪ) اسان لاءِ منو شربت، آبِ حيات، ڪوثر ۽ کير آهي.

⑤ (هيڪر) کلي پنهنجو منهن مبارڪ ته ڏيکار، تنهنجن ڏندن جي قطار اسان جي لاءِ ستارا، سچا موتي ۽ هيرا آهن.

⑥ اسان قرآن شريف جي (پڙهڻ ڏانهن) دل جو لاڙو نه ڪيو، ڇو ته ان (محبوب) جي ڇهري جي پٽي پسڻ سان ئي اسان کي سوره الفاتحہ، نور ۽ اخلاص ياد ٿي ويون.

⑦ اي هوا! منهنجي محبوب جي پيرن جي پٽي اسان وٽ کڻي اچ، جو اسان جي اکين لاءِ اها اثمد سرمون، ڪجل ۽ سچن موتين جو خاڪو ۽ دوا دارون آهي.

⑧ رندي هجڻ تي فخر نه ٿو ڪريان، جيتوڻيڪ اسان جو مرشد حق جي هدايت، نصيحت ۽ سڌي وات ڏيکاريندڙ آهي.

⑨ الله تعاليٰ جو شڪر جو منهنجي محبوب چيو ته "سعيد" رحمة الله عليه تنهنجو ڪلام ماکي، مصري ۽ مناڻ کان به اسان جي لاءِ منو هو.

غزل نمبر: ۷

① ز درد و شوقِ احمد شد بقاؤ بود عالم ہا
مبادا کس کہ دردش راشمارد دردِ ستم ہا

② بچشمِ قیس جز لیلیٰ ہمہ عالم بجونہ ارزد
کہ در دریا دلِ ماہی نپرسد از آب شبنم ہا

③ اگر مجنون چشیمِ ذوقِ عشقِ احمد کردی
بسر نوباز خود بر عشقِ لیلیٰ رسمِ ماتم ہا

④ زلیخا دم مزن از عشقِ یوسف پیشِ عشقِ ما
سہاکی پیشِ خاور از تجلی برزند دم ہا

⑤ نمی دانند مغرورانِ دنیا از غمِ عاشق
بلی زاغ از دلِ بلبل نداند ذرّۂ غم ہا

⑥ اعانت خواہی بیدل ز بیدردان بدان ماند
کہ امیدِ شفا دارد کسی از زہرِ ارقم ہا

⑦ نباشد دردِ احمد را دوائی جز درودِ او
کہ نزدِ تیر غمزہ زن بود از وصلِ مرہم ہا

⑧ بود حلّالِ مشکل بیدلان ختم الرسل آخر
که جز او کیست که او شنود زما این ناله و هم ها

⑨ از این عشق و درودِ مصطفیٰ ہر دم "سعید" آمد
ملائک آفرین گویان پئی شانت ز طارم ها

ترجمو

① احمد (ﷺ) جي شوق ۽ درد کان جهانن کي بقا آهي، ائين نہ هجي ها تہ هر کو ماڻهو ان محبوب جي عشق، شوق ۽ درد کي ظلم ڪري سمجهي ها!

② قيس جي نظر ۾ ليليٰ کان سواءِ سموري جهان ۾ (ٻي ڪا بہ قيمتي) شيءِ نہ ڳول، جو ميڄيءَ جي دل درياءَ سان آهي ۽ (اها) ماڪ جو پاڻي نہ پچندي آهي.

③ جيڪڏهن مجنون احمد ڪريم (ﷺ) جي عشق جو ذرو چکي ها، تہ ليليٰ جي عشق تي پاڻ نئين سر ماتم ڪري ها.

④ اي زليخا! اسان جي عشق جي اڳيان حضرت يوسف جي عشق جو دمُ نہ هڻ، جو ڪَتيءَ وارو ننڍڙو تارو سج جي تجليءَ جي اڳيان ڪيئن دم هڻي سگهي ٿو!

⑤ دنيا جا مغرور ماڻهو عاشق جي غم کي نہ ٿا ڄاڻن، ڪانءُ بلبل جي دل جي درد ۽ غم کي ذرو بہ نہ ٿو سمجهي سگهي.

⑥ ٻي درد عاشق کان مدد گهرين، تہ اهو سوال ائين خالي رهندو، جيئن ڪو ماڻهو ڪاري نانگ جي زهر کان شفا جي اميد رکي.

⑦ احمد ﷺ جي عشق جي درد جي دوا ان تي درود پڙهڻ کان سواءِ ٻي ڪا بہ ناهي، جو عاشقن وٽ معشوق جي اک جي پنبڻ جو اشارو ئي ميلاپ جي مرهم پٽي آهي.

⑧ عاشقن جي مشڪلاتن جو حل آخرڪار آخري نبي محمد ﷺ آهي، جو ان ڪان سواءِ ٻيو ڪير آهي جيڪو اسان جي درد جي دانهن ٻڌي؟

⑨ اي "سعيد" مصطفيٰ ﷺ جي درود ۽ هن عشق جي ڪري هر گهڙي آسمان مان ملائڪ تنهنجي شان تي شاباس چوندي آيا.

غزل نمبر: ۸

① قرب قوسین ست او ادنیٰ نشانِ مصطفےٰ
ما طغیٰ ما زاغ باشد نقد آنِ مصطفےٰ

② اوج کاخ عزّ معراجِ وصالش بین ازانکه
طاقہائے نہ فلک شد نردبانِ مصطفےٰ

③ انبیاء و اصفیا نبود بمعراجِ شرف
بر براقِ عز رویت ہم عنانِ مصطفےٰ

④ ہر ختلیش جنان اصطبل شد رضوان غلام
تخت وحدت نورِ ایزد سائبانِ مصطفےٰ

⑤ اولیاء و اصفیا دریوزه گر بر درگہش
انبیا ہم مائدہ خواہان ز خوانِ مصطفےٰ

⑥ آدم وما دونہ باشند روزِ رستخیز
امن جو زیرِ لوائے امتنانِ مصطفےٰ

⑦ ہر نبی و ہر ولی و ہر ملک تلمیذِ او
روحِ اعظم ہمچو باشد ترجمانِ مصطفٰےؐ

⑧ سجدۂ کردہ کہ آدم را ملائک از نخست
در حقیقت بوسد سوئے نورِ جانِ مصطفٰےؐ

⑨ طیبہ او رشکِ فردوس است اندر ایں جہاں
بہرِ عشاقان بوئے بوستانِ مصطفٰےؐ

⑩ تاج بر سر لی مع اللہ تخت لولاکش بپا
شد ملائک در جہادش چاکرانِ مصطفٰےؐ

⑪ نورش از نورِ خدائے پاک بیچو نست زان
ہست لا احصیٰ ثنا شایان شانِ مصطفٰےؐ

⑫ ذرّۂ مسکین چہ داند کنہہ نورِ مہر را
برتر از افہامِ ما سرّ نہانِ مصطفٰےؐ

⑬ بیخود از خود محو اندر ذاتِ پاکِ ایزدی
احمد بے میم تعریف و بیانِ مصطفٰےؐ

⑭ ان ہو الّا وحی یوحیٰ ہست شانِ قولِ او
نی زبا دست و ہوا نطقِ زبانِ مصطفٰےؐ

⑮ ہم بہائے گوہر فرقان باشد آنچہ شد
خارج از موجِ زبانِ دُر فشانِ مصطفٰےؐ

۱۶ در زبور و هم بتورات و به انجیل و کتاب
حق بود مدّاج احمد نعت خوانِ مصطفےٰ

۱۷ نفسِ توسن وش نگردد رام جز از آمدن
ز اعتبارِ شرع و سنت زیر رانِ مصطفےٰ

۱۸ طیبہٴ او مهبطِ وحی ست هم اسرار هو
الله الله به ز هر جا شد مکانِ مصطفےٰ

۱۹ با ریاحین جنان هرگز نمی دارند کار
بلبلانِ عاشقانِ گلستانِ مصطفےٰ

۲۰ گرچه بدکار و تبه حالم ولی بس فخرم اینکه
امتِ خیر الامم را شُد امانِ مصطفےٰ

۲۱ بس سیه کارم الٰهی کیست که او سازم کرم
جز تو ای شاهِ جهان بر خادمانِ مصطفےٰ

۲۲ گرچه بد حالم سیه دل لیک امیدم قوی ست
در کمالِ لطفِ عام بے گمانِ مصطفےٰ

۲۳ مرده گانیم از کرم یارب عطا کن جرّعہٴ
آبِ حیوان از حیات جاودانِ مصطفےٰ

۲۴ درگذر یارب ز عصیان و منور کن دلم
حرمتِ اصحاب آلِ خاندانِ مصطفےٰ

(۲۵) حق کہ بوبکرؓ و عمرؓ و عثمانؓ شیر حق علیؓ

دُرِّ لعلست و زبرجد ماسِ کانِ مصطفےٰ

(۲۶) صد درود و صد سلام از بارگاہِ ایزدی

بر جنابش پاک ہم بر دوستانِ مصطفےٰ

(۲۷) یا الٰہی نقدِ توفیق و کرامت کن عطا

بر "سعید" خاکپائے خاصگانِ مصطفےٰ

ترجمو

(۱) ٻن ڪمانن ڪان بہ ويجهو مصطفيٰ ﷺ جو نشان آهي، الله تعاليٰ جي ديدار ڪرڻ وقت اک مبارڪ نہ ڪنهن طرف ڦِرڪي ۽ نہ ڇنڀي، اها مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي ذات جي حسن جي ادا آهي.

(۲) ان جي الله سان وصال ڪرڻ واري معراج جي عزت واري ماڙيءَ جي اوج ڪي ڏس! چوٿين آسمانن جا دروازا مصطفيٰ جي چاڙهي ٿيا.

(۳) الله تعاليٰ جا خاص نبي ۽ مرسل ان حبيب ﷺ جي معراج جي شرف ڪي نہ پهتا، الله تعاليٰ جي موڪليل براق تي سوار مصطفيٰ جي براق جي واڳ فرشتا وٺي پئي هليا.

(۴) ان جي عمدي گهوڙي (براق) لاءِ جنت طنبيلو ٿي، جنت جو رضوان سندن غلام بڻيو، ذات وحدت جو تخت ۽ سندس نور مصطفيٰ جو شاميانو ٿيا.

(۵) الله تعاليٰ جا ولي ۽ خاص ٻانها ان جي دربار جا سوالي ٿيا، انبياء سڀ ڳورا بہ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي دسترخوان تان فيض جا سوالي هئا.

(۶) حضرت آدم عليه السلام ۽ ٻيا نبي سڀ ڳورا قيامت جي ڏينهن حضور ﷺ جن جي جهنڊي جي هيٺان ويهندا، احسان ۽ امن کي ڳولهيندڙ هوندا.

⑦ هر نبي، ولي ۽ هر فرشتو ان جو شاگرد آهي، حضرت جبرائيل عليه السلام وانگي مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي ترجماني ڪندڙ آهي.

⑧ ملائڪن سڀني حضرت آدم عليه السلام کي جيڪو پهريان سجدو ڪيو هو، حقيقت ۾ اهو مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي نور کي سجدو هو.

⑨ ان جو پاڪ شهر (مدينہ منوره) هن جهان ۾ اهڙو سهڻو آهي، جو جنت الفردوس ان تي ريس ڪندڙ آهي. عاشقن لاءِ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي باغ جي خوشبوءِ بهتر آهي.

⑩ "لِيْ مَعَ اللهِ" جو تاج سر مبارڪ تي سونهي، ان جي لولاڪ جو تحت قائم آهي، ان جي جهاد ۾ ملائڪ سڀورا سندن خدمت ڪندڙ ٿيا.

⑪ ان جو نور خدا جي بيمثال نور پاڪ مان آهي. اي الله آئون تنهنجو شان جيئن آهي تيئن بيان نہ ٿو ڪري سگهان. اهو ڇوڻ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي شان جي لائق آهي.

⑫ هي مسڪين ذرو سج جي نور جي حقيقت کي ڇا ڄاڻي؟ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي حقيقت جو ڳجهو راز اسان جي سمجھ کان تمام مٿاهون آهي.

⑬ پنهنجي پاڻ کان بيخبر الله تعاليٰ جي پاڪ ذات ۾ فنا ۽ عاشق احمد ميم کان سواءِ الله تعاليٰ جي تعريف ۽ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جو بيان آهي.

⑭ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰي [1] ان جي فرمان جو شان آهي. مصطفيٰ ڪريم ﷺ جو ڳالهائڻ نفساني خيالن کان نہ آهي.

⑮ حضور اڪرم ﷺ جن جو پاڪ زبان مان نڪرندڙ موتين جو ملھ اهو ئي آهي، جيڪو ڪلام الاهي جي بيمثال آيتن جو آهي، يعني ٻئي املھ هيرا ۽ موتي آهن.

⑯ توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي تعريف ڪندڙ ۽ نعت پڙهندڙ آهي.

(1) نبي ڪريم ﷺ جن نفساني خواهشن سان نہ ٿا ڳالهائين مگر اها ئي گفتگو ڪن ٿا، جيڪا سندن ڏانهن وحي ڪئي وڃي ٿي. (سورة النجم پ27، آيت نمبر4)

۱۷ تنهنجو نفس مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي شريعت ۽ سنت جي رستي تي هلڻ کان سواءِ تابعدار نہ ٿو ٿئي.

۱۸ مدينو منور وحي جي نزول جي جاءِ ۽ الله تعاليٰ جي رازن جو ماڳ آهي. الله الله! مصطفيٰ ڪريم ﷺ جو ماڳ مڪان هر جاءِ کان پلو ٿيو.

۱۹ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي باغيچي جي بُلبل عاشقن کي جنت جي باغيچن سان ڪو واسطو نہ آهي.

۲۰ آئون جيتوڻيڪ بدڪار ۽ تباھ حال آهيان، پر مون کي هي فخر ڪافي آهي جو سمورين امتن مان پلي اُمّت ۾ آهيان، جنهن (امّت) کي مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي امان نصيب ٿي.

۲۱ آئون گهڻو گنهگار آهيان، اي منهنجا الله! ڪير آهي جو مون تي ڪرم ڪري، اي جهان جا بادشاھ! مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي خادمن تي ڪرم ڪر.

۲۲ جيتوڻيڪ بدحال گنهگار آهيان، پر مون کي مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي ڪمال ۽ عام مهربانيءَ ۾ بيشڪ گهڻي اميد آهي.

۲۳ اسين مئل آهيون، اي رب! پنهنجي ڪرم سان مصطفيٰ ڪريم ﷺ جن جي هميشگي واري زندگي بخشڻ واري لُعابِ دَهن (پِڪَ مبارڪ) جو چرون عطا ڪر

۲۴ اي رب منهنجا! اصحابن سڳورن ۽ حضور ﷺ جن جي آل پاڪ جي صدقي منهنجا گناھ معاف ڪر ۽ منهنجي دل کي روشن ڪر.

۲۵ حضرت ابوبڪرصديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي شيرِخدا جي مهابي جيڪي مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي فيض جي کاڻ جا سچا هيرا ۽ موتي آهن.

۲۶ الله تعاليٰ جي بارگاھ مان حضور اڪرم ﷺ ۽ سندن سمورن اصحابن سڳورن تي سئو سئو درود ۽ سئو سئو سلام هجن.

۲۷ اي الله! "سعيد" ﷫ کي عزت ۽ پلائي عطا فرماءِ، جيڪو مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي خاص غلامن جي پيرن جي پٽي آهي.

غزل نمبر: ٩

① نبود شان در چمنِ نظم چو گلگل ترا
کیست به هندوستان پرسد فلفل ترا

② دم به بلیغان از طبع خمودت مزن
نیست بکبکِ دری طاقت صلصل ترا

③ سهم گذافت مکش تا ندرد شیر خو
فکر معالئ الهم سهمک دلدل ترا

④ لاف بخور گل زدی اینکه منم هم منیر
تابش بردابِ تو هم دلِ بلبل ترا

⑤ لحن خودی را مزن تانکند منفعل
نغمۂ داؤدی این نالۂ غلغل ترا

⑥ راکب برلنگ خر طاقت گامی زدن
نیست در این رزمگه همسر دُلدل ترا

⑦ دیدۂ عبرت کشا ذوق کلامِ "سعیدؒ"
بین که در آتش فگند خرمن فلفل ترا

ترجمو

① نظم جي باغيچي ۾ تنهنجي ترش گل جهڙو ڪنهن جو به شان نه آهي، هندستان ۾ تنهنجي ڪاري مرچ ڪي ڪير تو پڇي؟

② پنهنجي خاموش طبع کان موقعي جي مناسبت سان گفتگو ڪرڻ وارن جو دم نه هڻ، تنهنجي ڳيري جي اڏام جي طاقت چڪور ڪي نه آهي.

٣ اَجايا ٻٽاڪ نہ هڻ، متان وڏي همت وارو شينهن تنهنجو تير وڙائي
تنهنجي ئي سواريءَ کي هٽي ڦاڙي نہ وجهي.

٤ خوشبودار گل جي هام هڻئي (ءُ چيئي تہ) آئون بہ روشن آهيان،
تنهنجي پاڻ ڏيکارڻ واري روشني تنهنجي بلبل جي دل کي بہ آهي.

٥ خوديءَ واري سُر جي هام نہ هڻ، متان اثر نہ ڪري. تنهنجي دانهن ءِ
شور دائود عليه السلام جي آواز وانگر دل کي وڻندڙ آهي.

٦ منڊي گڏه تي سوار کي سست رفتار گهوڙي جي طاقت نہ آهي (جو)
هن جنگ جي ميدان ۾ تنهنجي دلدل کي (پهچي سگهي).

٧ عبرت واري اک کولي شوق سان "سعيدؒ" جو ڪلام ڏس، جو (اُن)
تنهنجي ڪارڻ مرچن جي ٻارِ کي باهہ ۾ اڇلايائين.

غزل نمبر: ١٠

١ اى دل از فيض بهارست دگر بستان را
خردهٔ درد معانى ست دلِ حيران را

٢ نى طبيب ست چو رندان ونه چو تقوىٰ معجون
پس چرا دل ندهم بهر شفايم جان را

٣ دعوىٰ هستى بگذار به پيشِ رندان
تا شوى واقفِ اسرار دلِ رندان را

٤ روز و شب پيش درِ فقر بدريوزه گرى
منتظر باش گه ناگه بدهندت نان را

٥ از دل و جان نه كنى تركِ هوا تا كه "سعيدؒ"
كى شناسا بشوى پيچ رهِ عرفان را

ترجمو

١ اي دل! فيض کان ٻئي باغ کي بهار آهي، حيران دل کي مبارڪ هجي جنهن کي حقيقت جو درد آهي.

٢ اندر جي صاف ۽ ظاهر ۾ ملامت جي قابل فقير جهڙو ڪو ويچ ۽ پرهيزگاريءَ جهڙي ڪا معجون نه آهي، پوءِ ساه کي شفا حاصل ڪرڻ لاءِ دل ڇو نه ڏيان؟

٣ رندي فقير جي اڳيان هستيءَ جي دعويٰ کي ڇڏ، ته جيئن فقيرن جي دل جي رازن کان واقف ٿئين.

٤ ڏينهن رات فقر جي دروازي تي پينو ٿي انتظار ڪندو رهه، اميد ته ڪنهن وقت اوچتو توکي ماني ڏين.

٥ دل ۽ جان سان اي "سعيدؒ"! جيستائين سڌن کي نه ڇڏيندين، تيستائين الله تعاليٰ کي حاصل ڪرڻ واري واٽ جي ور وڪڙن کان ڪيئن واقف ٿيندين!

غزل نمبر:١١

١ شب از قاصد که دل خوش باد ويرا
شنيدم عرض حالِ يارِ حيّ را

٢ چنان از صدقِ جان آورد برهان که
گواه ديدم برو هر چيز و شئ را

٣ زهی رقت بدل آمد چو بشنفت
سرودِ صدقِ خاطر همچو نی را

④ به این مهر و وفا و صدق و ایقان
جزاه الله فی الدّارین خیرا

⑤ رهانیدش خدا از شرّ هستی
چو نوشید از خم ما جامِ می را

⑥ فزوده ساقیِ دل می ز فیضش
چو دیده شوقِ آن فرخنده پی را

⑦ "سعید" اندر به ملک جان خجل کرد
کلاهِ عجز او دیهم کی را

ترجمو

① رات يار جو پيغام قاصد کڻي آيو، خدا ڪري شل ان جي دل خوش هجي، مون هميشه زنده رهندڙ يار جو حال ٻڌو.

② اهڙيءَ طرح سچائيءَ سان دليل آندائين، جو ان ڪي هر شيءِ تي شاهد ڏٺم.

③ سچي دل سان بانسري وانگي جڏهن راڳ ٻڌائين، ته شاباس چوندي دل مان روئڻ جو آوازآيو.

④ هھڙي مهرباني، وفاداري، سچائي ۽ يقين آهي ته الله تعاليٰ ان کي ٻنهي جهانن ۾ چڱو بدلو عطا فرمائي.

⑤ الله تعاليٰ ان کي هستيءَ جي شر کان ڇوٽڪارو ڏنو، جڏهن اسان جي شراب جي مٽ مان پيالو پيتائين.

⑥ ان جي فيض جي حقيقي شراب مان ساقيءَ جي دل پرجي ويئي، جڏهن ان بلند هستيءَ کي شوق سان ڏٺائين.

⑦ "سعيد" دوست جي ملڪ ۾ ان جي عاجزيءَ واري صوفياڻي ڪُلاهه شهنشاهه بادشاهه جي تاج کي شرمسار ڪيو.

غزل نمبر : ۱۲

① الا ای[1] سخن سنجی طبع دین را
یک اندر زت سرایم دین متین را

② تورع دستگاهِ جان پناه است
فنا کیشان کمل ذات بین را

③ بود معنی ورع نزد اہل بینش
نمودن ترکِ قالِ آن و این را

④ بدین معنی رسد بارویت ایزد
معیت باہمہ اشیاء بھین را

⑤ عجب حب ست مطلق از قیودات
رونده سوی ایزد از زمین را

⑥ "سعیدؒ" از حق نماید روز و شبہا
سوال از ورع تقویٰ عقل و دین را

(۱) صوفين وٽ پرهيزگاري هيءَ آهي ته تنهنجي نظر خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن به شيءِ تي نه پوي، جو اها غيرخدا آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ؒ فرمايو آهي:

مون ڪي اکڙين، گهڻا ٿورا لاٿيا،
ته ٻُڻ پرين ٻَسن، ڪٺان جي ڪَر سامهيون.

حضرت سلطان الاولياءؒ فرمايو آهي:

سڄڻ ڏٺو جن، تن ڏسڻ غير گناهه،
جنين لَڌي راهه، ويهڻ تنين وِهه ٿيو.

ترجمو

① اي شاعر! دين جي هڪ ڳالهه تنهنجي اندر ۾ وڌي اٿم.

② پرهيزگاري ساھ جو سرمايو ۽ پناھ آهي، الله تعاليٰ جي ذات ۾ فنا ٿيڻ وارن ڪامل ٻانهن ڪي ڏس.

③ پرهيزگاريءَ جي معنيٰ ظاهر جي عالمن وٽ، اجائي هِن ۽ هُن ڳالهه کي ڇڏي ڏيڻ آهي.

④ انهيءَ معنيٰ سان الله تعاليٰ جي حضور ۾ سمورين شين کان وڌيڪ بهتر توکي حضوري حاصل ٿيندي.

⑤ دنيا جي سمورن قيدن کان آجو ٿي، (چو تہ) زمين کان الله تعاليٰ جي حضور ڏانهن وڃڻ عجيب محبت آهي.

⑥ "سعيد" ڏينهن رات الله جو ديدار ڪري تو، (اهو) پرهيزگاريءَ وارو سوال عقلمندن ۽ ديندارن کان آهي.

مناجاتِ عربی ۱۳

① حبك المصطفىٰ يلاقينا | ذاك عما سواك يغنينا
هو كالنار لاهب فينا | اسال الله كى يعافينا
حقك المرتضىٰ يُكافينا | راجيًا ان تقول آمينا

② يا محمد لشانك الاوسع | اكرم الله ذكرك الارفع
رحمة جئت لمؤمنين اجمع | فارافونى بحالى الاجدع
فى جميع المحال والمجمع | حبّذا ان تقول آمينا

③ ليس يا سيدى ويا سَندى | غير عُروتك قطُ مُستندى
سيّئاتى تجاوز العددى | فاستعينك خذ بيدى

مستغيثا من الله الصّمدى — مُتَمَنِّيًا ان تقول آمينا

(٤) طال شوقى اليك وا شوقاه — ضاقت الارض فيك وا غوثاه
من هموم الفراق وا حزناه — انا العبد الذليل وا اسفاه
فاجذبونى اليكم لله — جذبتك ان تقول آمينا

(٥) ربنا الله واحد اكبر — قال للسّائل فلا تنهر
كيف تنهر لاحوج الافقر — فامنحوا مِنحة على المضطر
حمزةً سائغةً من الكوثر — كوثرك ان تقول آمينا

(٦) لى خطيئات فوق ان يذكر — كيف حالى يكون فى المحشر
التشبث بذيلك الاطهر — بك الجى الى الله الاكبر
فترحّم لِمُذنب المضطر — رحمتك ان تقول آمينا

(٧) عبدكم اضعف من النمل — كلّ ما عندنا زنّ الجبل
فاشفعوا قبل فجاءة الاجل — برّدوا حرقة من الزّلـل
مُبشّرا جئت رحمة المللِ — ابتشر ان تقول آمينا

(٨) قست القلب من سواد العين — من قبايح لقد كثرت الرّين
ليس مثلى اثيم فى الثقلين — ليس مثلك شفيع فى الكونين
فاصقلوا صيقل الصّفا والزين — صيقلك ان تقول آمينا

(٩) انّ افعالنا لنا افعىٰ — قد لسع جوف روعنا لسعا
وجعه هو يسيلنا دمعا — يا حبيبى اليكم النّجوىٰ
انت راق لكلِّ ما وجعى — رُقِيُنا ان تقول آمينا

⑩ ضاعت العمر فی الهوی والشين ذلتی ثقلة علی الثقلين
حرّت فی تيه نفسی الملوّين استغيثون سيد الکونين
حق شيخ و ختن والسبطين مستغيثا ان تقول آمينا

⑪ يا مهذّب يا ملاذينا بين شفتيك ماءٌ يحيينا
هفوة الهجس صار ی يغوينا منك سجل الفيوض يكفينا
فاقطعوا اُسّ ما حفت فينا من "سعيدؒ" ان تقول آمينا

ترجمو

① اي محبوب! ﷺ تنهنجي محبت اسان کي ملي تي، اها اهڙي آهي جو توکان سواءِ اسان کي (هر شيءِ کان) بي پرواهه ڪري ڇڏي ٿي، اها باهه وانگر اسان جي (دلين جي) اندر ڀڙڪندڙ آهي، الله تعاليٰ کان سوال ڪريون ٿا، تہ مَن ڪڏهن تنهنجي ديدار سان اسان کي مشرف فرمائي، اي منا مرتضيٰ! تنهنجو اسان تي تمام گهڻو حق آهي، اميد ڪريون ٿا تہ اسان جي دعا جي عرض تي آمين چوندين.

② اي محمد! ﷺ تنهنجو شان بلند آهي، تنهنجي ذڪر کي الله تعاليٰ بلند فرمايو آهي، سمورن مومنن لاءِ رحمت ٿي آئين، پوءِ منهنجي بدحالي تي بہ رحم ڪر، هر مصيبت ۽ ڏکيءَ ويل ڪهڙو نہ ڀلو ٿئي جو آمين چوين.

③ اي منهنجا سائين ۽ منهنجا سهارا! توکان سواءِ منهنجو ڪوبہ سهارو نہ آهي. منهنجا گناهہ حد کان لنگهي ويا آهن، پوءِ آئون توکان مدد گهران ٿو، منهنجو هٿ وٺ، الله تعاليٰ بي نياز کان فرياد ڪندڙ آهيان، منهنجي تمنا آهي تہ منهنجي فرياد واري دعا تي آمين چوين.

④ منهنجو شوق توڏي وڌي ويو آهي، هاءِ! ڪهڙو نہ سنو شوق آهي، تنهنجي ياد ۾ فرياد ڪري رهيو آهيان، هتي جي زمين مون لاءِ تنگ ٿي وئي آهي، هاءِ! حبيب جي جدائيءَ جو ڪيڏو نہ غم آهي، هاءِ افسوس! آئون نهايت عاجز آهيان، الله ڪارڻ مون کي پاڻ ڏانهن

چڪي وٺو، آئون تنهنجي سڪ ۽ محبت گهران ٿو ۽ منهنجي دعا جي عرض تي آمين چئجو.

⑤ اسان جو ربّ اللهُ واحد وڏو آهي، (تنهنجي شان ۾) الله تعاليٰ فرمايو آهي، تہ: "سواليءَ کي نہ جهڻڪ" تون گهڻي محتاج فقير سواليءَ کي ڪيئن جهڻڪيندين؟ پوءِ پريشان حال تي ڪا مهرباني ڪري ڪيس عطا ڪريو، حوض ڪوثر مان پاڪ شراب جو آسانيءَ سان پيئڻ وارو (پيالو عطا فرمايو) اوهان کي اسان جي عرض تي آمين چوڻ جو عرض آهي.

⑥ منهنجا گناهہ ذڪر ڪرڻ کان گهڻا آهن، (پوءِ) منهجو حال محشر ۾ ڪهڙو هوندو؟ تنهجي پاڪ دامن ۾ هٿ وڏو اٿم، تنهنجي ذات جي ئي معرفت سان الله تعاليٰ جي پناهہ وٺان ٿو، گنهگار پريشان ٻانهي تي رحم ڪر، تنهنجو رحم ڪرڻ اسان جي دعا جي عرض تي آمين چوڻ آهي.

⑦ توهان جو ٻانهو ماڪوڙيءَ کان بہ وڌيڪ ڪمزور آهي، اسان جا سمورا ڏوهہ پهاڙن جيڏا آهن، اوچتو موت اچڻ کان اڳ شفاعت ڪريو، لغزش جي ڪري عذاب جي ٻاهہ کي ٿڌو تہ (اچي) ڪريو، سمورين امتن لاءِ رحمت جي خوشخبري کڻي آئين، تنهنجي خوشخبري اسان جي عرض تي آمين چوڻ آهي.

⑧ نفس جي سَڌُن جي غالب هجڻ جي ڪري قلب ڪنجي ويو، ڪڏن ڪمن جي ڪري دلين تي پردا پئجي ويا. مون جهڙو گنهگار جنن ۽ انسانن ۾ ڪير بہ نہ آهي، تو جهڙو سفارش ڪندڙ بہ ٻنهي جهانن ۾ ڪونہ آهي، پوءِ اسان جي ڪنيل دلين کي صاف ۽ شفاف بنايو، تنهنجو دلين کي صاف ڪرڻ اسان جي عرض تي آمين چوڻ آهي.

⑨ اسان جا ڪڌا ڪم اسان لاءِ ڪاريهر نانگ آهن، بيشڪ اسان جي دلين جي پيٽ کي ڏنگي ويا آهن، ان جو سور اسان ڏي ڳوڙهن جي صورت ۾ وَهي اچي ٿو، اي منهنجا حبيب! توهان کي ئي عرض آهي، جو (اسان جي) هر سور کي ڦيٽو هڻندڙ تون ئي آهين، اسان کي ڦيٽو هڻڻ، اسان جي دعا جي عرض تي آمين چوڻ آهي.

⑩ عمر سَڌُن ۽ ڪُڌن ڪمن ۾ ضايع ٿي ويئي، منهنجي ڏوهن جو بار

جنن ۽ انسانن کان گهڻو آهي، نفس سان نرمي ڪرڻ مون کي ڏکي اچي (گناهن) جي برپٽ ۾ ڇڏيو، اي ٻنهي جهانن جا سردار! منهنجي مدد ڪريو، چئن يارن ۽ حسنين ڪريمين جي صدقي (منهنجي مدد ڪريو) تنهنجي مدد ڪرڻ اسان جي عرض تي آمين چوڻ آهي.

⑪ اي ظاهر ۽ باطن سان سينگاريل! اي اسان جي پناهه جي جاءِ! تنهنجي ٻنهي چپن مبارڪن ۾ اهڙو لعاب مبارڪ آهي، جيڪو اسان کي جياري ٿو، دل جي وسوسن ته اسان کي گمراهه ڪري وڌو، تنهنجي طرفان ڪا فيض جي ڏول جي اسان تي پالوٹ ٿئي. پوءِ "سعيدؒ" جي وجود مان هر غير جي گمان کي ٽوڙيو، اسان جي دعا جي عرض تي آمين چئو.

غزل نمبر: ۱۴

① صبا بر ہر فلک آہِ دعا شب زندہ داران را
دود جوزا بفتراکِ شہ اسلام کاران را

② زہی خورشید دین سلطان کہ خورشید از خجل سازد
بلی تاب این نہ سوزد کفر تابش سوخت کفران را

③ عجب سلطان ماہِ دین کہ مہ را داغ لالہ زد
کہ مہ محق خود یابد نہ ماحق ظلم گیران را

④ مظفر دین غضنفر غازی عبدالحمید کہ او
بر یزد برق تیغش خون بسانِ ابر باران را

⑤ خدا ناصر عساکر بر ظفر سلطان کہ زیبا شد
ہلالِ نعل خیلش لوائے تاجداران را

۶ برزمش زار روسی زار دل در قلب گاه آمد
خُدا زارش کند چون نام زارو کار زاران را

۷ الٰہی انتقامش کن بفوج دین باوج مہ
رساند موج خونِ روسیانِ ظلم کاران را

۸ عجب نبرد دعاءِ بد برسیہ رو روسِ بد سیرت
کہ لیثہ رمیت الاحجار کژدم ہائ ماران را

۹ بسر آہنگ ساق و میمن و میسر عدوِّ دین
بجوش آورد کوسِ ظلم بوقِ رسم گیران را

۱۰ ایا ختم الرّسل بہرِ اعانت مسلمین بفریس
ابوبکرؓ و عمرؓ و عثمانؓ علیؓ شیرِ غرّان را

۱۱ بہمتِ شان رعد در صورتِ برق تیغ مدفعہا
بدردِ دل بسوزد تن کند چشمِ اہلِ خسران را

۱۲ کمربندید بدلا تاسنانِ رایتِ ایمان
فروزد در رُخ عالم نشیبِ کوہ ساران را

۱۳ چونائی تنگ آب و خور کند لنگم زجر بستان
کنم اندر دعا سازی زبان چون تیغ برّان را

۱۴ تمامی آنچہ در مدح و ثنا گفتہ "سعیدؒ" ای رب
زکتمِ پردۂ قوت بمظفّر فعل آران را

ترجمو

① اي صبح جي ٺاڍڙي هير! رات جي اوجاڳي ڪندڙن جي دعا واري آه کي آسمان تي ڪٺي وڃ، جو پيغمبرِ اسلام جي فوج جي شڪارگاه جوزا برج وٽ آهي.

② دين جي پاڪ پيغمبر جي فيض واري سج جي روشنيءَ کان، دنيا جو سج شرمسار آ، سندن فيض جي تجليءَ ڪافرن جي ڪفر کي ساڙي ختم ڪري ڇڏيو.

③ دين جي چنڊ يعني محبوب ﷺ آسمان واري چنڊ کي داغ هنيو، ڇوته آسمان واري چنڊ جو نور خود بخود گهٽجي ويندو آهي، گمراهن کي واٽ نه ڏيکاريندو آهي.

④ دين کي ڪامياب ڪندڙ شينهن مڙس غازي عبدالحميد آهي، جيڪو پنهنجي تيز تلوار سان دين جي دشمن جو رت، برسات وسائيندڙ ڪڪر جيان هاري ٿو.

⑤ بادشاه جي فوج جي مدد ڪندڙ الله تعاليٰ آهي، ان جي عمدي گهوڙي جو نال، تاجدارن جي جهنڊي کي جهڪائي ٿو.

⑥ روسي زار جي جنگ اسان جي دل تي اثر ڪيو آهي. الله تعاليٰ انهيءَ زار روس جي جنگ کي برباد ڪري.

⑦ ربّ سائين! دين جي فوج سان ان (روس) کان انتقام وٺ، جيڪا ظالم روسين جي رت کي وهائي.

⑧ بُڇڙي مُنهن ۽ بڇڙي سيرت رکندڙ رُوس تي بَد دُعا ڪرڻ ۾ عجب نه آهي، (جيئن) شينهن کي پٽرن جي جاءِ تي پَٽن ۽ نانگن جي چِڻڻ ۾ عجب نه آهي.

⑨ (رب سائين!) دين جي دشمن جي ساڄي ۽ کاٻي اسلام جو لشڪر سختيءَ سان موڪل، جو ظالمن جي فوج ۾ رسم گيرن جي نغاري کي ٻُڌي مجاهدن کي جوش ايندو آهي.

⑩ اي ختم الرسل! مسلمانن جي مدد لاءِ ابوبڪر، عمر، عثمان ۽ علي شير گجگوڙ ڪندڙ کي موڪل.

⑪ روسين سان مقابلو ڪندڙن (مجاهدن) جي همت ڪڙڪندڙ وڄ (جنهن تہ تيز تلوار وانگر دفاع ڪري ٿي، بادشاهن جي دل ۾ اڪين کي ساڙي ٿي.

⑫ اي دل! ايمان واري جهنڊي جي پالي جي همت ڪر، جهان جي جابرن جي رخ کي زيرِ اثر ڪر.

⑬ اندر جي باغ کي سيراب ڪرڻ ۽ ڪاٺ پيئڻ جي شيءِ کان جيستائين باز نہ ايندين، تيستائين آئون پنهنجي زبان کي تيز تلوار وانگر دعا ۾ هلائيندو رهندس.

⑭ اي ربّ! "سعيدؒ" حمد وثنا چئي پوري ڪئي، پنهنجي ڳجهي طاقت سان منهنجي انهيءَ دعا کي قبول فرماءِ!

غزل نمبر: ۱۵

① شو ازين دارِ فنا فانی خارج بفنا [(1)]
تابیابی تو اسرارِ خدا نورِ غنا

② بعد افناءِ خود و غیر شوی باقی باز
کاین چنین کاخِ وجود است ز ایزد بہ بنا

③ ہر کہ بوئے ز فنا و فقر نبوئید بجان
در کم و کاست و خسران فتاد ست و عنا

④ وانکہ در ہر دو مقامات شدہ سائر تیز
فاز باخیر من اللہ وقد حاز منیٰ

(1) في الحديث لن تروا ربّكم حتّي تموتوا. حديث پاڪ ۾ آهي تہ توهان پنهنجي ربّ کي ايستائين نہ ڏسي سگهندؤ، جيستائين پاڻ کي فنا نہ ڪريو.

⑤ در فنا رفتن شد حجِ حقیقت کیشان

باز باقی شدنش آمدن از حجِ منیٰ

⑥ وصف حق بین فنا کیش بقا پوئ بود

چیست بهر اهلِ خدا زین دو صفت قولِ شما

⑦ مسئلت روز و شب از بارگه ایزد پاک

کن "سعیدؒ" را که تو یا ربّ من النّار قنا

ترجمو

① هن فنا واري گهرمان فنا تي ٻاهر نڪر، ته جيئن خدا جي نور جا راز حاصل ڪري سگهين.

② پاڻ کي فنا ڪرڻ کان پوءِ غير کي ڏوئي ڇڏ، ته جيئن وجود واري محل کي رب جي طرفان بقا حاصل ٿئي.

③ جيڪو ساهه سان فنا ۽ فقر جي خوشبوءِ نه سونگهندو، ته اهو نقصان ۽ گهاٽي جي تڪليف ۾ پوندو.

④ جيڪو انهن ٻنهي (فقر ۽ فنا) جي مقامن ۾ تيز هليو، اهو الله تعاليٰ جي طرفان سَڏن جي گهيري مان نڪري ڪامياب ٿيو.

⑤ حقيقت جي طالبن جو حج فنا جي مقام ۾ وڃڻ سان ٿي ويو، پوءِ سَڏن جي حج کان موٽي، بقا جي مقام ۾ اچڻ سان باقي بالله ٿي پيو.

⑥ خدا جي صفت کي ڏس، مذهبي ڇڪتاڻ کي فنا ڪر، پوءِ توکي بقا حاصل ٿيندي، خدا وارن کي توهان جون اهي ٻئي صفتون نه ٿيون جڳائن.

⑦ منهنجو الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ رات ڏينهن اهو سوال آهي ته اي الله! "سعيدؒ" کي تون جهنم جي باهه کان پناهه ۾ رک.

غزل نمبر: ١٦

① هر که خواهد استعانت از خدا
از توکّل آید او را مدّعا

② در بیارد روئ خود راسوئ خَلق
تا فرو ماند ز ذاتِ حق جدا

③ چوں الیس اللہ بکاف گفت حق
رو بغیر آوردنش باشد خطا

④ هر که در دنیا عملٰ باشد ز حق
در مقامِ آخرت بیند کجا

⑤ کارِ خود را سوئ خدا و حق "سعیدؒ"
بسپر و بشمار تا گردی فنا

ترجمو

① جيڪو الله تعاليٰ کان مدد گهري ٿو، ان جو مقصد توڪل سان پورو ٿئي ٿو.

② جيڪڏهن مخلوق جي طرف پنهنجي ضرورت لاءِ توجه ڪندين ۽ سوالي ٿيندين، ته الله تعاليٰ جي ذات (توکان) پري ٿي ويندي.

③ جڏهن الله تعاليٰ فرمايو آهي ته: ”ڇا الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي کي
ڪافي نه آهي؟“ ته ان جي غير ڏانهن منهن ڪرڻ گناهه آهي.

④ جيڪو دنيا ۾ الله تعاليٰ جي سڌي رستي کان انڌو هوندو ته اهو
آخرت ۾ حق کي ڪيئن ڏسي سگهندو.؟

⑤ اي ”سعيدؒ“! پنهنجي ڪم کي خدا جي حوالي ڪر، ته جيئن فنا جو
مقام حاصل ڪري سگهين.

غزل نمبر: ۱۷

① کلامِ عارفان لاحقان را
دلیلی دان کلامِ سابقان را

② چنان که آمد حدیثِ شاہِ مرسل
دلیلی جملہ گفتہ عارفان را

③ وراء سخن جوہرِ ہیچ یک نیست
کہ آمد آن دلیلی عاشقان را

④ گر بودی ورائے سخن جوہر
فروگشتی ز افقِ آسمان را

⑤ الٰہی با ”سعیدؒ“ از مایۂ دل
مفرح کن ز حرمتِ فائقان را

ترجمو

① اڳين بزرگن ۽ الله جي عارفن جي ڪلام کي پوين لاءِ دليل سمجھ.
② جھڙي ريت حضور اڪرم ﷺ جي حديث پاڪ (پوين لاءِ) دليل آهي، اهڙي ريت الله وارن جا چيل سمورا گفتا به دليل آهن.
③ ڳالھ پنيان هڪ موتيءَ جو واپار نه آهي، جو عاشقن کي اهو دليل هٿ آيو.
④ جيڪڏهن ڳالھ جي پويان موتي هجي ها، ته آسمان جي ڪناري کي چڪر ڏيئي هيٺ لهين ها.
⑤ الاهي پنهنجي قبول پيل ٻانهن جي صدقي "سعيدؒ" جي دل کي خوش ڪر.

غزل نمبر: ١٨

① در شبِ معراج در قربِ دنیٰ
خوش تقرب یافت آن خیرالورا

② نی شود ذات ز ذاتی حق قدیم
جز بلفظِ انسانیت ہرگز جدا

③ احد باشد لیک با پرکارِ میم
کان نشانی عبدیت آمد خوشا

④ عرش فرش وہم زمین از نورِ آن
شد "سعیدؒ" و پرضیاء و انجلا

ترجمو

① معراج جي رات ۾ ان حبيب ڪريم ﷺ الله تعاليٰ جو خاص قرب حاصل ڪيو.

② انسانيت جي لفظ کان سواءِ الله تعاليٰ جي قديم ذات هرگز جدا نہ ٿي.

③ احد آهي پر ميم جي دائري ۾، جو اها عبديت (ٻانهپ) جي پلي نشاني آهي.

④ اي "سعيد"! عرش، فرش ۽ زمين ان نبيءَ جي نور کان پررونق ۽ روشن ٿي ويا.

غزل نمبر: ١٩

① نفی ⁽¹⁾ از بہرِ ازالہٰ زنگہا
آئینہ قلبی ست صیقل بی بہا

② کہ از صفات و فعل با صیقل گری
مظہر ذاتت کند بی پردہا

③ نفی باشد نفی دعویٰ و اختیار
زیں انا موہوم پر نیرنگہا

④ درفنا رو درفنا رو درفنا
شد انانیت حقیقی منتہا

⑤ از فنا با انتفاء ولا تذر
شو "سعید" از ذات پاک از رنگہا

(1) جهڙي ريت مولانا جامي ﷫ فرمائي ٿو: "جيستائين "لا" جي ضرب سان (دل جي رستي) ڪي صاف نہ ڪندين، تيستائين خدا جي حضور ۾ نہ پهچي سگهندين.

ترجمو

① قلب تان ڪٽ لاهڻ خاطر غيرالله جي نفي جو ورد ڪرڻ دل جي شيشي کي صاف رکڻ جو بهترين وظيفو آهي.

② چوته غيرالله جي نفي واري صيقل سان. الله تعاليٰ پنهنجي صفات سان تنهنجي ذات کي بي پرده ڪري ظاهر ڪندو.

③ وجود کي وڃائڻ جڻ ته دعويٰ ۽ اختيار کي ڇڏڻ آهي. انا مختلف رنگن ۾ انسان کي گمراهه ڪري ڇڏيندي آهي.

④ فنا جي مقام ۾ وڃ. فنا جي مقام ۾ وڃ. خوديءَ جي خيال کان آجو ٿي ته حقيقي رتبو ماڻين.

⑤ فنا جي مقام ۾ مٽجي وڃ ۽ هستي کي ڇڏ. "سعيد"! الله پاڪ جي ذات جي رنگ ۾ رنگجي وڃ.

غزل نمبر: ٢٠

① (1) عارفان را میل جز ذاتِ خدا
نیست چون از وی نمی باشند جدا

② دنیا و عقبیٰ نزد ایشان بود
چون خس و خاشاک دائم بی صفا

③ خسرِ دنیا و آخرۃ اینان را
مایۂ وہم پایۂ راہِ صفا

(1) هي سچن صوفين جو مذهب آهي، جو اُهي ٻنهي جهانن کي خدا جي وات ۾ ڏيئي ڇڏيندا آهن.

④ ہر کہ از دنیا و از عقبیٰ برفت
رفتہ از خود یافت با ایزد بقا

⑤ یا الٰہی حرمتِ این اہلِ تو
با "سعیدؒ" از ذاتِ خود وجہی نما

ترجمو

① الله جي عارف ٻانهن جي دل جو لاڙو خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ طرف نہ آهي، اهي الله تعاليٰ کان جُدا نہ هوندا آهن.

② الله وارن وٽ دنيا ۽ آخرت جو قدر هميشہ هڪ ڪک جيترو هوندو آهي.

③ دنيا ۽ آخرت جو گهاٽو يا نقصان هنن (الله وارن) کي هڪ جهڙو نظر ايندو آهي، ڇو تہ اُهي الله تعاليٰ جي واٽ جا طالب آهن. دنيا ۽ آخرت سان هنن جو ڪوبہ مقصد نہ هوندو آهي.

④ جيڪو دنيا ۽ آخرت کان آجو ٿي ويو، انهيءَ پنهنجي پاڻ کي وساري الله جي ذات کي وڃي حاصل ڪيو.

⑤ اي الله! هنن پنهنجن نيڪ ٻانهن جي صدقي، "سعيدؒ" کي پنهنجي ذات جو ديدار ڪراءِ.

غزل نمبر:۲۱

① خلاف دینِ نبی نہ آید از ولی ابدا
کہ علمِ اوست متابعِ کتاب و سنت را

(٢) چه تابعی که نماید خلافِ متبوعش
چگونه یابد او ولاءِ مولیٰ را

(٣) ولی دقیقه اخفی ست اندرین سخنت
که عمل اوست بغالب خلافِ عادت را

(۴) خلافِ عادت معتاد اہلِ تقلید ست
که پی ز ظاہر صورت نبرد بامعنیٰ

(۵) ولی تابع دائی بصیر یافت شرف
ز نورِ قدس بفہم جدید من لَدُنا

(٦) بحد مطلع بطن ست و ظہر قائم او
برندی ست "سعیدیؒ" از بجون حقا

ترجمو

(١) نبي ڪريم ﷺ جي دين جي خلاف ولي، ڪان ڪڏهن به ڪو فعل ظاهر نه ٿيندو آهي، جو ته الله جي ولي، جو علم رسول الله ﷺ جي سنت ۽ قرآن ڪريم جي مطابق هوندو آهي.

(٢) جيڪو پنهنجي اڳواڻ جي خلاف قدم کڻندڙ هوندو، اهو ڪهڙي ريت پنهنجي سردار جي وراثت ڪان حصو حاصل ڪري سگهندو؟

(٣) ولي تنهنجي سمجهه ۾ باريڪ نڪتن ڪان به وڌيڪ مخفي آهي، جو ته ان جو عمل گهڻو ڪري خلاف عادت هوندو آهي.

(۴) تقليد وارو (ظاهري علم رکندڙ) عادت جي خلاف عادي بنايو ويو آهي، جو ظاهري صورت پٺيان وڃڻ جي ڪري حقيقت جي راهه ڪي حاصل نه ڪري سگهيو.

⑤ الله جي وليءَ حق جي دعوت ڏيندڙ نبيءَ جي تابعداري ڪئي، ته ڪيس دل جي روشنيءَ جو شرف حاصل ٿيو، پاڪ نور حاصل ڪري جي ڪري الله جي طرفان نئين لدُنّي علم جي سمجهه عطا ٿيس.

⑥ ان جي روشن ٿيڻ جي حد اندر اُجارڻ آهي، ۽ ان جي پُٺي الله جي حضور ۾ سڌي بيٺل آهي، سچ آهي ته "سعيدؒ" رندي ان جي خوف کان رت روئندڙ آهي.

غزل نمبر: ٢٢

① معلّم الٰہی طبیب از خدا
مداوی بصیرت قلوبِ عمیٰ

② طریقت نگوید نه بخشد دوا
لجا تانه بیند ز اربابِ دا

③ لجا ناید الّا به تسلیم وجه
چو میّت بغسّال بی دست و پا

④ چو آری لجا بحر بخشش بجوش
کند زنده دل مرده صد ساله را

⑤ دہد مادرِ طفل شیرش بدو
چو افتد بصد گریه و ہم ولجا

⑥ الٰہی لجا بحر امدادِ شیخ
کند جوش سازد "سعیدؒ" التجا

ترجمو

① خدا جي طرفان اسان کي طريقت جو سبق سيکاريندڙ اسان جو مرشد طبيب آهي، (اُهو) انڌين دلين کي اُجارڻ جي دوا ڪندڙ آهي.

② جيستائين تڪليف ڏيندڙن کان تڪليف نہ ٿو ڏسي، تيستائين طريقت جو سبق نہ ٿو ڏئي ۽ نہ اندر اُجارڻ جي دوا ٿو ڪري.

③ طريقت جي بلند مُقام تي سِر جهڪائڻ کان سواءِ نہ ٿو پهچي سگهجي، جهڙي ريت ميت غسل ڏيندڙ جي اڳيان مجبور تي هٿ پير ڇورڻ کان سواءِ سُتو پيو هوندو آهي.

④ جڏهن جوش سان فيض بخشيندڙ (پيرِ طريقت جو) درياءُ ڇولي هڻندو آهي، تہ سئو سال جي مئل ماڻهوءَ جي دل کي جيئرو ڪري ڇڏيندو آهي.

⑤ ماءُ ڪير پياڪ ٻار کي تڏهن ڪير پياريندي آهي، جڏهن سئو دفعا روئندو ۽ ڦٿڪندو آهي.

⑥ الٰهي! "سعيدؒ" جي التجا جوش ڪيو آهي، (ان کي بہ) مرشد جي فيض جي سمنڊ مان هڪ ڦُڙون پيار.

غزل نمبر: ٢٣

① چو اقرب هست بامعروف اولیٰ[1]
رعايتِ نفس شد مامورِ مولیٰ

② بہ ایدی نفسک آمد نصِ ساطع
رعايت نفس کن باحفظ يسریٰ

(1) الله تعاليٰ فرمايو: توهان پنهنجن هٿن کي هلاڪت ۾ نہ وجهو. حديث پاڪ ۾ آهي تہ: "وڌيڪ ويجها چڱائيءَ جا مستحق آهن، توکي تنهنجي نفس کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ ويجهي ناهي.

۳ چو او مرکوب سلک اصلِ سلوک ست
به احسانش سبق باشد ز حسنیٰ

۴ اگر تکمیل خواہی باکمالات
رحض را عزائم دارھمتا

۵ عزائم در کمالت گر ممدّ ست
بتکمیلت رحض از ویست اقویٰ

۶ "سعیدا" میل کامل زان به بیسرٰی ست
بناقص عسر باشد خیرِ تقویٰ

ترجمو

① ڇاتل سُڇاتل وڏيڪ ويجهو نفس مطمئنه آهي، (تہ پوءِ) نفس مطمئنه سان رعايت ڪرڻ جو حڪم ربّ جي طرفان ٿيل آهي.

② نفس کي قابو رکڻ بابت قرآن ڪريم جو واضح حڪم آيل آهي، نفس سان ٿوري احتياط سان رعايت ڪر.

③ سلوڪ واري اصل رستي تي جڏهن ان (نفس) کي هلائبو، تہ نيڪي ڪرڻ ۾ گوءِ کٽي ويندو.

④ جيڪڏهن سلوڪ جي بُلند درجن کي پورو ڪرڻ چاهين، تہ نفس کي وهمن ۽ خيالن کان ڌوئي پاڪ ڪر ۽ بلند خيال رک.

⑤ توکي بلند درجن تي پهچڻ ۾ اگر پختو ارادو مدد ڪندڙ آهي، تہ تنهنجي تڪميل ان کان وڏيڪ مضبوط آهي.

⑥ اي "سعيدؒ"! ڪامل مُرشد ڏانهن دل جو لاڙو ڪرڻ آسان آهي، پر ناقص (مُريد) کي پرهيزگاريءَ جو رستو اختيار ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي.

غزل نمبر: ۲۴

① رابطه از سائرِ طرق اشغالها
بهترین شغل ست سالکِ راه را

② این لحاظِ خالص واصل بذات
خود لحاظِ ذات صرف ای مرتضیٰ

③ وار لحاظ آری به صفتی از صفات
بهرهٔ یابی لکلّ تا نویٰ

④ شد مدار این دُور نیّت اعتقاد
شو بصدقِ اعتقادت مهتدیٰ

⑤ صورتِ شیخنت "سعیدؒا" دان لباس
بر حقیقت کوست سترِ کبریا

ترجمو

① طريقت جي راهه جي طالب جي سمورن شُغلن مان پلو شُغل مُرشد سان (قلبي) رابطو جوڙڻ آهي.

② اهو مرشد سان رابطي جوڙڻ وارو شغل خدا جي ذات وٽ پهچائيندڙ آهي، اي سلوڪ جي راهه جا راهي! پوءِ پاڻ کي صرف خدا جي ذات ۾ محو رک.

③ خدا جي صفتن مان ڪا اهڙي صفت واري روشني آڻ، جو جيڪا نيّت

ڪرين اها مُراد ماڻين.

④ پختي يقين نہ هئڻ ڪري، هي طريقت جي منزل پري ٿي آهي، (انهي ڪري) پنهنجي هدايت واري سچي عقيدي جو راهي ٿي (تہ منزل ماڻين).

⑤ اي "سعيد" پنهنجي پيرِ طريقت جي ظاهري صورت ڪي لباس سمجھہ، پر) حقيقت ۾ اهو الله تعاليٰ جو راز آهي.

غزل نمبر : ٢٥

مخمس بر غزل حافظ شیرازی

① تبادر ملحن الاسرار فالحن عن مراحلها
فحاشا ثم حاشا انظر الی الدنیا و شاملها
سقانی الخمرة الباقی ید الساقی و حاملها
الا یا ایها الساقی ادر کاساً و ناولها
کہ عشق آسان نمود اوّل ولی افتاد مشکلها

② ز جعدت آهو صحرا چنان در سوز جان آید
کہ در دل خون چو لالہ بست نامِ نافہ راشاید
ولی ہر کس نہ نگرد تا بہ اصلش چیست می باید
بہ بوئ نافہٴ کاخر صبا زان طرّہ بگشاید
ز تابِ جعد مشکینش چہ خون افتاد در دلها

③ ہمین رہ مسلک آن راشد کہ از چشمان پاپوید
بلمح بالبصر در خود نشانِ خویش ناجوید
ز ذوقِ خمرِ ساقی خویش خوشبوئ بقا بوید
بہ می سجادہ رنگین کن گرت پیرِ مغان گوید
کہ سالک بے خبر نبود ز راہ و رسم منزلہا

④ چو دائرہ گرد نقطۂ خال گرداگرد می گردم
ولی چوں نقطۂ خالش بحیط درد در دردم
جناب ذاتِ اقدس او کجا من باکجا بردم
مرادر منزلِ جانان چہ امن وعیش چون ہردم
جرس فریاد میدارد کہ بربندید محملہا

⑤ شدہ در موج قلزم روز شب راجان بران حائل
بگرداب ز غبغب او شدم برگشتۂ و زائل
بگشتہ زین معما نکتۂ زیرین را قائل
شبِ تاریک بیم موج گرداب چنین حائل
کجا دانند حالِ ما سبکسارانِ ساحلہا

⑥ برون شد از خودی خود ہر کہ میگردد رشید آخر
عمودی سان شود قائم باو دار این مشید آخر

وگر نہ ہمچو من صبر فراق و غم چشید آخر
ہمہ کارم ز خود کامی بہ بدنامی کشید آخر
نہان کی ماند آن رازی کزو سازند محفلہا

⑦ بجز و جہت وجہی للذی آئب[(1)] مشو حافظ
ز خمرِ لذّت الشارب خوشش نائب مشو حافظ
"سعیدؒ" گر ہمی خواہی بکس غائب مشو "حافظ"
حضوری گر ہمی خواہی ازو غائب مشو حافظؒ
متیٰ ما تلق من تہویٰ دع الدنیا و اہملہا

حافظ شيرازيءَ جي غزل تي چيل مخمس

① جلدي ڪر، (مخفي) رازن جا سر آلاپيندڙ! سُر آلاپي اڳتي وڪ وڌاءِ، ها! ها! دنيا ۾ ان جي ساز سامان کي ڇڏ، ساقي! مون کي بقا بخشيندڙ شراب جو پيالو ڪٽي پيار، خبردار! ساقي! پيالي جو دؤر هلاءِ ۽ اهو (پيالو) ڏي، ڇو ته شروعات ۾ عشق آسان نظر آيو، پر ان ۾ مشڪلاتون تمام گهڻيون آهن.

② تنهنجا زلف صحرا جي هرڻ وانگي ساهه کي ساڙڻ آيا، جو دل جي اندر رَتُ ڳاڙهي گل جيان بند ٿيل آهي، پر هرڪو ماڻهو پنهنجي اصليت کي نه ٿو ڏسي ته هن جي اصليت ڇا آهي؟ ته نافه جي مهڪ جو قسم! جو آخر صبح جي ٿڌڙي هير محبوب جي زلفن جي سينڌ کي کولي ٿي، محبوب جي مُشڪين گهنڊيدار وارن جي تاب ڪان دلين ۾ رَت ريلا ڪري (وَهي) پيو آهي.

---

(1) الله تعاليٰ فرمايو ته: "مون پنهنجو چهرو سڌو ان ذات لاءِ جُهڪايو، جنهن آسمان ۽ زمين پيدا فرمايا ۽ آئون شرڪ ڪندڙن مان نه آهيان". (سورة الانعام پ7)

③ اهائي طريقت جي واٽ انهيءَ رهبر (مرشد) جي آهي، جو ان جي نظر پٺيان مريد هلي ٿو، اک ڇنڀ ۾ پنهنجي نشان کي نه ٿو لهي، پنهنجي ساقيءَ جي شراب جي شوق کان بقا جي خوشبوءِ ٿو پوکي، جيڪڏهن توکي طريقت جو مرشد چوي ته "مصلي کي شراب سان رنگ"، (ته اهو صحيح آهي) جو ته سالڪ انهيءَ راهه ۽ رسم کان بي خبر نه هوندو آهي.

④ ڪاري ٽِر جي چوطرف ڦيرا ٿو ڏيان، پر ان نقطي کي منهنجو درد گهيرندڙ آهي، الله تعاليٰ جي ذات ڪٿي آهي؟ آئون ڪٿي ٿو وڃان؟ مون کي محبوبن جي منزل ۾ ڪهڙو امن ۽ آرام؟ جڏهن ته هر گهڙي گهنڊُ اعلان ڪري رهيو آهي ته پلاڻ ٻڌو (سفر جو سانباهو ڪريو).

⑤ اونهي سمنڊ جي ڇولي رات ڏينهن ساهه تي آڙ بنيل آهي، انهيءَ محبوب جي ڪاڏيءَ واري ڪُن کي (ڏسڻ سان) آئون حيران ۽ بيحال ٿي پيس، انهيءَ (محبوب جي) اشاري مون کي مجبور ڪري ڇڏيو، انڌيري رات، ڇولين جو خوف ۽ اهڙو خوفناڪ ڪُن، (اهڙي حالت کي) ساحلي علائقي تي امن سان رهڻ وارا اسان جي حال کي ڪهڙي ريت سمجهي سگهندا؟

⑥ جنهن سِڌي واٽ ورتي، اهو پنهنجي خوديءَ کان آجو ٿيو، ٿنيي وانگر سڌو ٿي هن جاءِ کي مضبوط ۽ قائم رکيائين، جيڪڏهن نه ته مون وانگي غم ۽ فراق جي صبر کي آخرڪار ڇَڪي ها. خود غرضيءَ جي ڪري منهنجا سمورا ڪم پڇاڙيءَ ۾ بدناميءَ کي پهتا اهو راز ڪيئن ٿو لڪي سگهي؟ جنهن سان محفلون مچن ٿيون.

⑦ حافظ! خدا جي حضور ۾ نياز ۽ نوڙت سان پيشاني جهڪائڻ کان سواءِ ٻئي طرف جهڪندڙ نه ٿيءُ، شراب پيئندڙ جي ذائقيدار لذت کان حافظ! غافل نه ٿيءُ، "سعيدؒ"! جيڪڏهن ڪجهه منزل گهرين ٿو، ته حافظ! ڪنهن به ماڻهو کان غائب نه ٿي. حافظ! تون اگر حضوري گهرين ٿو، ته ان ذات کان غائب نه ٿيءُ، جيڪڏهن تنهنجي حقيقي محبوب سان ملاقات ٿئي، ته دنيا کي ڇڏ.

غزل نمبر: ۲۶

① ای آنکه کرد خالت قاصر خیالِ ما
بر ریخت در ہوایت پر مرغ بالِ ما

② صد طرفه از طلسم چشمان جادویت
یک غمزه اش نموده عقلم عقالِ ما

③ الحق که بعد اوفوا اوف تو گفتهٔ
گردید این اشارت جاذب وصالِ ما

④ خواہم که برقِ وجہت بیوقت وقتِ ناگہان
سوزان شود بدانم رگ و پوست حالِ ما

⑤ در ترسِ سینه گنجد درسی نه آن بباشد
این از عمومِ ایزد وان از ظلالِ ما

⑥ زاہد برو که ہر کس نی راه این رود
رندی بود که داند راهِ کمالِ ما

⑦ باشد طبیبِ حاذق امراضِ القلوب
سازد دوا "سعیدؒ" دردِ عضالِ ما

ترجمو

① اي محبوب! تنهنجي رخسار مبارڪ اسان جي (بلند) خيال کي گهٽايو، تنهنجي (ديدار) جي شوق ۾ اسان جي پڪيءَ ڪنپ ٽوڙي ڇڏيا.

② تنهنجي جادوءَ واريون سؤ نگاهون ته ڇا، (پر) ان جي هڪ ئي اشاري ڪرڻ سان منهنجي عقل جي ڏور ٽٽي ويئي.

③ اهو سچ آهي جو تو فرمايو آهي، ته "منهنجي وعدي کي پورو ڪريو ته آئون توهان سان ڪيل واعدي کي پورو ڪندس"، اهو تنهنجو اشارو اسان جي وصال جو ذريعو ٿي پوندو.

④ آئون چاهيان ٿو ته تنهنجي نور مبارڪ جي تجلي ڪنهن وقت اوچتي اچي، جنهن سان منهنجون رڳون ۽ ڪل سڙي رَک ٿي وڃن.

⑤ مون کي خوف آهي جو غيرالله وارو سبق (منهنجي) سيني ۾ نه ماپي سگهي، (ڇو ته) هي باطني علم الله تعاليٰ جي ڏنل علمن مان آهي، اهو ظاهري علم ته اسان تي صرف پردو آهي.

⑥ زاهد! وڃ، هر ماڻهو هن اَڙانگيءَ وات ۾ نه ٿو وڃي سگهي، ڪو رندي هجي، جيڪو اسان جي هن ڪمال واري رستي کي ڄاڻي.

⑦ اي "سعيدؒ"! دلين جي بيماريءَ جو ڪو ماهر طبيب هجي، جيڪو اسان جي هن مُشڪل درد جي دوا ڪري.

غزل نمبر: ٢٧

○ نبودی گر معلّم شوق پیغمبر معلّمہا
نہ گشتی وادیٔ مجنون مدارس صفحۂ غمہا

○ نمی دانند مغروران ز دردِ عاشقِ جانان
بلی زاغ از غمِ بلبل کجا آرد توہّم ہا

③ بدنیا متہم دارند بد فہمان عاشق را
چو از غربالِ دل می پیزدش بہرِ تقاسمہا

④ بدل مجنون جز از لیلیٰ ہمہ عالم بجونہ ارزد
سمک غوّاصِ دریا کی نماید میلِ شبنمہا

⑤ اعانت خواہی بیدل ز بیدردان ہوسناکان
بسانِ کس کہ خار از پا کشد با نیش کژدمہا

⑥ دوائ بیدلان جستن ز بیدردان بدان ماند
کہ داروئ شفا جوید کسی از زہرِ ارقمہا

⑦ نباشد دردِ احمد را دوائ جز دوا احمد
کہ فصادِ جراحت دہ نہد بر خود مراہم ہا

⑧ بود حلّال مشکلِ بیدلان خیر الرسل آخر
کہ سازد جز سلیمان بر غمِ موران ترحّمہا

⑨ "سعیدؒ" از فکرِ صائب خویش ہم آغوش صائبرا
ملائک آفرین گویان شدندش فوق طارمہا

ترجمو

① پيغمبر اگر معلّم نہ هجي ها، تہ معلّم هجڻ جو توکي شوق نہ هجي ها. مدارس (هڪ عاشق جو نالو) مجنونءَ جي واديءَ جي غم جو صفحو نہ ٿئي ها.

(١) محبوب جي عاشق جي درد کي مغرور ماڻهو نہ ٿا سمجهي سگهن، (جو) بلبل جي غم جو ڪانو وهم ۽ گمان ڪٿي ٿو آڻي سگهي؟

(٢) خراب خيالن وارا عاشقن تي دنيا ۾ خراب تهمت هڻن ٿا، (انهيءَ غم ڪان) ان جي دل پروڻ وانگي ڏکن ۽ دردن کي چاڻي ٿي.

(٤) مجنون جي دل سموري جهان ۾ ليلا کان سواءِ ڪو سستو (سودو) نہ ڳوليو، درياءَ ۾ تہ هٿ هڻندڙ مڇي ماڪ جي ڦڙن تي ڪيئن ٿي رهي سگهي؟

(٥) عاشق! بي دردن ۽ حرص وارن کان مدد گهرين ٿو، اهڙا تہ گهٽا ماڻهو آهن، جيڪي پنوئن جي ڏنگ سان پير مان ڪنڊو ڪيندا آهن.

(٦) عاشق! بيدردن کان دوا طلب ڪرڻ ائين آهي، جيئن ڪاريهر جي زهر کان ڪو شفا طلب ڪري.

(٧) احمد ﷺ جي درد جي دوا احمد ﷺ جي دوا کان سواءِ ٻي ڪا بہ نہ آهي. جو سير ڪوليندڙ پاڻ ڦٽن تي پٽي رکندو آهي.

(٨) عاشقن جي مُشڪلاتن کي حل ڪندڙ سمورن رسولن جو آخري سردار محمد ﷺ آهي. جو ڪِولين جي غم تي حضرت سليمان عليہ السلام کان سواءِ ٻيو ڪير رحم ڪري؟

(٩) "سعيد" ! صائب جي فڪر کان پاڻ کي صائب جي آغوش ۾ آڻ، جو ٻلائڪ سڳورا ان جي مٿانهين منزل تي آفرين چوندڙ آهن.

نور محمد ڦرڙو 03023629987

بَابُ الباء

غزل نمبر: ۲۸

① ماہِ شعبان بود لیلِ براتم امشب
که به تن مرده رسیده ست حیاتم امشب

② ذاتِ معشوق چو دیدم نبود میل دگر
سوئے اوصافِ خوش و سوئے صفاتم امشب

③ من شکرِلب شدم و کامِ رقیبان تلخ ست
دلبرم داد ز لب آب نباتم امشب

④ از رخ یار چو خور بهره گرفت این ذره
مستحق بودم دانند زکاتم امشب

⑤ مه بعقرب بدبد فال بحاسد بدتر
در خم موچو شده ماهِ نجاتم امشب

⑥ گر کنم رقص سزد چون بدر آمد از در
دلبرِ گل رخ شکر خر کاتم امشب

⑦ یوسفِ مصری ناگاه بکنعان آمد
همچو یعقوب شد از غصه نجاتم امشب

⑧ تشنه را آب "سعیدؒ" از کرم ولطف رسید
ده رهائی بشد از فکرِ مماتم امشب

ترجمو

① شعبان جي مهيني (۾) اڄوڪي رات منهنجي ڇوٽڪاري جي هئي، جو مئل بدن ۾ اڄ رات مون کي حياتي ملي آهي.

② معشوق جي ذات کي جڏهن ڏٺم ته، ٻئي طرف خيال نه ويو، ان جي سٺين عادتن جي طرف (ڏسڻ سان ئي) اڄ رات پنهنجيُن عادتن ڏانهن ڏٺم.

③ آئون ڳالهائڻ ۾ منو تيس، ۽ (پر) رقيبن جو مقصد ڪڙو آهي، منهنجي محبوب (پنهنجي) چپن جي اوبر وارو پاڻي جڏهن ڏنو، ته اهو اڄ رات منهنجي لاءِ نبات جهڙو منو ٿي پيو.

④ يار جي رخ مان سج جڏهن (سونهن) جو هي ذرو ورتو، ته آئون به انهن جي ڏنل زڪواة جو حقدار هيس.

⑤ حاسد حسد جي ڪري چنڊ کي عقرب ستاري سان بدشگوني ڏني (انهيءَ ڪري) اڄ رات وار وانگي منهنجي نجات وارو چنڊ مُڙيل ٿي پيو.

⑥ جيڪڏهن چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو محبوب دروازي مان اچي، ته مون کي جڳائي ٿو ته رقص ڪريان، گل جهڙي ڇهري وارو محبوب جيڪڏهن بوسو (مني) ڏئي، ته اڄ رات منهنجو خيمو ڪشادو ٿي وڃي.

⑦ مصر وارو يوسف اوچتو ڪنعان ۾ اچي وڃي، ته يعقوب وانگر غم کان اڄ رات مون کي ڇوٽڪارو ملي وڃي.

⑧ احسان ۽ مهربانيءَ سان اجايل کي (اگر) "سعيدؒ" پاڻي ملي وڃي، ته واه واه! (جو ان کي) مرڻ جي فڪر کان آزادي ملي. اڄ رات منهنجو وصال ٿيو.

غزل نمبر: ٢٩

① کاروان بر بست محمل ما در افتاده بخواب
و این تکاسل آه آخر می کند ما را خراب

۲ گشت مقراضِ گریبانِ خاکی از قطع روس
شمع وش غافل ز مقراضیم مشعل به شتاب

۳ فکرِ صیّادِ اجل باید که آخر بالیقین
از خدنگِ موت هر ذی روح میگردد کباب

۴ گل چو بر حسنِ دو روزش مفتخر شد دستِ دهر
کرد بر نارِ سمومش تا که بگذارد گلاب

۵ خاک بر آبست انسان آفرید از نطفهٔ
نقش بر آبست قائی که نفس همچون حباب

۶ درمیانِ آسمان باداست در وی شد جهان
آنچه بنیادش بود بر باد بر بادش بیاب

۷ ای وفا جستن ز دهرِ بی وفا دارد مثل
مار پروردن که یابد از دهانِ او جلاب

۸ بود نابود ست بودِ عالم موهوم نیست
تکیه بر نابد نمودن کارِ اصحابِ لُباب

۹ بین به شعبد بازی دوران که در طاعاتِ حرص
شاب را شیبه کند هم شیبه را چالاک شباب

۱۰ آبِ سیم حرصِ دنیا را ملمع کرد زان
صورتِ سیمابِ افگنده جهان در اضطراب

⑪ ہر کسی سوداء دارد بہر او سودا سواد
جز ز حق سودا کہ خود بیضا سزد او را خطاب

⑫ ہر کہ خواہد خاکپایش فخر سازد بر سما
گو کہ خاکِ عتبہ گردد پیشِ آلِ بو تراب

⑬ عیب از مستی مکن بر عاشقِ بیدل "سعیدؒ"
فضل دارد ز آب در غسلِ شہیدان خون ناب

ترجمو

① قافلي وارن پلاڻ ڪيا، (۽) اسان ننڊ ۾ ستا پيا آهيون، هيڙي سستي افسوس! (اها) آخرڪار اسان کي تباهه ڪندي.

② ڪينچي خاڪي وجود تي مٽي کان هيٺ تائين وهي ويئي، شمع جيان آئون بي خبريءَ ۾ چيرجي پيس.

③ موت جي شڪاريءَ جو فڪر آخر يقين سان ڪرڻ گهرجي، (جو) موت جي تير کان هر روح وارو ڪباب ٿي وڃي ٿو.

④ گُل پنهنجي بن ڏينهن جي حُسن تي جڏهن فخر ڪرڻ لڳو، ته زماني جي هٿ ان تي گرم هوا هلائي، ان گُل کي ڪومائي ڇڏيو.

⑤ انسان خاڪي پاڻيءَ جي ڦڙي مان ٺيو، (اهو) نقشو پاڻيءَ تي ائين بيٺل آهي، جيئن پاڻيءَ جو ڦوٽو.

⑥ آسمان جي وچ ۾ هوا آهي. جنهن ۾ جهان (قائم) ٿيو، جنهن جو بنياد هوا تي هجي، ان کي برباد ٿيڻو آهي.

⑦ هاءِ افسوس! بيوفا زماني کان وفا جي طلب ڪرڻ ائين آهي، جيئن نانگ کي پالڻ، جنهن جي وات مان دست آور دوا لهي.

⑧ ان جو هجڻ نہ هئڻ برابر آهي، جهان جو هجڻ وهم ناهي، نہ هجڻ واري شيءِ تي ڀروسو نہ رکڻ ئي عقل وارن جو ڪم آهي.

⑨ حرص ۽ هَوس جي اطاعت ۾ جادوءَ ذريعي راند ڪندڙ مداريءَ کي ڏِسُ، (جو) جُوان کي پوڙهو تو ڪري ڇڏي ۽ پوڙهي کي چست جوان.

⑩ چانديءَ جي پاٽيءَ دنيا جي حرص کي چمڪدار بڻايو، انهيءَ پاري واري صورت ڪان جهان پريشانيءَ ۾ پئجي ويو.

⑪ جيڪو ماڻهو انهيءَ فاني دنيا جو خيال رکي، اهو خيال تہ بلڪل بي وفا ڪاري عورت (مثل آهي)، الله تعاليٰ جي عشق کان سواءِ (ٻي شيءِ جو خيال رکڻ بيڪار آهي) جو ان عشقِ الاهيءَ کي سُفيديءَ جو خطاب لائق آهي.

⑫ جيڪو ان جي پير جي پٽي ٽيڻ چاهي ٿو، اهو آسمان تي فخر ڪري ٿو، ڇڻ تہ علي ﷺ جي اولاد جي اڳيان ان جي در جي چائنٺ جيٰ مٿي تو ٿئي.

⑬ "سعيد" ! سچي عاشق تي مستيءَ مان عيبُ نہ ڪڍ، (جو) شهيدن جي غسل ۾، رَت پاٽيءَ ڪان وڏيڪ فضيلت رکي ٿو.

غزل نمبر: ۳۰

① از دل و جان وصلِ جانان را طلب
بی لب و بی کام می گو نامِ ربّ

② ذکر آمد[1] مایۂ ہر مہتری
کہتران را مہتری زان روز و شب

③ مہتران از مہتری او مہر وار
کرد[2] روشن جملہ عالَم بی صعب

---

(1) ن خ ۾ ذکر باشد لکيل آهي.

(2) ن خ ۾ کرد عالم را منور بے تعب لکيل آهي.

④ ذاتِ حق[1] را دان مبرّا از قيود
قيل و قال آمد دران ترکِ ادب

⑤ چون از بيچون چه گويد هوش دار
تانيفتی همچو طفلان در لعب

⑥ ذکر جاذب[2] ذاکرانرا سوئ ذات
قصّهايت افگند اندر تعب

⑦ کی "سعيدؒ" آرد بيانِ[3] ذکر شان
جز زبان در کام هم خاتم بلب

ترجمو

① دل ۽ جان سان دوستن جي ملاقات طلب ڪر، بغير مطلب ۽ مراد جي دل سان الله تعاليٰ جو پاڪ نالوپيو وٺ.

② هر بزرگيءَ جي مُوڙيءَ جو ذڪر آيو، (جو) گهڻ درجي وارن کي انهيءَ ڪان رات ڏينهن پلائي (ملي آهي)

③ بزرگن انهيءَ جي بزرگي ۽ مهربانيءَ سان سموري جهان کي بغير تڪليف جي روشن ڪيو.

④ الله تعاليٰ جي ذات کي (ان جي غير جي) سمورن قيدن کان پاڪ سمجهه. ان جي حضور ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ بي ادبي آهي.

---

(1) ن خ ۾ ذات حق پاڪ و مبرّا از قيود لکيل آهي.

(2) ن خ ۾ ذکر سلم بهر سير آسمانست- عالم دنيا است چوں چاهِ صعب لکيل آهي.

(3) ن خ ۾ وصفِ ذکر لکيل آهي.

۵ ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ جي ذات بيمثال آهي، نه ئي وصف جو ڇڻڇي ڪجهه هوش رک ته جيئن ٻارن وانگي راند ۾ روند ۾ مبتلا نه ٿئين.

۶ الله تعاليٰ جو ذڪر ذاڪرن کي ان جي ذات جي طرف ڪشش ڪندڙ آهي، وڏا قصا ڪندڙ ٿڪجي پيا، (پر ان ذات جي تعريف لاڦاني آهي)

۷ ”سعيدؒ“! ان ذات جو ذڪر ڪيئن بيان ۾ آڻي سگهجي! بس زبان ڇوڙ ڪان سواءِ چپ بند ڪري ان ذات کي حاصل ڪرڻ ۾ مشغول رهُه.

غزل نمبر: ۳۱

۱ از حق براءِ اہلِ حق آمد خطابِ طاب
و از دل کشادہ اند بر اہلِ لباب باب

۲ مہرِ فیوضِ کامل رخشد بہ ہر ولی
محروم کاش شبپر پرار تیاب یاب

۳ پیشِ قدیم حق نکند محدثی ظہور
نجم ست منعدم چو کند آفتاب تاب

۴ در چشمِ نفس تیر بود صحبتِ ولی
قد رعدت الشیاطین لما الشہاب ہاب

۵ جز نورِ حُسنِ خُلق نہ انسان آدم ست
بل موذی ست بدتر نائب مناب ناب

⑥ اکسیرِ لطف پیر برہزند در دمے کہ
النفس کالرصاص بجهد العذاب ذاب
⑦ ترک ہوا و حرص بود جنت ای "سعیدؒ"
یا طالع الهواء بوعد العقاب قاب

ترجمو

① حق وارن لاءِ الله تعاليٰ جي طرفان پاڪيزه خطاب آيو، ۽ عقل وارن تي دل جو دروازو کليو آهي.
② انهيءَ ڪامل مرشد جي فيض جا ڪِرڻا هر وليءَ تي چمڪڻ لڳا، ڪاش! جو ان جي شعاع کان شڪ جي ڪري ڇمڙو محروم رهيو.
③ اڳوڻي (وليءَ) جي اڳيان نئين (وليءَ) جي فيض کي الله تعاليٰ ظاهر نہ ٿو ڪري، (جيئن) سج روشني ڪري ٿو، تہ تارن جي روشني ختم ٿي وڃي ٿي.
④ نفس جي نگاهہ ۾ وليءَ جي صحبت تير (وانگي) آهي، (جيئن) شهاب تارو (جڏهن) چمڪندو آهي، تہ شيطان ڏڄي واپس موٽندو آهي.
⑤ سهڻي اخلاق جي نور کان سواءِ انسان آدم نہ آهي. بلڪ سخت ڏکوئيندڙ نائب (خليفو) آهي. (يعني وڏو خونريز آهي)
⑥ هردم ۾ ڪامل مُرشد (فيض جي) اڪسير جي پالوٽ ڪندو آهي، جو تہ نفس شيهي وانگي آهي، تڪليف ۽ محنت ڪرڻ سان ڳرندو آهي.
⑦ [1] اي "سعيدؒ"! جنت حرص ۽ سڌن ڇڏڻ (جي جاءِ آهي) اي سڌن کي پيدا ڪندڙ! عذابِ الاهي جو واعدو تمام ويجهو آهي.

---

(1) ۽ جيڪو ربّ جي اڳيان (حساب ڪتاب ڏيڻ کان) ڊنو ۽ پنهنجي نفس کي سڌن کان روڪيائين، پوءِ بيشڪ جنت ئي (ان جي رهڻ جو) ماڳ آهي. (سورة النازعات: پ 30)

غزل نمبر: ۳۲

① پیشِ تابِ ذات فہم و گوش بینش را چہ آب
آبِ شبنم را چہ یارا جز فرار از آفتاب

② وسعتِ دہن نہنگ لا ہمہ عالم گرفت
شد گریبان چاکیش باصورتِ لا در خطاب

③ جامِ لا مملوّ دیدم از شراب الّا اللہ
زان فنائ عقل و زین ابقائ دید از وہاب

④ از سراءِ پاک الّا اللہ خاشاکِ الٰہ
با سرِ جاروب لا موجود می بر کش می شتاب

⑤ سر بدرگاہِ سعادت ہر "سعیدؒ" آرد زعجز
بوالہوس کہ او سرکشد شد مغز خالی چوں حباب

ترجمو

① ان ذات جي قهر ۽ ڏمر جي اڳيان، (انسان) جي سمجهه، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کي ڪهڙي سگهه؟ (جو ان کي ٻُڌي، سمجهي ۽ ڏسي سگهي) ماڪ جي ڦُڙن کي سج جي تابش سهڻ جي ڪهڙي مجال آهي؟

② "لا" جي تلوار سموري جهان کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو، "لا" جي صورت سان خطاب ۾ ان گريبان کي چيريو.

③ اِلاَّ اللهُ (اثبات) جي شراب کان "لا" جو پيالو پريل ڏنم، انهيءَ جي ڪري عقل کي فنا ۽ خدا جي ذات کي باقي ڏنم.

④ ٻين سڌُن وارن خدائن جي ڪکن پنن کي ميڙي (دل واري محل ۾) صرف "اِلاَّ اللهُ" کي جاءِ ڏنم، (تون به) نوڙت ۽ نياز واري سجدي جي ٻُهاريءَ سان صرف خدا وحده' لاشريڪ له' جي ذات کي جلد سجدي جي لائق پيو سمجھ.

⑤ اُنهيءَ جي سعادت واري بارگاهه ۾ هر "سعيد" نوڙت سان سر جهڪائيندو آهي، پاڻيءَ جي ڦُوڪڻي وانگر خالي مغز ۽ حرص هوس وارو سجدي ڪرڻ کان تڪبر ۽ وڏائي ڪندو آهي.

غزل نمبر: ۳۳

① ذکر اندر اصطلاح ذی لباب
مبدء الاسرار فاتحۃ الکتاب

② ہست عرفانِ خدا حصن الحصین
باز اورا ذکرِ دل گردید باب

③ ذکرِ نور و علم وہبِ ایزدست
نی نجوم و رمل[1] فقہ و نخواب

④ بی تذکّر در تفکّر ہاء لہو
سر پُر از بادست خالی چون حباب

---

(1) ن خ ۾ نے فقہ لکيل آهي.

⑤ ذکر گوہر باشد و جانش صدف
غوطہ در بحر طریقت زن بیاب

⑥ از مصاحبتِ ولیِّ کاملی
طالبِ حق تا توانی سر متاب

⑦ فقہ وعظ و زہد و تقویٰ چون نجوم
ذکر شد در شان "سعیدا" ماہتاب

ترجمو

① عقل وارن جي اصطلاح ۾ (سمورن) رازن جو منڍ سوره فاتحه جو ذڪر آهي.

② خدا ڪي سڃاڻڻ وارو ڪوٽ (اهو) آهي (جو) دل جو دروازو انهيءَ سان کلي ٿو.

③ باطني علم ۽ نور جو ذڪر الله تعاليٰ جي عطا آهي، نه ڪِ (ظاهر علوم) نجوم، رمل، فقه ۽ غفلت جو علم آهي.

④ خدا جي ياد کان سواءِ راند روند ۾ فڪر ڪرڻ (ائين) آهي، جيئن مٽو پاڻيءَ جي ڦوٽي وانگي هوا سان ڀريل آهي.

⑤ الله تعاليٰ جي ذڪر جو مثال سچي موتيءَ وانگر آهي، ۽ ان جي جان سپ وانگر آهي، (پوءِ) طريقت جي سمنڊ ۾ ٽٻي هڻ ته (سچو موتي) لهين.

⑥ الله تعاليٰ جي سچي محبت طلب ڪندڙ آهين، ته جيترو ٿي سگهي ڪامل مُرشد جي صحبت کان منهن نه موڙ.

⑦ تقويٰ، پرهيزگاري، وعظ، نصيحت ۽ فقه جو علم تارن وانگي آهي، اي "سعيد" الله تعاليٰ جي ذڪر جو (مثال) چنڊ وانگي آهي.

غزل نمبر: ۳۴

① از شیشۂ دل جوش زد ذوقِ شراب نیم شب
شورابِ چشمِ ما نمک اندر کباب نیم شب

② چون زہرہ کف زن مشتری بل ہر ملک پا کوب بر
توحید خوش لحنِ دلِ تارِ رباب نیم شب

③ از عینک عبرت ببین کز چرخ کثرت ذرہ وش
ہر نجمِ رقصان میرود پیشِ آفتاب نیم شب

④ بی آب افتد چشمۂ خاور سراب اندر خجل
از شعشع بیدار چشمِ ماہتابِ نیم شب

⑤ مستسقی ست این وہ کہ در سیلاب گریہ غرق وہم
جوشد ہمی از تشنگی چشمِ حبابِ نیم شب

⑥ ای دل سمندِ دہر بس شوخست کجر و تند تر
در راہِ حق چالاک نہ پا در رکابِ نیم شب

⑦ اسرارِ علّمناہ من بل جملہ قرآنِ جنان
در بسملہ شد درج کز اُمّ الکتاب نیم شب

⑧ اندر شبِ كثرت نخفته چشمِ دل از بهر آن
كان ماهِ وحدت كي كشد رخ از نقابِ نيم شب

⑨ فرمان بل من داعي بشنو ز چرخ مكرمت
كان شاهدِ شب رو در آيد در حجابِ نيم شب

⑩ بر طور دل نارِ هُدي مي جو كه ناگه در رسد
از وادئ ايمن ترا فاخلع خطابِ نيم شب

⑫ بي شك "سعيدؒ" اندر مقامِ اين جهان زيبا بود
در خيمهٔ ذكرِ خدا زرّين طنابِ نيم شب

ترجمو

① شراب جي شوق مان دل جي شيشي اڌ رات جو جوش هنيو، اسان جي اک جو ڪارو پاڻي اڌ رات جو ڪباب ۾ پيو ته لوڻ ٿي ويو.

② زهره ستاري وانگي اي مشتري! تاڙي هڻ، بلڪ هر فرشتو نچندو آهي، جڏهن دل جي سُرندي جي تار اڌ رات جو سٺي سُر ۾ توحيد جو نغمو آلاپيندي آهي.

③ عبرت جي عينڪ سان آسمان ۾ گهڻا تارا چمڪندڙ ڏس، هر تارو سج جي روشنيءَ جي اڳيان اڌ رات جو نچندو ٿو وڃي.

④ بغير پاڻيءَ جي، ڪلر جي پوٺي ۾ ڪِول جي اک (نااميد) ۽ شرمسار ٿئي ٿي، سج جي روشنيءَ ڪان اڌ رات جي چنڊ جي اک بيدار ٿئي ٿي.

⑤ واهه! هي پاڻيءَ جي طلب ڪندڙ ڪهڙو نه شخص آهي، جيڪو روئڻ جي سيلاب ۾ غرق آهي. ۽ پڻ انهيءَ اڄ جي ڪري پاڻيءَ جي ڦوٽي جي اک اڌ رات جو جوش ڪيو.

(٦) اي دل! زماني جو گهوڙو ڪافي شوخ طبيعت، هليلو ۽ تيڏو هلندڙ آهي، حق جي واٽ ۾ چالاڪ اڄ رات جو رڪاب ۾ پير نہ ٿو وجهي.

(٧) اسان جي لدني علمن جا راز، بلڪ سمورو قرآن سوره فاتحه ڪان (آخر تائين) اڄ رات جو بسم الله ۾ درج ٿيو.

(٨) ان جي ديدار لاءِ دل جي اک گهٽي رات نہ ستي، جو اهو وحدت جو چنڊ اڄ رات جو پنهنجي نوراني چهري تان ڪيئن پردو لاهي؟

(٩) تنهنجي عزت واري آسمان تان "هل من داعي"[1] جو آواز ٻڌ، جو اڄ رات جي پردي ۾ رات جو لڪي عبادت ڪندڙ ٿي ان جو شاهد ٿي اچي ٿو.

(١٠) طورسينا جبل تي هدايت جو رستو ڏيکاريندڙ باهہ جو وچ گول، جو اوچتو ايمن واديءَ ڪان توکي اڄ رات جو "جُتي لاهہ" جو حڪم اچي.

(١١) بيشڪ "سعيدؒ" کي هن جهان ۾ اهو مقام سونهي ٿو، جو خدا جي ذڪر جي خيمي ۾ اڄ رات جو سوني ڏور وجهندڙ هجي.

غزل نمبر: ٣٥

① تعالیٰ اللہ شبِ قدر ست امشب

که در قوسِ کفم بدرست امشب

② ہنوز آن خمر میکده جوشدار ست

کنون پیرانه قد شُد راست امشب

③ ہران کز نشه اش خد سرخ کرده

زما از ناز در غدرست امشب

(١) حديث پاڪ ۾ آهي تہ هر اڄ رات جو الله تعاليٰ پنهنجي شان جي مطابق دنيا واري آسمان تي اها ندا ڪندو آهي تہ "آهي ڪو دعا طلب ڪندڙ، جنهن جي دعا قبول ڪريان." الیٰ آخره

④ فلک پُر از قراصه سبعِ سیّار

ز بہرِ یوسفم بدرست امشب

⑤ ز الطافِ لطائف یم دارش

دلِ اعدایئم خدرست امشب

⑥ "سعیدا" زین سعادت بختیاری

بشرحِ صدر ذی صدرست امشب

ترجمو

① الله اڪبر! جو اڄ رات شبِ قدر آهي، منهنجي هٿ جي ترِيءَ ۾ اڄ رات چوڏهينءَ جو چنڊ آهي.

② اڃا تائين شراب خاني جو اهو شراب جوش رڪندڙ آهي، (پر) اڄ رات هاڻي اهو پراڻو ٿي ويو آهي.

③ جنهن شخص ان جي نشي ڪان ڳاڙهو ڳل ڪيو، ناز مان اسان سان بي وفائي ڪرڻ ۾ اڄ رات ڏوڪو ڪيائين.

④ آسمان ستن ستارن جي ٽڪين سان ڀريل آهي، منهنجي يوسف لاءِ اڄ رات چوڏهينءَ جو چنڊ آهي.

⑤ الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان اسان (پنهنجي وجود ۾) لطيفن جا سمنڊ رکون ٿا، (پر) اسان جي دشمنن جي دل اڄ رات بي حس آهي.

⑥ "سعيد"! هن بخت واري سعادت ڪان سيني واري جو سينو (فيض سان) اڄ رات ڪليل آهي.

غزل نمبر: ٣٦

مخمس بر غزل حافظ شيرازی

① بسر[1] پاک از خودی پندارم امشب   عجب باچشمِ دل بیدارم امشب
ہلال ابرو بر عید آرم امشب   تعال الله چه دولت دارم امشب
که آمد ناگہان دلدارم امشب

② زرویش سر مسجد بر شمردم   ز ابرو پاسوئ محراب کردم
بدل غوطه عبادتِ او بخوردم   چو دیدم روءِ خوبش سجده کردم
بحمدللہ نکو کردارم امشب

③ دلِ بلبل گلی اندر بر آورد   چو سوسن صد زبان براز پر آورد
بلحنِ این نغمهٔ فرحان[2] برآورد   نہالِ عیشم از وصلش بر آورد
ز بختِ خویش برخوردارم امشب

④ بکشتهٔ قم باذنی جان را چون   نمود از راهِ این و راهِ بیمون
به سبحانی ز نم صد آه بیرون   کشد نقشِ انا الحق برزمینِ خون
چو منصور ار کنی بردارم امشب

---

(1) ن ع ۾ بسرمک از خودی دیندارم امشب لکيل آهي.

(2) ن ع ۾ فرحان جي جاءِ تي از جان لکيل آهي.

⑤ بدریوزی دو چشمان شد ز شوقم   دو کاسه هم بدل از عشق طوقم
بیک ذرّه نصابِ کو است حقّم   تو صاحبِ نعمتی من مستحقم
زکواةِ حسن ده حقدارم امشب

⑥ اگر بیند[1] رخت را رام گردد   بطوفِ رو گرداگرد گردد
"سعیدؒ" از سوز[2] آن ذی صحو گردد   همی ترسم که "حافظ" محو گردد
ازان شوری که در سر دارم امشب

ترجمو

① پاڪ راز سان اڄ رات خوديءَ کي سمجهيم، ڪهڙو نه سٺو تيوجو دل جي اکين سان اڄ سجاڳ ٿيس، اک جي پرونءَ جو چنڊ اڄ رات عيد تي آندم، اڄ ڪهڙي نه سٺي دولت رکيم، جو اڄ رات منهنجو دوست اوچتو آيو.

② ان جي خوبصورت چهري جي ڪري مسجد جو رخ ان تي ناهيم، پرن جي گول دائري کي محراب ناهيم، ان جي عبادت (۾) دل سان ٿبي هنيم، جڏهن ان جو سهڻو چهرو ڏٺم ته ڪيس سجدوڪيم، الله جي فضل سان اڄ رات سٺو ڪم ڪيم.

③ بلبل جي دل گُل ڏسڻ سان پرجي آئي، سوسن گل جيانِ سئو زبانن سان تنوار شروع ڪيائين، هن نغمي کي سٺي سُر سان آلاپيائين، منهنجي زندگيءَ جي هوني ان کي وصل جو ميوو ڏنو. آئون اڄ رات پنهنجي قسمت مان حصو وٺي ويس.

(1) ن ع ۾ اگر بينداخت را دام لکيل آهي.

(2) ن خ ۾ سوز جي جاءِ تي شور لکيل آهي.

④ "قُمْ بِاذْنِيْ" چوڻ سان جان کي کھي چڏيائين، جڏهن هيءَ ۽ هُوءَ وچن وعدي واري وات ڏيکاريائين، "سُبحاني" لفظ چوڻ سان آهون کيم، "انا الحق" جي نعري سان زمين تي خون جي لکير کڍيائين، جيڪڏهن منصور وانگي ڪرين ته اڄ رات آئون به سوليءَ تي چڙهان.

⑤ منهنجي شوق جي ديدار کان ٻن اکين سوال ڪيو، دل سان عشق ڪرڻ جي ڪري ٻه پيالا منهنجي ڳلي جو هارُ ٿيا، ان ذري جيتري نصاب جو ڪير حقدار آهي؟ تون نعمت بخشيندڙ آهين، آئون حقدار آهيان، پنهنجي حُسن جي زڪوات ڏي،اڄ رات آئون حقدار آهيان.

⑥ جيڪڏهن (نفس) هڪ ماٺهوءَ جي ڪاڏي کي ڏسي ته تابعدار ٿي پوندو، (۽) ان ڪاڏي جي چوڌاري پيو ڦرندو، "سعيدؒ" انهيءَ سوز کان صحو [1] يعني حق جي منزل وارو ٿي پيو، مون کي خوف آهي جو اڄ رات حافظ منهنجي مٿي واري شور کان محو ٿي ويندو.

(1) صحو ۽ سُڪر سُلوڪ جي رستي ۾ ٻن حقيقتن جا نالا آهن.

بَابُ التَّاءِ

غزل نمبر: ۳۷

① در رہِ حق ترکِ دنیا کار ہر قلّاش نیست
بذلِ مال و نفس و تنِ خود عادتِ او باش نیست

② صرفِ مال اندر رہِ اہلِ خدا چون خاور ست
چشم وا کردن بخاور طاقتِ خفّاش نیست

③ شمع انفق فی سبیل اللہ روشن چون مہ ست
لیک مسکین جعل را سوزِ دلِ فرّاش نیست

④ عاشقان از بذلِ دنیا مال دیگر دیدہ اند
جز بہ مستانِ خدا سرّ این معمّا فاش نیست

⑤ معنیٔ مال ست میلی قلب سوئ غیر حق
غیر حق چون نیست بذلش نیز چون ناپاش نیست

⑥ دیدنِ نقش ست حرص وزان بباید رو تافت
وارہیدن از ہوا جز دیدنِ نقّاش نیست

⑦ خوابگاہِ رند از دنیا و عقبیٰ خارج ست
مرقدش را احتیاجِ بستر و فرّاش نیست

⑧ این دو عالم بذل کردہ ہر دو عالم بہرِ اوست
آری آری این عنایت باشد و پاداش نیست

⑨ وہ "سعیدؒ" از بذلِ استاذش فناء بذل یافت
بر فناءِ نفس اطلاقِ تاسّف و کاش نیست

ترجمو

① خدا جي واٽ ۾ دنيا ڇڏڻ هر سچي جو ڪم ناهي. پنهنجو تن، مَنُ ۽ ڌَنُ (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪرڻ بدمعاش جي عادت ناهي.

② خدا وارن جو ان جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ سج وانگي ظاهر آهي. سج جي روشني ۾ اک کولڻ جي چمڙي کي طاقت نه آهي.

③ خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جي شمع چنڊ وانگر روشن آهي. پر مسڪين کي ڪشادي دل ساڙڻ نه آهي.

④ عاشقن (الله وارن) دنيا خرچ ڪرڻ سان ٻيو مال ڏنو آهي. خدا جي مست ٻانهن کان سواءِ (ٻئي جي اڳيان) هن راز کي ظاهر ڪرڻو نه آهي.

⑤ مال جي حقيقت غيرالله جي طرف لاڙو ڪرڻ آهي. ان کي خدا جي راهه کان سواءِ ٻي جاءِ تي خرچ ڪرڻ درست نه آهي.

⑥ دنيا جي نقش کي ڏسڻ حرص آهي. ۽ ان کان منهن موڙڻ گهرجي، دنيا جي جوڙيندڙ ڏٺي تعاليٰ کان سواءِ ٻي دنيا جي نقش ونگار ۾ پوڻ لائق نه آهي.

⑦ رندي فقير جي آرام جي جاءِ دُنيا ۽ عقبيٰ کان ٻاهر آهي، ان جي قبر کي بستري ۽ نرم قالين جي ضرورت ناهي.

⑧ هي ٻئي جهان جنهن خرچ ڪيا، ان لاءِ ٻئي جهان آهن. هائو هائو! هيءَ (الله تعاليٰ) جي مهرباني آهي. نيڪي جو بدلو ناهي.

⑨ واهه! "سعيدؒ" جان خرچ ڪرڻ سان پنهنجي استاد کان انعام حاصل ڪيو. نفس کي فنا ڪرڻ تي ڪوبه غم ۽ افسوس ڪرڻو ناهي.

غزل نمبر: ۳۸

۱ ہر یکٔ از شعراء دُرِ سان سُفت
ہر یکی طرزِ بلاغت را بگفت

۲ لیک طرزِ گفتہ شان باز گفت
سیر در لوزینہ کردن نہفت

۳ یا قدید آوردن و نامِ جدید
یا بشکر خوردن صبر ست جفت

۴ ای باید تخم بنہادن کہ پیش
نی بباغِ شاعری آن گل شگفت

۵ ہمچو جامی کن رہا شرمندگی
صاف و دُرّ آور بمحفل پیشِ مفت

۶ بادہ بخش و ساقیِ دین دلربا
کی بزاد و کی بہ تختِ گور خفت

۷ بین بطرزِ نو "سعیدا" شکریز
گرد غم از صحنِ کاخ برفت

ترجمو

① هر هڪ شاعر (شاعري ۾) هڪ موتي جهڙو شعر جوڙيو، هر هڪ بلاغت واري نموني سان چيو.

② پر انهن جي چيل شاعري واري طرز تي وري چوڻ (ائين) آهي، جيئن بادامن واري حلوي ۾ ٿوم وجهڻ.

③ يا سڪل گوشت آڻڻ ۽ نالو تازي گوشت جو، يا هڪ دفعي ڪڙي ڪوتر سان معشوق جي چمي وٺڻ.

④ اي بچ پوڪڻ کان اڳ ڦل طلب ڪرڻ وارا! شاعريءَ جو باغ اهڙو سولو نه آهي جو (جلدي) گل نڙي.

⑤ جامي وانگي شرمساري ڇڏ، صاف ۽ سترو ڪلام محفل ۾ ڪٽي اچ.

⑥ اي دين جا دلربا ساقي! خالص شراب ڏي، خبرناهي ڪير ڪڏهن جائو ۽ ڪڏهن قبر جي تختي تي سُتو.

⑦ اي "سعيدؒ"! هِن نئين طرز ۾ سنو شعر ڏس، جو دل جي ماڙيءَ جي اڳڻ مان غم جو غُبار وجي.

غزل نمبر: ۳۹

① توکّل بر خدا حصن الحصین ست
زخصمِ وسوسه که اندر کمین ست

② زملجایٔ خود کسی که او پُشت داده
بگردِ آسیان آرد مهین ست

③ چو قلب از ما عدالله ماند خالی
زمرضِ ماسوا مخلص بهین ست

④ به مرتبه كه حب الخير در اوست
سقيم و غير سالم پُرز كين ست

⑤ "سعيدا" كحلِ جوهر بهر چشمت
غبار و گردِ خاكِ اين زمين ست

ترجمو

① دل ۾ وسوسي وجهندڙ دشمن لاءِ، خدا جي ذات تي ڀروسو ڪرڻ[1] ڪوٽن جو ڪوٽ آهي.

② پنهنجي پناهه گاهه سان جنهن جي پُشت پناهي ڪيائين، (اهو محفوظ رهيو ڇو ته) ڇَڪيءَ جي چوڏاري اٿو سست ۽ ڪمزور آهي.

③ دل جڏهن خدا جي ذات کان سواءِ هر شيءِ کان خالي رهي، (ڇو ته ماسوي الله جي مرض کان خالص آجو ٿيڻ تمام بهتر آهي.

④ بهتر محبت رکڻ جو درجو ۽ مقام انهيءَ (خدا جي ذات) ۾ آهي. باطن جي علم کان خالي (درحقيقت) بيمار، اڻپورو ۽ ڪيني سان ڀريل آهي.

⑤ اي "سعيد"! هن زمين جي مٽي ۽ گرد وغبار تنهنجي اکين لاءِ سچي موتيءَ جو سرمون آهي.

---

(1) الله تعاليٰ فرمايو ته "الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪريو جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو. (سوره مائده، پاره 6)
۽ جنهن الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪيو، پوءِ الله تعاليٰ ان کي ڪافي آهي. (سورة الطلاق پ28)
۽ ڀروسو ڪريو هميشه قائم رهڻ واري ذات تي، جنهن کي فنا نه آهي. (سوره فرقان: پ19)

غزل نمبر: ۴۰

① تیغِ دستِ اہلِ دل را وہ سخاوت جوہر ست
از صدفِ شرع و حقیقت وہ سخاوت گوہر ست

② کار ہر صاحبدلِ مقبولِ حق خیر الزمن
بین قبا جود و سخاوت باختن اندر بر ست

③ طوبیٰ جنت سخاوت بخل در دوزخ زقوم
ہر کہ کارِ دہر کرد آخر ازان خوردن بر ست

④ نامِ انسان ہر کہ دارد لیک انسان از سخاست
افضل الاحجار سان کاندر دلِ او جوہر ست

⑤ از سخا خیر العمل ہرگز نتابد رود کہ او
از عبیرِ جان فزا جنت چو نگہت پرور ست

⑥ ای سخای طالبان و سالکان وہر "سعیدؒ"
بذل نفسِ خویش اندر رہ خدای اکبر ست

ترجمو

① دل وارن جي هٿ جي تلوار کهڙي نہ سخاوت جو جوهر آهي، شريعت ۽ حقيقت کهڙي نہ سخاوت جو گوهر آهي.

② هر الله واري جو ڪم خدا جي دربار ۾ مقبول آهي. ڏس جود وسخا جي قميص نڪيليءَ ۾ سُبيل آهي.

③ سخاوت جنت جو طوبيٰ وڻ ۽ بخيلي دوزخ ۾ ٿوهر جو وڻ آهي. جيڪو دنيا ۾ جهڙو ڪم ڪندو آخرت ۾ (عمل مطابق) ان وڻ مان ميوو کائيندو.

④ انسان جو نالو تہ هر ڪو رکي ٿو، (پر حقيقت ۾) انسان سخا سان ٿئي ٿو. ان جي دل ۾ پٿرن ۾ ڀلو پٿر سچي موتي جهڙو هوندو آهي.

⑤ سخا جهڙي ڀلي عمل کان هرگز منهن نہ موڙ، جو اها جنت جهڙي خوشبوءِ ساهہ کي وڌائيندڙ آهي.

⑥ ڏٺي تعاليٰ جي راهہ ۾ پنهنجي جان خرچ ڪرڻ هر "سعيد" سالڪ ۽ طريقت جي طالب جي سخا آهي.

غزل نمبر: ۴۱

① درين زمانہ رفيقي کہ خالي از خلل ست

رشيد کامل کہ او مست بادۂ ازل ست

② کہ زادِ راہ اين طريق زهد و اتقاست

عجيب زاد کہ وہ مستزاد بي بدل ست

③ بسير خوردن عالم بسان کفاران

ملالت ست ابد چونکہ علمِ بي عمل ست

④ بزُهد ترک ملذّذ نمودن از مرسل

صريح قول بہ نعم الادام در خلّ است

۵ کسیکہ سیر خورد ہفت رودۂ و غافل
بقتل قلب چو جلّاد آسمان زحل ست

۶ چو تیغ زہد براری قبایٔ شاہی دل
بملک دنیا و عقبیٰ مزیّن بغل ست

۷ "سعیدؒ" خمر سعادت بنوش از ساقی
کہ مست جام اجل صافی از ہوالکل است

ترجمو

① هن زماني ۾ (حقيقي) دوستي رکڻ نقصان کان خالي آهي، ڪامل هدايت يافته جيڪو ازلي شراب کان مست آهي.

② هن وات (آخرت) جي سفر جو سامان، زهد ۽ تقويٰ جو رستو آهي. بيمثال سفر جو سامان، واهه جو لاجواب آهي.

③ ڪافرن وانگي جهان ۾ ڏوءُ ڪري ڪائڻ، بي عمل علم وانگر هميشه جي پريشاني آهي.

④ پرهيزگاريءَ سان لذيذ شيون ڇڏي ڏيڻ (اهو حڪم) رسول الله ﷺ جي (هِن) واضح فرمان مان سمجهه ته "بهترين بوڙ سرڪو آهي"

⑤ ست ئي آندا جيڪو پري ڪائي، ان آسمان جي جلاّد زحل ستاري وانگي دل (خدا جي ياد کان) غافل ڪري ماري ڇڏي آهي.

⑥ (جيڪڏهن) شاهي دل جو پيراهڻ پرهيزگاريءَ جي تلوار وانگي مٿي آڻين، ته دنيا ۽ آخرت جو سينگاريل ملڪ تنهنجي ڪڇ ۾ آهي.

⑦ "سعيدؒ"! سعادت وارو شراب ساقيءَ کان پيءُ، جو موت جو پيالو سمورين سڌن کان مست ڪندڙ ۽ صاف آهي.

غزل نمبر: ۴۲

① ز ذکرِ حق دل و جان را جمال ست
پئ تشنه دلان يادش زلال ست

② هوا جسِ زنگ را صيقل بود ذکر
از اين صيقل دلِ سالک صقال ست

③ مغرّس در زمينِ قلب کن ذکر
که اين خوش ختهٔ نخلِ وصال ست

④ بذکرِ انوار از مذکور مي بين که
بعکس و خور زخور نور و جلال ست

⑤ متاب از يادِ ايزد رُو که يادش
بباغِ دل نسيمي از شمال ست

⑥ پئ طيران در ملکوتِ قدس از
جنان و جان ذاکر را دوبال ست

⑦ ز يادِ(۱) اسم به ايزد هم نشيني
نشستن تا ترا در اين خيال ست

---

(۱) ن خ، ن ع ٻنهي ۾ زياد اسم حق باحق نشيني مرقوم آهي.

⑧ مسمّٰی وار وصفِ یادِ اسمش
برون از حدِّ تحریر و مقال ست

⑨ مسمّٰی ز اسم منفک نیست زان رو
وصالِ نام[1] هم او را وصال ست

⑩ بمجنون و زلیخا بلبل از نام
بجز گل و یوسف و لیلیٰ ملال ست

⑪ خبر از عاشق نیارد یادِ معشوق
چسان بلبل پیٔ گل بین نال ست

⑫ بیادش کوش گرچہ ذاتِ پاکش
منزّہ از مثل پاک از مثال ست

⑬ بوجہِ پاک ایزد وصف کردن
باوصافِ حوادث بس محال ست

⑭ ز خطّ و خال پاکش حسن امّا
عکولن[2] مردمِ عشّاق خال ست

⑮ بریدِ چرخ معنی باش میکوش
کہ آخر بدر گردد کہ او ہلال ست

---

(1) ن ع م نامِ ما اورا وصال ست مرقوم آهي.

(2) ن خ، ن ع م عکوس مرقوم آهي.

(١٦) به بهر نافهٔ حق پیر جو که او
بصحرائ فنا مشکین غزال ست

(١٧) تصوّر کن جمالِ نوج دوّران
که حسنش کشتیِ بحرِ کمال ست

(١٨) شنو حیّ الفلاح از[1] پیرِ کامل
که داعیِ الی للہ چون بلال ست

(١٩) انارِ وصل را در باغِ مجلس
مکمل ذکرِ ایزد خوش نہال ست

(٢٠) کشد که او نفس را با تیرِ غمزه
که خونِ نفسِ ما او را حلال ست

(٢١) بدرویشان بابِ خانقاہش
غبار کوئ او مال و منال ست

(٢٢) نیاز آور به پیشِ صاحبِ دل
که بروی از خدا ہردم نوال ست

(٢٣) بعقبیٰ سر بالا می شود آنکه
خمیده قد بدنیا ہمچو دال ست

(1) ن ع م از پير جي بجاء از نورِ كامل لكيل آهي.

۲۴ بدنیا و بعقبیٰ شد معزّز
کسی کہ او خاکپایٔ اہلِ حال ست

۲۵ شہِ خوبان "سعیدم" گفت روزی
مرا در دوجهان این نیک فال ست

ترجمو

① الله تعاليٰ جي ذڪر ڪان دل ۽ جان ڪي سونهن آهي، دل جي اجايلن لاءِ ان جو ذڪر ٺڏو پاڻي آهي.

② شيطاني وسوسن جي ڪَٽَ ڪي (خداجو) ذڪر صاف ڪندڙ آهي، انهيءَ روشنيءَ ڪان سالڪ جي دل روشن آهي.

③ دل جي زمين ۾ خدا جي ذڪر جو بوٽو لڳاءِ، جو (اهو) الله جي وصال جي ڪجيءَ جو بهترين مَرهم آهي.

④ ذڪر جا انوار مذڪور (خدا جي ذات) مان پيو ڏس، (ان جي) عڪس ۾ سج ڪان روشني ۽ جلال آهي.

⑤ خدا جي ياد ڪان منهن نہ موڙ، جو ان جي ياد دل جي باغ ۾ اُتر جي هير ڪان آهي.

⑥ عالمِ ملڪوت ۾ اڏامڻ پويان ذاڪر ڪي دل ۽ روح (جا) ٻہ پَر آهن.

⑦ الله تعاليٰ جي اسم جي ياد سان جيستائين ان جي حضور ۾ ويهندين، تہ (اهو ان جي) فڪر ۾ رهڻ آهي.

⑧ اها ذات جنهن جي پاڪ نالي جي وصف لکڻ ۽ چوڻ جي حد ڪان ٻاهر آهي.

⑨ اها ذات (جيڪا) نالي ڪان جدا ناهي، انهيءَ ڪري (ان ذات جو) وصال ان جي نالي وٺڻ ۾ آهي.

(١٠) مجني، زليخا ۽ بلبل کي، ليلان، يوسف ۽ گل جي نالي وٺڻ کان سواءِ (ٻئي نالي وٺڻ ۾) پريشاني آهي.

(١١) عاشق (جي زبان مان) معشوق جي ياد کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو اچي، بلبل کي ڏس، جو گل پويان روئندڙ آهي.

(١٢) ان جي ياد ۾ ڪوشش ڪر، جيتوڻيڪ اها ذات لاثاني ۽ مثال کان پاڪ آهي.

(١٣) الله تعاليٰ جي ذات پاڪ هجڻ ڪري، ان کي فاني شين جي وصف لڳائڻ محال آهي.

(١٤) الله تعاليٰ جي ازلي ۽ ابدي حسن جي رنگينين کي عاشق بيان ڪرڻ کان قاصر آهي.

(١٥) حقيقت واري آسمان جي قاصد جي ڪوشش ڪندڙ هجي، جو آخرڪار پهرين رات جو چنڊ هلي چوڏهينءَ جو به ٿيندو.

(١٦) حق جي مُشڪ (حاصل ڪرڻ) لاءِ ڪامل پير کي ڳول، جو گهر جي ڪشادي اڱڻ ۾ مشڪ لڳل هرڻيءَ جو ٻچو آهي.

(١٧) نوح عليه السلام جي جمال واري زماني جو تصور ڪر، جو طوفان جي ٻيڙيءَ (جو ترڻ) ان جي حُسن جو ڪمال آهي.

(١٨) ”پلائي ڏانهن اچ“ (واري پيغام کي) ڪامل مرشد کان ٻُڌ، جو هيءُ الله تعاليٰ (جي راهه) ڏانهن سڏيندڙ حضرت بلال وانگر آهي.

(١٩) مجلس واري باغ ۾ وصل جي ڏاڙهونءَ کي الله تعاليٰ جو مڪمل ذڪر (سمجهه) اهو تمام پلو آهي.

(٢٠) اک جي اشاري سان نفس کي (محبوب) ڪُنو، جو اسان جي نفس جو خون (وهائڻ) ان کي حلال آهي.

(٢١) ان جي روحاني دروازي تي دُرويش (جو ويهڻ) ان جي گهٽيءَ جو غُبار (هر طريقت جي طالب لاءِ) مال ۽ سامان آهي.

(٢٢) الله واري جي حضور ۾ نيازءِ نوڙت آڻ، جو الله تعاليٰ جي طرفان هر وقت ان تي مهرباني ٿيندي رهندي آهي.

(۲۳) آخرت ۾ (عزت سان) اونچو ڳاٽ انهيءَ جو ٿيندو، جيڪو دنيا ۾ دال وانگر ٻوڙي هلندو.

(۲۴) دنيا ۽ آخرت ۾ معزز اهو آهي، جيڪو اوليائن جي پيرن جي پٽي آهي (يعني انهن جو خادم ۽ غلام آهي)

(۲۵) مون کي محبوبن هڪ ڏينهن "سعيدؒ" چيو، ڀنهي جهانن ۾ مون لاءِ اها سٺي فال آهي.

غزل نمبر: ۴۳

① بر ولی ستر الکرامت واجبست و لازم ست
غیرتِ عاشق بمعشوقش حجابِ کاتم ست

② انبیا را خرقِ عادت عادتِ زیبا بود
خرقِ پیراہانِ غنچہ زیبِ گل بی واہم ست

③ زیرِ حکمِ حال اظہارِ کرامت شد معاف
ہمچو بر مجبور بلّ الثوب در چہ حاکم ست

④ یار پوشد سرّ یار از دیدۂ اغیار زانکہ
کاشفِ گنجینہ آخر زیرِ لومِ لائم ست

⑤ منزلِ سلمیٰ بہ مشرق گریۂ ما سوئے غرب
وہ چہ خوش طرزی برائ دفع وہم واہم است

٦ مبتدی را ہم تصوّرِ صورتِ کامل بدل

تیغ جوہر دار بہرِ قتلِ نفسِ خاصم ست

٧ نقشبندان ساترِ یار اند در ذکرِ خفی

گنج دَر مدفن "سعیدؒ" از دستِ سارق سالم ست

ترجمو

(١) ولي الله کي ڪرامت لڪائڻ لازم ۽ واجب آهي، عاشق جي غيرت ان جي معشوق لاءِ لڪائيندڙ حجاب آهي.

(٢) نبين سڳورن کي معجزو ڏيکارڻ (واري) عادت سونهي ٿي، مڪڙيءَ جي قميص کي ڦاڙڻ گل کي نه ٿو سونهي.

(٣) حال وارن بزرگن جي حڪم تحت ڪرامت کي ظاهر ڪرڻ جو حڪم معاف ٿيو، جهڙيءَ ريت بادشاهه جي ڪوهه ۾ ڪرندڙ مجبور ماڻهوءَ تي ڪپڙي پُسائڻ جو ڏوهه معاف ٿيو.

(٤) يارَ، يارَ جي راز کي ڌارين کان لڪائيندو آهي، ڇو ته خزاني کي ظاهر ڪرڻ وارو ملامت هيٺ هوندو آهي.

(٥) سلميٰ (معشوق) جي منزل اوير ۾، (۽) اسان جو روئڻ اولهه ۾، واهه! کهڙو نه سٺو طريقو وهم ڪندڙ جي وهم کي ختم ڪرڻ لاءِ آهي!

(٦) نئين مريد کي ڪامل مرشد جو دل ۾ تصور ڪرڻ دشمن نفس کي قتل ڪرڻ لاءِ تيز تلوار آهي.

(٧) نقشبندي يار جي (رازن کي) ذڪرِ خفيءَ ۾ لڪائيندڙ آهن. اي "سعيدؒ"! دل جي ڪاڻ ۾ محفوظ خزانو چور جي هٿ کان بچيل آهي.

غزل نمبر : ۴۴

① غذا آبی حیاتی روح و جسم است
که زان قوت و حیاة و علم و فهم است

② غذا جسم است از اجسامِ محسوس
غذائی روح روحانی ز علم است

③ چو حاجت آمده علت اباحت
برون زان حدِ طالب را ز جرم است

④ نظر کن زرع را وقتی زراعت
که آب از حدّ برون مهلک چو سمّ است

⑤ "سعیدا" "اعدلوا" چون امرِ حق است
بطالبِ عدل در هر اسم سلمَ است

ترجمو

① آبِ حيات روح ۽ جسم جي غذا آهي، جو انهيءَ کان روحاني غذا، جياپو، علم ۽ فهم ملندو آهي.

② ظاهري غذا محسوس کندڙ جسمن مان هڪ جسم آهي، روح جي غذا روحاني علم کان آهي.

③ جڏهن تنهنجي جائز علم جي ضرورت آئي ته انهيءَ جي حد کان

ٻاهر (پير رکڻ شريعت جي) طالب کي گناهه آهي.

④ پوک پوکڻ جي وقت کي ڏس، جو حد کان پاڻي ٻاهر ويندو آهي، ته زهر وانگي (پوک) کي تباهه ڪندو آهي.

⑤ اي "سعيدؒ"! "انصاف ڪريو" (جو) جڏهن ته الله تعاليٰ جو حڪم آهي، (ته طريقت) جي طالب سان هر اسم جي سبق ڏيڻ ۾ انصاف ڪرڻ تمام سٺو ذريعوآهي.

غزل نمبر: ۴۵

① روح بیرنگی چو از تقدیر بیچونی گرفت
بی تقیدّ جائ در آب و گل چونی گرفت

② ہر درختِ جسم از بادِ فنا نتوان رہید
جز سہی سروِ نبی کہ او جان مکنونی گرفت

③ انبیا در گور می باشند ہم اندر نماز
دانہ کہ اندر زمین بہ نشست افزونی گرفت

④ آنچہ عاشق یافت از لطفِ ازل مہرِ ابد
بوالہوس رازان سراسر رنج محزونی گرفت

⑤ سر نبر دارد "سعیدؒ" از عتبہٗ بوسئ یار
تا دلش در زیرِ احسان زیب مرہونی گرفت

ترجمو

① بيرنگي روح کي جڏهن الله تعاليٰ ازلي تقدير مان ورتو، تہ مٽي ۽ پاڻيءَ جي جاءِ کان سواءِ ھي قيد جي جاءِ نہ ورتائين.

② هر جسم جو وڻ فنا جي هوا (جي لوڏي) کان ڇٽي نہ ٿو سگهي، سواءِ نبي سڳوري جي جان جي، ڇو تہ ان جو ظاهري وصال قدرت واري پنهنجي قانون کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيو آهي.

③ نبي سڳورا قبر ۾ بہ نماز ۾ هوندا آهن، زمين ۾ جيڪو داڻو پوکيو، اهو وڌڻ شروع ٿيندو.

④ عاشق ابدي پيار ۽ ازلي مهرباني جيڪا لڌي، حرص وهوس واري کي ان کان سراسر ڏک ۽ غم ورتو.

⑤ "سعيد" يار جي چائنٺ چمڻ کان مٿو مٿي نہ ڪٽي! تہ جيئن ان جي دل احسان هيٺ احسانمند ٿئي.

غزل نمبر:۴٦

① پاکئ جان ز ذکر سبحان ست

ذکرِ دنیا بچرگ عصیان ست

② کلمۂ لا الٰہ الّا اللہ

افضل الذّکر مغز قرآن ست

③ خطرۂ پیشِ ذکر کی استد

شبنم از تابِ خور گریزان ست

④ ذکر بہرِ عروج کاخ وصال

سلّمِ جانِ اہلِ عرفان ست

⑤ ذکر دروازهٔ ست آنجائیکه
کاخ لاهوت وحدتِ ایوان ست

⑥ ملکِ دل و گنج صبر را ذاکر
بی سنان و کمان سلطان ست

⑦ بهتر اندر ممالکِ دل مهر
ذکر از خاتمِ سلیمان ست

⑧ ذاکر اندر میانِ اهلِ هوا
این چون شمع ست وآن شبستان ست

⑨ منزلِ یار دور کوش بدل
طالبا تا بتن تراجان ست

⑩ طالب از ذکر مشتری گردد
گرچه قصاد نحس کیوان ست

⑪ کتبِ اہل حق ست باغِ "سعیدؒ"
عندلیبی بر این گلستان ست

ترجمو

① جان جي پاڪائي الله تعالىٰ جي ذڪر ڪان آهي. دنيا جو ذڪر گنهگاري ۽ پليتي آهي.

② "لاَ اله اِلاّ الله" جو ڪلمو افضل ذڪر ۽ قرآن جو مغز آهي.

٣ ذڪر جي اڳيان خطرو ڪهڙي ريت بيهي سگهي ٿو، (جيئن) ماڪ جا ڦڙا سج جي روشني جي ڪري ختم ٿي ويندا آهن.

٤ وصال جي ماڙي تي چڙهڻ لاءِ (ذڪر ڪر) اهو (درحقيقت) جان الله وارن جي حوالي ڪرڻ آهي.

٥ خدا جو ذڪر ان جاءِ جو دروازو آهي، جيڪا لاهوت جي ماڙي ۽ خدا جي وحدانيت جو ايوان آهي.

٦ دل جي بادشاهي (جو بادشاهه) صبر جي خزاني سان، ذاڪر بغير يالي ۽ ڪمان جي بادشاهه آهي.

٧ دل جي ملڪن ۾ بهترين ذڪر ڪرڻ حضرت سليمان جي مُندي ڪان آهي.

٨ ذاڪر (ٻانهو) سَڌن وارن جي وچ ۾ ائين آهي جيئن هيءُ شمع ۽ هُو (سَڌن وارا) رات جو رهڻ وارا گهر آهن.

٩ يار جي منزل پري آهي، اي طريقت جا طالب! جيستائين توکي بدن ۾ ساهه آهي، دل سان ڪوشش ڪري (حاصل ڪر)

١٠ طالب خدا جي ذڪر جي (برڪت جي) ڪري مشتري ستاري جيان روشن ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ بدبختي جو پيغام آڻيندڙ ڪيوان ستارو آهي.

١١ حق وارن جا ڪتاب باغ آهن، "سعيد" ان باغيچي تي بلبل آهي.

غزل نمبر: ٤٧

١ کشتیٔ ما به بحر تقدیر ست

شرط اش نه اختیار تدبیر ست

٢ انجذابِ خورست ذرّه را

ورنه کوشش وراچه توقیر ست

③ کی رہد صید ہُش ز تیر قضا
چشمِ تقدیر چونکہ زہ گیر ست

④ ز آب جف القلم بما ہو خاک
ہر کسی از نخست تخمیر ست

⑤ حکم تقدیر بین کہ بی تدبیر
ماہ را ز آفتاب تنویر ست

⑥ کارِ تقدیر ہمسر تقدیر
حشو لوزینہ پختن از سیر ست

⑦ بی قدر اعتماد بر تدبیر
وفقِ حکم الحدیث تکفیر ست

⑧ چوں ز تدبیر رستی اندر دل
ہردم از حسنِ یار تصویر ست

⑨ از رضا بر قضا "سعیدؒ" بجام
خاطرِ زاہدان شکر شیر ست

ترجمو

① اسان جي ٻيڙي تقدير جي سمنڊ ۾ آهي، (ان ۾) تدبير جي شرط کي ڪو بہ اختيار نہ آهي.

② ذري کي سج جي روشني چڪيندڙ آهي، ورنہ تہ ان جي محنت کي کهڙي عزت آهي؟

③ قضا جي تير کان شڪاريءَ جو موت ڪيئن آجو ٿئي؟ ڇوته تقدير جي نظر ان جي ڪناري کي وٺندڙ آهي.

④ تقدير جي قلم جي مسُ سُڪي ويئي (جيڪو ٿيڻو هو سو لکي ڇڏيائين) شروع کان هر هڪ جي مَنُي ڳوهيل آهي.

⑤ تدبير (سوچ) کان سواءِ تقدير جي حڪم کي ڏس، سج کان چنڊ کي روشني مليل آهي.

⑥ تقدير جو ڪم تقدير جي برابر آهي، بد مزه (بي سواد) حلوو ثوم مان ٺهندو آهي.

⑦ تقدير کان سواءِ (صرف) تدبير تي اعتماد ڪرڻ، حديث جي حڪم مطابق ڪفر آهي.

⑧ جڏهن دل ۾ تدبير (جي فڪر کان) آزادٿئين، ته هر دم يار جي حسُن جي تصوير (اڳيان ايندئي)

⑨ "سعيد"! قضا تي راضي رهڻ سان، پرهيزگارن جي دل ڪنڊ ڪير جي پيالي سان (ڀريل آهي)

غزل نمبر: ۴۸

① زان دلنواز رعنا شکر ست بی شکایت
کز وی گهی ندیدم جز لطف جز عنایت

② شه مات گشت حاسد چون شاه عرصهٔ دل
شطرنج باخت با من مهر و کرم رعایت

③ ای دل بزلفِ دلبر می پیچ تا بمیری
و از عهد من قتلهٔ بین قیمت این جنایت

④ در دل لحاظ غمزه ش صیّاد نفس آمد
هم قوس ابر دانش می سازدش حمایت

⑤ همره بنوح دوران در بحر عشق غم را
طوفان نفس نبود باکشتیٔ هدایت

⑥ ذرّه بیان چه سازد از حسنِ آفتابش
بالاتر ست جلوه و اجلالش از حکایت

⑦ کاخ جمالِ حسنش بالا بلند گشته
بسیار از کمندِ گویائی و روایت

⑧ شبدیز هُش بدشت درکش مران که آخر
عاجز شدن ز درکش گردید خود درایت

⑨ یک گام راهِ جانان خالی مدان ز مقصد
کاندر بدایتش شد هم مندرج نهایت

⑩ بی غایت ست گردش پرکار دل که اندر
سیرِ خطِ مدور غایت بود بدایت

⑪ بی بخت و نحس طالع بخت شد "سعیدا"
سرکه او نهاد بر در این دارزین ولایت

ترجمو

① اهو چالاڪ دلنواز دوست بغير ڪنهن شڪايت جي ڪنڌ (جهڙو مٺو) آهي، جو ان ڪي هميشه مهرباني ۽ عنايت ڪندي ڏٺم.

② حاسد (ان وقت) حسد ۾ سڙي مري ويو، جڏهن محبوب مون سان مهرباني، احسان ۽ رعايت ڪري دل جي ميدان تي شطرنج راند ڪيڏي.

③ اي دل! دلبر دوست جي زلف ۾ پيچ پاءِ، تہ جيئن فنا تي وڃين، ”مَن قَتَلتَہ“ جي عهد سان هن چئني جي قيمت ڪي ڏس.

④ ان جي اکين جو اشارو نفس جو شڪار ڪرڻ آيو، ان سان گڏ سندس ڪمان جهڙا ابرو حمايتيءَ مددگار ٿي آيا.

⑤ اگر عشق جي بحر ۾ وقت جو نوح غم جو ساٿي (ٿيو) تہ هدايت واري ٻيڙيءَ سان نفس جو طوفان نہ هوندو.

⑥ ان جي سچ جي حسن مان ذرو ڇا بيان ڪري سگهي؟ ان جي بزرگي ۽ جلوو بيان ڪرڻ کان مٿي آهي.

⑦ ان جي حسُن جي جمال جي ماڙي روايت ۽ گويائيءَ جي ڏورِ کان تمام گهڻو بلند ٿي.

⑧ رات جي پوئين پِهر ۾ اُٺ ڪي بيابان ۾ هلاءِ، جو آخر پنهنجي پلاڻ جي ڇِڪ جي ڪري عاجز ٿي هوش وڃائي ويهندو.

⑨ دوستن جي واٽ ۾ هڪ قدم بہ مقصد کان خالي نہ سمجھ، جو ان جي ابتدا ۾ پڻ انتها درج ٿيل آهي.

⑩ دل جي سئيءَ جي گردش تمام ڏِٺي آهي، ان هوندي بہ پنهنجي ابتدا ۽ انتها (پڄاڻي) پنهنجي محور ۾ ڪندي آهي.

⑪ هن ولايت واري سهڻي دروازي تي جنهن بہ (نوڙت سان) مٿو رکيو، اي ”سعيدؒ“! نياڳو بيوفا بہ بخت واري سان (ويهڻ جي ڪري) ڀاڳ وارو ٿي ويندو.

غزل نمبر: ۴۹

① ز مہر مہر رخت مہ مسافری آموخت
ز شب بخور سر زلفِ تو سامری آموخت

② ز نرگسِ تو بیا موختہ خمار سرَم
ز چشم مستم چشمِ تو ساحری آموخت

③ دلم ز نورِ جمالت گرفت ایمان را
ز شور بختم زلفِ تو کافری آموخت

④ ز سحر سامری آموخت غمزہ ات جادو
ز خاکپائَ تو احیاء سامری آموخت

⑤ لبت شکستن شکر ز طوطیان آموخت
شکر ز آب لبت قند شاکری آموخت

⑥ قدت ز سرو چمیدن گرفت دی بچمن
ز دوُر لعل بست لالہ ساغری آموخت

⑦ گُلت ز شبنم اشکم بشست رُو شد سرخ
ہزار دل[1] بفراقِ تو شاعری آموخت

(1) ن خ. ن ع ۾ بفراق جي بجاءِ از فراق مرقوم آهي.

⑧ گرفت چین تو سنگینیٔ دل از لیلیٰ

زشوخیٔ تو جنون قیس عامری آموخت

⑨ سحور گہ ز من آموخت آہ و نالہ درت

ہر "سعید" ز عتبہ مجاوری آموخت

ترجمو

① تنهنجي چوڌهينءَ جي چنڊ جهڙي چهري مهربانيءَ واري نظر سان مون کي وڏي مسافريءَ جو سامان ڪٺڻ سيکاريو، تنهنجي زلفن رات جو سمهڻ کان جادوگري سيکاري.

② تنهنجي خمار ڀرين اکين مون کي مست ڪيو، منهنجي مست اکين کي تنهنجي اکين جادوگري سيکاري.

③ تنهنجي جمال جي نور مان منهنجي دل ايمان کي ورتو، منهنجي بدنصيبيءَ کان تنهنجي زلف انڪار سکيو.

④ سامريءَ جي جادوءَ کان تنهنجي اکِ جي اشاري جادو سکيو، تنهنجي پيرن جي پٽيءَ مان سامري مُئل کي جيارڻ سکيو.

⑤ تنهنجا چپ مٺا ٻول ٻولڻ، سائي طوطي کان سکيا، مصري تنهنجي چپن واري پاٽيءَ مان مٺاڻ سکي.

⑥ ڪلهه باغ ۾ سَرو جي وڻ کان تنهنجي قَد ناز سان هَلڻ حاصل ڪيو، تنهنجي ڳاڙهن چپن جي دؤر کان شراب جي پيالي لالاڻ سکي.

⑦ ماڪ جي ڦڙن سان تنهنجي گُل منهنجي سُرخ ٽيل مُنهن کي منهنجن لڙڪن سان ڌوتو، تنهنجي جُدائيءَ ۾ هزارين دلين شاعري سکي (ورتي).

⑧ سنگدلي تو ليليٰ کان ورتي، تنهنجي شوخ طبيعت کان قيس عامري (مجني) چريائپ سکي.

⑨ اَسُر جو وقت تنهنجي در تي گريه وزاري ڪرڻ مون کان سکيو، "سعيد" جو سِر (محبوب جي) چائنٽ تان مجاوري (ڪرڻ) سکيو.

غزل نمبر: ۵۰

① ز سرو قدِ تو سر سر و سروری آموخت
ز حسنِ نطقِ تو قمری سخنوری آموخت

② چمن لقطۂ حسنت کشود نرگس گل
ز چشم عبہر چشمِ تو عبہری آموخت

③ ربود آب ز یاقوت دُرِّ دندانت
صدف ز درج لبت دڑ پروری آموخت

④ لبت ز شیشۂ شکر گرفت جرعۂ آب
شکر ز تنگ لبت تنگ شکری آموخت

⑤ گرفت آئینہ ماہِ تو قرصِ خاور را
ز تابِ روءِ تو خور نور گستری آموخت

⑥ لبش خبر چو ز بلقیس حالِ ما پرسید
کلاہِ فخرم از ہدہد افسری آموخت

⑦ گلِ عذار تو اندوخت آبِ اشکِ "سعیدؒ"
سرشک شبنم زان باز احمری آموخت

ترجمو

① سروقد (جي وڻ) کان تو سرداري ۽ سروري سکي، تنهنجي سٺي ڳالهائڻ مان ڳيرو ڳالهه ڪرڻ سکيو.

② تنهنجي حُسن جي لذّل (ڪِرٽن) مان چمن نرگس جي گل کي ٽيڙيو، تنهنجي اک جي ڪاراڻ کان نرگس ڪاراڻ سکيو.

③ ياقوت کان تنهنجي ڏندن جي موتيءَ پاڻي کسي ورتو، تنهنجي چپن جي صندوق کان سِپَ، موتي پالڻ سکي.

④ مصري جي شيشي (گلاس) کان تنهنجي چپن پاڻيءَ جو چرون ورتو، تنهنجي سنهڙن چپن کان مصري مناس سکي.

⑤ تنهنجي چهري جي آئيني مشرق ۽ مغرب کي (گهيري) ورتو، تنهنجي چهري جي تجلّيءَ کان سج روشني پکيڙڻ سکيو.

⑥ اسان جي حال جي خبر جڏهن بلقيس کان ان جي چَپ پُڇي، ته منهنجي فخر واري ڪلاهه هُدهُد کان آفيسري سکي.

⑦ تنهنجي ڳل "سعيدؒ" جي لڙکن جي پاڻيءَ کي گڏ ڪيو، ماک جو ڦڙو ان کان لالاڻ سکيو.

غزل نمبر:۵۱

① تا مرا خورشیدِ عشقت در نہان انوار داشت
ذرّۂ اربع عناصر رہروی را کار داشت

② غنچۂ دہنت چو جوہر فرد اصل اشیاء شدہ
نقطۂ موہوم نی پنہان نہ زو اظہار داشت

③ نقطہ پرکار ست این باز چشم مردمک
یا بگویم خال ہندو در وسطِ رخسار داشت

④ صد ہزاران جان فدا نقاش نقش اسرار باد
کاین چنین نقش از قلم در دورش پرکار داشت

⑤ ہر دو چشم زیرِ کاخ آن شہی سیمی بدن
سیلہائ مثل بحری تحتہا الانہار داشت

⑥ ہر کہ راہِ نیستی رفت وز ہستی مست شد
راسخ العلم ست پی در عالم اسرار داشت

⑦ گر "سعیداؒ" راہ میکدہ پیش آوردی چہ باک
دوش شیحنت روءِ سوئ خمر الخمار داشت

ترجمو

① تنهنجي عشق جي سج مون کي ڳجهه ۾ روشن رکيو، چئن عناصرن جي ذرّي واتهڙوءَ مسافر تي ڪم رکيو.

② تنهنجي منهن جي مکڙيءَ يڪتا موتيءَ وانگر اصل شيءِ ٽيل موهوم نقطي [1] کي نہ ڳجهوءِ نہ ان کان ظاهر رکيو.

③ منهنجي اکين جي پنيڙين جي ڪولڻ جو دائرو هيءُ آهي، يا (ڪٽي) هيءُ چوان تہ، ڳل جي وچ ۾ ڪارو تِرُ رکيائين.

④ لک ساهہ قربان ڪريان شال! نقش چٽيندڙ جي رازن تي، جو هيءُ اهڙو نقش آهي، جنهن جو قلم دائري ڪان پري رهيو.

⑤ انهيءَ چانديءَ جهڙي چمڪندڙ محبوب جي ماڙيءَ هيٺيان (جنهن جي ديدار لاءِ) منهنجون ٻئي اکيون سمنڊ وانگي ڇوليون رکندڙ آهن.

---

(1) موهوم نقطو جيڪو خيال ۾ آٽيءِ ظاهر ڏسڻ ۾ نہ اچي.

⑥ جيڪو نيستيءَ (نه هجڻ) جي واٽ ۾ ويو ۽ هستيءَ کان مست ٿيو، (اهو) علم ۾ پختو آهي. ۽ جهان ۾ ڳجهيان راز رکندڙ آهي.

⑦ اي "سعيد"! جيڪڏهن شراب خاني جي واٽ اڳيان اٿئي ته ڪهڙو خوف؟ تنهنجي شيخ شراب جي طرف مُنهن (۽) ڪلهو رکيو.

غزل نمبر: ۵۲

مخمس بر غزل حافظ

① جمال و حسن جمیل ست بجملہ اطراف ست
ازان بدینت آمده رجال اکناف ست
ز سلکِ گوہر اشکم دو چشم صرّاف ست
اگر بلطف بخوانی مزید الطاف ست
وگر بقہر برانی درونِ ما صاف ست

② ہو الغنی ز ذاتِ تو چون بہ تبیان ست
بجز کلام قل اللہ عین خسران ست
جمالِ حسنِ تو برتر از حدث و ایوان ست
بیانِ وصف تو گفتن نہ حدِّ امکان ست
چراکہ حسنِ تو بیرون ز حدِّ اوصاف ست

④ بپائی چشم توان شد بکوئ شاہد ما
دماغ شوقِ شیدٔ مشکبوئ شاہد ما
گلاب شد ز سمن بوئ خوئ شاہد ما
بچشم عشق توان دید روئ شاہد ما
کہ نورِ چہرہ خوبش ز قاف تا قاف ست

⑤ ز انف حاجب او الف لام شد تبیان
ز دہن چشم ولبش میم و صاد کرد بیان
ازین توروئ خوشش راکتاب فرقان دان
ز مصحف رخ دلدار آیتی بر خوان
کہ این بیانِ[1] مقاماتِ کشف کشاف ست

⑥ ہر آنکہ غرق شدہ بحرِ ذاتِ او بی قعر
دلش خزینہ دارہا[2] ثمین شد بی سعر
"سعیدؒ" ہمچو غوّاص ست درآن وحاسد وعر
عدوّ بمنطقِ حافظ طمع کند در شعر
ہمان حدیثِ ہماء و طریق خطاف ست

---

(1) ن خ، ن ع ۾ مقامات جي جاءِ تي مهمات مرقوم آهي.
(2) ن خ، ن ع ۾ دُرها مرقوم آهي.

Scanned with CamScanner

ترجمو

حافظ شيرازيءَ جي چيل غزل تي مخمس

① هر طرف جمال، سونهن ۽ سوڀيا آهي، تنهنجي ڏسڻ لاءِ ماڻهو هرطرف کان آيا آهن، موتين جي جڙيل لڙيءَ کان سچن موتين کي صحيح سڃاڻندڙ ماهر جون ٻئي اکيون لڙڪ هاريندڙ آهن، جيڪڏهن مهربانيءَ سان گهرائين (تہ اها) وڏيڪ مهرباني آهي، جيڪڏهن ڌمر سان تڙين، تہ بہ اسان جو اندر صاف آهي.

② تنهنجي ذات بي پرواهہ ظاهر آهي، ڇو تہ الله جي ڪلام کان سواءِ (ٻيو سڀ) ڇٽو نقصان آهي، تنهنجي حسن جي سونهن، فاني شين ۽ شاهي محلن کان مٿي آهي، تنهنجي وصف کي بيان ڪرڻ حدِ امڪان کان ٻاهر آهي، ڇو تہ تنهنجو حسن اوصاف جي حدن کان مٿي آهي.

③ (محبوب جي) گهٽيءَ ۾ اسان جون اکيون شاهد ٿي سگهن ٿيون، منهنجي دماغ ۾ منهنجي محبوب جو سمايل شوق، اسان جي عشق جو شاهد آهي، چنبيليءَ جي گل جي خوشبوءِ مان، گلاب جو گل اسانجو شاهد ٿيو، عشق جي اک سان (ان جي) چهري کي ڏسڻ، اسان جو شاهد آهي، جو ان جي خوبصورت چهري جو نور، قاف کان قاف تائين آهي.

④ ان جي (جاڙن ڀروئن) ۽ نڪ کان الف ۽ لام ظاهر ٿيا، ان جي اک ۽ وات کان ميم ۽ صاد ظاهر ٿيا. ان جي سهڻي چهري کي ڪتاب فرقان (قرآن) سمجهہ! محبوب جي چهري واري مصحف (ڪتاب) مان آيتون ياد پڙهہ! ڇوتہ ڪشف ۽ ڪشاف جي مقامن جو اهوئي بيان آهي.

⑤ جيڪو اونهي ڪوهہ کان سواءِ اُن ذات جي سمنڊ ۾ غرق ٿيو، ان جي دل بغير مقرر قيمت جي، وڏي قيمت وارو خزانو رکندڙ ٿي، "سعيد" ان ۾ ماهر ٽوٻي وانگر (ٽٻيون هڻندڙ) آهي ۽ حاسد تمام سخت آهي، دشمن جيڪو شعر چوڻ ۾ حافظ جي ڪلام جي لالچ ڪري ٿو، اها هُماءِ (پکيءَ) جي ڳالهہ ۽ ابابيل جو طريقو آهي.

غزل نمبر: ۵۳

مثمن بر غزل حافظ در علم تصوّف

① جمیلِ ذاتِ پاکِ تو صباحت وارشد رویت
ملاحت مرکز آن پرکار ده آن خالِ ہندویت
بحکمِ کل(1) بصر که ہست این از کرمِ خویت
بصر شد ذات رخ اجمل که غمزش میکند سویت
شیونِ ذاتِ احسنِ تو عجب شد فجر از مویت
کنندم مست مجذوبی بنگہت عنبرین بویت
مدامم مست میدارد نسیمِ جعدِ گیسویت
خرابم میکند ہردم فریبِ چشمِ جادویت

② ز قوسینش دو ابرو را ہمی باید نشان دیدن
ز قرآن لفظ او ادنیٰ بباید زان عیان دیدن
که محراب اندرون مسجد ازان شاید بیان دیدن
درآن محراب شمعِ چشمِ قلبِ عاشقان دیدن
که مازاغ البصر را میتوان فجر ازان دیدن
بشب وروز این دعا خواندن توان بادل وجان دیدن

(1) ن خ، ن ع ۾ ڪلمه بصر مرقوم آهي، پر درست ڪلمح البصر ٿئي ٿو. (از مترجم)

پس از چندین شکیبائی شبی یارب توان دیدن

که شمع دیده افروزیم در محرابِ ابرویت

۳ صبا مونسِ دل را بحکمت گر بیارائی

که آن باشد نفسِ رحمت[1] بنورت ور بیارائی

بلی نکند[2] شیون و جحب رخ ابهر بیارائی

صدف دل از شعاعِ رو چو درِّ گوہر بیارائی

چه می گویم چو گوہر بل چو خور انور بیارائی

ہمه ذرّات جسمی را چو مه اظہر بیارائی

تو گر خواہی که جاودان جہان یکسر بیارائی

صبا را گو بر اندازد نقاب و برقه از رؤیت

۴ ہر انکس را که از اسما نظر او یکسر اندازی

ز غیب الغیب ذاتِ خود بنظرش منظر اندازی

نزول از ذات بر معرج حقیقت او گر اندازی

بقایش از حیاتِ خود بجان و دل در اندازی

شود دل جان منور زان حیاتش مبصر اندازی

اگر خواہی که در عالم بقا تا محشر اندازی

(1) د خ، د ع ۾ نفس رحمان مرقوم آهي.
(2) د خ، د ع، ۾ نکند جي بجاءِ افگند مرقوم آهي.

وگر رسمِ فنا خواہی کہ از عالم بر اندازی

بیفشان زلف تا ریزد ہزاران جان ز ہر مُویت

⑤ من و مائی درین منزل بگام اوّل شود زائل

نفس رحمان ہم تابان شُیون ذات شد شامل

مگر دل شد بوجہی ذاتِ اقدس او عجب مائل

تجَلی ذاتِ اقدس را چو مرأت آمدہ حامل

ہرانکس کو نماید رو بسوئ غیبش ای کامل

بفہمد این معمّا را کہ می گردم بدان قائل

من و بادِ صبا مسکین سر گردان بے حاصل

من از افسون چشمِ مست او از بوئ گیسویت

⑥ ہبوط اندر ز رو قلب و شبج مؤمن انگارم

درآن خالی سیہ مرکز فوادِ قلب بشمارم

چرا کہ این خالی و عاری ز غیرِ ما سویٰ آرم

ہمین را مظہرِ آن خالی پی ادراک بگمارم

مجازی صورت از وجہِ حقیقی حسن پندارم

ازین معنی بجز دل دیدہ ہرگز من نبردارم

سوادِ لوح بینش را عزیز از بہرِ آن[1] دارم

کہ جان را نسخۂ باشد ز نقشِ خال ہندویت

(1) ن خ ۾ "از بھر آن دارم" جي بجاءِ "از بھتر آن دارم" مرقوم آھي.

⑦ برون شد شوقِ عارف راست از دنیا و از عقبیٰ
چو زو نقش این عدم آراست از دنیا و از عقبیٰ

بسوئے ذاتِ حق برخواست از دنیا و از عقبیٰ
بسو قلبش سر دادی ست از دنیا و از عقبیٰ

بخمرِ حب عجب شیداست از دنیا و از عقبیٰ
"سعیداً" حق بتو ہر جاست از دنیا و از عقبیٰ

زہی ہمت کہ حافظ راست از دنیا و از عقبیٰ
نیاید ہیچ در چشمش مگر خاکِ سرِ کویت

ترجمو

حافظ شيرازيءَ جي ’علمِ تصوّف‘ بابت چيل غزل تي مثمّن غزل

① تنهنجي ذات پاڪ سهڻي سيرت ۽ سهڻي چهري واري تي، انهيءَ گول دائري واري سانوري (چهري ۾) واهه جو سهڻو تِرُ آهي.
هر هڪ تنهنجي ڪرم جي عادت ڪان فيضياب آهي، تنهنجو حُسن ۽ جمال ظاهر ٿي، تنهنجي ناز ۽ ڪرشمي جا اشارا ڪري ٿو.
تنهنجو وارن ڪي (چهري ڪان مٿي ڪٽڻ سان) تنهنجي سهڻي ذات جون، پره (ڦنڍ وانگي) عجيب حالتون آهن.
تنهنجي عنبرين گل (جهڙي) مهڪ مون کي مست چريو ڪندڙ آهي، تنهنجي گهنڊيدار وارن جي خوشبوءِ مون کي هميشه مست (چريو) رکندي آهي.

تنهنجي جادوءَ ڀريءَ نگاهہ جو فريب، مون کي هر گهڙي تباهہ ڪندو (رهندو) آهي.

٢ (محبوب) جي ڀنهي ڀروئن کي ان جي ٻن ڪمانن مان نشان ڏسڻ گهرجي، قرآن مان ”او ادنيٰ“ جي لفظ کي ان کان ظاهر ڏسڻ گهرجي، جو مسجد اندر اُن مان محراب جو بيان ڏسڻ گهرجي، ان محراب ۾ عاشقن جي دل جي، اک جي شمع ڏسڻ گهرجي، جو ”مَا زَاغَ البَصَرُ“ کي انهيءَ مان صاف ڏسڻ گهرجي، ڏينهن رات هن دعا کي دل ۽ جان سان پڙهڻ گهرجي.

اي ربّ! ڪيتري قدر صبر ڪان پوءِ ڪنهن رات کي ڏسي سگهجي ٿو؟ جو اسان پنهنجين اکين جي شمع تنهنجي ڀروئن جي محراب ۾ روشن ڪريون.

٣ اي صبا! دل کي وندرائيندڙ (محبوب) کي اگر ڪنهن حڪمت سان سينگارين، تہ اهو تنهنجي نور سان رحمت وارو ساهہ بنجي پوي.

هائو! خوبصورت چهري کي سينگارين تہ پردو ۽ عيب نہ ڪندو، دل واري سِپّ مُنهن جي روشنيءَ کان سچي موتيءَ جي مثل سينگارين، (۽) جسم جي سمورن ذرڙن کي چنڊ وانگر، ظاهر ڪري سينگارين، (پوءِ) تون اگر گهرين تہ سموري دنيا کي هميشه لاءِ سينگارين، (هاڻي) صبا کي چئو، تہ ٿوري دير لاءِ تنهنجي چهري تان پردو هٽائي.

٤ هر ماڻهوءَ کي سراسر سندن نالن سان نظر وجهين. غيب الغيب مان خود پنهنجي ذات کي نظر سان منظر ڏيکارين.

ان جي بلند ذات جي حقيقت سان جيڪڏهن نظر وجهين، تہ ان کي دل ۽ جان سان سندس حياتيءَ جو بقاء حاصل ٿئي، اهڙي نگاهہ سان هن جي دل ۽ جان جي زندگي روشن ٿي ويندي.

جيڪڏهن هميشگي وارو عالَم گهرڻ چاهين، تہ انهيءَ جي نظر سان قيامت تائين قائم رهندين.

جيڪڏهن تون موت جي رواج کي دنيا کان ختم ڪرڻ چاهين ٿو، تہ زلف کي چنڊ، تہ جيئن تنهنجي هر وار سان هزارين جانيون (هيٺ) ڇٽي پون.

⑤ "آئون"[1] ۽ اسان هن منزل ۾ پهرئين وک رکڻ سان ختم ٿيا، رحمان جي ذات خود (پنهنجي شان مطابق) پنهنجي نور جي تجليءَ سان شامل ٿي.
پر دل ان ذاتِ اقدس جي طرف عجيب طريقي سان مائل ٿي، ذات پاڪ جي تجليءَ کي آئيني وانگي ڪٽندڙ آهي.
جيڪو به (ان ذات جي رحمت ڏي) نهاري ته اهو غيب کان پنهنجي ڪامل نظر ان ڏي (ڪندو آهي) هن ڳجهي راز کي ڪو ته سمجهي؟
جو آئون ته ان جو قائل ٿي (ان جي) چؤطرف ڦري رهيو آهيان.
آئون ۽ باد صبا (ٿڌڙي هير) مسڪين، حيران ۽ بي مقصد آهيون، آئون تنهنجي اک جي جادوءَ کان مست ٿيل آهيان ۽ هوءَ تنهنجي زلفن جي خوشبوءِ کان مست آهي.

⑥ مؤمن جي پريل پيٽ کي دل جي زردي سمجهان ٿو، ان دل جي خالي مرڪز کي ڪارو سمجهان ٿو.
چوته آئون ان کي ماسوي الله جي خيالن کان آزاد ڪرڻ گهران ٿو، پڻ ان دل جي نقطي کي خدا جي ذات کي سمجهڻ جي لائق بنائڻ گهران ٿو.
حقيقي چهري مان مجازي صورت جو حُسن سمجهان ٿو، انهيءَ معنيٰ کي دل جي نگاهه کان سواءِ ڪٽڻ نه ٿو گهران.
اجي تختيءَ ۾ لڪيل ڪارن اکرن کي، ان ڪري پسند ڪريان ٿو، ته جيئن تنهجي ڪاري تِرَ جي نقش، منهنجي جان جي جياپي لاءِ اٽلي نسخو ٿي پوي.

⑦ عارف جو شوق (ان وقت) دنيا ۽ آخرت کان (گهٽو) ٻاهر آهي، جڏهن هن دنيا ۽ آخرت کان (آجو ٿي) هن عدم واري نقشي کي (الله جي ذڪر سان) سينگاريائين،
۽ دنيا ۽ آخرت کان (آزاد ٿي) ذاتِ حق جي طرف اٿي هليو، دنيا ۽ آخرت کان (آزاد ٿي) پنهنجي دل جي روشنائيءَ سان سر ڏنو آهي.
دنيا ۽ آخرت کان حقيقي شراب جي محبت عجب روشني آهي.
اي "سعيد رحمه الله"! دنيا ۽ آخرت (۾) حق توسان هر جاءِ تي (گڏ) آهي.

---

(۱) شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو: رهي نه رتيءَ جيتري، انهن وٽ "آئون" وَڍي وڌائون، هَو جو وَڻ هئڻ جو.

ڪهڙي نہ سٺي همت آ، جو حافظ دنيا ۽ عقبيٰ ڪان لنگهيو ويو ان جي اک ۾ تنهجي گهٽيءَ جي مٽيءَ کان سواءِ ڪجهه ٻيو سمائجي نہ سگهي.

غزل نمبر: ۵۴

① آن[1] درم دادن سخی را لائق ست
جان سپردن خود سخائی عاشق ست

② نفس را انفاق اندر راهِ حق
ساختن مر فعلِ عابد شائق ست

③ عارفِ کامل منوّر نورِ ذات
مایه دار از نفقهٔ قلبِ رائق ست[2]

④ نفقهٔ احوال ہائی مختلف
از سخا اہلِ حقیقت فائق ست

⑤ جامعِ این نفقہای جملگی
عارفی کہ او نفقہا را فارق ست

⑥ قلبِ او از نورِ برقِ ذاتِ حق
دائما چون برقِ رخشان بارق ست

(1) ن خ، ن ع ۾ از درم مرقوم آهي.

(2) ن خ، ن ع ۾ عارف کامل منور نور ذات تا از نفقه قلب رائق ست مرقوم آهي.

⑦ هر کرا از این سخاوت بهرهٔ
نیست قلبش برده نفسِ سارق ست

⑧ از وساوس گیر بر نفس ای "سعیدؒ"
حامیت شیخ و رسول و خالق ست

ترجمو

① اهو پيسو (خدا جي راهہ ۾) ڏيڻ سخيءَ کي لائق آهي، (پر) جان (خدا جي حوالي) ڪرڻ خود عاشق جي سخا آهي.
② خدا جي واٽ ۾ جان کي جوکو ڏيڻ (اهو) خاص عبادت سان شوق رکندڙ عابد جو فعل آهي.
③ (خدا جو) ڪامل عارف ذاتِ الاهيءَ جي نور سان روشن دل جي خلوص سان خوبصورت موڙي رکندڙ آهي.
④ مختلف حالتن کي (خدا جي راهہ ۾) خرچ ڪرڻ اهلِ حقيقت جي تمام وڏي سخا آهي.
⑤ هنن سمورين شين کي ملائي خرچ ڪندڙ الله جو عارف آهي، جيڪو انهن سمورن خرچن ۾ بين ڪان نرالو آهي.
⑥ ان جي دل ذاتِ حق جي نور جي تجليءَ کان هميشه وچ وانگر چمڪندڙ آهي.
⑦ جنهن کي هن سخاوت کان ڪجهہ بہ حصو (مليل) ناهي، ان جي دل جو سامان چور نفس وٺي ويندو آهي.
⑧ اي "سعيدؒ"! نفس تي وسوسن جي بچڻ کان مرشد، رسول ﷺ ۽ خلقڻهار (ربّ) جي مدد وٺ.

غزل نمبر: ۵۵

① مذهبِ عارفان تقدیر ست
پایهٔ حال ترکِ تدبیر ست

② در رضاءِ حق رضاءِ شان باشد
رضی الله زان چو تعبیر ست

③ گو رضا راکه قول و فعل این ست
فارق اندر مقام و توقیر ست

④ نیست فوق از رضا مقامی هیچ
جز رضا بر قضا ز تقصیر ست

⑤ شو "سعیدا" چو بندگانِ رضا
ترکِ تدبیر نفسِ اکسیر ست

ترجمو

① عارفن جو مذهب تقدير (تي راضي رهڻ) آهي، حال جو مرتبو تدبير کي ڇڏڻ آهي.

② الله تعاليٰ جي رضامندي ۾ انهن جو رضامندو آهي، جڏهن ته انهيءَ کان "رضي الله" جو تعبير آهي.

③ جيتوڻيڪ رضا کي قول و فعل هيءُ آهي، (پر) توقير ۽ مقام جي اندر فرق ڪندڙ آهي.

④ الله جي رضا کان مٿي ٻيو ڪو به مقام ناهي، قضا تي راضي نه رهڻ ڪوتاهي آهي.

⑤ اي "سعيدؒ"! (خدا) جي رضا تي راضي رهڻ وارن ٻانهن وانگر ٿيءُ، تدبير ڪي ڇڏڻ نفس لاءِ اڪسير آهي.

غزل نمبر: ۵٦

① ذکرِ بالاءِ پستی رفتن ست
ذکرِ حق از قیدِ ہستی رستن ست

② رفتن از اوصافِ خود واز ذکرِ خود
متّصف اوصافِ ایزد گشتن ست

③ نی اثر از باد گردد نی وجود
ذرّه ذرّه تن بذکرش بستن ست

④ لحم و شحم وہم عروق و استخوان
با حق از غیرِ خدا بگسستن ست

⑤ ذکرِ ذاتی این چنین با ذاتِ حق
نافع اندر وقت گوری خفتن ست

⑥ این چنین اذکار حاصل ای "سعیدؒ"
نی بہ جز جاروبِ لا دل رفتن ست

ترجمو

① ذَكَرَنِيَ [1] (جي حڪم تي عمل ڪرڻ سان) پستيءَ کان بلند مرتبي تي وڃڻو آهي، الله تعاليٰ جو ذڪر هستيءَ جي قيد کان ڇٽڻ آهي.

② پنهنجي ذڪر ۽ وصف کي ڇڏڻ، جڻ ته الله تعاليٰ جي وصفن سان سينگارجڻ آهي.

③ هوا ۽ وجود کان اثر نه ٿيو، (جسم) جو ذرو ذرو ان جي ذڪر ۾ ٻڌل آهي.

④ گوشت، چربي، رڳون ۽ هڏا (سمورا) غير خدا کان ٽٽي ذاتِ حق سان (جڙي ويا آهن)

⑤ ذڪر ذاتي اهڙيءَ ريت ڪرڻ سان ۽ ذاتِ حق ۾ (محو ٿيڻ سان) قبر ۾ ٻه سمهڻ وقت نفعو ڏيندو آهي.

⑥ اي "سعيد"! اهڙو ذڪر دل ۾ "لا" جي ڀاري ڏيڻ کان سواءِ حاصل نه ٿيندو آهي.

غزل نمبر: ۵۷

① عجب گردید واضح از علامات
برائ مؤمن ای صاحبِ مقامات

② ہراس و خوف از اغیار نبود
بود باخوف دائم پاک از ذات

③ ہمہ غیر از چنین حالت نیابد
بفہمد آنکہ داند از حقیقات

---

(١) حديث قدسي ۾ آهي ته اَنَا جَلِيسُ مَنْ ذَكَرَنِيَ جيڪو مون کي ياد ڪري ٿو، آئون انهيءَ سان گڏ آهيان. شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو ته: "رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سڀ ڪنهن"

④ چه باشد جن یا هم غیر آن شد
نباشد هیچ خوفش ز اعتبارات

⑤ دفع سازد "سعیدا" رابطۂ حق
همه اغیار خوفش باسعادات

ترجمو

① مؤمن ۽ صاحبِ ولايت لاءِ عجب نشانيون واضح ٿيون.
② ان کي غيرالله کان هراس ۽ خوف نه هوندو، (بلڪ) هميشه الله تعاليٰ جي پاڪ ذات جو خوف هوندس.
③ غير جي سمورن (خيالن) کي اهڙي ريت نه ٿو سمجهي، (بلڪ) جيڪي به سمجهي ٿو اهو حقيقت کان ئي جاڙي ٿو.
④ ڪٿي جنّ هجي يا ڪا ٻي شيءِ هجي، ان کي ڪنهن به امتحان جو ڪو به خوف ناهي.
⑤ اي "سعيدؒ"! ان جي خوف (جي ڪري) سمورن غيرن جي (خيالن کي) ختم ڪري، نيڪ بختيءَ سان حق سان رابطو رکُ.

غزل نمبر: ۵۸

① هنوز آن ابر نیسان دُرّفشان ست
می و میخانه با نام و نشان ست

② وجودِ عارفانِ ذاتِ اقدس
ز انوارِ ذاتی گلستان ست

③ ولايةِ ظلّ چون ظل گشت معدوم
ولايةِ اصل تابان درجنان ست

④ کجا گردد دل روشن بخورشيد
که نورش منفعل زين عارفان ست

⑤ نهايت با بدايت مرتبط شد
تعلّق اصل با اصل از عيان ست

⑥ منور خانهٔ قلبِ "سعيدیؒ"
بود زين نور کان جانی بجان ست

ترجمو

① هاڻي اهو بهار جو ڪڪر موتي وسائيندڙ آهي، شراب ۽ شراب خانو
نالي ۽ نشان سان آهي.

② الله تعاليٰ جي عارفن جو وجود، ذاتي انوار (جي ڪري) تازو باغ آهي.

③ ولايت ظلي[1] (انتها کي پهتي) جڏهن فيضِ رسان جو پاڇو ختم ٿيو،
ولايت اصلي جنت ۾ (فيض جي) روشنيءَ کي پکيڙيندڙ آهي.

④ (نبي ﷺ جي فيض واري) سج کان عام ماڻهوءَ جي دل ڪٿي روشن
ٿئي؟ ان جي نور کان ته الله جا عارف اثر وٺندڙ آهن.

⑤ انتها ابتدا سان جڙيل آهي، اصل جو تعلق اصل سان ظاهر آهي.

⑥ نيڪ بختيءَ واري "سعيدؒ" جي دل جو گهر انهي محبوب جي نور
کان روشن آهي جيڪو ساهه کان به ويجهو آهي.

---

(1) شاعر جامي رح فرمايو ته: حريفان بادها خوردند و رفتند ـ تهی خمها نها کردند و رفتند
يعني اصحاب ۽ تابعين سڳورا اصلي ولايت جي فيض کي حاصل ڪري هليا ويا، اُهي ميخانا ۽ مٽ ڪي
ويا، اهو ولايت ظلِي جو زمانو هو، جيڪو انتها کي پهتو.

غزل نمبر: ۵۹

① بود توحید بس افضال مقامات
که التوحید اسقاط الاضافات

② اضافت را نظر ناکرده لاشیٔ
به بیند هر چه باشد کل حالات

③ بعرش و فرش او از مه تا به ماهی
نیارد هیچ در دید و مقالات

④ چو باتوحید ذاتی شد مشرّف
بود حاوی به مجموعۂ کمالات

⑤ کسی که اندر جهان عالم نه بیند
"سعیداؒ" او ولی جامعِ سعادات

ترجمو

① توحيد کي فضيلت وارن مرتبن جو (نالو) ڪافي آهي، ڇوتہ توحيد (۾) غير جي نسبت کي ختم ڪرڻ آهي.

② (هن ۾) ٻي ڪنهن بہ شيءِ ڏي نسبت واري نظر ڪرڻي ناهي، چاهي ڪهڙا بہ حالات هجن.

③ ان جي عرش، فرش ۽ چنڊ کان سمنڊ جي تري تائين (سندس قدرت جي نظارن) ڏسڻ ۾ ڪوبہ اعتراض نہ ٿو آڻي سگهي.

④ جڏهن ذاتي توحيد سان مشرف ٿيو، تہ پوءِ سمورين ڪمالات (وارين شين) کي گهيريندڙ آهي.

⑤ اي "سعيدؒ"! جيڪو ماڻهو جهان ۾ (پاڻ کي) عالم نه ٿو سمجهي، اهو سمورين سعادتن وارو ولي آهي.

غزل نمبر: ٦٠

① در تو يک آرزو ابليسِ توست
واين برونها همه تلبيسِ توست

② از خودی خود گشتهٔ محجوب نفس
سجن قيدت بهرِ تو تسديس توست

③ چون ز خود رُستی و رفتی در رضا
هردمت با ذکرِ حق تانيسِ توست

④ بهرِ معموری جدارِ عنصرت
نفی نفس و ذکرِ حق تاسيسِ توست

⑤ شد سعادت ای "سعيدؒ" اندر رضا
در رضا بشتافتن تعريسِ توست

ترجمو

① تو ۾[1] هر هڪ سڌ، تنهنجي ابليس (نفس) جي آهي، انهيءَ (هڄڻ واري دعويٰ) کي ڇڏ، ان ۾ توکي ڏوکو آهي.

(1) سلطان الاولياء خواجه محمد زمان فرمائي ٿو ته: هٿئ تو حجاب، لاهه ته لهين سپرين.
شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو ته:
پنهون ٿيس پاڻ، ويو سسئيءَ جو شرم،
هيڪليون هلن حي، پچي تن پرم.

Scanned with CamScanner

② خوديءَ ڪان پنهنجي نفس جي آڙ ڏنئي تنهنجي قيد جو قيدخانو پاڻ لاءِ ڇهه حصا ڪيئي.

③ جڏهن پاڻ ڪان آجو ٿي خدا جي رضا ۾ ويندين، تہ تنهنجو هر هڪ دمُ الله جي ذڪر سان توسان ورونهن ۽ وندر ڪندڙ هوندو.

④ تنهنجي عنصر (اصل) جي ديوار جي تعمير لاءِ نفس جي نفي ۽ الله جو ذڪر تنهنجي (لاءِ) بنيادي حيثيت آهي.

⑤ اي "سعيدؒ"! (الله جي) رضا ۾ سعادت مند ٿيءُ. الله جي رضا ۾ اَسر جو ٻوڙڻ (ذڪر ڪرڻ) تنهنجي لاءِ ڀلو آهي.

غزل نمبر: ٦١

① ہر کرا مایۂ محبت نیست
پایہ اش دین ہم صفوت نیست

② نیست ذکرِ خدا با او را
ہر کہ را چونکہ پایۂ طاعت نیست

③ طاعتِ ایمان چون نماند اینجا
اثری از مقامِ حلّت نیست

④ امر و نہی چون رہا کردی
ز شناساءِ امرِ حمایت نیست

⑤ عارفان را تجلیاتِ ایزد
خوش "سعیدؒ" محلِ کفایت نیست

ترجمو

① جنهن کي محبت جي موڙي نہ آهي، ان جو دين (۾) سنو مرتبو نہ آهي.

② جنهن ماڻهوءَ کي اطاعت جو جذبو ناهي، خدا جي ذڪر مان ڪيس ڪجهہ بہ (حاصل نہ آهي).

③ جڏهن ايمان جي اطاعت هن جاءِ تي نہ رهي، تہ حلال جي جاءِ مان ڪو بہ اثر نہ آهي.

④ (خدا جي) اَمر ۽ نَهيءَ کي جڏهن ڇڏي ڏنئي، تہ امر جي پرکڻ مان ڪا بہ حمايت نہ آهي.

⑤ عارفن کي الله تعاليٰ جي تجلّي تمام سُني (حاصل) آهي، اي "سعيد" ! (هيءَ) ڪفايت جي جاءِ ناهي.

غزل نمبر: ٦٢

① جمعیّتِ قلب حاصل از حضور ست
خواطر را از و جمعا نفور ست

② حضورش را اگر نافی نیاید
مُخلّی نیست بل صاحبِ عبور ست

③ و لیکن مکثِ خاطر شد عذابی
کہ از توصیفِ رحمت گشت دور ست

④ چون میّت در یدِ غسّال چون ماند
سلیم النّفس در حفظِ غفور ست

⑤ "سعیدا" چون ز قیدِ نفس رستی
اُفق نہ چرخ بہرت چون حضور ست

ترجمو

① قلب کي جمعيّت[1] (مرشد) جي حضور مان حاصل آهي (ٻي پيرن) جي دلين کي اهڙي جمعيّت کان نفرت آهي.

② اگر ان جي حضور ۾ ڪوبه روڪيندڙ نه هجي ته ڪابه رُڪاوٽ خلل ناهي، بلڪ اُهو (سلوڪ جا سڀ رستا) پار ڪرڻ وارو آهي.

③ پر (جيڪڏهن) دل جو هڪ جاءِ تي رهڻ عذاب ٿئي، ته اهو رحمت جي وصف کان پري ٿيڻ آهي.

④ جيئن ميّت لڙ ڏيندڙ جي هٿ ۾ (چُپ) رهندو آهي (ائين ئي) قلبِ سليم وارو الله تعاليٰ جي حفظ ۽ امان ۾ رهندو آهي.

⑤ اي "سعيدؒ"! نفس جي قيد کان جڏهن آزاد ٿئين، ته تون آسمان جا ڪنارا تنهنجي لاءِ سامهون حاضر شيءِ وانگي آهن.

غزل نمبر: ٦٣

① به مجنون عشقِ ليلىٰ تاج شاہی ست
ز سودايش ہمہ عالم سياہی ست

② چو پرسيدند مجنون را ز قرآن
کہ حافظ ہست يا قرآنِ ساہی ست

---

(1) هيءَ اشارو هن آيت سڳوريءَ ڏانهن آهي، ته: "ان ڏينهن مال ۽ اولاد ڪوبه فائدو نه ڏيندا، مگر جيڪو الله جي حضور ۾ قلبِ سليم کڻي آيو. (سورة الشعراء: پ١٩) ۽ حديث پاڪ ۾ آهي ته انسان جي جسم ۾ هڪ گوشت جو ٽڪرو آهي، جڏهن اهو صحيح رهندو آهي ته سمورو جسم صحيح هوندو آهي، ۽ جڏهن ان ۾ خرابي ايندي آهي، ته سمورو جسم خراب ٿي پوندو آهي. خبردار! اهو جسم جو ٽڪرو دل آهي.

③ كه اسرا بعبده ليلًا بخوانده
بگفت اين آيتم بس دستگاهی ست
④ حديد آن بمقناطيس رفتن
بنزدِ عاشقان فخر و مباهی ست
⑤ به اسمِ دوست از اغيار مشغول
بماندن سروری و عزّ و جاهی ست
⑥ "سعيداؒ" شد سعادت ذکرِ معشوق
بغيرش باز اُو ماندن تباهی ست

ترجمو

① مجني لاءِ ليليٰ جو عشق بادشاهي تاج آهي، ان جي سوداءَ (فڪر) کان سمورو جهان ڪاري مَسُ آهي.

② جڏهن مجني کان قرآن مان پڇيائون، ته ڇا اهو قرآن کي ياد ڪندڙ آهي؟ يا وساريندڙ آهي؟

③ جڏهن "اَسريٰ بعَبدِه لَيلاً" جي (آيت کي) پڙهيائين، ته چيائين هيءَ آيت مون لاءِ ڪافي سرمايو آهي.

④ انهيءَ لوهه کي چقمق (پاڻ ڏي) ڇڪي وٺندو آهي، عاشقن وٽ اها فخر ڪرڻ واري ڳالهه آهي.

⑤ غيرن کي ڇڏي دوست جي نالي سان مشغول ٿيءُ، ڇو ته دوست سان مشغول رهڻ ۾ ئي عزت، سرداري ۽ مرتبو آهي.

⑥ اي "سعيدؒ"! معشوق جو ذڪر (ڪرڻ) سعادت آهي، ان کان سواءِ پوئتي رهڻ تباهي آهي.

غزل نمبر: ٦٤

① راهِ بوبکر درین ره خبری نیست که نیست
نورِ صدیق دران ره اثری نیست که نیست

② (1) آنکه او مال همه نفقه رهِ حق کرده
جمله مالی که دران سیم وزری نیست که نیست

③ غیرِ صدیق نه هر کس برود در راهش
که به هر گامش خوف وخطری نیست که نیست

④ شاهِ فاروق که هم نفقه نموده اکثر
از کمالش بمیان خوش کمری نیست که نیست

⑤ شاهِ عثمان که ز نصفش بدر آمد انفاق
هیچش از حلم وحیا رهگذری نیست که نیست

⑥ شبل صفدر که از و نفقه بعض آمد بود
خاکِ درِ او کحلِ بصری نیست که نیست

⑦ شیخِ ما وه که محمد بود چتری بزمان
زین هنرها همه نزدش هنری نیست که نیست

---

(1) يعني ظاهري ۽ باطني مال کي خرچ ڪرڻ جڻ نه ان کي ڪيڙي جي ڪاڻ ۽ برباد ٿيڻ کان محفوظ رکڻ آهي.

⑧ نقشبندان و ليكن ز ذاتش نقشند
خوش بر ايشان مفتح نظرى نيست كه نيست

⑨ نقشبندى رهى باز "سعيدا" برگو
راهِ بوبكر در اين ره خبرى نيست كه نيست

ترجمو

① انهي واٽ ۾ ابوبڪر رضي الله عنه جي واٽ جي خبر آهي يا ناهي؟ انهي واٽ ۾ صديق رضي الله عنه جي نور جو اثر آهي يا ناهي؟

② جنهن پنهنجو سمورو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪيو، سمورو مال جنهن ۾ سون، چاندي آهي يا ناهي؟

③ صديق رضي الله عنه کان سواءِ هرڪو ان جي واٽ ۾ نه ويو، جو اُن جي هر وِک ۾ خوف خطرو آهي يا ناهي؟

④ شاهِ فاروق رضي الله عنه پڻ گهڻو مال خرچ ڪيو، ان جي بلند مرتبي جي ڪري تلوار جي نيام چيلهه ۾ آهي يا ناهي؟

⑤ شاهه عثمان رضي الله عنه پنهنجي مال مان اڌ حصو الله جي راهه ۾ خرچ ڪيو، ان جي بردباري ۽ حيا کان ڪنهن ڪي به لنگهڻ جي جاءِ ناهي،

⑥ شينهن جي ٻچي، دشمن جي صفن کي ٽوڙيندڙ حضرت علي شاهِ رضي الله عنه به ڪجهه خرچ ڪيو، ان جي در جي خاڪ اکين جي لاءِ سرمون آهي يا ناهي؟

⑦ اسان جو مرشد خواجه محمد زمان پنهنجي زماني ۾ تمام پلو سچ آهي، ان جي سمورن هنرن مان سندس وٽ ڪو هُنر آهي يا ناهي؟

⑧ پر نقشبندي، ان جي ذات کان نقشا چٽيندڙ انهن جي خزاني تي سٺي نظر ڪليل آهي يا ناهي؟

⑨ اي "سعيد"! نقشبندي غلام کي وري چؤ، ته (اُن کي) هن واٽ ۾ ابوبڪر رضي الله عنه جي واٽ جي خبر آهي يا ناهي؟

بَابُ الثَّاءِ

غزل نمبر: ٦٥

① میلی بغیر یار بود مشغلی عبث
پیش خورست اخترِ رونق بلی عبث

② فقدانِ غیر شامل وجدان حق شده
از عندلیب نغمۂ جز بر گلی عبث

③ جز یار در محافلِ دل قیل و قال نی
آری بغیر ذکرِ خدا محفلی عبث

④ ما کان وما یکون من الکون فانیًا
با فائیٔ تعلّق اہلِ دلی عبث

⑤ ذوالہمتی نخواہد جز ذاتِ حق وقوف
رکّاب را توقف جز[1] منزلی عبث

⑥ بی پیر درس علم معانی محال بین
بی[2] یار از صراحی می قلقلی عبث

(1) ن ع ۾ "بر" جي جاءِ تي "جُز" لکيل آهي.
(2) ن خ ۾ "بي" جي جاءِ تي "پي" لکيل آهي.

Scanned with CamScanner

⑦ تزئین حالِ دل بشریعت ردیف شد
جز کو کنار نشهٔ جامی ملی عبث

⑧ وه نورِ دل که خوربشدش ذرّهٔ "سعید"
بی جاء پُرزداج بود مشعلی عبث

ترجمو

① يار جي لاڙي (مرشد جي توجهه کان) سواءِ شُغل اجايو آهي. سج جي (روشنيءَ جي) اڳيان تاري جي رونق اجائي آهي.

② جنهن جي دل ۾ غير ناهي، ان کي حق جي معرفت حاصل آهي، بلبل جي نغمه سرائي، بغير گُل جي بيڪار آهي.

③ دل جي محفلن ۾ يار جي ذڪر ڪرڻ کان سواءِ (ٻي) ڳالهه ٻولهه ڪرڻ (سني) ناهي، هائو! خدا جي ذڪر کان سواءِ محفل اجائي آهي.

④ دنيا ۾ جيڪي ٿيو ۽ ٿيندو (اهو سڀ) فاني آهي، اهلِ دل کي فنا ٿيڻ واري (شيءِ سان) تعلق رکڻ اجايو آهي.

⑤ همت وارو الله تعاليٰ جي ذات جي (حضور) کان سواءِ ڪٿي به ويهڻ نه ٿو گهري، (چوته) سوار کي منزل کانسواءِ ويهڻ اجايو آهي.

⑥ بغير مرشد جي حقيقت جي علم جو درس ڏيڻ محال سمجهه، يار کان سواءِ شراب جي صراحيءَ مان آواز اچڻ بيڪار آهي.

⑦ شريعت پٺيان هلڻ جي ڪري دل جي حالت سڌري ٿي، محبوب جي قرب کان سواءِ شراب جو ڀريل پيالو بيڪار آهي.

⑧ ان جي سج جي ذرّي سان "سعيد" جي دل جو نور واهه جو (ٿيو)، انڌيري رات ۾ ڏيئو ڪٿي وڃڻ کان سواءِ اونده ۾ هلڻ اجايو آهي.

بَابُ الجيم

غزل نمبر: ٦٦

① درون دُرجِ دلِ عاشقان ز گوہر گنج
ترازو ست دو ویده به اشکِ گوہر گنج

② خجل ز حسن رخ گل رخ و سمن بویم
بزیر ابرِ نقاب ست صدمۂ افرنج

③ نرست ہیچ دل از شست چشم زه گیرش
بقوس ابرو کج کرد تا که تیرِ غنج

④ برو بکنج نشین زاہدا که نابینی
ز حالِ دردِ دلم و جاه مہرخ باقنج

⑤ نه طاقت ست به اسپِ خیالِ بوالہوسی
که پا نہد نجم عشق این ره ترفنج

⑥ نشین بصحبتِ دانا که ز و فرزین ست
بدست بوسیِ شطار[1] بیذق شطرنج

---

(1) ن ع ۾ شطار جي جاءِ تي شيطان لکيل آهي. اهو شاعر جي خيال ۾ فڪر ڪان تمام پري ۽ غلط آهي. (مترجم)

⑦ شوی چو یوسف بر تختِ مصر عزّ اگر
بچاه دل بنشینی میانِ ظلمت و رنج

⑧ ندید ہیچ کس از دفتر دلم حرفی
به پیچ زلف شکن کردهٔ ش تا اشکنج

⑨ نگار رفت بگلزار بہرِ پیمانه
بیار مطرب و ناؤ چغانه بربط و صنج

⑩ کجاست ساقی و پیمانه و صراحیٔ می
که روز عید و سرورست شب زہی پرخنج

⑪ "سعیدؒ" تیرِ دعاءِ تو بر ہدف آمد
رسید خرده که مرده رقیب در کولنج[1]

ترجمو

① عاشقن جي دل جي دٻليءَ ۾ موتين جو خزانو آهي، (جِڻڪِ) ترازوءَ جا ٻئي پُڙ موتين جي لُڙڪن سان ڀريل آهن.

② گلاب جي گل جو حُسن ۽ سمن گل جي بوءِ منهنجي لاءِ شرمساري آهي، ان ڪري جو ڪڪر جي پردي هيٺيان فريب ڪاري جوحادثو آهي.

③ ڪاٻه دل ان محبوب جي نظر آلوده تير جي نشاني. ڪان آزاد ناهي، (جو اُن) نازوانداز وارو تير پنهنجي ٽيڙهي ڀرونءَ جي ڪمان سان هنيائين.

④ اي زاهد! وڃ کنڊ ۾ وڃي ويهه، جو سونهن ۽ مرتبي جي ڪري

(1) ن ع ۾ ڪولنج جي جاءِ تي ڪوڪنج لکيل آهي، اهو غلط آهي. از مترجم

منهنجي درد جي دل جي حال کي نہ ڏسين.

⑤ حرص ۽ هَوس واري خيال جي گهوڙي کي طاقت ناهي، جو هن عشق واري ڏکي ۽ باريڪ پيچري ۾ پيرُ رکي.

⑥ داناءَ جي صحبت ۾ ويهہ، جو اها بلند پايي واري آهي، اهڙي شطرنج راند کيڏيندڙ ماهر جا هٿ چم تہ فيضياب ٿئين.

⑦ اگر دل جي کوهہ ۾ ڏک ۽ انڌيري جي وچ ۾ ويهين تہ يوسف عليہ السلام وانگي مصر جي عزت واري بادشاهيءَ جي تخت تي ويهڻ ٿيندئي.

⑧ منهنجي دل جي دفتر جو حرف ڪنهن بہ نہ ڏٺو! ايستائين جو گهنڊيدار زلفن واري محبوب کي بہ پتو نہ پيو.

⑨ محبوب (پنهنجو) خوبصورت چهرو باغ ۾ پيماني کي (پرڻ) لاءِ ڪڍي ويو، ساز وڄائيندڙ! بانسري، بربط، چنگ ۽ چغا نہ ڪڍي اَڄُ.

⑩ اي ساقي! شراب جي صراحي ۽ گلاس ڪٿي آهي؟ جو عيد جو ڏينهن ۽ خوشيءَ جي رات واهہ جا ڀلا آهن.

⑪ "سعيدؒ"! تنهنجي دُعا جو تير (صبح) نشاني تي لڳو، مبارڪ ملي جو رقيب ڪولنج جي بيماري ۾ مري ويو.

نور محمد ڦرڙو 03023629987

بَابُ الحَاءِ

غزل نمبر: ٦٧

① خوشتر این اعمال وطاعت طاعتِ قولِ صحیح
از کلامِ حضرت خیرالرّسل آلِ ذبیح

② ربقۂ فرمان او در رقبۂ جان ہر کس ست
گرچہ باشد اولیاء و انبیا ور چہ مسیح

③ چون کلوخ انداز اقوالِ مجتہد بی عبر تش
چون مخالف بینی از قولِ صحیح شہ ملیح

④ لَیْسَ مِنِّی مَنْ رَّغِبَ عَنْ سُنَّتِیْ وہ رحر بین
کیست منکر سنتش جز کافرِ ملعونِ مسیح

⑤ سنتِ عالیش افضل اکمل از سننِ انبیا
آن چنان کامد ملیح از شاہِ خوبانِ صبیح

⑥ گر شوی عذب اللسان جادو بیان و سحر وفن
چون مخالف سنتی قولت بود زشت و قبیح

⑦ آری آری بی طفیلی رہنما جنّ و بشر
ہرکہ باشد باشد اندر دنیاؤ عقبیٰ فضیح

⑧ بین زنعتِ سنتِ ختم الرّسل کہ آخر "سعید"
گشت مرطوب اللسان عذب البیان گویا فصیح

ترجمو

① اسماعيل ذبيح الله جي آل مان حضرت خيرالرسل ﷺ جي صحيح فرمان مطابق هيءَ اطاعت ۽ اعمال تمام سٺا آهن.

② ان جي فرمان جي رَسي هر ساهه واري جي ڪنڌ ۾ پيل آهي، ڪٿي نبي، ولي، ۽ حضرت مسيح ڇونه هجي.

③ جڏهن مجتهد جي قول کي سهڻي سردار ﷺ جي فرمان جي مخالف ڏسين، ته ان کي بغير سوچڻ جي پتر وانگي اڇلائي ڇڏ.

④ ”جنهن منهنجي سنّت کان منهن موڙيو، اهو منهنجي امّت مان ناهي“ انهيءَ پلي اشاري کي ڏس. ڪافر بي ذوق ملعون کان سواءِ اُن جي سنّت جو ڪير انڪاري آهي؟

⑤ ان جي سنّت سمورن نبين سڳورن جي سنتن کان اڪمل، افضل ۽ عالي آهي، جو اها سهڻن جي سردار ﷺ کان آئي آهي.

⑥ اگر مٺي زبان، جادو بيان ۽ فن جو مظاهرو ڪرين، (ته ڇا ٿي پيو) جڏهن تنهنجو قول سنّت جي مخالف هوندو ته اهو تمام خراب ۽ بيڪار آهي.

⑦ هائو! هائو! نبي رهنما جي وسيلي کان سواءِ، جِنُ ۽ بشر جيڪو به آهي، اهو دنيا ۽ آخرت ۾ خوار آهي.

⑧ ختم الرسل ﷺ جي سنت جي واڪاڻ ڏس، جو آخر ”سعيد“ جي زبان (ان سان) آلي ٿي ۽ بيان منو چڱو چونڊڙ ٿيو.

غزل نمبر: ٦٨

① ساکنانِ کوءِ رندان را چنان آمد صلاح
ساقیے مے خانہ را گفتن خدا باشد مباح

② لیک قائلِ این سخن رانیت مخصوص حال
از رسومِ طرزِ گبرا طرفہ می بخشد نجاح

③ سگ کہ مُردہ در نمک انسان از و کمتر مبین

رفت فانی ماند باقی باقیِ ربّ فتّاح

④ کنت سمعہ کنت بصرہ کنت رجلہ کنت ید

حجتِ عاشق حدیثِ پاک قدسی در صحاح

⑤ ہم یَدُاللّٰہِ فَوقَ اَیۡدِیۡھِمۡ ز قرآن باز خوان

لِیۡ مَعَ اللّٰہِ وَقۡت بہرِ عاشقان سود و رباح

⑥ مذہبِ صوفی چہ گوئی صورتِ کامل بگیر

صورتش ذکرِ الٰہی در صباح و در رواح

⑦ مَنۡ رَّاٰنِیۡ فقد رَاَی الحق گفتۂ پاک نبی

پس پئ دلدادۂ باشد دلیل قلب راح

⑧ گر نہ نیت را اثر بودی نفرمودی رسول

اِنّمَا الاعمال بِالنِّیَّاتِ خوش بشرا وضاح

⑨ ورنہ بودی قولِ اہلِ حال تابع نیتش

نی شدی معروف بسطامی دلیلِ اہل فلاح

⑩ متحد منصور و فرعون اند در دعویٰ ولیک

آن ز نیّت خود "سعیدؒ" واین ز نیّت خود فضاح

ترجمو

① رندي فقيرن جي گهٽيءَ ۾ رهندڙن کي اهڙي ريت پلائي ملي، ميخاني جي ساقي (باطني فيض ونڊيندڙ) کي خدا (جو مظهر) چوڻ جائز آهي.

② پر هن ڳالهه چوندڙ جي نيت خاص حال واري هجي (جو اهو) اک ڇنڀ ۾ آتش پرست جي رسمن کان ڇوٽڪارو بخشي ٿو.

③ لوڻ جي کاڻ ۾ مثل ڪُتي کان انسان کي گهٽ نہ سمجھ (جڏهن) فاني شيءِ ويئي (تہ) باقي سخي ربّ جو نالو رهيو.

④ "آئون ان جو ڪَنُ، اُن جي اک، ان جو پير ۽ ان جو هٿ آهيان" عاشق جو دليل حديث قدسي، صحاح ستہ يعني حديث جي مشهور ڇهن ڪتابن ۾ موجود آهي.

⑤ يَدُاللهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ [1] واري آيت کي پڻ قرآن مان وري پڙهہ. لِيْ مَعَ اللهِ وَقْتٌ [2] (جي فرمان مان) عاشقن لاءِ گهڻو نفعو آهي.

⑥ صوفيءَ جي مذهب (جي باري ۾) ڇا ٿو چوين؟ ڪامل مرشد جي صورت وٺ، ان جي صورت (۾ محو ٿيڻ) صبح ۽ شام عين الله جو ذڪر ڪرڻ آهي.

⑦ جنهن مون کي ڏٺو ان خدا کي ڏٺو، اهو نبي پاڪ فرمايو آهي، اهڙي محبوب پنيان دل ڏئي (جو اهو) پُرسڪون دل جو دليل آهي.

⑧ جيڪڏهن (عمل ۾) نيّت اثر رکندڙ نہ هجي ها، تہ نبي سڳورو، "عملن جو دارو مدار نيّتن تي آهي" واضح لفظن ۾ نہ فرمائي ها.

⑨ جيڪڏهن حال وارن جي نيّت، ان جي قول جي تابع نہ هجي ها، تہ معروف ڪرخي، بايزيد بسطاميءَ (جو چوڻ) ڪاميابي وارن لاءِ دليل نہ ٿئي ها.

⑩ منصور ۽ فرعون خدائي جي دعويٰ ڪرڻ ۾ ڄڻ تہ هڪ هئا، پر هُن (منصور) جي نيّت "سعيد" (نيڪ) هئي ۽ هِن فرعون جي نيّت (بد) خُواري هئي.

---

(1) الله تعاليٰ جي قدرت وارو هٿ انهن جي هٿن تي آهي.

(2) نبي پاڪ ﷺ فرمايو تہ ڪنهن وقت آئون الله تعاليٰ سان گڏ هوندو آهيان، ان وقت ڪوبہ مقرب ملائڪ، نبي ۽ رسول مون سان ويهڻ جي هام نہ هڻي سگهندو آهي.

بَابُ الخَاءِ

غزل نمبر: ٦٩

① طیلسانِ نیلگون از سوزِ من پوشید چرخ
واز عقیقِ اشکِ من شد دامنِ آفاق سرخ

② آبِ اشکم بر زمینِ قلب شو خم بر نکرد
گرچه از چشمم رسیده سیل تا دامانِ کرخ

③ بلبلان سان گشتہ ام شوریدہ سر باغِ ارم
جز گلِ رویت نمی دانم برابر نیم سرخ

④ ہر کسی را راحت آید از رخ محبوب او
ہمچو بلبل از گل و احرار از یعقوبِ چرخ

⑤ سنگ باسنگین دل از نالہ ام گردد مذاب[1]
پیشِ دل سنگت ندارد آہ آہم ہیچ نرخ

⑥ بر نیاید یوسف اندر دلو از چاہِ فراق
تانہ از ہجرش خوری دولاب سان در راس چرخ

⑦ باش بر بیضہ غمت ہر حال ہمچون ماکیان
تا "سعیدا" زاید از وی حبذا مقصودِ فرخ

(۱) ن ع م کردند آب لکیل آهي.

ترجمو

① آسمان منهنجي سوز جي ڪري سائي چادر ڍڪي، منهنجن ڳاڙهن ڳوڙهن (وهائڻ) جي ڪري آسمان جا ڪنارا ڳاڙها ٿيا.

② منهنجي لُڙڪن جي پاڻيءَ، منهنجي سخت دل جي زمين ڪي روشن نہ ڪيو، جيتوڻيڪ منهنجين اکين مان پاڻيءَ جو ريلو سخت دامن تائين پهتو.

③ بلبلن جيان بهشت جي باغ ۾ پريشان ڦرندو رهيس، تنهنجي چهري واري گل کان سواءِ (ڪنهن ڪي بہ) نيم سرخ جي برابر نہ ٿو سمجهان.

④ هر ماڻهوءَ کي ان جي محبوب جو رُخ (ڏسڻ) سان راحت ايندي آهي. جيئن (خواجہ عبيد الله) احرار ۽ يعقوب چرخيءَ جي گل مان (فيض وٺڻ) واري بلبل کي آئي.

⑤ پٿر دل منهنجي روئڻ کان ڳري ويئي. (پر) تنهنجي پٿر دل جي اڳيان منهنجي روئڻ رڙڻ ڪا بہ قيمت نہ رکي.

⑥ جدائي جي کوهہ مان ڏول ۾ يوسف ٻاهر نہ اچي ها، جيستائين چرخيءَ وانگي ان جي جدائي ۾ چڪريون نہ کائين.

⑦ تنهنجي غم واري بيضي تي هر حال ۾ ڪُڪڙ وانگي چلو ڪڍندڙ تيءَ، جيئن اي "سعيدؒ"! ان مان سني مقصد وارا ٻچا نڪتين.

بَابُ الدّال

غزل نمبر: ۷۰

① در دارِ رشد پیک ز شہرِ یقین رسید
گویا برید چرخ بشور از بطین رسید

② اندر حریمِ دل کہ ہوا را نہ بار ہم
روحِ تعشّقِ تو بخلوت نشین رسید

③ صد آفرین بباد زن ہمتِ تو باد
کز جنبشش کتابِ تو در آستین رسید

④ آنرا کہ شد دعاءِ مدد دہ ز بحرِ فیض
در دستِ دل سلیمان حوتِ نگین رسید

⑤ بیناء دل فرستی کہ اندر مذاقِ جان
نغزک مثالِ ذوق ز صدق انگبین رسید

⑥ دلکش نسیمِ صدق و خلوص از شمالِ یار
باغِ جنوب در بدعا یاسمین رسید

⑦ لب باز کرد غنچۂ دل در دعاءِ خیر
آہی صبا مثل چو ز مرغِ حزین رسید

⑧ طاقِ زمان ز شمع دعا می شود منیر
تا گوشهٔ ز طاقِ فلک بر زمین رسید

⑨ ہر گہ کہ لب کشاد صدف وار دلِ "سعیدؒ"
ز ابرِ فیوض قطرهٔ دُرِّ ثمین رسید

ترجمو

① يقين واري شهر مان رُشد وهدايت جي گهر ۾ قاصد پهتو، ڇڻ تہ تونگر کان بئي آسمان جي بُرج جي منزل تي پهتو.

② دل جي گهر ۾ سَدَ کي (داخل ٿيڻ) جي موڪل ناهي، تنهنجي عاشق ٿيڻ وارو روح بہ ڪُنڊ ۾ وڃي پهتو.

③ تنهنجي همت واري پنکي[1] کي شل سئو شاباس هجن، جو ان جي حرڪت سان تنهنجو ڪتاب جهوليءَ ۾ پهتو.

④ جنهن جي دعا کي (باطني) فيض جي سمنڊ مان پلي مدد تي (ڇڻ تہ دل جي هٿ ۾ سليمان جي مڇيءَ کي گرهہ مليو.

⑤ دل جي شيشي کي محبوب جي بوسن ڏيڻ وارين جاين ۾ موڪليئي. اهڙي عجيب انب جو چکڻ (ڇڻ تہ) سچي ماکيءَ کان مليو.

⑥ اتر واري يار جي خلوص ۽ سچائيءَ واري دلڪش هير، چنبيلي (گل) جي دعا سان ڏکڻ جي باغ کي پهتي.

⑦ خير جي دعا ۾ دل جي مکڙيءَ چپ کوليو، تہ تڏي آه غمگين پکيءَ وانگر پهتي.

⑧ وقت جي دري دُعا جي ڏيئي کان روشن ٿئي ٿي، (جڏهن) آسمان جي دريءَ مان ڪا ڪنڊ زمين تي پهچي ٿي.

⑨ جنهن بہ وقت سپ وانگر "سعيدؒ" جي دل منهن کوليندي آ، تہ فيض جي ڪکر مان قيمتي موتيءَ جو قطرو ان ۾ پهچندو آ.

(1) ڪانيءَ جي تختي ۾ ڪپڙو لڳائي هوا هٿڻ لاءِ پنکو بنايو ويندو هو.

غزل نمبر: ۱۷

① پیشانیش بچین کہ پر از جوش می شود
آب از نسیمِ باد زرہ پوش می شود

② جانم سپند آتش خدّش بمحفلی کہ
در آفتاب لعلِ تو مل نوش می شود

③ در نقطۂ ہیولا خالِ تو فلسفہ
بی واہم از تفکرّ مدہوش می شود

④ پوشید گر نگار رخ از زلف غم مخور
وہ یاسمین و سنبل ہمدوش می شود

⑤ نالم چرا نہ چونکہ ز دستِ جفاش بر
رگ رگ تنم اشارت بخروش می شود

⑥ بر رنج صبر کن کہ گذرگاہ سوزنی
از گوشوارِ پیش بناگوش می شود

⑦ از دیدنِ نگار بجامِ دلت "سعیدؒ"
جامِ جہان نُما فراموش می شود

ترجمو

① انگوري شراب کڻ، جو جوش پريل ٿئي ٿو، اُتر جي هوا کان پاڻي زره ڏڪيندڙ ٿئي ٿو.

② ان جي گل جي باھ محفل ۾ منهنجي جان ساڙي ڇڏي، جو سج جي روشنيءَ ۾ تنهنجي موتيءَ جهڙي ڇهري جو انگوري شراب پيتو ٿي ويو.

③ تنهنجي ڪاري تر واري اصل نقطي ۾، فلسفي سوچ ويچار کان سواءِ بيهوش پي ٿيو.

④ معشوق اگر زلفن سان چهرو ڏڪيو ته غم نه ڪر! واھ ياسمين ۽ سنبل (گل) ڪلهن جي برابر ڪهڙا نه سنا لڳن ٿا؟

⑤ آئون ڇونه روئان! ڇوته ان جي ڏاڍ ۽ ظلم واري هٿ رڳ رڳ تي ظلم ڪيو، تنهنجي اشاري سان منهنجو بدن شور ٿو ڪري.

⑥ ڏک ۽ تڪليفن تي صبر ڪر، جو ڪَن جي پاپڙي والي پاڻ کان اڳ، ڪن ٿوپڻ واري سئي جي گذرگاھ ٿئي ٿي.

⑦ "سعيدؒ"! تنهنجي دل جي شيشي سان محبوب ڪي ڏسڻ سان، واليءَ ايران جو "جام جهان نُما" (1) وسريو ٿو وڃي.

غزل نمبر: ٢٧

① راز گفتن بیار می زیبد — یار اندر کنار می زیبد

② قوت نقل مسا و صبح گہی — قند دہنِ نگار می زیبد

③ ہمچو ہالہ بگرد مہ رویت — خط مشکِ تتار می زیبد

(1) جام جهان نما، ايران جي بادشاھ ڪيخسرو جو پيالو، جنهن جي ذريعي علم نجوم سان ايندڙ وقت جو حال معلوم ٿيندو هو. از مترجم

④ زلف تو خم بخم فگنده پیچ　　　افعیٔ پیچدار می زیبد

⑤ مه رخارخ مپوش زیرِ نقاب　　　ماه بی استتار می زیبد

⑥ برق روئ نگار رخشد چون　　　ابرِ چشم اشکبار می زیبد

⑦ چشم از ناز می کنی مخمور　　　نرگس پُر خمار می زیبد

⑧ تلخ قولِ تو از لبِ شیریں　　　نحل را شهد و خار می زیبد

⑨ خار پہلوءِ گل اشارت کرد　　　غمزهٔ گلعذار می زیبد

⑩ لاله سان داغ چین مکن در رُو　　　وَرد ناداغدار می زیبد

⑪ از فمت چون صدف "سعید" سخن
لؤلؤِ شاهوار می زیبد

ترجمو

① دل جو راز دوست کي ٻڌائڻ تہ سونهي، دوست پاسي ۾ تہ سونهي.

② صبح، شام جي وقت منهنجي ذائقي بدلائڻ لاءِ، محبوب جي وات جي مصري تي سونهي.

③ تنهنجي چهري جي چوطرف چنڊ کي گول دائري جهڙي لکير تتار جي مشڪ جي تي سونهي.

④ تنهنجا زلف، گهنڊيدار ڪاريهر نانگ جي وَٽ وارا تہ سونهن.

⑤ خوبصورت چنڊ جهڙي چهري تي نقاب هيٺيان هيو ڪپڙو نہ ڍڪ، (ڇوتہ) چنڊ بغير پردي جي تہ سونهي.

⑥ محبوب جو چهرو جڏهن کنوڻ وانگر چمڪندو آهي، تہ اک جي ڪکر کي لڙڪ لاڙڻ تہ سونهن.

⑦ ناز مان (جڏهن) مخمورنظر ڪرين ٿو، ته نرگس کي ڀرپور نشو ٿو سونهي.

⑧ تنهنجي منهن چپ مان (جڏهن) ڪڙي ڳالهه ٿي نڪري، ته ماکيءَ جي مک کي به ماکيءَ (سان گڏ) ڏنگ هڻڻ ٿو سونهي.

⑨ گل جي پاسي ۾ ڪنڊو توکي اشارو ٿو ڪري، ته سهڻي محبوب کي اک جو اشارو ٿو سونهي.

⑩ اي اندر ۾ ڪارو داغ رکندڙ! ڳاڙهي گل وانگي منهن ۾ داغ نه ڪر، جو گلاب جو گل بي داغ ٿو سونهي.

⑪ "سعيد" ! تنهنجي وات مان سِپَ وانگي بادشاه جي لائق موتي جهڙا گفتا (نڪرندي) ٿا سونهن.

غزل نمبر:۳۷

① از سرِ کوئ خدا بینان سراغی بشنوید
وہ سراغی کز ہمہ عالم فراغی بشنوید

② ذکرِ مطلق طردِ غفلت باکمالاتِ حضور
زان جلیس من ذکرنی خوش بلاغی بشنوید

③ گشت تلقینِ مکمل ذوق دہ ذکرالخصوص
لذّتِ خمرِ وصالش زاین ایاغی بشنوید

④ نافی خطرات گردد ہمچو شیر اندر دعا
خطرۂ پیشش چو پیشِ شیر لاغی بشنوید

⑤ ذکر رابطہٗ خیالِ صورتِ کامل بدل
ہمچو خور باتابِ او ز انجم فراغی بشنوید

⑥ ذکرِ ظاہر بر زبان و بر جوارح طاعت ست
ذکرِ مخفی قلب را در لالہ داغی بشنوید

⑦ ذکر شامل ظاہر و باطن مطیع ست و مطاع
اندرون بیرون ہمہ نورِ چراغی بشنوید

⑧ ذکرِ سرّی وارداتِ غیب مستورت کند
ساترِ گل غنچہ آمد زیب باغی بشنوید

⑨ ذکرِ اکبر معرفت باشد بغیب الغیب ذات
گل شناسی کارِ بلبل نی ز زاغی بشنوید

⑩ ذکر مرفوع ست حقؒ ذاکر ولیٔ کاملی
کاخ فی نفسی ذکرتہ را براغی بشنوید

⑪ ذکر تحقیقی فناءِ ذکر ہم ذاکر خوشا
بی اثر پی عین فارغ وہ فراغی بشنوید

⑫ این چنین اذکار پیشِ ساکنانِ کوء رند
روشن آید از "سعیدیؒ" گر سراغی بشنوید

ترجمو

① الله وارن سندس رستي ۾ ڪا راز جي ڳالهه ٻڌي، واهه ڪهڙو نه سنو راز ٻڌائون جو سموري جهان کان فارغ ٿي ويا.

② خدا جو مطلق ذڪر غفلت ڪي ٽڙي ڪمالِ حضور ۾ رسائي ٿو، جو انهن (الله وارن) چٽن لفظن سان جليس من ذڪرني[1] جي پلي پيغام ڪي ٻڌو.

③ خصوصي ذڪر جو شوق ڏيارينڊڙ جي تلقين مڪمل ٿي، ان جي وصال جي شراب جي لذّت انهيءَ پيالي کان ٻڌائين.

④ وسوسن ڪي روڪڻ لاءِ باهمت (اهل صفا) ٿي دعا گهرڻ ڪپي، جو ان جي اڳيان اهي شيطاني خيال اجايا هوندا آهن.

⑤ مرشد ڪامل جي صورت جو خيال دل ۾ رکي (پوءِ ان جي) رابطي سان ذڪر (ائين ڪرڻ گهرجي) جيئن سج پنهنجي پوري آب وتاب سان تارن کان بي نياز هوندو آهي.

⑥ ظاهري ذڪر زبان تي ڪرڻ آهي ۽ عضون تي (صرف) رب جي اطاعت ڪرڻ آهي، خفي ذڪر دل ڪي فانوس جيان روشن ڪندو آهي.

⑦ (دراصل) ظاهر ۽ باطن ذڪر محبوب جي پيروي ڪرڻ آهي، اندرين ۽ ٻاهرئين سمورن عضون نه صرف ان جي چراغ جي نور ڪي ڏٺو.

⑧ ذڪر سِرّي غيب جي واردات ڪي توڪان لڪائي ٿو، (جيئن) باغ جي مڪڙيءَ ڪي گل پتين سان ڍڪي ٿو.

⑨ وڏي آواز سان ذڪر ڪرڻ سان الله تعاليٰ جي ذات جي معرفت حاصل ٿيندي آهي، گُل ڪي سڃاڻڻ بلبل جو ڪم آهي، ڪانوَ کان اهو ڪم نه ٿيندو.

⑩ الله جو ڪامل ولي اُن جو ذڪر بلند (آواز سان) ڪندو آهي، (جڏهن) "فِيْ نَفْسِيْ ذَكَرْتُهُ"[2] ڪي دل جي ارادي سان ٻڌندو آهي.

---

(1) حديث قدسي ۾ آهي ته جنهن منهنجو ذڪر ڪيو، آئون ان سان گڏ آهيان.

(2) حديث قدسي ۾ آهي ته ٻانهو مون ڪي پنهنجي دل ۾ ياد ڪندو آهي ته آئون ان ڪي پنهنجي ذات ۾ ياد ڪندو آهيان.

⑪ حق تعاليٰ جو صحيح ذِڪر، درحقيقت ذاڪر جو ذڪر ۾ فنا ٿيڻ بهتر آهي. (ڇو ته) دل جي ذڪر کان سواءِ ٻيو ذڪر بي اثر ۽ ٻڌڻ جهڙو نه آهي.

⑫ رندي درويش جي گهٽيءَ ۾ رهندڙن جي اڳيان اهڙي ذڪر ڪرڻ، جو اگر "سعيد" کي ڪو (ان جو نشان ملي) ته تمام پلو ٿي پوي.

غزل نمبر: ٧٤

① جاہل از اہلِ بلاغت رو شکنج ارشد چہ شد

جعل از خوشبوئ گل گر سر[1] مخدّر شد چہ شد

② روز روشن شد قسم گاہِ خدا در والضّحےٰ

ظلمت افزا دیدۂ بی نور شبپر شد چہ شد

③ قدرِ زر یا نقرہ را صرّاف داندنی شبان

کاسۂ روئین پیشش صورتِ زر شد چہ شد

④ نیک دیدن خویش را از ہمسران بس ابلہی ست

از تکبّر گردن افزا شاخ بی بر شد چہ شد

⑤ کس کہ خود را دید بہ ز استاد نبود ہیچ غم

بارِ مشک و عود و عنبر و عطر بر خر شد چہ شد

(1) ن خ ۾ جعل از بوءِ خوش گل گر مخدّر شد چہ شد لکيل آهي.

⑥ گل بود ز آب و لطافت زیب ویہم شہان
خار در پہلوئ گل شکلِ برادر شد چہ شد

⑦ فضل بر پندار نبود بین کہ دستارِ حباب
بر رخ سیلاب شکلِ گنبذی گر شد چہ شد

⑧ علم در قعرِ دلست و قال بر سطحِ زبان
خس بروءیم اگر بالاء گوہر شد چہ شد

⑨ کارِ اخلاصِ دلست ونی بہ تکلیفِ زبان
بی خلوصِ دل اگر واعظ بمنبر شد چہ شد

⑩ فضل بر علم ست نہ از ریشِ سفید و عمرِ پیر
بومره از بوالبشر گر پیش(۱) پستر شد چہ شد

⑪ زینتِ ظاہر گذار و زینتِ دل جو "سعیدؒ"
از دو تارِ موء برطاؤس افسر شد چہ شد

ترجمو

① جاهل اگر اهل علم کان منهن ۾ گهند وڏو تہ ڇا ٿيو؟ پائخاني جي ڪيڙي اگر گلاب جي خوشبوءِ کان مٿو ڏڪيو تہ ڇا ٿيو؟

② سورة "والضحيٰ" ۾ الله تعاليٰ روشن ڏينهن جو قسم کنيو، اگر انڌي چمڙي انڌيرو وڌندي ڏنو تہ ڇا ٿيو؟

---

(۱) ن خ ۾ از پيش و پس تر شد چہ شد لکيل آهي.

③ سونَ ۽ چانديءَ جي قدر کي صرّاف ئي پرکي سگهي ٿو. ڏنار کي کهڙي خبر؟ پتل جو پيالو ان جي اڳيان سون جي صورت ۾ آيو ته ڇا ٿيو؟

④ هڪ جيڏن کان پنهنجو پاڻ کي نيڪ ڏسڻ بيوقوفي آهي، تڪبر کان ڪنڌ مٿي ڪرڻ سان بي ثمر ٽاري (وانگي) ٿيو ته ڇا ٿيو؟

⑤ جنهن شخص پاڻ کي استاد کان پلو سمجهيو ته ان ۾ ڪو به غم نه ڪرڻ گهرجي، (ڇوته) مشڪ، عود، عنبر ۽ عطر جو وزن اگر گڏهه تي رکيو ته ڇا ٿيو؟

⑥ گلُ پنهنجي خوبصورتي ۽ نازڪ پتين جي ڪري بادشاهن جي تاج ۾ ٿو سونهي، گل جي پاسي ۾ اگر ڪنڊو (سندس) پاءُ ٿيو ته ڇا ٿيو؟

⑦ صِرف دستار ٻڌڻ کي فضيلت ناهي، اگر پاڻيءَ جي ڄَر تي ڄَرجي ڦوٽي گنبذ جي شڪل ناهي ته ڇا ٿيو؟

⑧ علم دل جي تَهه ۾ آهي ۽ زبان تي صرف قال جو ورد آهي، سمنڊ جي سطح تي گجي اگر موتيءَ کي ڍڪي ورتو ته ڇا ٿيو؟

⑨ اخلاص ۽ سچائيءَ جو ڪم دل سان آهي، صرف زبان کي تڪليف ڏيڻ سان ناهي، دل جي خلوص ۽ سچائي کان سواءِ منبر تي اگر واعظ ٿيو ته ڇا ٿيو؟

⑩ فضيلت ۽ مرتبو علم تي آهي، صرف سفيد ڏاڙهي ۽ وڏي عمر تي ناهي، شيطان اگر آدم عليه السلام جي اڳيان نه جهڪيو ته ڇا ٿيو؟

⑪ "سعيد" قدس الله! ظاهري سينگار کي ڇڏ، دل جو سينگار ڳول، اگر مور جي مٿي تي ٻن وارن جو موڙ آفيسر (تاج) ٿيو ته ڇا ٿيو؟

غزل نمبر: ٧٥

① ساڪان باهمسران در گفتگو دم زد چه شد
موجهائ بحر گر در هم طلاطم زد چه شد

② عاشقان را گفتگوئ راهِ حق معیوب نی
شاخسارِ سنبل و گل باد باہم زد چہ شد

③ عاشقِ مجنون وش را ژاژ خائ می سزد
شاربِ مسکور گر بی خود تکلّم زد چہ شد

④ فیض یابی سفلہ از خوانِ کریمان عیب نیست
شور زار از فیضِ باران گر ترنّم زد چہ شد

⑤ فال از نامی گرفتن عیب نبود سالکی
از "سعیدؒم" نام گر فالِ مکرّم زد چہ شد

ترجمو

① سالڪن هڪ جيڏن سان گفتگوءَ ۾ دَمُ هنيو ته ڇا ٿيو؟ سمنڊ جي موجن ڇولين کي اگر هيٺ مٿي ڪيو ته ڇا ٿيو؟
② حق جي راهه ۾ عاشقن کي گفتگو ڪرڻ عيب ناهي، گلاب جي گل ۽ سُنبل جي ٽاري هوا ۾ هڪ ٻئي سان ملي پئي ته ڇا ٿيو؟
③ مجني جهڙي عاشق کي اجايو ڳالهائڻ زيب ڏئي ٿو، نشو پيئندڙ اگر مدهوشيءَ ۾ اجايو ڳالهايو ته ڇا ٿيو؟
④ نالائق سخين جي دروازي تان فيض لڌو ته عيب ناهي، (ڇوته) ڪلراٺي زمين برسات جي فيض مان اگر ڦٽي پئي ته ڇا ٿيو؟
⑤ نالي مان فال وٺڻ سالڪ کي عيب ناهي، منهنجي "سعيدؒ" نالي مان اگر نيڪ فال ورتي ته ڇا ٿيو؟

غزل نمبر: ٧٦

مخمس بر غزل محمود غزنوی

① شد مدّتی نه هیچ سلام و پیام شد — دردِ فراقِ هجر برون از کلام شد
عاشق سزد ز قلبت منسی نام شد — امروز دیگرم بفراقِ تو شام شد
در آرزویِ وصلِ تو عمرم تمام شد

② از شام تا بصبح دلِ بیقرار من — درانتظار که آید رعناءِ یارِ من
امروز هم گذشت نه گردید کارِ من — آمد نمازِ شام نیامد نگارِ من
ای دیده پاسدار که خوابت[1] حرام شد

③ تن در مقالِ مردم دل در مقالِ دوست — یارب بود که آیا یابم وصالِ دوست
هر لحظه ام قرین خیالِ مثالِ دوست — بستم بسی خیال که بینم جمالِ دوست
آن[2] هم نه شد میسر سودایِ خام شد

④ ای رشک حورِ جنت غلمان تراغلام — سیتاؤ رام صدها پیشِ تو اندرام
مجنون صد اند لیلیٰ رویِ تو ماهِ فام — خالِ تو دانه دانه زلفِ تو دام دام
مرغیکه دانه دید گرفتار دام شد

⑤ هرجاء هرگداء که اوخواست تخم پاشت — در مزرعِ سلاطین از عشقِ تخم کاشت
طرفه "سعید" چون شه جان باگدا گماشت — محمود غزنوی که هزاران غلام داشت
عشقش چنان گرفت که غلامِ غلام شد

---

(1) ن خ ۾ خفتن حرام شد لکيل آهي.

(2) ن خ ۾ اين هم نه شد لکيل آهي.

ترجمو

(محمود غزنويءَ جي غزل تي چيل مُخمّس)

① مدت ٿي ويئي (پرينءَ جي پاران) سلام ۽ سنيهو نہ مليو، هجر وفراق جي درد (جو داستان) ڳالهائڻ کان ٻاهر ٿيو، تنهنجي دل مان عاشق جو نالو وسارڻ مناسب ٿيو، تنهنجي جدائيءَ جي اڄ مون کي ٻي شام ٿي، تنهنجي ملاقات جي آرزوءَ ۾ منهنجي عمر پوري ٿي ويئي.

② صبح کان شام تائين منهنجي دل بيقرار آ، منهنجي ناز واري يار جي اچڻ جي انتظار ۾ اهڙو ڏينهن بہ گذري ويو، پر منهنجي مراد پوري نہ ٿي، شام واري نماز آئي (پر) منهنجو محبوب نہ آيو، اي (سموري رات) اڪيون ڪولي ڏسندڙ! تنهنجي ننڊ حرام ٿي ويئي.

③ بدن ماڻهن جي ڳالهين ۾ ۽ دل دوست جي يادن ۾ (مشغول)، اي ربّ! ڇا مون کي دوست جو وصال ٿيندو؟ هر گهڙي دوست جي خيال ۾ آهيان، گهڻائي ڀڃ پڇايم (مَن) دوست جو ديدار ڪريان، (پر) اهو بہ حاصل نہ ٿيو ۽ ڪوشش اجائي ويئي.

④ اي محبوب! تنهنجي حسُن تي جنّت جي حورن ۽ غلمان کي ريس ٿي، سؤ سيتا ۽ رام تنهنجي اڳيان غلام ۽ مطيع ٿيا، تنهنجي چنڊ جهڙي خوبصورت چهري تي ليليٰ جا مجنا سوين آهن. تنهنجي ڳل جي تِرن ۽ تنهنجي گهُنڊيدار وارن جا قيدي سوين آهن، جنهن پڪيءَ داڻو ڏٺو، اهو دام ۾ ڦاٿو.

⑤ هر جاءِ هر گدا، جيڪي گهريو ٻج چُنيائين، بادشاهن جي پوک ۾ عشق جو ٻج پوکيائين. ٿوري دير لاءِ "سعيد ﷫" بادشاهہ وانگي گدا سان هليو، محمود غزنوي وٽ هزارين غلام هئا، (پر) ان کي عشق اهڙي طرح ورتو، جو (اياز) غلام جو بہ غلام ٿيو.

غزل نمبر: ۷۷

① مرغِ دل را پیچ دامِ زلفِ تو قلّاد باد
دانۂ خالت بحلقش بند از فریاد باد

② تیر غمزه از قوسِ ابرو چشم زه گیرت خورد
صید گر نوشندۂ خون پیش از صیّاد باد

③ زد شبیخون فوج زلفش شانۂ دل چاک چاک
کرد غارت[1] گو پریشان باد تا این شاد باد

④ ماند از گریہ حبابِ چشمِ ماہمچون صدف
نقشِ بستہ دُرّ چون از صورتِ اِستاد باد

⑤ لعلِ دلبر خنده زد بر گوہر تر گفتمش
شیر شیرین موج خون زن بر سرِ فرہاد باد

⑥ دل بکشتیِ ہلالِ لب رفیقِ مہ رخش
دائما از موجۂ تاریک زلف آزاد باد

⑦ گر بہ شیراز آورد بوءِ گلِ نظمِ "سعید"
بادبستہ دل چو غنچہ اہلِ رکن آباد باد

---

(1) ن خ م کرد غارت تا پریشان لکيل آهي.

Scanned with CamScanner

ترجمو

① دل جي پکيءَ کي تنهنجي زلفن جو شال هار پيل هجي، تنهنجو تہ شال سندس نڙيءَ ۾ دانهن کان روڪيندڙ بَندُ هجي.

② تنهنجي اک جو اشارو اگر واٽ ويندڙ کي لڳي تہ جڻ شڪار شڪاريءَ جي اڳيان خون هاريندڙ هجي.

③ ان جي زُلفن جي فوج رات جو اچانڪ حملو ڪري دل کي ڦٽي ڇيري ڇڏيو، حملي ڪندڙ کي چؤ تہ، پريشان هجي تہ جيئن هيءَ شال خوش رهي.

④ اسان جي اک جو ڳوڙهو، روئڻ جي ڪري (اک ۾) ئي رهيو، جيئن سِپَ جي منهن ۾ موتيءَ جو نقشو چٽيل هوندو آهي.

⑤ (جڏهن) محبوب جي چپ موتيءَ تي مرڪ هنئي، تہ مون ان کي چيو، فرهاد تي مٽي کير خُون جي چولي لڳائي.

⑥ دل چنڊ جهڙي محبوب جي چپن جي بيڙيءَ ۾، سدائين زلف جي ڪاري/ چوليءَ کان آزاد هجي شال.

⑦ اگر "سعيد" جي نظم جي گُل جي خوشبوءِ شيراز ۾ اچي، تہ رڪنا باد جي دل مکڙيءَ وانگي ٽڙيل هجي.

غزل نمبر: ۷۸

① بريد خوش کہ بعجز و نياز باز آمد
زہی نويد کہ دمساز راز بازآمد

② بباغِ خانقہ و گل حقائقِ يزدان
ہزار شيفتہ باسوز و ساز بازآمد

۳ كبوتريكه زخاكِ حريم دانهٔ چيد
مبارك ست ز راهِ حجاز بازآمد

۴ حسود بوم وش اندر بكنج ويران شد
چو در شكار همش شاه باز بازآمد

۵ گلی كه رفت بكوءِ شهان شميمی يافت
كه بر مشام شمنده بناز بازآمد

۶ طواف دوُر كند كسيكه كعبهٔ باطن
به تنگنائیٔ ز صحنِ دراز بازآمد

۷ هدف نخورده خدنگِ قضا بدست هم
بازگشت ز اوجِ فراز بازآمد

۸ شمع كه جست پنه در كفِ دعا فانوس
بروه روشن از دُهنِ گاز بازآمد

۹ بدشت فكر ودعا بود "سعيدؒ" چون محمود
بكاخ فرح بصيرت اياز بازآمد

ترجمو

① قاصد ڪهڙو نہ سٺو آهي، جو عاجزي ۽ نيازمنديءَ سان واپس موٽي آيو، واھ! همراز دوست جي مبارڪ ڪٿي آيو.

۲ الله تعاليٰ جي حقيقت جي گُل ۽ خانقاه جي باغ ۾ هزارين عاشق دل جي سوز سان موٽي آيا.

۳ جنهن ڪبوتر حرم جي پاڪ مٽيءَ مان داڻو چُگيو، مبارڪ هجي جو حجازِ مقدس جي وات تان موٽيو.

۴ جيري جهڙو حاسد ويرانيءَ جي ڪُند ۾ پيو آهي، جڏهن ان جي شڪارگاه ۾ شهباز گهمي موٽي آيو.

۵ مٽي جڏهن بادشاه جي گهٽيءَ ۾ ويئي ته خوشبوءِ لڏائين، (جڏهن دماغ تي پهتي، ته ٿورو سونگهي ناز سان واپس موٽي آئي.

۶ اندر جي ڪعبي جي طواف جو جنهن ڏورو ڪيو، (اهو) ڏکهي اگهڻ ڪان سوڙهي جاءِ ۾ واپس اچي ويو.

۷ همت واري جي هٿ سان قضا جو تيرُ پنهنجي نشاني تي نه لڳو، وڏين موجن ٽڪرڻ جي ڪري واپس موٽي آيو.

۸ شمع پنهنجي پناه فانوس جي دُعا واري هٿ ۾ ڳولي ٿي، روشن ڇڄري هوندي ڪاري دونهين ڪان واپس آئي.

۹ تنهنجو شڪار (اياز اگر) خوشيءَ جي ماڙي ۾ واپس موٽي اچي، ته "سعيدؒ" محمود وانگي، فڪر جي ميدان ۾ دعا ڪندڙ هجي.

غزل نمبر: ۷۹

۱ دل بسوئ دوستداران میکشد
جان بجانِ عشقبازان می کشد

۲ بلبل ار بانالۂ نامِ عشق دید
عشقِ گل بین نارِ سوزان می کشد

③ گر زلیخا می شود مجنون صفت
بہرِ او یوسف صد افغان می کشد

④ ہر کجا عاشق بود معشوق نیز
درپیش صد رنج پنہان می کشد

⑤ گر ز معشوقان نباشد شوقِ دل
عاشقِ بیدل چسان جان می کشد

⑥ ہر یکی را با دگر مزج خفی ست
آن نہان و این راز نالان می کشد

⑦ ایزدِ پاک از صفت چون خواستت
ہر نبی از عشقِ ایمان می کشد

⑧ بین بجذبہٗ احمدی ابن القحاف
معجزہ ناخواستہ ایقان می کشد

⑨ روز و شب اقرار این دارد "سعیدؒ"
دل بسوئے دوستداران می کشد

ترجمو

① دل دوستيءَ وارن ڏانهن ڇڪي ٿي، ساهُ دل گهُرين جي جاءِ ڏي ڇڪي ٿو.

② بلبل اگر روئڻ جي نالي سان عشق (کي) ڏنو، (تہ پوءِ) گُل جي عشق کي ڏس (جو) اهو تپش ٿو سهي.

③ جيڪڏهن زليخا مجنون جهڙي ٿئي، تہ ان لاءِ يوسف سئو آهون دانهون ڪري ٿو.

④ جتي بہ عاشق هوندو آهي، تہ معشوق پڻ (انهيءَ) جي اڳيان سئو ڏک ڳجهي ريت ڪڍي ٿو.

⑤ جيتوڻيڪ معشوقن جي طرفان دل جو شوق نہ هوندو آهي، تہ بہ عاشق ديوانو (ان ۾) ساهہ ٽنگيو وينو هوندو آهي.

⑥ هر هڪ جي طبيعت ٻئي سان ڳجهي ريت هوندي آهي، هو (معشوق ڳجهي ريت ۽ هيءُ عاشق (ظاهر) دانهون ڪري ٿو.

⑦ الله تعاليٰ صفتن سان جڏهن توکي طلب ڪري ٿو، ۽ هر نبي عشق سان ايمان کي پرکي ٿو.

⑧ ابوقحافہ جي پُٽ (ابوبڪر صديق) جي عشقِ احمد ﷺ جو جذبو ڏس، (جو) معجزي طلب ڪرڻ کان سواءِ (سندس ذات تي) يقين رکي ٿو.

⑨ ڏينهن رات ”سعيد“ رحمة الله عليه، هيءُ اقرار ڪري ٿو تہ، دل دوستيءَ وارن ڏي چڪ رکي ٿي.

غزل نمبر: ۸۰

① طريقهائی که موصل بحضرتِ قدس اند
چو مقتبس هم مشکاتِ سرورِ انس اند

② بطالبانِ حقيقت پژده راه دهند
نجومِ ظلمت آباد هادیِ انس اند

٣ هر آن طريق که زان شر که صد رها تو دهند
نظر بمقصد انداز که اهلِ آن خورسند

٤ چو تو تشنی مجو غیر قطرهٔ باران را
زهر طرف که رسد دان که از رهِ قدس اند

٥ "سعیدؒ" سائلِ درگاهِ شیخِ آن علم است
ز سرّهای که پی کسبِ خویش بی قبس اند

ترجمو

① معرفت جا سمورا طريقا، خدا جي حضور ۾ پهچائيندڙ آهن، جيئن سردار دوجهان ﷺ جي (فيض واري) شمعدان مان (سمورو جهان) روشني وٺندڙ آهي.

② (اُهي طريقا) حقيقت جي طالبن کي سڌي واٽ ڏسيندا آهن. گمراهه انسانن لاءِ هدايت جا تارا آهن.

③ هر اهو طريقو جنهن جي ذريعي تون سوين براين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرين، ته پوءِ تون انهي مقصد ۾ نظر رک، جنهن مان اُهي (اهل الله) خوش آهن.

④ تون جڏهن اڃيو آهين، ته برسات جي ڦڙي کان سواءِ ٻي شيءِ جي طلب نہ ڪر، (جو اهو) جتان بہ پهتو، سمجهہ تہ اهو الله تعاليٰ جي ٻڌايل رستي کان پهتو.

⑤ "سعيدؒ" انهي شيخ (مرشد) جي درگاهه جو سوالي آهي، جنهن جي علم جا اسرار بغير تحصيل ۽ ڪسب (ڪوشش) جي (نگاهن سان ملندا آهن)

غزل نمبر: ۸۱

① چو از مصاحبِ ناجنس احتراز کنید
نظر بصحبتِ یارانِ شیخ باز کنید

② چو سمِّ قاتل دانید صحبتِ اغیار
به آستانِ درِ شیخ سر نیاز کنید

③ اگر نمودن عالَم شکار می خواهید
کُلاهِ صحبت را برسری چو باز کنید

④ اثر ز صحبت خواهید تا بفرضیّت
ز غیرِ یار طریقی کتمِ راز کنید

⑤ اگرچه شیخِ دہر ہم شریف می باشد
ولیک پیرِ خود از آن به امتیاز کنید

⑥ چو پیرِ کامل در راه پیشوا دارید
تو ای "سعیدؒ" بیارانِ جمله ناز کنید

ترجمو

① ناجنس جي صحبت کان پاسو ڪريو، شيخ (مرشد) جي يارن جي صحبت ڏي وري نظر ڪريو.

② غيرن جي صحبت کي قاتل زهر وانگي سمجهو، مرشد جي در جي چائنٺ تي نوڙت سان سِر رکو.

③ اگر ڪو شخص جهان کي پنهنجو تابع ۽ مطيع ڪرڻ چاهي ٿو، ته ان جي علمي ڇٽ کي ان جي مٽي تان لاهي ڇڏيو.

④ ولين جي صحبت جي اثر کي اگر فرض ڪري سمجهو ٿا ته، ناجنس صحبت وارن کان طريقت جي راز کي لڪايو.

⑤ جيتوڻيڪ زماني جو شيخ (پنهنجي) شرافت ڏيکاري ٿو، پر ان هوندي به پنهنجي مرشد جي جداگانه حيثيت رکو.

⑥ جڏهن (طريقت) جي واٽ ۾ ڪامل مرشد اڳواڻ رکو ٿا، (ته پوءِ) اي "سعيد"! تون سمورن يارن تي ناز ڪر.

غزل نمبر: ۸۲

① نیست نمودن بهست گلشن ریّان شد
از خود بیخود شدن منزلِ عرفان شد

② جنّت ذاتِ حق ست نزد اکابرِ زمان
آنکه برون از زمان و از صفت و شان شد

③ آنکه بذاتِ خدا وصل بلاکیف کرد
از خود بیخود شده ہمچو محضِ جان شد

④ لیلیٰ غیب آمده مشهد مجنون چون
وادیٔ ہجران او ہمچو گلستان شد

⑤ حب چون مطلق شود گشت سعادت "سعید"
و ارنه چه ظلمت و آتش خسران شد

ترجمو

① پاڻ جي هستي ڏيکارڻ (درست) ناهي، نوڙت ڪرڻ ۾ باغ سيراب ٿيندو آهي. پنهنجي پاڻ کان آزاد ٿيڻ سان عرفان جي منزل ملندي آهي.

② زماني جي اڪابرن وٽ جنت (صرف) حق جي ذات آهي، جيڪو زماني ۽ ان جي صفت کان ٻاهر ٿيو، اهو هر قيد کان آزاد ٿيو.

③ جيڪو خدا جي ذات سان بلاَ ڪَيْفَ (يعني سواءِ ڪنهن اعتراض ڪرڻ جي) مليو، اهو پنهنجي پاڻ کان آزاد ٿي محض جان وانگر ٿيو.

④ ليليٰ جڏهن غيب مان حاضر ٿي ايندي، ته مجني جي هجروفراق جي وادي باغ وبهار وانگي (تازي) ٿي ويندي.

⑤ محبت جڏهن مطلق ٿي پوي ته "سعيدؒ"! اها سعادت ٿي پوندي، نه ته ظلمت ۽ نقصان وانگر ٻاهه ٿي ويندي.

غزل نمبر:۸۳

① هرچه در رویت و خیال آید — وانچه در فهم و وهم و قال آید

② هم تجلّی هم کشوف و شهود — پاک زان دامنِ جلال آید

③ واصلِ اصل الاصول بی شبه
شه "سعیدؒ" آن از ازل آید

ترجمو

① جيڪو تنهنجي منهن ۾ (حسن وجمال) آ، ان جو خيال اچي ٿو، جيڪي سمجهه ۽ وهم ۾ آ، اهو زبان تي اچي ٿو.

(٢) تجلي، ڪشف ۽ (شهود جيڪي لٽئي ٿو) بزرگيءَ جو دامن انهي کان پاڪ لٽئي ٿو.

(٣) بيشڪ اصل الاصول کي پهچڻ وارو شاهه "سعيدؒ"! اهو ازل کان اڇي ٿو.

غزل نمبر: ٨٤

(١) مذهبِ عاشقان طلب باشد[1] — دل ز اغیار پُر رعب باشد

(٢) من عرف نفسهٗ عرف ربّهٗ — عکس آن مورثِ تعب باشد

(٣) عشق و حب ست مایۂ عشاق — جز همان جملگی لعب باشد

(٤) لفظ هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ ورد او شان — در و مسا صبح روز و شب باشد

(٥) بی ادب گر غنی ست مفلس هست — دولتِ فقر از ادب باشد

(٦) عشق معنی ست ای "سعیدؒ" که آن
خارج از قید گفت لب باشد

ترجمو

(١) سچن عاشقن جو مذهب محبوب جي طلب هوندي آهي، غيرن کان دل بي پرواهه هوندي آهي.

(٢) جنهن پاڻ کي سڃاتو، انهيءَ پنهنجي رَبّ کي سڃاتو." ان جي ابتڙ (هلڻ) ٿڪاوٽ جو سبب هوندو آهي.

(1) حضرت ابن عباس ﷄ کان روايت آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن ارشاد فرمايو ته الله تعاليٰ فرمايو ته "آئون موجود آهيان، مون کي طلب ڪر، ته مون کي لهندين. پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته "جنهن الله تعاليٰ کي ڳوليو، اهو ان کي لهندو". ۽ پڻ فرمايائون ته "جيڪو الله تعاليٰ لاءِ آهي، الله تعاليٰ ان لاءِ آهي".

③ عاشقن جي (اصل) موڙي محبت ۽ عشق آهي، ان کان سواءِ جيڪي
ڪجهه آهي، اهو سمورو راند روند آهي.

④ صبح، شام، ڏينهن ۽ رات انهن (عاشقن جو ورد لفظ، "هَلْ مِنْ مَّزِيْدِ"
(ڇا اڃا ڪجهه وڌيڪ آهي؟) هوندو آهي.

⑤ بي ادب جيتوڻيڪ شاهوڪار آ، (پر حقيقت ۾) سڃو آ. فقر جي دولت
ادب سان ملندي آ.

⑥ اي "سعيد"! عشق جي حقيقت اِها آهي، جو اهو (عشق) ڇپڻ واري
ڳالهه ڇوڻ جي قيد کان ٻاهر آهي.

غزل نمبر: ۸۵

① خودی کفرست نفیٔ خویش کن زود
که جز او در حقیقت نیست موجود

② چو خود رفتی نخود ماند و نه عالم
مگر آن مہرِ تابان کوست مقصود

③ اگر دنیا و گر عقبیٰ بدیدی
بعالم باز و امانی ز معبود

④ به صیقل لا شود خاطر مصفّیٰ
ز زنگ ما عدالله کوست چون دود

⑤ "سعیدا" ہمچو ملحنہ شو سرایان
بباغِ اہلِ دل با خاطر عود

ترجمو

① خودي ڪفر آ، جلدي پنهنجي پاڻ جي نفي ڪر، جو ان ذات کان سواءِ حقيقت ۾ ڪابه شيءِ موجود ناهي.

② جڏهن پاڻ کان وئين (هستيءَ ڪي وڃايئي) ته نه پاڻ رهيو ۽ نه جهان رهيو، مگر اهو چمڪندڙ سج بيٺو آ، جيڪو مقصود آهي.

③ جيڪڏهن دنيا ۽ عُقبيٰ کي ڏسين، ته غيرالله جي سَڌُن کي ڇڏي، جهان ۾ موتي اَچُ.

④ ”لا“ جي رندي سان دل ماسوي الله جي صيقل (زنگ) کان صاف ٿئي ٿي جيڪو دل لاءِ دونهين وانگر آهي.

⑤ اي ”سعيد“! سٺي سُر وانگر ڳائيندڙ ٿيءُ (۽) اهل دل جي باغ کي دل سان خوشبوءِ ڏي.

غزل نمبر: ٨٦

① اہلِ ہوا متابع اغراضِ خویش اند

در دل چو گرگ شیر بصورتِ چو میش اند

② اہلِ فناز خویش وخودی خود برون شده

باذات صرف طالب و از خود پریش اند

③ در بحر ہمچو قطره فتادند و گم شدند

آزاد از تفرّج و از فکرِ ریش اند

④ اہلِ رضا ز غرضِ تمنّائی فارغ اند

اہلِ فنا بذاتِ حق اخلاصِ کیش اند

⑤ پابندگانِ اہلِ رضا بند شو "سعيدؒ"

دربارگاهِ ایزد مقبول بیش اند

ترجمو

① نفساني سَڌن وارا پنهنجي مقصدن جا پوئلڳ آهن، دل ۾ شينهن هوندي بہ بگهڙ وانگي (نفساني سَڌن جي شڪار جي طلب ۾ پَر) ظاهري صورت ۾ رڍن وانگي نماڻا آهن.

② خدا جي ذات ۾ فنا ٿيڻ وارا، پاڻ ۽ پنهنجي خودي کان ٻاهر نڪري؛ صرف ذاتِ الاهي جا طالب بنجي ۽ پنهنجي پاڻ کان بہ جدا رهندڙ آهن.

③ سمنڊ ۾ جيئن ڦڙو پوندو ۽ گم ٿي ويندو آهي، اهڙي ريت (عاشق) ذاتِ الاهي ۾ فنا ۽ گُم ٿي ويندا آهن. ۽ دنيا جي خوشحالي ۽ نفيس لباس جي فڪر کان آزاد هوندا آهن.

④ ربَّ جي رضا گهرڻ وارا (دنيا جي) تمنّا واري غرض کان فارغ آهن. خدا جي ذات ۾ فنا ٿيڻ وارا دل جي سچائي رکندڙ آهن.

⑤ "سعيدؒ"! خدا جي رضا طلب ڪندڙ ٻانهن ۾ شامل ٿي وَڃُ، جو (اُهي) خدا جي درگاهہ ۾ وڏيڪ مقبول آهن.

غزل نمبر: ۸۷

① نزد عوام انسان کاملِ جسد بباشد

کی نورِ خور بہ بیند چشم از حسد بباشد

② انسان بنورِ آن نیستہ شریعت شد

کان چار صد و عشرۃ قولش عدد بباشد

③ انسان کامل ست منوّر بنورِ حق

خارج ز اسمِ رسم مکان نیز حد بباشد

④ زان سان شرفِ حقیقت آن عاقلی بداند
کاندر عوارفِ حق باجهد و جدّ بباشد

⑤ انسان کاملی کہ بود تابعش "سعیدؒ"
جامع عجب سعادت ازل وابد بباشد

ترجمو

① عوام وٽ انسان ڪاملُ (صرف) جسم سان هوندو آهي، سج جي نور کي حسد جي ڪري (چمڙي جي) اک ڪيئن ڏسندي؟

② انسان شريعت جي نور سان (ڪامل) ٿيو، جو ان جي قول جا چار سئو ڏهه عدد آهن.

③ ڪامل انسان (جو باطن) الله تعاليٰ جي نور سان روشن هوندو آهي، مڪان جي رسمي اسم (نالي) جي حد کان ٻه ٻاهر هوندو آهي.

④ جنهن حقيقت جي شرف کي عقلمند ڄاڻندو آهي، الله جا عارف ان جي (حاصل ڪرڻ) جي ڪوشش ۾ هوندا آهن.

⑤ ڪامل انسان اهو جنهن جي "سعيدؒ" تابعداري ڪندڙ هجي، پر اهو ازلي ابدي سعادت جو تمام سٺو جامع هجي.

غزل نمبر: ۸۸

① نہالِ قامتِ صوفی بباران فقر ریّان شد
ورا از آب نہری فتوئِ فقہاء نقصان شد

② گل ترک المراتب وہ دمیدش عطر افشان زد
ملک و فلک ارض و بشر و جنّ و تن و جان شد

۳ نشنید ہر کرا اندر مشام این نکہتِ عنبر

زگفت و گوئی این وآن عجب مدہوش سکران شد

۴ کند روی افتاد کہ او نتوشد زین خمر ہر گز

درین سود از بیہوشی بہ بی سودی و خسران شد

۵ تجارتِ فقر بس زیبا تجارت گشت باسودی

کہ نفسِ خویش دادن و گرفتنِ ذاتِ رحمان شد

۶ "سعیدؒ" از بہرحال فقرِ سائل در گہ فقرا

گدا این در گہ والا معظّم شان ز شاہان شد

ترجمو

① صوفيءَ جو قدُ فقُر جي برسات سان سرسبز ۽ سيراب ٿيندو آهي، نهر جي پاڻي کان سواءِ فقيهن جي فتويٰ گهٽ ٿيندي آهي.

② مرتبن کي ڇڏڻ واري گُل ان کي ڦوڪ ڏني، ته انهيءَ مان عطر جي خوشبوءِ مهڪڻ لڳي، جو انهيءَ سان ملائڪ، آسمان، زمين، جنّ ۽ ماڻهو تن وجان ٿي ويا.

قل اغثنی یا الٰهی نجّنی عن نقمتی
لیس غیر الآل واصحاب النّبی لی عروتی

وانچہ گفتستی کہ وسعت کل شیءٍ رحمتی
ہم بذی النورین سبطین و علیؓ جنتی
عَافِنِی مِنْ کُلِّ دَاء واقْض عنّی حاجتی
انّ لی قلبا سلیما انت تشفی للعلیل

⑩ پس توسّل جو بدرگاہِ شہِ نورِ صدور
سیّدِ شہدائے حمزہ گو کہ یاربّ یا شکور
بس ہراسانم ز تابِ گور وز یومِ نشور
عمر دادم در ہوائے حرص و لہو و فخر و زور

نیست ملجایم بجز لطف و کرم فضلِ وفور
عافنی ما کان منّی انت عاف یا غفور
انت کافی انت شافی فی مہمّات الامور
انت ربّی انت حسبی انت لی نعم الوکیل

⑪ حمد للہ باز آمد آن صبا با صد فتوح
گفت رفتم عرض کردم حالِ دل پُر از جروح

وہ اشارت شد "سعیدؒ" از انس جانِ انس روح
ہمچو من لاذنب له شد تائبِ صاف و نصوح
غم مخور کن ورد استغفار ہر شام و صبوح
گفت بوبکر از فنائ توبہ رمزی باوضوح
اين موسی این عیسی این یحییٰ این نوح
انت یا صدیق عبد تُب الی المولی الجُلیل

ترجمو

① اي محبت واري تڏڙي هير! مون حيران ذليل طرفان اُتي، ربَّ جليل جي ڪعبي پاڪ جي حرم ۾ جلدي وڃ، بغير قيل وقال جي ست چڪر طواف جا بجا آڻ، پڻ هڪ نفل طواف جو، بيمثال شوق ۽ عاجزيءَ سان ادا ڪر، پوءِ هيءُ عرض ڪر ته، تنهنجي سهڻي رسول ﷺ جو هيءُ عاشق چوي ٿوءِ بيمثال سفارش ڪندڙ رسول جي پناهه ۾ اچي ٿو. ۽ چوي ٿو ته "اي منهنجا الله! پنهنجي لطف سان مهرباني ڪر، جنهن وٽ آخرت جي سفر جو سامان ٿورو آهي. اي ربَّ جليل! تنهنجي دروازي تي هٿين خالي سچائيءَ سان آيو آهي.

② پوءِ وري مسجد نبوي ۽ حرم نبوي شريف ۾ وڃ، پوءِ قيامت واري ڏينهن شفاعت ڪندڙ رسول جي اڳيان ان جي تعظيم خاطر اُٿي بيهه ۽ هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪر ته اي شاهه ڪريم! منهنجي دانهن ٻُڌ. آئون گنهگار ڏوهن سان ڀريل، عاصي، تباهڪار ۽ ڏوهي آهيان، آئون برائين سان ڀريل ۽ مجرم آهيان ۽ تون رؤف رحيم آهين. الله تعاليٰ جي حضور ۾ منهنجو خراب حال ٻڌاءِ ته ان جا گناهه وڏا آهن، پوءِ وڏن گناهن کي بخش، بيشڪ اهو غريب گنهگار شخص ۽ ذليل ٻانهو آهي.

③ اي الله جا حبيب، رسول! توکان سواءِ منهنجي بخشش جو ڪو بہ ذريعو نہ آهي. اي شب اسراء ۽ عشق جا شاهہ! مهرباني فرماءِ جيئن تہ نفس جي بُرائي ۽ راند روند کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريان، تنهنجي روضي پاڪ اڳيان عشق ۾ محو ٿي اچان، پنهنجن گناهن جي ڪري چائنٺ چُمان ۽ روئي حال عرض ڪريان، جيئن تہ منهنجن گناهن جي باري ۾ الله تعاليٰ جي حضور ۾ سفارش ڏين. (چو تہ "انهي ٻانهي جي طرف کان گناهہ، ويسر ۽ خطا درخطا آهي، گهڻي عطا ۽ مهرباني کان پوءِ بہ تنهنجي طرفان گهڻو احسان آهي.

④ اي گنهگارن جي سفارش ڪندڙ! آئون توکان ئي مدد گهران ٿو. منهنجي اندر جي حال جو توکان سواءِ ٻيو ڪو بہ واقف نہ آهي. منهنجا ڏوهہ ۽ گناهہ ڳاٽيٽي کان مٿي آهن. منهنجن بڇڙن عملن جي ڪري اعمالنامي واري ڦرهي گهڻي ڪاري ٿي ويئي. تون الله تعاليٰ وٽ منهنجي سفارش ڪندڙ ٿيءُ، دعا لاءِ عرض ڪر تنهنجي دُعا رد نہ ٿيڻي آهي. اي الله! تنهنجو ٻانهو حد کان وڌيڪ عاجزي ۽ انڪساري ڪندڙ آهي "چوي ٿو تہ: اي منهنجا پالڻهار! منهنجا گناهہ واريءَ جي ذرن جيان ڳاٽيٽي کان مٿي آهن. پوءِ منهنجا سمورا گناهہ معاف ڪر، درگذر فرماءِ، اي سمورن کان بهتر درگذر ڪرڻ وارا!

⑤ اي سمورن جهانن لاءِ رحمت بنجي ايندڙ! اي عظيم اخلاق جا صاحب! تنهنجي پاڪ حرم ۾ هيءُ گنهگار ڪيئن پهچي؟ تنهنجو روضو پاڪ ۽ حرم پلائيءَ جي ڪاڻ آهن، اي رحيم! منهنجيءَ دل ۾ تنهنجي عشق کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، هن تنهنجي فضل جيڪو عام خزاني وانگيان آهي، ان جي حاصل ڪرڻ جي پٺيان آئون رات ڏينهن زبان ۽ قلبِ صميم سان ورد پڙهندو رهندو آهيان تہ "اي منهنجا پالڻهار! پنهنجي مهربانيءَ جو خزانو مون کي عطا فرماءِ، تون گهڻي بخشش ۽ سخا جو صاحب آهين، منهنجي دل ۾ جيڪو ارادو آهي، اهو مون کي عطا فرماءِ، مون کي سنئي ڏس واري رهبري فرماءِ.

⑥ ان کانپوءِ پاڪ دامن بادشاهہ جي اڳيان هٿ ٻڌي، منهنجي مَن جو مقصد هن ريت عرض ڪر. تہ اي آلِ مناف جي بزرگ هستيءَ جا يارِ غار! منهنجي عمر جُرم، ڏوهہ، ڪوڙ ۽ ٻڌاڪ ۾ گذري آهي.

سموري جهان جي بادشاھ جي اڳيان منھنجي لاءِ معافي گھر ۽ الله تعاليٰ کان منھنجي لاءِ تون ھيءَ دعا گھر تہ "اسان کي عظيم بادشاھي بخش ۽ اسان کي خوف کان نجات عطا فرماءِ. اي اسان جا پالڻھار! جڏھن عدالت جي ڪرسي تي، پنھنجي شان مطابق جلوہ افروز ھوندين ۽ جبرئيل عليه السلام پڙھو ڏيندڙ ھوندو."

⑦ ھدايت جي فيض وندبيندڙ حضرت فاروق اعظم جي اڳيان منھنجي ڏوھن ڀرئي حال ۽ خطائن جي بخشش لاءِ مدد طلب ڪر، منھنجي نفس ملعون جي باھ مون کي مٿي کان پيرن تائين ساڙي ڇڏيو آھي، تمام مھربان ۽ مجتبيٰ بادشاھ جي رحمت جي صاف پاڻيءَ کان سواءِ منھنجي سيني جي ڀڙڪندڙ باھ ڪھڙي ريت ٿڌي ٿيندي؟ خدا جي واسطي رحمتِ عالم ﷺ جي حضور ۾ منھنجي طرفان چئو تہ، "اي منھنجا ربّ! باھ کي منھنجي حق ۾ حڪم ڏي تہ ٿڌي ٿي وڃ، جھڙي ريت حضرت ابراھيم خليل عليه السلام جي حق ۾ ٿڌي ٿيڻ جو حڪم فرمايو ھيئي."

⑧ سفر ڏورانھون آھي، آئون سُست اڪيلو ھٿن خالي، بي ثمر آھيان، پنھنجا ۽ پراوا ڇڏي پري ٿي ويا. خاتون جنّت حضرت فاطمة الزھراءِ جو دامن وٺي بنا دير جي عرض ڪر تہ، اي نبيءَ جي نياڻي سڀڳوري! تنھنجي ذات الله تعاليٰ جي دربار ۾ مقبول آھي. گناھن جي معافيءَ لاءِ الله جي حضور ۾ توکي چوان ٿو تہ : اي منھنجا ربّ! گناھن (جي گھڻائي) ۾ مون جھڙو ٻيو ڪوبہ گنھگار ناھي. اي منھنجا الله! منھنجو ڪھڙو حال آھي؟ مون وٽ ڪوبہ چڱو عمل ناھي منھنجا برا عمل گھڻا آھن، منھنجي اطاعت جو سَمر تمام ٿورو آھي"

⑨ پنھنجو رُخ مبارڪ جنّت البقيع ڏي ڪر، جتي الله وارا ابدي آرامي آھن، نوڙت ۽ عاجزيءَ سان چؤ تہ مون کي ذلت کان امان ملي، ۽ چئو تہ اي الله! فرياد آھي تہ مون کي انتقام کان ڇوٽڪارو ڏي، آلِ رسول ۽ اصحابَن سڀڳورن کان سواءِ منھنجو ڪو بہ چارو ناھي، تنھنجو ئي فرمان آھي تہ "منھنجي رحمت ھر شيءِ تي حاوي آھي" ذوالنّورين حضرت عثمان غني، حسنين ڪريمين ۽ حضرت علي رضي الله عنھم جنّتيءَ جي مھابي. "ھر بيماريءَ کان مون کي عافيت ڏي ۽ منھنجي ھر حاجت پوري ڪر، منھنجي دل بيمار آھي ۽ تون بيمارن کي شفا بخشيندڙ آھين."

⑩ پوءِ شاهِ نورِ صُدور جي درگاهه جو وسيلو طلب ڪر، سيّد الشهداءِ امير حمزي جي وسيلي سان چئو ته، اي ربّ شڪور! آئون قبر جي گرمي ۽ قيامت جي ڏينهن جي رنج ۽ گناهن کان ڪافي پريشان آهيان. راند روند، وڏائي ۽ نفس جي حرص، هَوس ۽ گناهن ۾ عمر ڏنم. تنهنجي لطف ڪرم ۽ فضل کان سواءِ منهنجي ڪابه پناهه ناهي، مون کي عافيت ڏي، تون ئي عافيت ڏيندڙ ۽ بخشيندڙ آهين. "تون ئي سمورن ڪمن جي مشڪلاتن ۾ ڪافي ۽ شافي آهين، تون ئي مون کي پاليندڙ، تون ئي مون کي ڪافي تون ئي منهنجو بهترين ڪارساز آهين".

⑪ الحمد لله! اَلله جو شڪر آهي، جو وري صَبا سئو ڪاميابين سان موٽي آئي، چيائين ته مون زخميءَ دل جي حال جو اطلاع ڪيو آهي، واهه! "سعيد" ڪي جان ۽ روح سان ورونهن رکندڙ (محبوب پاڪ ﷺ) جي طرفان کهڙو نه سهڻو اشارو ٿيو ته جيڪو سچيءَ دل سان توبه تائب ٿيو، اهو گناهن کان اهڙو پاڪ ۽ صاف ٿيو، ڄڻ ته اُن گناهه ڪيو ئي ناهي. غم نه ڪر، هر صبح ۽ شام استغفار جو وردُ ڪندو رَهُه، حضرت ابوبڪر توبه جي رمز واضح طور ٻڌائي آهي ته، "حضرت موسيٰ، حضرت عيسيٰ، حضرت يحييٰ، ۽ حضرت نوح عليهم السلام ڪٿي آهن؟ اي صديق! تون ٻانهو آهين، ربّ جليل جي حضور ۾ توبه تائب ٿيءُ"

غزل نمبر: ۱۲۱

① مبتدی را میل جز ذکرِ خدا باشد زلل
طفل را جز شیرِ مادر ہر خورش دارد خلل

② در مدارج ارتقا تہلیل باید نی کتاب
فاتحہ جائ تشہد کی شود آخر بدل

③ منتهی را نقص نارد میل سوئ غیر ذات
بحر گردد منکدر دانی کجا از خشت و گل

④ گرنہ فرقی بدُ بحالِ مبتدی و منتہی
بلعم و موسیٰ شدی یکسان مساوی فی المثل

⑤ منتہی چون فارس ست و مبتدی محتاجِ او
طفل پا برداشتی دیوار گیرد بالعجل

⑥ مبتدی شدوه "سعیدؒ" از منتہی کاملی
زابر وابل می شود یابس زمین پُر غنچہ گل

ترجمو

① نئين سيکڙاٽ کي خدا جي ذڪر کان سواءِ لغزش جي طرف لاڙو هوندو آهي، ٻار کي ماءُ جي کير کان سواءِ ان جو هر ڪاڌو نقصان ڪندڙ هوندو آهي.

② خدا جي حضور ۾ پهچڻ جي مدارج جو ارتقا. ذڪر تهليل ڪرڻ سان جڳائي، نہ ئي ڪتاب پڙهڻ سان، سورة الفاتحه تشهد جي جاءِ تي آخر ڪيئن بَدل ٿئي؟

③ سُلوڪ جي منتها شاگرد کي، خدا جي ذات کان سواءِ ٻئي طرف لاڙو گهٽ تو ٿئي، سمنڊ ڪڪ ڪچري ۽ مٽي سان ڪٿي تو گدلو ٿي سگهي؟

④ جيڪڏهن سلوڪ جي ادنيٰ ۽ اعليٰ شاگرد جي حال ۾ فرق نہ هجي ها، تہ بلعم باعور ۽ حضرت موسيٰ (عليہ السلام) برابر هجن ها.

⑤ سُلوڪ جي منتهيٰ شاگرد جو مثال گهوڙي سوار وانگي آهي ۽ ادنيٰ

ان جو محتاج آهي (جهڙي ريت) ٻار پير مٿي ڪٺندو آهي ته جلدي ديوار جو سهارو وٺندو آهي.

⑥ واھ "سعيدؒ" ڪامل سالڪ جو ادنيٰ شاگرد ٿيو. برسات جي ڪڪر سان سڪل زمين ۾ گل ۽ مکڙين سان پُر رونق ٿيندي آهي.

غزل نمبر: ١٢٢

① ہر کہ پوید در خلافِ رمز قرآن و رسول
ره غوایت پیش دارد در ضلالت ہمچو غول

② گشت قولِ مجتهد ماخوذ چون زان رمزها
نور بر نور ست تابان اقرب طوع و قبول

③ در تعارض سنت آرد قولِ فقیہِ مجتهد
در عمل مفروض نبود بر ہمہ بر ناکھول

④ ہرچہ باشد آر در قرطاس قرآن و حدیث
کہ این دو پلہ بہرِ میزان شرع آمد بالا در اصول

⑤ عقل اعرج گشت در این تنگنای دین متین
رفت راهِ خسر کہ او پوئید بر رکبِ عقول

⑥ بی قیاس و عقل پیش آستان پاک شرع
خاک گشت از عجز طاعت قلبِ اصحابِ فحول

⑦ از گرفتن سنت و قرآن و طاعت پیر خود
بین "سعید" اندر سعادت تا چہ سان دارد شمول

ترجمو

① جيڪو قرآن ۽ رسول جي طريقي جي خلاف هليو، اهو ڏائڻ وانگي گمراهيءَ جي کوھ ۾ پيو.

② مجتهد جو قول جڏهن انهي طريقي مان ورتل آهي. ته نورُ عليٰ نور، اطاعت ۽ مقبوليت کي تمام ويجهو آهي.

③ فقيھ مجتهد (جڏهن) سُنت جي خلاف قول آڻي، ته ننڍن وڏن سمورن تي عمل ڪرڻ فرض ناهي.

④ جيڪو پنهنجي دليل ۾ قرآن ۽ حديث کي آڻي، ته شريعت جي تَرازو لاءِ ان جا ٻئي پُڙ اُصول ۾ بلند مقام رکندڙ آهن.

⑤ عقل دين متين جي واٽ ۾ مندو ٿي پيو، جيڪو دين جي خلاف هليو، اهو عقل جي گهوڙي تي سوار ٿيو.

⑥ شريعت پاڪ جي حڪم جي اڳيان، عقل ۽ قياس خاڪ ٿي ويو، عقل ۽ همت وارن جي دلين عاجز ٿي شريعت جي حڪم کي قبول ڪيو.

⑥ قرآن ۽ سُنَّت جي حڪم کي وٺڻ جي ڪري ۽ پنهنجي مُرشد جي اطاعت جي ڪري، ڏِسُ ته "سعيد" ڪهڙي ريت سعادت ۾ شامل ٿيو.

غزل نمبر:۱۲۳

① رسید پیک مبارک قدم ہمایون فال
که یار خورم شاد و بجاه مال و منال

۲ دماغ عطر شدم جان مفرح و دل خوش
بقند لوز شکر ریز گشت فکر و خیال

۳ شنو عزیز که یعقوب باغ فرسود است
کجا دمی که نسیمش دهد صبا ز شمال

۴ ہزار عیش و طرب باد روز افزونت
گہی رجوع ز صحرا چرا بکن چو غزال

۵ ہزار بار دلاسه بدل وہم که شکیب
ولی قرار نگیرد زلال در غربال

۶ ندید بلبل سوزی که دید پروانه
که این دو سوز بدارد ہمان یکی دربال

۷ مجاز نیست گداز پدر بر اولادش
که رحمتی ست الٰہی حدیث بروی دال

۸ فراق و ہجر و جدائی نه غایتی دارد
که در نوشت قلم یا زبان کشد بمقال

۹ "سعیدؒ" سخن خیالِ تو بس دراز شده
بکن خموش که ناید بنازگان ملال

ترجمو

① قاصد نيڪ پيغام ڪٺي خير سان پهتو، تہ يار مال، متاع ۽ مرتبي سان خوشحال آهي.

② منهنجي دل ۽ جان خوش ۽ دماغ معطر ٿيو، (منهنجو) فڪر ۽ خيال محبوب تي متو بادام گهوريندڙ ٿيو.

③ عزيز مصر ٻڌو تہ يعقوب عليه السلام جو باغ پراڻو آهي، اُتر مان ان جي ٿڌڙي هير ڪڏهن وصال جو واءُ آڻيندي؟

④ هرروز هزار خوشيون ۽ عيش شال تنهجا وڏندا رهن! ڪڏهن تہ هرڻيءَ وانگي صحرا مان قيرو ڪندو ڪر.

⑤ دل ڪي هزار پيرا صبر ڪرڻ جو دلاسو ڏنم، پَر پَرڻ ۾ پاڻي نہ ٽڪيو.

⑥ پرواني وارو سوز بُلبل ڏنو ئي ناهي، جو هيءُ اهي ٻئي سوز هڪ پَرَ ۾ رکي ٿو.

⑦ پيءُ پنهنجي اولاد تي مهرباني رکڻ جو مجاز آهي، جو تہ الله تعاليٰ جي رحمت واري حديث ان تي دلالت ڪندڙ آهي.

⑧ هجر وفراق ۽ جُدائيءَ جي حد ئي ناهي، جو قلم يا زبان ان ڪي لکي يا بيان ڪري سگهي.

⑨ "سعيدؒ"! تنهنجي فڪروخيال جي ڳالهہ تمام ڏکهي تي ويئي آهي، (هاڻي) چُپ ڪر، جو متان ناز ڪندڙن ڪي پريشاني نہ اچي.

"ڪُل"
ناجي نور محمد ڦرڙو
لئبريري
ڪتاب نمبر:
موبائل: 0302-3629987
تاريخ:

بَابُ المیم

عربی مناجات بدرگاہِ رسالتِ مآب صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم

غزل نمبر: ۱۲۴

① أَيَا خَتمَ الرُّسُلِ أَجمَعَ رَؤُفًا شَافِعَ الأُمَمِ
نَبِيٌّ قَدْ تَشَرَّفَكَ بَدِيْعَ بِهٖ لَفِي الْقِدَمِ

② يُنَوِّرُ وَجهُكَ الظُّلمَةَ كَشَمسٍ فِيْ ضَحَايَاهَا
فَضَوءُكَ مِنهُ مُنْدَرِسٌ ضِيَاءُ الْبَدرِ وَالنَّجمِ

③ خَرَقتَ الْحُجُبَ وَالأَستَارَ مِنَ النُّورِ وَمِنْ ظُلمِهٖ
رَأَيتَ الرَّبَّ بِالْعَيْنَيْنِ فِي الْإِسْرَاءِ مُلْتَئِمِ

④ وَ مِثلُ الرُّوحِ جِسمُكَ طَاهِرٌ ظِلُّهٗ لِذَا عَدَمًا
فَدَارُكَ الْعَقْلِ عَنْ ذَاتِكَ كَغَيْبِ اللهِ فِي الْحَرَمِ

⑤ نَبِيًّا مُرْسَلًا قَدْ كُنتَ عِندَ اللهِ فِيْ غَيْبِهٖ
وَ آدَمُ كَانَ فِيْ سِلْسَالِ حَمَاءٍ سَاكِنَ الْعَدَمِ

⑥ وَ مِنْ دِيمِكَ فَقَدْ غَرِقَ الرُّسُلُ وَالأَنْبِيَاءُ أَجْمَعُ
وَ بَحْرُكَ مِنْ فُيُوضِ الْحَقِّ بِالأَمْوَاجِ فِي اللَّطْمِ

⑦ صَلٰوةُ اللهِ تَسْلِيمُهٗ يَكُونُ أَبَدًا وَ آزَالًا
بِكُلِّ اللَّمْحِ أَضْعَافًا لِمَا فِي اللَّوْحِ وَالْقَلَمِ

٨ عَلٰى كُلِّ الْمَرَاتِبِ لَكَ مِنَ الْأَرْوَاحِ وَالْجَسَدِ
عَلٰى أَيْدِ الْمَلَائِكِ نَازِلاً مِّنْ بَارِءِ النَّسَمِ

٩ كَذَالِكَ آلُكَ الْأَمْجَدُ وَأَهْلُ الْبَيْتِ وَالصَّحْبُ
ذَوِي أَسْرَارِكَ الْعُظْمٰى أُولِي الْأَعْلٰى مِنَ الْهِمَمِ

١٠ حَقِيْرُ الْحَالِ فَلَسُ الْبَالِ بَابَكَ جَاءَ مُلْتَمِسًا
فَكَرِّمْهُ وَ شَرِّفْهُ بِعَيْنِ اللُّطْفِ وَالْكَرَمِ

١١ بِتِرْيَاقٍ مِّنَ الْأَنْوَارِ وَالْأَسْرَارِ خَلِّصْهُ
مِنَ الْوَسْوَاسِ لِلْخَنَّاسِ وَالْهَفَوَاتِ كَالسَّمِّ

١٢ وَدَارُكَ يَا حَبِيْبَ اللهِ مَيِّتُ الْقَلْبِ بِالْإِحْيَاءِ
فَأَرْسِلْ مِنْ سَحَابِ اللُّطْفِ مَاءَ الْفَيْضِ كَالدِّيَمِ

١٣ وَقَهِّرْ كُلَّ أَعْدَاءِهٖ خُصُوْصًا نَفْسَهُ الْأَعْدَاءَ
وَ أَرْوِيْهِ بِشُرْبِ السِّرِّ وَالْأَنْوَارِ وَالْحِكَمِ

١٤ وَأَوْصِلْهُ بِسِرِّ السِّرِّ نُوْرَ النُّوْرِ مِنْ غَيْبِكَ
وَ زِدْهُ مِنْ بُطُوْنِ الْغَيْبِ أَسْجَالٍ مِّنَ الْعِلْمِ

١٥ تَوَجَّهْ بِتِيْجَانِ الْوِلَايَةِ مِنْ عِنَايَتِكَ
وَهَبْ إِرْثَ الْحَقِيْقَةِ لَكَ لَهُ بِالْفَضْلِ وَالْكَرَمِ

١٦ وَحُبُّ الذَّاتِ أَيْضًا مُوْجِبًا لِعُبُوْدَةٍ صِرْفٍ
سُؤَالُهُ مِنْكَ يَا خَيْرَ الرُّسُلِ يَا شَافِيَ السَّقَمِ

⑰ وَيَسْأَلُ مِنْكَ حُبَّكَ مِنْ حَقِيْقَتِكَ الَّذِىْ مِنْهُ
يَجِيءُ الدَّمْعُ مِنْ صِدْقِهِ كَالسِّلْكِ الدُّرِّ مُنْتَظِمِ

⑱ وَكُنْ مَعَهُ بِكُلِّ الْاٰنِ وَالْاَحْوَالِ وَالصَّعْبِ
شَفِيْعًا غَافِرًا غَوْثًا مُزِيْلَ التَّعَبِ وَالْاَلَمِ

⑲ وَدَارُكَ يَاحَبِيْبَ اللهِ غِيَاثُ الْخَلْقِ يَاسَنَدِىْ
سَعِيْدًا مُّسْتَغِيْثًا بِكَ نَكِيْسَ الرَّاْسِ مِنْ نَدَمِ

ترجمو

① اي ختم الرسل! شفقت فرماءِ، اُمَتن جي شفاعت ڪندڙ آهين، اي نبي سڳورا! تنهنجي قدم مبارڪ جي اچڻ سان زمين شرف واري ٿي.

② تنهنجي چهري مبارڪ جو نورُ انڌيري ۾ روشن سج وانگيان آهي، ان جي روشنيءَ سان چوڏهينءَ جو چنڊ ۽ تارا بي نور ٿي ويندا آهن.

③ حجاب، پوشيدگي، نور ۽ ظُلمت جا پردا ٽوڙيئي، معراج واري رات ربّ ڪريم جو ٻنهي اکين سان ديدار ڪيئي.

④ روح وانگيان تنهنجو جسم مبارڪ پاڪ آهي، انهي ڪري اوهان جو پاڇو نہ هو، تنهنجي ذات جي متعلق عقل جي سمجھ ائين آهي، جيئن حرم پاڪ ۾ اَللہ تعاليٰ جو پُراَسرار هجڻ آهي.

⑤ عالمِ غيب ۾ ئي الله تعاليٰ وٽ نبي هئين، جڏهن حضرت آدم عليہ السلام (اڃان) مٽي ۽ پاڻيءَ واري عالمِ عدم ۾ رهندڙ هو.

⑥ تنهنجي فيض واري بحر عميق ۾ سمورا نبي ۽ رسول سڳورا مستغرق آهن، تنهنجي حق واري فيض جي درياءَ ۾، موجون ۽ ڇوليون آهن.

⑦ الله تعاليٰ جون رحمتون ۽ سلام، هميشه هميشه توتي وسندا رهن، هر گهڙي ٻيڻا، جيئن لوح وقلم ۾ آهن.

٨ اَللهَ تعاليٰ جي طرفان ملائڪ توتي، تنهنجي روح ۽ جسم تي، درود ۽ سلام جا هديا نازل ڪندا رهندا آهن.

٩ اهڙي طرح تنهنجي آل سڳوري، اهل بيت ۽ اصحابن تي رحمتون هجن، جيڪي تنهنجا مخفي راز ڄاڻندڙ ۽ وڏي مرتبي وارا آهن.

١٠ هي حقير حال تنهنجي دروازي تي سوالي آهي، پنهنجي لطف ۽ ڪرم جي نظر سان ان جي فڪر کي روشن ۽ مشرّف ڪر.

١١ انوار ۽ اسرار جي ترياق سان اُن کي شفا بخش، جيڪو خنّاس جي وسوسن لاءِ مثل زهر جي علاجُ آهي.

١٢ اي اَللهَ جا حبيب! تنهنجي در تان مُئل دلين کي زندگي ملي ٿي، پنهنجي لطف جي ڪڪر مان فيض جو مينهن وساءِ.

١٣ سمورن دشمنن تي خاص ڪري نفس دشمن تي قهر نازل ڪر، اُن کي سِرّ، انوار ۽ حڪمت جي شراب سان سيراب ڪر.

١٤ پنهنجي غيب جي نور ۽ راز کي هڪ ٻئي سان ملاءِ، غيب جي خزانن ۽ علم جي سمندن مان ان کي وڏيڪ عطا ڪر.

١٥ پنهنجي مهربانيءَ سان (ان کي) ولايت جو تاج پاراءِ ۽ پنهنجي فضل وڪرم سان حقيقت جي عرفان جو ورثو عطا ڪر.

١٦ اُها محبت ڏي جيڪا اُن ذات جي عبادت لاءِ ضروري آهي، اي رسولن ۾ پلارا! اي بيمارن کي شفا بخشيندڙ! توکان سوال آهي.

١٧ اهو توکان تنهنجي حقيقت جي محبت جو سوال ڪري ٿو، موتين جي لَڙيءَ وانگي، پنهنجي صدق نيت سان لُڙڪ وهائي ٿو.

١٨ ۽ انهيءَ سان هر جاءِ، هر مصيبت ۽ هرحال ۾ سَاٿي رَهُ، اي شفاعت ڪندڙ! گناهه بخشيندڙ! تڪليف ۽ ڏک کي مٽيندڙ! مدد ڪر.

١٩ اي اَللهَ جا حبيب! تنهنجي حويلي مبارڪ مخلوق جي فرياد جي جاءِ آهي، اي منهنجا سائين! "سعيد" پريشانيءَ سان سِرُ جهُڪائيندي توکي فرياد ڪري ٿو.

غزل نمبر: ۱۲۵

① گردن بہ برزدہ بخیالِ محمّدیم
دل در تصوّراتِ جمالِ محمّدیم

② از یوسف ار جوان زلیخا بروء شد
ماجان جوان شدہ بکمالِ محمّدیم

③ گرچہ بشاخ عشق چو نو بادہ ایم لیک
از پختگان مہر جلالِ محمّدیم

④ از شکرِ تعیّن کثرت چہ ذائقہ
شیرینِ دہان ز شہد نوالِ محمّدیم

⑤ خضر از سرِ حیات بظلماتِ دم مزن
ماخود حیاتِ دل ز زلالِ محمّدیم

⑥ باغِ بہشت را بروشم بہ نیم جو
در باغِ جان و نسیم شمالِ محمّدیم

⑦ در روزِ حشر غم ز حسابم "سعیدؒ" نی
ما بندۂ محمّد و آلِ محمّدیم

ترجمو

① اسان جو ڪنڌ محمّد ڪريم ﷺ جي خيال تي جُهڪايل آ، اسان جي دل محمد ﷺ جي جمال جي تصورات ۾ (محو) آ.

② يوسف عليه السلام جي ڪري جيڪڏهن زليخا ان جي روبرو جوان ٿي وجي، تہ اسان بہ محمد ﷺ جي ڪمال سان جان سان جوان آهيون.

③ جيتوڻيڪ عشق جي ٿاريءَ ۾ اسان تازي ميوي وانگر آهيون، پر مضبوطيءَ جي ڪري محمّد ﷺ جي بزرگي ۽ مهربانيءَ سان قائم آهيون.

④ (دنيا) جي مصريءَ جي گهڻي مِٺاس جو ڪهڙو ذائقو؟ اسانجي مُنهن جي مِٺاس تہ محمّد ﷺ جي ماکيءَ واري زبان جي بخشش جي ڪري آهي.

⑤ خِضر عليه السلام! سمندن جي ظلمات (انڌيرين) ۾ حياتيءَ جو دَمُ نہ هَڻُ، اسان پاڻ محمّد ﷺ جي آبِ ڪوثر ڪان زنده دِل آهيون.

⑥ بهشت جي باغ کي اَڌ جَو جي عِوض وڪڻي ڇڏيم، (ڇوتہ) اسان محمّد ڪريم ﷺ جي باغ جي اُتر جي ٿڌڙي هيرجي جان آهيون.

⑦ قيامت جي ڏينهن "سعيد" رحمة الله عليه! مون کي حساب و ڪتاب جو ڪو بہ غم ناهي، (ڇوتہ) اسان محمّد ڪريم ﷺ ۽ آلِ محمد ﷺ جا غلام آهيون.

غزل نمبر: ۱۲۶

① ما بیخود از خودی بخیالِ محمّدیم
ما تشنۂ ز لال کمالِ محمّدیم
ما طالبِ شمیم وصالِ محمّدیم
ما عاشقِ محمد و قالِ محمّدیم

ما بندۂ محمّد و آلِ محمّدیم

۲ ما کان ما یکون فدائ محمّدست

مسجود کعبہ ہم برضائ محمّدست

قرآن جملہ رمزِ ثنائ محمّدست

ہریکِ نبی بزیرِ لواءِ محمّدست

ما بندۂ محمّد و آلِ محمّدیم

۳ آنانکہ با کلامِ الٰہی و محمّد اند

وآنانکہ برگزیدہ اولادِ احمداند

وآنانکہ خاصگانِ خداوند سرمدند

حسنین بابتول و علیّ ومحمّد اند

ما بندۂ محمّد و آلِ محمّدیم

۴ روزِ جزاکہ حق نہ نظر بر حسب کند

شرمندہ روئ آنکہ غرورِ نسب کند

فرخندہ طالع آنکہ درین رہ ادب کند

واز بندگی و عجز دلش باز لب کند

ما بندۂ محمّد و آلِ محمّدیم

⑤ عالم بہ محفلش چو دمِ از دین برزند
صوفی بہ حلقہ اش دمِ تلقین برزند
ناصح براہِ وعظ چو نفرین برزند
آہ این ز ہجرِ عاشقِ مسکین برزند
ما بندۂ محمّد و آلِ محمّدیم

⑥ پیرِ مغان ز رشتہ زنّار ما مپرس
راہب ز وردِ سبّحہ واذکارِ ما مپرس
زاہد سلوک وجذبہ ورفتارِ ما مپرس
مفتی نماز روزۂ واطوارِ ما مپرس
ما بندۂ محمّد و آلِ محمّدیم

⑦ در گور چون سوٴال کند منکر ونکیر
از دین واز شہادت باہیبت وفیر
گویم کہ نیست حالم از چشم سان ستیر
کز آبِ عشقِ احمد شد خاکِ ما خمیر
ما بندۂ محمّد و آلِ محمّدیم

⑧ در روز رستخیز بوقتِ حساب تاب
ہر کس بوفقِ طاعت آرد ہمی کتاب

ماخود بطاقه بکشیم از بغل شتاب
براین غرض که نیست خدایا بماعتاب

ما بندهٔ محمّد و آلِ محمّدیم

⑨ مجنون مثالِ لیلیٰ اندر جهان ندید
از حسنِ یوسف آب زلیخا بجان چشید

شیرین زہر درد که فرہاد در کشید
بااین کلام گوء رُبُود از ہمه "سعیدؒ"

ما بندهٔ محمّد و آلِ محمّدیم

ترجمو

① اسان خوديءَ کان بي خود، محمّد ﷺ جي خيال ۾ آهيون، اسان محمّد ﷺ جي ڪماليت واري صاف پاڻيءَ جا اجايل آهيون، اسان محمّد ﷺ جي وصال واري خوشبوءِ جا طالب آهيون، اسان محمّد ﷺ جي گفتگو ۽ رُخ انور جا عاشق آهيون، اسان محمّد ﷺ ۽ آلِ محمّد ﷺ جا غلام آهيون.

② دنيا ۾ جيڪو ٿيو ۽ ٿيندو (اهو سمورو) محمّد ﷺ تي فدا آهي، ڪعبو سجدي گاهه محمّد ﷺ جي رضا سان بنيو آهي، قرآن سمورو محمّد ﷺ جي ثنا جي رمز آهي، (قيامت جي ڏينهن) هر هڪ نبي محمّد ﷺ جي جهنڊي جي هيٺيان هوندو، اسان محمّد ﷺ ۽ آل محمّد ﷺ جا غلام آهيون.

③ جن جي تعريف الله جي ڪلام ۾ ٿيل آهي، اُهي احمد ﷺ جو برگزيده اولاد آهن، اُهي الله تعاليٰ جا خاص ٻانها آهن، اُهي پنجتن

پاڪ امام حسن، امام حسين، حضرت فاطمة، علي (رضي الله عنهم) ۽ محمّد (ﷺ) آهن، اسان محمّد ﷺ ۽ آلِ محمّد ﷺ جا غلام آهيون.

(٤) قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ حسب نسب ڏي نہ نهاريندو، شرمنده مُنهن اهو هوندو، جيڪو نسب تي وڏائي ۽ فخر ڪندو، نيڪ بخت اُهو آهي، جيڪو اِنهيءَ واٽ ۾ ادب ڪندو، پانهپ ۽ نوڙت سان پنهنجي دل کي خاموش رکندو، اسان محمّد(ﷺ) ۽ آلِ محمّد(ﷺ) جا غلام آهيون.

(٥) عالِم پنهنجي محفل ۾ دين جو دَمُ هڻندو آهي، صوفي پنهنجي حلقي ۾ تلقين جو دَمُ هڻندو آهي، نصيحت ڪندڙ وعظ جي رستي ۾ ماڻهن کي ملامت ڪندو آهي، افسوس! هي عاشق مسڪين محبوب جي جُدائيءَ ۾ روئندو رهندو آهي، اسان محمّد(ﷺ) ۽ سندس آل جا غلام آهيون.

(٦) پيرِ مُغان! جَڏي پَڌڻ جو اسان کان نہ پڇ، راهب! تسبيح جي ورد ۽ ذڪر بابت اسان کان نہ پڇ، زاهد! سُلوڪ، جذبي ۽ رفتار بابت اسان کان نہ پڇ، مفتي! نماز، روزي ۽ شريعت جي طريقن بابت اسان کان نہ پڇ، اسان (محمّد ﷺ) ۽ سندس آل جا غلام آهيون.

(٧) قبر ۾ جڏهن منڪر ۽ نڪير سوال ڪندا، وڏي هيبت سان توحيد، رسالت ۽ دين اسلام بابت پُڇا ڪندا، آئون چوندس تہ منهنجو حال نيڪ ٻانهي جي اکين جي ڏسڻ جهڙو ناهي، چوتہ احمد (ﷺ) جي عشق جي پاڻيءَ سان اسان جي مِٽي پُسي ويئي، اسان محمد (ﷺ) ۽ سندس آل جا غلام آهيون.

(٨) قيامت جي ڏينهن سخت حساب جي وقت هر ماڻهو اطاعت جو اعمالنامو کڻي ايندو، اسان هن مقصد سان بغل مان جلدي چِٺي ڪڍنداسون، تہ اي الله! اسان تي ڪو بہ ڏوراپو ناهي، چوتہ اسان محمّد(ﷺ) ۽ سندس آل جا غلام آهيون.

(٩) مجنو ليليٰ جهڙي ڪا بہ شيءِ نہ ڏٺي، زليخا يوسف عليه السلام جي حُسن کان جان سان پاڻي چڪيو، شيرين فرهاد جو هر سُور سَٺو، "سعيد" هن نظم ۾ سمورن کان گوءِ کڻي ويو، اسان محمّد(ﷺ) ۽ سندس آل جا غلام آهيون.

غزل نمبر: ۱۲۷

① بیا عاشق بشو بر روئ پیرم — جهان بسته بتارِ موئ پیرم
② قسم در وَالضُّحیٰ از روئ یار ست — بود واللّیل هم گیسوئ پیرم
③ خدا هر سو بکرده جلوه لیکن — نکرده هیچ سُو چون سوئ پیرم
④ عروق و استخوان و شحم و لحمم — همه سرمست درهاهوئ پیرم
⑤ بُرد دل را دهد معنی بجایش — ندیده کس چنین جادوئ پیرم
⑥ زفقه ار طاعت واخلاص خواهی — بیاموز از تخلّق خوئ پیرم
⑦ وگر معصیتم چون بحر گردد — نیاید تا حدِّ زانوءِ پیرم
⑧ همه حاجات میگردد روایت — اگر سجده کنی بر کوئ پیرم
⑨ جهان را عید قربان ست و رمضان
"سعیدا" عیدِ من ابروئ پیرم

ترجمو

① اي عاشق! اَڄُ منهنجي مرشد جي مُنهن تي قربان ٿي، (جو) منهنجي مرشد جي زلف جي تار ۾ان جهان ٻڌل آهي.

② وَالضُّحيٰ ۾ يار جي چَهري جو قسم کنيل آهي، وَالَّيلِ ۾ منهنجي مُرشد جي زُلف جو قسم آهي.

③ اَللهُ تعاليٰ تہ هر طرف جَلوو فرمايو آهي، پر جهڙو جَلوو منهنجي مرشد جي طرف ڪيو آهي، اهڙو ڪنهن جي بہ طرف نہ ڪيو آهي.

④ منهنجون رڳون، هڏا، چرٻي ۽ گوشت، سمورا منهنجي مرشد جي ياد ۾ سَرمست آهن.

⑤ منهنجي دل ڪسي ويو، اُن جي جاءِ تي حقيقت جو (رستو) ڏنائين، منهنجي مرشد جي جادوءَ جهڙو جادو ڪنهن ٻه نه ڏٺو آهي.

⑥ جيڪڏهن فقه مان اطاعت ۽ اخلاص چاهين، ته اَچُ، منهنجي مرشد کان سٺا اخلاق سِکُ.

⑦ جيڪڏهن منهنجو گناهه سمنڊ وانگي (اونهو) ٿئي، تڏهن ٻه منهنجي مرشد جي گوڏي جي حد تائين نه ٿو اچي.

⑧ اگر ته سموريون حاجتون روايت ٻنجي وينديون، ته منهنجي مرشد جي گهٽيءَ ۾ سجدو ڪندين.

⑨ جهان وارن جي عيد، عيد الأضحيٰ ۽ رمضان واري عيد آهي، اي "سعيد" ! منهنجي عيد منهنجي مرشد جي اَبرو واري چنڊ ڏسڻ ۾ آهي.

غزل نمبر: ١٢٨

① سود نہ بخشد دلا روز سُرور و اَلم
بی عَلم استقم علمِ نمودن عَلم

② گردن افراختی ہمچو نشانِ بی نشان
صلح بشیطان کنست این علمت بی علم

③ علم کہ برجان رسد بخشد نور و ہدا
علم کہ برتن رسد باشد بر جان ستم

④ مدّعی راہ خود رایت گردن کش ست
خیمۂ سان ساجدند اہلِ عمل دمبدم

⑤ کتبِ نصائح ہمہ بی فقہ و فہم حق
پردۂ پنداریست بر بصرت مُلتئم

⑥ صوفی و عالم ہمہ بی عمل و بی صفا
زشت ز مار اند دل زہر دارند و فم

⑦ سبحۂ زہاد را خاکِ ریا پوش شد
سفیہ سبحش مشو دانہ بدام ست ہم

⑧ سرخیٔ رویش مبین لالہ وش در چمن
دال تباہِ دلش داغ درونِ شکم

⑨ پنبۂ غفلت کش از گوشِ دل و جان "سعیدؒ"
گیر صفا و عمل و علمِ ہدٰی را شیم

ترجمو

① اي دل! حقيقت ۾ بغير عمل جي علم مضبوط ۽ پختو نہ هوندو آهي ۽ دل کي فائدو ۽ خوشي نہ بخشيندو آهي، بلک غم ڏيندو آهي.

② تکبّر مان کنڌ بي نشان جي نشان وانگي مٿي کيئي، شيطان سان تنهنجو صُلح ڪرڻ اهو تنهنجي بي علميءَ تي مبني آهي.

③ علم جيکو جان تي پهچي اهو نور ۽ هدايت بخشيندو آهي، جيڪو علم بدن تي پهچي، اهو جان تي ظلم هوندو آهي.[1]

④ مُدّعي پنهنجي راءِ جي اظهار ڪرڻ ۾ هنيلو آهي، خيمي وانگيان عمل وارا دم بدم سجدو ڪندا آهن.

---

(1) جهڙيءَ طرح مولانا جامي فرمائي ٿو تہ: "علم را بر تن زنی مارے بود ـ علم را بر دل زنی یارے بود."

⑤ نصيحت جا سمورا ڪتاب حق ڪي سمجهڻ جا آهن، (پر) سمجهہ جي
پردي جي پٺيان تنهنجي اک تي پيل آهي.

⑥ صوفي ۽ عالم، سمورا بي عمل ۽ بي صفا آهن، بُري. عادت وارا
نانگ آهن، وات ۽ دل ۾ زهر رکندڙ آهن.

⑦ زاهد جي تسبيح ڪي رياءَ جي خاڪ جو پوش ٿيو، ان جي تسبيح جي
داڻن جي چار ۾ چَريو ۽ مست نہ ٿيءُ.

⑧ اُن جي چمن جي لالاڻِ ۽ سندس چَهري جي سرخيءَ کي نہ ڏِسُ! ڇو تہ
ان جي رهنمائي تباهہ ڪندڙ ۽ سندس دل ۽ پيٽ ڪارو آهي.[1]

⑨ ”سعيدؒ“! دل ۽ جان سان، ڪَن مان غفلت جي ڪَپهہ ڪَڍُ، هدايت واري
علم وعمل جي صاف سُٺي عادت وَٺُ.

غزل نمبر: ۱۲۹

① نفس را دوش دلم گفت کہ از احقابیم
شاغلِ حرص کہ ہر سود از وی یابیم

② فارسِ اسب ہوا گشت تگاپوء کنان
دشتِ پیماء تفاخر ز سر اعجابیم

③ عیبِ خود عیب ندانیم کہ گویا نیکیم
روز و شب چشمِ تجسّس بسوئ اصابیم

④ خاک و آب ست چو خود نسلِ وجودِ آدم
پس چرا فخر کنان عیب کش استابیم

(1) بقول شاهہ صاحب اندر ڪارو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي. (از مترجم)

⑤ نفس در حرص و ہوا غرق طریقت چہ بود
زہر پنداشتہ شرابی ز نباتِ نابیم

⑥ تکیہ کردیم بہ دُنیا و مثالش شاید
خانہ معمور ز خس در ممرِ سیلابیم

⑦ رغبتِ سیم و طلاقب خلائق بفریفت
دیدہ دانستہ پیش ہمچو دوان سیمابیم

⑧ ہی جوانی بشدہ طفل وش اندر بازی
پیری آمد بہوا و حرص ہنوز آن شابیم

⑨ رزق را باب خدا کرد چو مفتوح چرا
رزق در رزق کنان دور تر از این بابیم

⑩ دام دود حش طیوراند بصحرا قائل
بی زراعت ز توکّل چو گلِ سیرابیم

⑪ ما بنوعی بشری آہ ز طمعِ دنیا
بر درختان ہوا پیچ زن و لب لابیم

⑫ وعظِ ما کی بدہد سود بہر گوش کہ چون
لب بہ وعظیم و حیا و دل بہ ہوا کسابیم

⑬ صورتِ فرض و نوافل ندہد سودی چون
دل بہ اغراض و ہوس روئ سُو محرابیم

۱۴ طاعت آن نیست کہ تن سر بنہد بر سر خاک
بلکہ آن ست کہ دیو از دلِ خُود برتابیم

۱۵ بسترِ ریگ فراموش نمودہ از دل
سر غنودہ بسرِ خوابگہِ سنجابیم

۱۶ خانہ و منزلِ ما زیرِ زمین ست ولَی
بیتِ خود کردہ فراموش بمال اسبابیم

۱۷ خویش و یاران ہمہ رفتند نمانیم اینجا
چہ سلامت چو میانِ فلک دولابیم

۱۸ آسیاسنگ شدہ چرخ زمین ہر دو طبق
دانہ وش آخر مجذوب بدان قلابیم

۱۹ علمہا اند ھنرہائے فنونِ مجلس
لیک بی علم دلی مدّعی و کذّابیم

۲۰ قالِ ما گرچہ بود نیک ولی پیشِ حال
گوئیا پیشِ خورتاب فگن شبتابیم

۲۱ کارِ ذکر ست خدا ہرچہ شود آن بہتر
ماچہ مستیم چہ غافل کہ خوش اندر خوابیم

٢٢ ذاکرانند ربودند نیی سبقت را
خیز یاران که رهِ شان بهم بشتابیم

٢٣ مجلسِ اہلِ صفا جذب کند سوئے خدا
سامع از بزم چنین ذکر و حق و آدابیم

٢٤ ہرچہ دل دید ازاین بزم و عمل کرد بران
وعظ آنست دگر بیهوده و لعابیم

٢٥ عاقبت نیک شود لیک از این صحبتہا
راجیانیم درو گرچه بسی مرتابیم

٢٦ تا توانی ز درِ اہلِ صفا پاء مکش
که ازین عتبه بود زو درسِ وھّابیم

٢٧ خوشتر آنست کنی بند لبِ وعظ "سعیدؒ"
وعظِ دل به که رُخ تو به سوئ توابیم

ترجمو

① اسان جي غيرشرعي ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ جي ڪري نفس ڪي ڪالهه منهنجي دل چيو ته حِرص جي ڪمن ۾ مشغول ٿيءُ، ته ان مان نفعو حاصل ڪنداسون.

② سَڌُن جو گهوڙو تيز ڊُڪندڙ آهي، اسان ته هڪ ٻئي تي فخر ڪرڻ واري ميدان ڪي ماپڻ ۾ پُورا آهيون.

۳ پنهنجي عيب کي عيب نه سمجهيوسون، جڻ ته نيڪ آهيون، ڏينهن ۽ رات طلب واري نظر پنهنجن دوستن ڏي ڪئي سون.

۴ آدم عليه السلام جي وجود جو نسل جڏهن خود مٽي ۽ پاڻي آهي، ته پوءِ ڇاجي لاءِ وڏائي ڪري عيب ڪيندا وَتون.

۵ نفس، حِرص ۽ هوس ۾ غرق آهي، اها ڪهڙي طريقت چئبي، جو نفس ۽ حرص جي فڪر مان اسان کي خالص شراب ملي؟

۶ اَسان دنيا تي ڀروسو ڪيو، ان جو مثال شايد (هي آهي جو) ڪکن مان ٺهيل گهر اسان جي سيلاب ۾ لڙهي ويو.

۷ مخلوق جي دل سون ۽ چانديءَ جي شوق ۾ ڏوڪو ڪاڏو، اسان ڏسي وائسي ان جي پويان سندس چَمڪ تي ڊوڙياسون.

۸ افسوس جواني ٻار وانگي راند روند ۾ گذري ويئي، پيري حِرص ۽ هَوس ۾ آئي (پر) اسان اڃان جوان آهيون.

۹ رزق جو دروازو جڏهن اَلله تعاليٰ کولي ڏنو، پوءِ ڇا لاءِ اهڙي صاف رزق ۾ ڪوڙ نڳي ملائي، اُن صاف دروازي کان پري ٿيون؟

۱۰ پڪي بغير پوکيءَ جي توڪل سان جهنگ جي ڪک، پن ۽ داڻي جا قائل آهن، (اسان) گل وانگيٰ سيراب آهيون.

۱۱ افسوس! اسان بشر هجڻ جي ڪري، دنيا جي لالچ ۾ حرصَ هوسَ جي وٽن ۾ پاڻ کي وڪوڙي ڇڏيو.

۱۲ اسان جي نصيحت ڪهڙي ريت (ماڻهن جي) ڪنن کي فائدو ڏي؟ جو جڏهن اسان جا چَپَ نصيحت ۾ آهن، ۽ دل سَڏُن ۾ مشغول آهي.

۱۳ فرض ۽ نفل جي صورت فائدو نه ڏيندي، جڏهن ته دل حِرص ۽ هَوس جي مقصدن ۾ (مشغول) ۽ (اسان جو) مُنهن محراب ڏانهن آهي.

۱۴ بندگي اها ناهي، ته بدن ۽ مٿو مٽيءَ تي رکيو وجي، (بس اهو ڪافي آهي) بلڪ بندگي اها آهي، ته شيطان پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيون.

۱۵ اسان مِٽي ۽ واريءَ جو وڇاڻو دل مان وساري ڇڏيو آهي، ريشَم ۽ پَٽ واري وڇاڻي تي ننڊ ۾ آرامي آهيون.

نور محمد قرڙو 03023629987

⑯ اسان جي (اصل) منزل ۽ گهر زمين اندر آهي، پر اسان پنهنجو (اصل) گهر، (دنيا جي) مال ۽ اسباب جي ڪري وساري ڇڏيو آهي.

⑰ اسان جا مائٽ ۽ دوست سمورا هليا ويا، اسان به ٻن چرخن جي وچ ۾ سلامت نه رهنداسون.

⑱ زمين جي چرخ جا ٻئي طبقا ڄڻ ته جنڊ جا ٻه پُڙ تيل آهن، اسان چريا داڻي وانگيان ان ۾ ڦيريون ڏيندڙ آهيون.

⑲ سمورا علمَ مجلس جي فنن جا هُنر آهن، پر اسان بي علم ۽ ڪوڙي دعويٰ ڪندڙ آهيون.

⑳ اسان جي چوڻ واري ڳالهه جيتوڻيڪ ڀلي آهي، پر حال وارن جي اڳيان ائين آهي، ڄڻ سج جي روشنيءَ جي اڳيان چنڊ آهي.

㉑ خدا جي ذڪر جو ڪم جيڪو تئي، اهو ڀلو آهي، (پر) اسان ڪيئن نه مست، غافل ۽ غفلت جي ننڊ ۾ خوش آهيون!

㉒ اَللهُ جو ذڪر ڪرڻ وارا گوءِ ڪٽي ويا، اُتي يار! ته پاڻ به انهن جا پيرا ڪٽي جلدي هلون.

㉓ اهلِ صفا جي مجلس خدا ڏي ڇڪيندي آهي، اهڙي ذڪرِ خدا واري مجلس ڪان اسان آدابِ سماع ڪندا آهيون.

㉔ جيڪي دل ڏنو، بَزم انهيءَ تي ئي عمل ڪيو، (اصل) نصيحت اها آهي، پر اسان ٻين بيهوده ۽ اجاين ڪمن ۾ آهيون.

㉕ هنن نيڪن جي صحبت جي ڪري پچاڙي سُني ٿيندي، اسان انهيءَ ۾ اميدوار آهيون، جيتوڻيڪ نفس ۽ شيطان گهٽو شڪ ۾ وڌو آهي.

㉖ جيستائين ٿي سگهي، اَللهُ وارن جي (دَر) چَائنٽ تان پير نه هٽاءِ، جو انهيءَ چائنٽ تي رهڻ جو، اسان کي ڏٽي تعاليٰ سَبق ڏنو آهي.

㉗ "سعيد ﷫"! سُنو اهو آهي ته نصيحت ڪرڻ ڪان چُپ بند ڪر، دل جي ڀَلي نصيحت اها آهي جو توبه جو مُنهن توبه قبول ڪرڻ واري ڏانهن هجي.

غزل نمبر: ۱۳۰

① خجلِ گل پیش جبینش بہ چمن می بینم
منفعل پیشِ تنش سیم سمن می بینم

② مطفی شعلہ ہمّ ست شفیع محشر
کہ بکنج محنش گنجِ منن بینم

③ کس کہ بی عشق چنین مہ بچہ عشق فتد
پیشِ مقنع ہمہ شعلش نہ بفن می بینم

④ قلبِ غمگین خلیل ست کہ پی عشق مہش
پی صف بت شکنی سنگ فگن می بینم

⑤ مہ کہ گفتم غلطم ہست کہ مہ نیمہ شد
پیشِ شعشع گہ حسنش کہ علن می بینم

⑥ فیضِ حسنش نہ چنینی کہ چنین ست چنین
نی بقلب ست غمش بس کہ بتن می بینم

⑦ بنی عشق نسیمش کہ بہ سنبل بشمید
چہ نسیمی کہ خجل مشکِ ختن می بینم

⑧ غنچۂ قلب بتقطیع گلشن منقبض ست
لحن بلبل سخنِ نغمۂ من می بینم

⑨ چشمِ تغمیض پیٔ فیض طلب حسن بنی ست
بہ سہیلی کہ پیشِ قلب یمن می بینم

⑩ سیل چشمی کہ بشعلہ غمِ من ملصق شد
مثل سیلِ چشمِ شمع لگن می بینم

⑪ گنج گنجینہ فیض ست فنِ عشق "سعید"
کش بچشمِ شغفش جملہ فطن می بینم

ترجمو

① گُل جي شرمساري اُن محبوب جي چهري جي اڳيان چمن ۾ ڏسان ٿو، ان جي چانديءَ جهڙي چمڪندڙ جسم جي اڳيان ان کي اثر انداز ٿيندي ڏسان ٿو.

② محشر ۾ شفاعت ڪندڙ جو ارادو دوزخ جي شُعلي کي وسائيندڙ آهي، جو ان جي بخشش جي گوشي ۾، اللهٰ تعاليٰ جو خزانو ڏسان ٿو.

③ جيڪو عشق جي پٺيان هن بزرگ وانگي عشق جي ڪوهه ۾ پيو، پردي ڍڪيندڙ جي اڳيان ان جا سمورا شُعلا هُنرمنديءَ ۾ ڏسان ٿو.

④ محبوبِ حقيقيءَ جي عشق جي پٺيان، خليل عليه السلام جي دل غمگين آهي، جو بُت ٽوڙيندڙ صِف جي پٺيان، پٿر اڇلائيندڙ (منجنيق) ڏسان ٿو.

⑤ چندُ ته چيم، (پر) آئون غلط آهيان، جو چند ته ٻه اڌ ٿيو، سج جي روشنيءَ جي اڳيان ڪڏهن اُن جي حُسن کي ظاهر ڏسان ٿو.

⑥ ان جي حسن جو فيض تہ بيمثل ۽ بيمثال آهي، ان جو غم صرف دل ۾ ناهي، بلڪ سڄي بدن ۾ ڏسان ٿو.

⑦ اُن جي ٽڏڙي هير جو عشق ڏنئي! جو جڏهن سنبل گُل سونگهيو، تہ سنبل تہ ڇا! پر مشڪ ختن کي بہ شرمسار ڏسان ٿو.

⑧ دل جو غنچو ان جي گل جي ڪپجڻ سان مُرجهايل آهي، بُلبل جي سُر ۾ پنهنجي نغمي جي ڳالهہ ڏسان ٿو.

⑨ اک جو اشارو حُسنِ نبي ﷺ جي فيض جي طلب ڏانهن وٺي ويندڙ آهي، سُهيلي سِتارو جنهن جي اڳيان پنهنجي دل کي برڪت ڀري ڏسان ٿو.

⑩ اک جو ڳوڙهو منهنجي غم جي شُعلي سان ڳنڍيل ٿيو (اُن کي) شمع جي اک جي ڳوڙهي وهڻ وانگيان شمعدان ڏسان ٿو.

⑪ "سعيد" رحمة الله عليه جي عشق جو فن فيض جو وڏو خزانو آهي، جو ان کي شوق جي نظر سان داناءُ ۽ عقلمند ڏسان ٿو.

غزل نمبر: ۱۳۱

① شدہ شِرکی مقرّر بر دو اقسام — کہ آن شرکِ خفی است و جلّی نام

② خفی را از جلی اخوف بدانی — ازان قولِ پیغمبر ساخت اعلام

③ کہ اخوف مااخافہ ازوی نشان ست — بسویٔ امتِ خود کرد ابرام

④ بروں رفتن ز قیدی ہر دو شرکت — بود مشکل ازین تحریرِ اقلام

⑤ "سعید" رحمة الله عليه از مکر ہر دو شرکتی پاک
کن ای ساترِ عیوب و غیبِ علّام

ترجمو

① شرڪ ٻن قسمن تي آهي، جن جو نالو شرڪ خفي ۽ جلّي آهي.
② شرڪ خفي کي جلّيءَ کان وڌيڪ مشڪل ڄاڻ، انهيءَ کان پيغمبر (عليه السلام) جو فرمان ظاهر ٿيو.
③ جو اَخوَفُ مَا اَخَافُ (۱) جو فرمان ان نشانيءَ کان آهي، اهڙو مضبوط حڪم پنهنجي اُمّت جي طرف ڪيائين.
④ تنهنجو ٻنهي شرڪن جي قيد کان ٻاهر وڃڻ، اهو قلم جي تحرير ۾ آڻڻ تمام مشڪل آهي.
⑤ اي عيبن کي ڏيکيندڙ ۽ ڳجهه کي ڄاڻڻ وارا! "سعيدؒ" کي مڪر ۽ ٻنهي شرڪن کان پاڪ ڪر.

غزل نمبر: ۱۳۲

① بر منبرِ نبوّت وعّاظ شد کلیم
آنگہ کہ سطر حلم بدید از ورق حلیم

② کاد الحلیم کرد اشارت شفیعِ ما
بروی صلواۃ ادوم تسلیم مستدیم

③ برانکہ ہرگہہ خوی خود از خُلق حلم کرد
شاید ورقِ نبوّت خواند ز حق حلیم

④ آری چو قطرہ حلم و صبر در صدف کند
بر خشم و جوش دریا گردد دُرِّ سلیم

⑤ کرد آیتی ست والکاظمین نزول

گر جوہری عظیم بود از جوہرِ این عظیم

⑥ گردد قبا "سعیدیؒ" زین جوہرِ مرصّع

که اندر قبا وجودش آمد ز حق ندیم

ترجمو

① نبوّت جي منبر تي نصيحت ڪندڙ ڳالهايو، جنهن وقت قرآن جي ورق مان حِلم جي سٽ ڏنائين.

② اسان جي شفاعت ڪندڙ رسول سڳوري "متس هميشه درود ۽ رحمتون هجن" جنهن " كَادَ الْحَلِيمُ " جو اشارو ڪيو.[1]

③ جنهن ذات هر وقت پنهنجي بردباري واري عادت اختيار ڪئي، انهيءَ شايد نبوّت جو ورق اَللہ تعاليٰ کان پڙهيو هو.

④ ها! جڏهن ڪاوڙ ۽ جوش تي حِلم ۽ صبر جو قطرو سِپَّ ۾ رکيو، ته (ان جو) درياءُ سالم موتي ٿاهيندو.

⑤ "وَالْكَاظِمِينَ " جي آيت نازل ڪئي آهي، جيڪڏهن جوهري عظيم هوندو ته جوهر انهي کان به عظيم آهي.

⑥ "سعيدؒ" جو جُبو، انهيءَ موتيءَ سان جڙيل ٿيو، جو ان جو وجود اَللہ تعاليٰ جي طرفان جُبي ۾ آيو.

(1) حديث پاڪ ۾ آهي ته "ڪادَ الحليم ان يَّكون نبيًا"

بَابُ النُّون

غزل نمبر: ۱۳۳

① خیالِ کلّ ما یشغل عن الله بت پرستی بین[1]
کمال و راحت و اُنسش سراسر ذوقِ مستی بین

② نشانِ کفر خامی دان اگر عزمِ این سفر داری
طریقِ این طریقت را بچشمِ صاف چستی بین

③ بضعف و ناتوانی و نیاز و عجز خوشدل شو
که یعنی در جفائ اُو صفا و تندرستی بین

④ کسی کز اوجِ همت پست بر شهدِ هوا آید
مگس وارست در بال و مزاجش تابِ سستی بین

⑤ بدیشب از سرِ وعظم عجب پیرِ مغان گفته
که اوجِ سربلندی بفرشِ خاکِ پستی بین

⑥ بجائ نیستی ور شد سکون هرِ سعادت ور
"سعید" اصلِ شقاوت از سرِ دعوائ هستی بین

(1) خواجہ محمد زمان رحمۃ اللہ علیہ فرمائي ٿو: صنم سوئي پانء، جو دل رهائي دوست کان. مَا شَغَلَکَ فَهُوَ صَنَمُکَ

ترجمو

① الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ٻي هر شيءِ جي خيال کي بُت پرستي ڏِسُ، اُن جي ورونهن، راحت ۽ ڪمال کي سراسر مَستيءَ جو ذوق ڏسُ.

② ڪُفر جي نشانيءَ کي خامي ڄاڻ! جيڪڏهن هِن سفر جو ارادو رکين، ته هن طريقت جي واٽ کي چستيءَ واري نظر سان صاف ڏسُ.

③ عجز، نياز، نوڙت ۽ ڪمزوريءَ ۾ خوشدل ٿيءُ، يعني ان جي جفا ۾ صاف تندرستي ڏِسُ.

④ جيڪو ماڻهو بلند همت هوندي به حرص واري مک جيان هيٺ اچي، اهو اُڏام ۾ مَک وانگر آهي.

⑤ (1) ڪلهه رات پير معظّم مون کي نصيحت جي منڊ ۾ (هڪ) عجيب ڳالهه چئي، ته سَربلنديءَ جي اَوج کي، هيٺاهين جي مٽيءَ واري فرش ۾ ڏِسُ.

⑥ نيستي (هستي کي ختم ڪرڻ) جي جاءِ ۾ هر سعادت ۽ سُڪون آهي، "سعيد"! بدبختيءَ جو مُنڍ هستيءَ جي دعويٰ جي ڪري ڏِسُ.

غزل نمبر: ١٣٤

① نقابِ ابر زد خور از فروغِ حسنِ يارِ من
بدل مه داشت داغ از هالهٔ خطِ نگارِ من

② سحر چون مرغِ شب نالم که کی يا ربّ بود کايد
بمنقارِ فراقم برگ وصلِ گل عذارِ من

---

(1) الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته: "رحمان جا ٻانها زمين تي آهستي هلندا آهن. (سوره فرقان: آيت: 63)

عُرفي چوي ٿو ته: سرفتادگئ ما به عرش می سايد — کُلاهِ فخر بلندی ربود پستئ ما۔

زيب النساء مخفي چوي ٿي ته: اگر بچشمِ حقيقت نظر کنی بينی — ببامِ عرش برين اين مقام پستئ ما۔

٣ همی گویم که سنگِ هجر را از دل مگر باری
برانداز د بروں سیلاب چشمِ اشکبارِ من

٤ پئے فالِ وصالِ او سحر یکسر فرود آمد
بہ تمثالِ خیالِ اُو سر من در کنارِ من

٥ مهی شب رُو درآمد از درم دیشب که درخوابم
ز رُویش روز روشن شد شبِ اندوه تارِ من

٦ به بوسه بر خیالِ لعل لب وی جام مل خوردم
که تا ایں دم همی ریزد می از چشمِ خمارِ من

٧ سمن تن و گل خدّ و گل بوُ و نرگس چشم و سنبل مو
ز بوُیش خرمنِ گل شد خیالِ نو بہارِ من

٨ بر آورده ز جانم نیش مارِ تارِ زلفِ او
فراق و درد و آه و سوز و هجران و دمارِ من

٩ بحسن و خلق و ایفاء و صفا هرگز نمی آید
کسی هم قامتِ بالا بلندِ غمگسارِ من

١٠ چه گویم وصفِ آن شاهِ عزیزِ ملکِ دل جز این
به مصر حسنِ یوسف باجدارِ تاجدارِ من

١١ "سعید" قدس الله از وصفِ آن شیرین نشد حرفی تمام آخر
بکندن کوه دردِ دل بسر شد روزگارِ من

ترجمو

① منهنجي يار جي حسن جي تجلّيءَ کان، سجَ ڪڪر جو نقاب ڪيو، منهنجي معشوق جي حُسن واري چهري کان چنڊ به پاڻ ۾ داغ رکيو آ.

② اَسُر ويل رات جي پڪيءَ وانگر رُني ۽ چيائين ته اي ربّ! هيءَ رات وري ايندي؟ منهنجي جدائيءَ جي چنهنب ۾ منهنجي محبوب جي ميلاپ وارو پَنُ ڪڏهن آڻيندي؟

③ آئون ته اهوئي چوان ٿو ته جدائيءَ جي پٽر کي دل مان ٻاهر ڪڍي ڇڏي، مگر هر گهڙي منهنجي اک لُڙڪ وهائيندي رهي ٿي.

④ ان جي وصال جي فال پنيان اَسر ويل جلدي اچي ويندي آهي، ان جي خيال جي تصوير منهنجي ذهن ۽ پاسي ۾ هوندي آهي.

⑤ ڪلهه رات چوري محبوبُ دروازي کان مون کي خواب ۾ آيو، اُن جي خوبصورت چهري کان ڏينهن روشن ٿيو، (پر) منهنجي رات تاريڪي ۽ پريشانيءَ واري ٿي پئي.

⑥ ان محبوب جي ڳاڙهي چپَ جي خيال تي، چُمي (ڏيڻ) سان شراب جو پيالو پيتُم، جو اجا تائين منهنجي خُماريل اکين مان شراب پيو هارجي.

⑦ (محبوب جو) بدن ڳاڙهي گل جهڙو، ڳل گلاب جهڙا، خوشبوءِ گل جيان، اکيون نرگس مثل ۽ زُلف سُنبل وانگي، محبوب پنهنجي خوشبوءِ سان منهنجي لاءِ نئون بهار ٿيو.

⑧ منهنجي جان مان اُن جي زُلف جي تار نانگ جو ڏنگ ٿي ٻاهر آئي، فراق، درد، سوز، افسوس ۽ جُدائي منهنجي لاءِ هلاڪت آهي.

⑨ جيڪو بلند و بالا محبوب منهنجو غمگسار آهي، (ان کان) حُسنِ خُلق، وعدي وفائي ۽ اندر جي صفائي هرگز نه ٿي اچي.

⑩ اُن دل جي بادشاهه شاهه عَزيز جي ڪهڙي وصف بيان ڪريان؟ سواءِ هن جي جو مصر ۾، يوسف عليه السلام جو حُسن منهنجي تاجدار جي ڍل ڀريندڙ آهي.

⑪ ”سعيد رحمة الله عليه“! اُن جي وصفِ شيرين جو حرف پورو نه ٿيو، آخر جبل ڪوٽڻ سان سان دل جو درد ۽ منهنجو وقت بسر ٿيو.

غزل نمبر: ۱۳۵

مخمس بر غزل مولانا جامی

① عارض ست این یا تجلی گہ موسیٰ ست این
عارض است این شمع یا نورِ ید بیضا ست این
عارض ست این یا شفق یا عکسِ اشک ماست این
عارض ست این یا قمر یا لالۂ حمر است این
یا شعاعِ شمس یا آئینہ دلہا ست این

② قامت ست این یا ستونِ نور یا شمعِ وداد
قامت ست این یا علم یا نونہالِ پاک زاد
قامت ست این طوبیِٔ اخلاص یا شمشاد شاد
قامت ست این یا الف یا سرو یا نخلِ مراد
یا مگر گلدستۂ باغِ جنان آراست این

③ زلفِ تُو شامِ غریبان یا سیہ زندانِ من
زلفِ تُو دامِ دلم یا مار تاب و پیچ زن
زلفِ تُو دو دست آہم یا کمندِ سر شکن
زلفِ تُو زنجیر یا قلّاب یا مشکِ ختن
سوسنٔ و یا سنبل و یا عنبرِ سا راست این

④ چشمِ تُو خون ریز یا جامِ مُلِ بیداد خلق
چشمِ تو سر صورتِ صاد ست یا قلّادِ خلق
چشمِ تُو افسُون یا زھگیر یا جلّادِ خلق
چشمِ تو جادو ست یا آھو ست یا صیّادِ خلق
یا دو بادامِ سیہ یا نرگسِ شہلا ست این

⑤ یاربّ این نون ست مشکِ ناب یا قوسِ قزح
یا ربّ این تیغ ست پُر زھراب یا قوسِ قزح
یاربّ این خط ست چشمک تاب یا قوسِ قزح
یا ربّ این طاق ست یا محراب یا قوسِ قزح
یا ہلالِ عید یا ابروئ یارِ ما ست این

⑥ دانۂ یاقوت یا مرجان است یا تنگِ نبات
یا ز شنجرف ست مرکز بہر دورِ شش جہات
یا عقیقی جام یا خوش چشمۂ کوثر صفات
حقۂ لعل ست یا سرچشمۂ آبِ حیات
یا دہن یا میم یا طوطی شکر خاست این

⑦ یاربّ این حور ست یا رضوان کہ غلمانش غلام
یاربّ این روح ست یا جان ست جانِ خاص و عام

یاربّ ایں نورست یا سیراب گل یا شمع شام
یا ربّ این خورشیدِ تابان ست یا ماہِ تمام
یا فرشتہ یا پری یا شوخ بی پروا ست این

⑧ کوءِ تُو ہم رتبہٗ طور ست یا اقصیٰ زمین
کوءِ تُو باغِ جنان یا سدرۂ روح الامین
کوءِ تُو یا ہمسرِ معمور یا طیبہٗ قرین
کوءِ تُو کعبہ ست یا فردوس یا خلدِ بریں
یا گلستانِ ارم یا جنّت الماوٰی ست این

⑨ حلقِ داؤد یست یا افسون یا جادو بیان
یا "سعیدؒ" نغمہ سنجِ عندلیبِ گلستان
لحنِ موسیقی ست یا ہمداستانِ قدسیان
بلبلِ بی خانمان یا طوطیٔ شیرین زبان
قمریٔ باغِ جنان یا جامیٔ شیدا ست این

ترجمو

① هيءُ (محبوب جو) ڳل آهي يا موسيٰ عليه السلام جي تجلّي گاهه آهي؟ هيءُ محبوب جو ڳل شمع آهي، يا يدِ بيضا جو نور آ؟ هيءُ محبوب جو ڳل آ يا سج لهڻ وقت شفق جي لالاڻِ آ؟ يا اسان جي ڳوڙهن جو عکس آ؟ هي محبوب جو ڳل آ يا چنڊ يا ڳاڙهي گل جي لالاڻِ آ؟ يا سج جو شعاع آ يا دل جو آئينو آ؟

② هي (محبوب جو قد آ) يا نور جو سُتون يا محبّت ۽ دوستي جي شمع آ؟ هي (محبوب جو) قد آ يا جهنڊو يا پاڪ ٻوٽو آ؟ هي سچائي ۽ اخلاص جو طوبيٰ وارو وڻ آ يا شمشاد آ؟ هي (محبوب جو) قد آ يا الف يا سَرو جو وڻ آ يا مقصد ۽ مراد جي ڪجيءَ جو وڻ آ؟ يا جنّت جي باغ جو هي سينگاريل گلدستو آ؟

③ تنهنجا زلفَ مصيبت زدن جي شام آهن يا منهنجي قيدن جي ڪاري ڪوٺي؟ تنهنجا زُلف منهنجي دل جو قيد آهن، يا ور هڻندڙ چمڪندڙ نانگ؟ تنهنجا زُلف پاڻ ۾ ٻه ملندڙ هٿ آهن، يا سِر ٽوڙيندڙ ڦاهي؟ تنهنجا زُلف زنجير آهن، يا مڇي وڻ وارو ڄارُ؟ يا مشڪِ ختن؟ (يا) نيري رنگ جو گُل؟ يا سنبل؟ يا عنبر جهڙا آهن؟

④ تنهنجي اک رت وهائيندڙ آ يا شراب جو پيالو آ، يا (وري) خلق جي لاءِ ظُلم؟ تنهنجي اک صاد جي صورت واري آ، يا خلق لاءِ ڳٽ؟ تنهنجي اک جادو آ، يا ڪڙو آ، يا خلق لاءِ جلّادِ؟ تنهنجي اک هرڻ جهڙي آ يا جادو؟ يا خلق جو شڪاري آ؟ يا ٻن ڪارن بادامن جهڙي آ، يا نرگس گُل؟ يا تمام ڪاري؟

⑤ يا ربَّ! هي نون مشڪ ناب آهي، يا اندلث؟ يا ربَّ! هي تلوار پُر زهر آ يا اندلث؟ يا ربَّ هي چمڪندڙ اک جي اشاري جو خط آ يا اندلث؟ يا ربَّ هي چراغ دان آهي يا محراب آهي يا اندلث آهي؟ يا عيدن جو چنڊ يا منهنجي محبوب جو پنبڻ؟

⑥ (يا ربّ) هيءُ ياقوت جو داڻو آ، يا مرجان يا سبز ٻوٽي جي صراحي؟ يا شنگرف؟ يا ڇهن طرفن جي ڏؤر لاءِ مرڪز؟ يا وري شراب يا ڪوثر صفات سُنو چشمو آ؟ يا موتين جي دٻلي آ، يا آبِ حيات جو سَرچشمو؟ يا منهن يا ميم يا مٺا ٻول ٻوليندڙ طوطو؟

⑦ يا ربّ ! هي حور آ يا رضوان جنّت جنهن جا غلمان ٻه غلام آهن؟ يا ربَّ! هي نور آ يا سيراب گل؟، يا شام جي شمع؟ يا ربّ! هي چمڪندڙ سج آ يا چوڏهينءَ جو چنڊ آ؟ يا ملائڪ، يا پري، يا هي لاپرواهه شوخ طبع آ؟

⑧ تنهنجي گهٽيءَ کي طور سينا جبل جو مرتبو مليل آ، يا زمين جو ڇيڙو؟ تنهنجي گهٽي جنّت جو باغ آ، يا روح الامين جي آخري حد سدرة المنتهيٰ آ؟ تنهنجي گهٽي، يا بيت المعمورجي برابر آ، يا مديني پاڪ کي ويجهي آ؟ تنهنجي گهٽي ڪعبو آ، يا فردوس، يا خلدِ بَرين آ؟ يا اِرم جو باغ، يا هي جنّت الماويٰ آ؟

⑨ نڙي حضرت دائود عليه السلام جهڙي (مني) يا جادو، يا جادو بيان؟ يا "سعيدؒ" باغ جو بُلبل نغمو ڳاهيندڙ آ؟ سُر موسيقيءَ وارو، يا ملائڪن سان گڏ داستان سَرائي ڪندڙ آ؟ بلبل بي گهر، يا طوطي شيرين زبان آ؟ جنّت جي باغ جي ڳيري آ، يا (صرف) جامي ان تي فدا آهي؟

غزل نمبر: ۱۳۶

① بگردِ خاکِ عتبہ پاک روح اشباح جانِ جان
فلک دائر ملک زائر بشر حائر ملک گردان

② گل و سنبل نوا بلبل نسیم عطر بُو عنبر
بباغ و شاخ راغ و کاخ از لطفِ ہمایون آن

③ بہ تیغ و میغ ماہ و مہر از رخشانی نورش
عدوّ خارق فلک بارق افق شارق زمان رخشان

④ دُرّ و لعل و درستان و کہستان از تفقّد او
پُر از آب وپُر از تاب و نم آب و خورِ تابان

⑤ صحابش عابدون سالک شناسِ ایزد و فانی
شریعت خُو طریقت پُو حقیقت جُو خدا بینان

⑥ بصدق و عدل و حلم و ہمت جودِ شہادت او
دو شیخِ او دو ختنِ او دو سبطِ او بشوکت شان

⑦ پر از تمکین پُر از آئین پُر از تلوین پُر از تنزئین
مقاماتش کمالاتش کشوفاتش نظر عرفان

⑧ محمّد احمد و شافع مشفّع شد ز اسمائش
بنزد اہلِ زمین و عرش عصیان و حق منان

⑨ "سعیدؒ" از عسکرِ شیطان و نفس و حرص مامون شد
بحسنِ لطفِ شیخ شہِ رسولان حضرت سبحان

ترجمو

① الله وارن جي مزارن جي چائنٺ جي مٿيءَ جي چؤطرف آسمان ڦرندڙ آهن، ملائڪ زيارت ڪندڙ، انسان حيران ۽ ملائڪ ڦرندڙ آهن.

② گُل ۽ سنبل، بُلبل جي ڪُوڪ، عطر جي مهڪ ۽ عنبر جي خوشبوءِ، باغ ۾ سائي تاري، اهو سمورو سينگار انهي سعادت واري جي بلنديءَ جيّ ڪري آهي.

③ سج، چنڊ، ڪڪر، تلوار ۽ انهن سيني جي چمڪ سندس نور جو عڪس آهي. خلاف عادت ڪم ڪندڙ، آسمان ۾ چمڪندڙ وڄ ۽ رات مان نڪرندڙ صبح جي روشني زماني کي چمڪائيندڙ آهن.

④ موتي، لال، بيابان، ڪوهستان، اهي ان ذات جون نوازشون آهن، درياءُ، سج، چنڊ ۽ ڪائڻ پيئڻ واريون شيون اهي سڀ سندس روشن نوازشون آهن.

⑤ اُن جا اصحابي سڳورا عبادت گذار، خدا کي سڃاڻندڙ سالڪ ۽ خدا جي ذات ۾ فاني، شريعت واري عادت طريقت ۾ ميانه رفتار، حقيقت جا طالب ۽ خدا کي ڏسڻ وارا آهن.

⑥ اُن جا ٻه بزرگ اصحابي ۽ ٻه نياڻا سچائي ۽ انصاف سان معمور، بُردباري جو صاحب عثمان غني رضي الله عنه ۽ همّت ۽ مردانگي، شوقِ شهادت رکندڙ علي شير خدا رضي الله عنه ۽ ٻه ڏهٽا امام حسن رضي الله عنه ۽ حسين رضي الله عنه جن مان قيامت تائين نسل هلندو رهندو.

⑦ عزّت ۽ مرتبي سان پُر، قانون جا پابند، فقيريءَ ۾ بلند مقام وارا، ظاهري ۽ باطني سينگار سان سينگاريل آهن. اُن محبوب جو مقام، سندس ڪمالات ، سندس راز کلڻ وارا مقام ۽ اَللہ جي عِرفان واري نظر (تمام اُتم ۽ اعليٰ آهي)

⑧ سندس نالن مان زمين وارن وٽ محمّد، عرش وارن وٽ احمد ۽ اَللہ جي حضور ۾ گنهگارن جي شفاعت ڪرڻ وقت شافع ۽ مُشفّع نالا مقرر ٿيل آهن.

⑨ "سعيد" قدس الله سره اَللہ جي حضور ۾ رسولن جي سردار صلي الله عليه وسلم جي مهربانيءَ واري ڪوٺ ۾ اچڻ سان حِرص، نفس ۽ شيطان جي فوج کان امن وارو ٿيو.

غزل نمبر: ۱۳۷

① روزگاریست که از دستِ تظلم عصیان
بر درِ دولت غفار بمانم نگران

② شاهدی شاهد بیناء رخ سلطان تا
آیدم مخبر از فضل و جمالِ سلطان

③ یا شفیعی که شود ناجی ز اقوالِ بدم
وارساند بخدا حالِ دل خون افشان

④ بودم بخت ہمایون بطالع میمون
کندم صدر امین شاہ نظر از احسان

⑤ عاصیان را بمطیعان بکند ہم پایہ
شاہد و شافعِ عصیات بہ پیشِ سبحان

⑥ می شود گر بکمالش بشود دشمن دوست
کہ بکمش نرمد میش ز پہلوءِ گرگان

⑦ وصفِ جودش نیاید چو وجودش انجام
گو بود بحر مداد و قلمِ اشجارِ جہان

⑧ مستحیل ست مسہّل چو زر دست افشان
پیشِ جوّاد جہان ہمچو محمّد بزمان

⑨ بو یزید ست یزید از فضل بحرش
اسعد النّاس "سعیدؒ" اربشود نیست گمان

ترجمو

① گناهن جي ظلم جي هٿان جيڪو وقت (آيو آهي) انهيءَ ڪري مان گناهه بخشيندڙ ذات جي درِ دولت تي نگران رهان ٿو.

② شاهد بادشاهه جو رُخ ڏسي ته جيئن بادشاهه جي جمال ۽ مهربانيءَ کان خبر پهچائيندڙ مون وٽ (سُڻي) خبر ڪٽي اچي.

③ اي سفارش ڪندڙ! ڪو ته منهنجي بڇڙين ڳالهين کان ڇوٽڪارو ڏيندڙ ٿئي ۽ خدا جي حضور ۾ رَتُ هاريندڙ دل جو حال پهچائي.

④ آئون پلي ياڳ ۾ پلي قسمت وارو هئس، جو مون تي صدر الامين مهربانيءَ واري نظر ڪئي.

⑤ شاهد ۾ شفاعت ڪندڙ رسول ﷺ خدا جي اڳيان گنهگارن کي فرمانبردارن جي برابر ڪندو.

⑥ جيڪڏهن اُن جي مهرباني ٿئي، ته دشمن به دوست ٿيو پوي، جو ان جي حڪم سان ته رڍ به بگهڙ جي پاسي مان پري نه ٿي ڀڄي.

⑦ ان جي سخا واري وصف ته ان جي وجود وانگر پوري ٿيڻي ناهي، جو ڪٽي جهان جا وڻ قلم ۾ سمنڊ جو پاڻي مَسُ ٿي پون.

⑧ محمّد زمان جهڙي جهان جي سخيءَ جي اڳيان سُون پريل هٿ کي ڇنڊڻ تمام مشڪل آهي.

⑨ ان جي فيض واري سمنڊ جي مهربانيءَ سان بايزيد جو فيض وڌي تو، "سعيد" رحمة الله عليه، جيڪڏهن ماڻهن ۾ وڏيڪ نيڪ بخت ٿيو ته ان ۾ ڪو به شڪ ناهي.

غزل نمبر: ۱۳۸

① صبا را شرم می آید بروئ گل نگہ کردن
که نتوان ست ہمدوشی بتابِ رخ چو مہ کردن

② نبات از شکرش دم زد شکستش شکر نوشین
خجالت شیشہ را آید بروئ او پنہ کردن

③ زلیخا گر شدی آگاہ از حسنِ نبئ ما
فغان کردی دگر از آنکہ بر یوسف وِلہ کردن

④ به شبدیزِ براق آرد چو با آن خسروِ شیرین
بود فرہاد دل بشکسته ار بر سر تشه کردن

⑤ اگر مجنوں چشیدی پسته دہنش جنون کردی
زعشق خود که ورزیدی سُوئے لیلیٰ بره کردن

⑥ ہزاران دلربائی میکند ہر ناوکِ مژه اش
که باشد گہر شرمنده اندر جذب گه کردن

⑦ بشام و صبح صبح و شام عاشق چون فغان دارد
نزیبد مرغِ شب را باز فریادِ پگه کردن

⑧ دلِ خون پرورِ عاشق که دارد صورتِ غنچه
شگوفه انفعالش را نگون سرخون تبه کردن

⑨ سخاء عاشقان از سیل چشمِ گوہر افشان بین
خجل باد از شجاعت در سخا بریم زره کردن

⑩ دواءِ نیش خورده مار زلفش آب لعلش بس
فلاطون دست لرزان از دوا با مخلصه کردن

⑪ خد میخوار گلرخ ریخت آب لعل خور را زان
درخشیدن بدخشان در بود کار تبه کردن

⑫ خمار آلوده نرگس نیم بکشود از طرب رعنا
که نرگس جامِ گل ریزد که مل رفت از نشه کردن

⑬ ہلالِ ابروش بالا چه غبغب نشان دارد
که طاقت نخشبی رانیست مثلش را بچه کردن

⑭ سرایان قدسیان. بر رشکِ بلبل در چمن زارش
بلابل بسته لب حیران به گل از ولوله کردن

⑮ ز رحمت آنچه. بر زوّار طیبه روز و شب آید
بود شیطان ثبورا گو خجل از وسوسه کردن

⑯ بفرزین بند نظمِ من رخ حاسد سراسیمه
که در بازی حریفی را بیک شه مات شه کردن

⑰ صبا از گل و گل از خویش گرفته بو "سعیدؒ" ازان
صبا را شرم می آید. بروءِ گل نگه کردن

ترجمو

① صبا کي گل جي منهن تي نگاهه ڪرڻ ۾ شرم ٿو اچي، جو چنڊ وانگي (محبوب جي) چمڪندڙ چهري سان برابري نٿي ڪري سگهي.

② اُن جي مناس کان مصريءَ شڪر نوشي توڙڻ جو دمُ هنيو، شيشي جي شرمساريءَ کي اُن جي منهن تي لڪائڻ اَچي ٿي.

③ زليخا جيڪڏهن اسان جي نبي جي حُسن کان آگاهه ٿئي ها، ته يوسف

عليه السلام تي ناز ۽ حيرانگي ڪرڻ کان ٻي پيري دانهن ڪري ها.

④ جيڪڏهن رات جو گهوڙو (براق) شيرين جي بادشاهه لاءِ اچي ها، ته فرهاد هٿ ۾ تيشو ڪٽندي دل شڪسته ٿئي ها.

⑤ جيڪڏهن مجنون اُن محبوب ﷺ جي مُنهن جو لعاب چکي ها، ته چريو ٿي، پنهنجي ليليٰ واري عشق کي قبول ڪرڻ کان بيزاري ڪري ها.

⑥ ان محبوب جي پرونءَ جو تيرُ، هزارين نازوانداز ٿو ڪري، ان ڪري موتي پنهنجي اندر ۾، شرمسار ٿئي ٿو.

⑦ صبح ۽ شام عاشق جڏهن دانهون ٿو ڪري، ته بُلبل کي وري اَسر مهل فرياد ڪرڻ نه ٿي سونهي.

⑧ عاشق مشتاق (جڏهن) مُڪڙيءَ جهڙي ڪلنڊڙ صورت رکي ٿو ته مُڪڙي پنهنجو ڪنڌ جهڪائي (پاڻ کي) تباهه ڪري ڇڏي ٿي.

⑨ عاشقن جي سخا، اکين جي سيلاب مان موتي وهائيندڙ ڏسُ، زره ٻڌي سخا ڏيڪارڻ تي اهڙي بهادري شرمسار ٿئي ٿي.

⑩ ان جي زلف واري نانگ جي ڏنگيل کي دوا، محبوب جي پِڪَ ئي ڪافي آهي، (جو) افلاطون جا هٿ به شفا واري دوا ڪرڻ کان ڏکي ويا.

⑪ اُن محبوب ساقيءَ جڏهن صُراحيءَ مان شراب کي هاريو، ته بدخشان جي چمڪ دَمڪ ۽ ان جو ڪم تباهه وبرباد ٿيو.

⑫ جڏهن محبوب تازگيءَ واري ناز مان، خمار ڀريل نرگس جهڙي اَکُ اکِ کولي، شراب جو جام هاريو، ته شراب نشي وارو نه رهيو.

⑬ ان محبوب جا پرون چنڊ وانگي، اُن مٿي وري رخسار ۾ ڪهڙي نه رنگيني پيدا ٿي! جو نخشبي کي اهڙي ڪوهه ۾ روشني ڪرڻ جي طاقت ناهي.

⑭ ان جي باغ جي بلبلن تي ملائڪ رِيس ڪندڙ آهن، بُلبل چپ بند ڪري، گل جي سونهن تي حيران آهن.

⑮ مديني طيبه جي زيارتيءَ تي ڏينهن رات (خدا جي) رحمت وَسندي رهندي آ، شيطان وسوسي وجهڻ جي ڪري شرم واري موت ۾ مئل هو.

⑯ منهنجي هن نظم جي بَند جو شان اهڙو آهي، جو حاسد جو چهرو ان کي ڏسي پريشان ٿي ويو، جو شطرنج جي راند ۾ مدِ مقابل هڪ ئي ڏک سان بادشاهه کي ختم ڪري سگهي ٿو.

⑰ صبا گُل کان، گُل پاڻ کان ۽ "سعيد" ان کان خوشبوءِ ورتي، صبا کي گُل جي مُنهن تي نگاهه ڪرڻ ۾ شرم اچي ٿو.

غزل نمبر: ۱۳۹

① پيرم حسن خویش حسن حسنش حسن نامش حسن [1]
خلقش حسن نطقش حسن کویش حسن بامش حسن

② گلروءِ گلبوءِ خنده گل نرگس و بنفشه چشم و مو
رُویش حسن و مویش حسن و بویش حسن وفامش حسن

③ نخلِ وجودش را ثمر از نورِ اسرارِ خدُا
بارش حسن وبسرش حسن پختش حسن خامش حسن

④ و از بهرِ صیدِ حق طلب حق خوءِ باشد بالیقین
غمزش حسن جنبش حسن نفحش حسن دامش حسن

⑤ اندر سخایٔ فیض ہو رشکِ یم و ابرِ کرم
جودش حسن مهرش حسن قلبش حسن جامش حسن

---

(1) هيءُ غزل شاعر پنهنجي والد ۽ مرشد حضرت خواجه محمّد حسن غوث مدني قدس سره جي شان ۾ چيو.

⑥ صحراءِ فیضِ ذاتِ حق را آہوءِ مشکین بود
چشمش حسن مشکش حسن خیزش حسن کامش حسن

⑦ در ذکر قلب و نور حق افگندہ سر اندر بغل
روزش حسن لیلش حسن صبحش حسن شامش حسن

⑧ ذکرِ خدا فکرِ نبی سرّ ولیان کامِ او
ذکرش حسن فکرش حسن قولش حسن کامش حسن

⑨ از لطف و احسانش شدہ ہم نامِ حق جویان "سعیدؒ"
فہمش حسن و درکش حسن طبعش حسن نامش حسن

ترجمو

① منهنجو مرشد سهڻو، سندس عادت سهڻي، سندس نالو سهڻو، سندس اخلاق سهڻا، سندس ڳالهائڻ سهڻو، سندس گهڻي سهڻي ۽ سندس صُبح سهڻي.

② گُل جهڙو رخ، گل جهڙي خوشبوءِ ۽ گل وانگي مرڪندڙ، سندس اک نرگس جي گل جيان، سندس مُنهن سهڻو، وار سهڻا، خوشبوءِ سهڻي ۽ واتُ سهڻو.

③ ان جي وجود جي ڪجيءَ ڪي خدا جي رازن جي نور مان ثمر (مليل) آهي، سندس ميوو سهڻو، ڪچي ڪجور سهڻي، سندس قد ڪاٺ سهڻو ۽ خاموشي سهڻي.

④ شڪار لاءِ حق جي طلب ڪندڙ يقين سان خدا جي خصلتن وارو. سندس اَبرو جو اشارو سهڻو، گهنڊ سهڻو، خوشبوءِ سهڻي ۽ فيض ۾ (ڦاسائڻ وارو) دامُ سهڻو.

⑤ ڪرم جي ڪکر ۽ فيض جي سخا ۾ اسان رِيس ڪندڙ آهيون، سندس سخا سهڻي، مهرباني سهڻي، دل سهڻي ۽ سندس فيض وارو جام سهڻو.

⑥ حق جي ذات صحراء جي فيض جو هرڻ هو، سندس اک سهڻي، مُرڪَ سهڻي، اُٺڻ سهڻو ۽ وِڪ سهڻي.

⑦ حق جي نور ۽ قلب جي ذڪر ۾، مراقبي ۾ متو مبارڪ رکندڙ آهي، سندس ڏينهن سهڻو، رات سهڻي، صبح سهڻو ۽ شام سهڻي.

⑧ خدا جو ذڪر، نبيءَ جو فڪر، وليّن سڳورن جو راز اُن جو ڪم هو، سندس ذڪر سهڻو، فڪر سهڻو، قول سهڻو ۽ مقصد سهڻو.

⑨ ان جي مهرباني ۽ احسان سان "سعيد" ﷬ پڻ اَللہ تعاليٰ جو نالو طلبيندڙ ٿيو، سندس فهم سهڻو، ادارڪ سهڻو، طبيعت سهڻي ۽ نالو سهڻو.

غزل نمبر: ۱۴۰

① مکن بر سرِ مهد دنیا رکون — که سقفش بود کهنه بی ستون

② ثباتی ندارد در و عمر و مال — که فردا شود کالعدم سرنگون

③ رکون بر سرِ بی ستون و ثبات — نیاید مگر از جنون سفله ودون

④ اگر بود دنیا وَ نعمش دوام — از و شاه مرسل نگشتی برون

⑤ چو شاه رخت زاو بر کشید — بسوءِ لقاءِ ذات شد رهنمون

⑥ "سعیدا" ﷬ سعیدِ ازل ذی فنون
نجوید ز حق جز بذاتش سکون

ترجمو

① دنيا جي پينگهي جي وِهاڻي تي آرام نہ ڪر، ڇوتہ ان جي ڇت پُراڻي ۽ بغير ٿنڀ جي آهي.

② عمر ۽ مال کي بقا ناهي، سياڻي هر شيءِ ڪنڌ جُهڪائي ختم تي ويندي.

③ بِنا جنا ۽ بنا ٿنڀ واري شيءِ تي شوق رکڻ وارو خيالُ، بيوقوف ۽ چرئي ماڻهوءَ جو هوندو آهي.

④ جيڪڏهن دنيا ۽ ان جون نعمتون هميشہ رهن ها، تہ سيدالمرسلين ﷺ ان کان وصال نہ ڪري ها.

⑤ جڏهن رسولن جي سردار ان دنيا کان سفر جو سانباهو ڪري خدا جي لقاءَ جي طرف ارادو ڪيو، تہ اَللہ تعاليٰ سندس رهنما ٿيو.

⑥ اي ”سعيد“! ازلي نيڪ بختُ تہ اَللہ تعاليٰ جي ذات جو ئي سُڪون ڳوليندو آهي.

غزل نمبر: ۱۴۱

① حسن ذات ست مطلق از گفتن چشم از درک او بہم بستن

② نہ زبان را بیان نہ دل را جان درکِ وصفش بجز ز خود رستن

③ حسنِ اسم از جمالِ ذات آمد تا شود زو بذاتِ حق رفتن

④ مرشد از بحر ذات نہر آمد چشم در حسن اوست دُرّ سفتن

⑤ لیلیٰ ار خواہی ای ”سعید“ کہ تا
دل چو مجنون ز غیر کن رفتن

ترجمو

① خدا جي ذات جي تعريف چوڻ کان مٿي آ، ان جي قدرت جي عجيب ڪرشمن جي تَهہ تائين پهچڻ کان اکِ بند آ.

② ان جي بيمثال وصف کي سمجهڻ جي پنهنجي پاڻ کان آجي ٿيڻ کان سواءِ، نہ زبان سگهہ رکي ٿي ۽ نہ (ئي) دل ۾ طاقت آهي.

③ سهڻو نالو سهڻي ذات کان آيو، تہ جيئن حق جي ذات ۾ ان کان وجڻ ٿئي.

④ مرشد جو فيض خدا جي اڻ کٹ سمنڊ مان نهر بڻجي آيو، ان جي سهڻي نظر ۾ (نهارڻ چڻ تہ) موتي پروئڻ آهن.

⑤ اي "سعيدؒ"! جيڪڏهن ليليٰ کي طلب ڪرين تہ مجنونءَ وانگي غير کان دل کي آزاد ڪر.

غزل نمبر: ۱۴۲

① زچند و چون منزّہ پاک بیچون | زکلیّات و جزئیات بیرون

② بسیط ایزد بود واجب وجودی | بود کلّی ز جمعِ اجزاءِ مضمون

③ بود جزئ بدان محتاجِ کلّی | منزّہ حق ازاین اوصافِ مشحون

④ شود مخبر از این معنیٰ مغمض | مکمل جامع اسرار موزون

⑤ کہ چون جبریل در کسوت بشر کرد | نزول از ذات سوئ عالَم چون

⑥ "سعیداؒ" قول و فعل و دیدنِ او
سعادت گشت با انوار مقرون

ترجمو

① (الله تعاليٰ) ڪيئن ۽ ڪهڙو (چوڻ کان) پاڪ ۽ بيمثال آهي، ڪُليات ۽ جُزئيَات جي حد کان ٻاهر آهي.

② واجب الوجود ۽ اڪيلو آهي، اَجزاء جي جمع کان جدا آهي.

③ (جُزئي) ڪُلّي جي محتاج آهي، ماپ (طور) وارين وصفن کان حق تعاليٰ جي ذات پاڪ آهي.

④ جامع ۽ موزون اسرار جي مڪمّل معنيٰ جي خبر ڏيڻ کان، ملائڪن چشم پوشي ڪئي.

⑤ جو جبرئيل عليه السلام بشري لباس ۾، اَلله تعاليٰ جي ذات طرفان هِن جهان ڏي لهي آيو.

⑥ اي ”سعيدؒ“! اُن جو ڏسڻ، قول ۽ فعل، اَلله جي انوار سان ملڻ جي ڪري نيڪ ٿيو.

غزل نمبر: ۱۴۳

① نقر چه بود روء گردان از جهان — سوء خالق عالم ابدان و جان

② روئ روئ قلب باشد سوءِ حق — نی بود این روئ خاکی در میان

③ راه پیمائ حقیقت کن که تا — نور یابی سرّہا را در بیان

④ صوفی ابن الوقت باشد یا ابوه — غیر این فانی ست دائم جاودان

⑤ شو ”سعیدؒا“ ہردم از اسرارِ شان
خاموش و مغموض بی قول این و آن

ترجمو

① فقر ڇا آهي؟ (صرف) جهان کان مُنهن موڙي، خالقِ ڪائنات جي طرف متوجه ٿيڻو آهي.

② دل جو مُنهن خدا جي طرف هجي، پر هي خاڪي مُنهن، ان جي وچ (۾) حائل نه هجي.

③ حقيقت جي واٽ جي ماپ ڪر، جيئن ته اُن جي رازن کي حاصل ڪري سگهين.

④ صوفي وقت جو پُٽ هجي يا اُن جو پيءُ، غيرالله کان سواءِ هر شيءِ فاني آهي. ان جي ذات دائم ۽ باقي آهي.

⑤ اي "سعيد"! "هِنَ" "هُنَ" ڳالهه ڪرڻ کان سواءِ، هردم انهن جي وازن کان خاموش ٿي اکيون بند ڪري ويهه.

غزل نمبر: ۱۴۴

① شد اشاره در کلامِ صوفیانِ صافیان
که نباید احتقارِ جابران و عاصیان

② احتقار خویش اندر بارگاهِ ایزدی
چند باشد که نماید عاصیی از قلب جان

③ چند باشد حق نماید براحوالِ او
ز کمالِ خوف حزن و هم خشوع باجنان

④ رحمتِ ایزد بهر رحمت عاصیان جوید همی
بر بهانهٔ کایدش چون گشت واسع از جهان

⑤ می کند در درگهِ ایزد "سعید" از صدقِ دل
مسئلت رحم و عطا لطف و کرم جود عیان

ترجمو

① اَللہ وارن صوفين جي ڪلام ۾ هيءُ اشارو ڏنل آهي، تہ هنيلن ۽ گنهگارن کي بہ حقير نہ سمجهڻ کپي.

② خدا جي دربار ۾ پاڻ کي دِل جان سان حقير ۽ گنهگار، سمجهڻ وارا تورائي هوندا آهن.[1]

③ کي تورائي الله جا سچا ٻانها، خدا جي خوف جي ڪري، حق جو رستو ڏيکاريندا آهن.

④ اَللہ تعاليٰ جي رحمت، گنهگارن کي ڳولي ٿي جڏهن بہ ان وٽ ڪو بهانو ايندو آ، تہ رحمت جهان ڪان بہ وسيع ٿي ويندي آهي.

⑤ "سعيدؒ" سچي دل سان خدا جي دربار ۾، رحم، عطا، لطف، ڪرم ۽ جُود وسخا جو سوال ڪري ٿو.

غزل نمبر: ۱۴۵

① مردمان ہر چند اقسام آمده اند جهان
بعضی از اسباب عالم بعض را از حق نشان

② ہر کہ در اسباب آمد از خدا ماند بعید
درچہ خسران وُرا دائم تو سرگردان دان

③ وانکہ چون شہباز چشم از جملہ اسباب دوخت
در شکارِ معرفت اورا خوشش چالاک خوان

(1) مسلمان کي گهٽ سمجهڻ ڪبيرو گناهہ آهي، ترمذي شريف جي حديث آهي. نبي اڪرم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ جنهن مسلمان کي حقير (گهٽ) سمجهيو، اُن تي اَللہ تعاليٰ، ملائڪن ۽ سمورن ماڻهن جي لعنت آهي، اَللہ تعاليٰ ان جي فرضي ۽ نفلي ڪابہ عبادت قبول نہ ڪندو آهي.

④ یا نہ آنانکہ از نظر شان عالمِ اسباب رفت
بر دو قسم آمد نزد عارفان صاحبدلان

⑤ بعض شان را رویتِ ایزد در جہان شد ہر دمی
بی ارادہ خواہش شان آمدہ اندر عیان

⑥ بعضی دیگر را پس از خواہش شدہ رویتِ اللہ
پی ارادہ فتح باب این نی شود حاصل بدان

⑦ سابق آمد سابق اندر جاذبہ ذاتِ خدا
لیک آخر نیز دارد بہر غرحان رجان

⑧ مُہر را بر لب نمودن خوش بیامد ای "سعیدؒ"
معرفت در خامشی شدنی بہ تقریر و بیان

ترجمو

① دنيا ۾ چند قسم جا ماڻهو آيا، ڪي عالَم اسباب جا گهورا ۽ ڪن کي قدرت جي طرفان نشان مليل.

② جيڪو اسبابن ۾ رهيو، اُهو خدا کان پري نقصان واري ڪوهه ۾ رهيو، تون هميشہ ان کان منهن موڙيندو رهُ.

③ جنهن شهباز جيان اسباب کان اکيون سڀ ڇڏيون، معرفتِ الاهي جي شڪار ۾، اُن کي چالاڪ سمجهه.

④ جن جي نظر کان عالَم اسباب ويو، اَلله وارن عارفن وٽ اُهي ٻہ قسم آهن.

⑤ ڪن ڪي هر گهڙي هن جهان ۾، اَللهُ تعاليٰ جو ديدار ٿيندو آهي، بغير ارادي جي اُنهن جي ضرورت پوري ٿي ويندي آهي.

⑥ ٻين ڪي گُهرڻ سان ٻه، ڪاميابي جو دروازو ۽، خدا جو ديدار حاصل نه ٿيندو آهي.

⑦ جيڪو (نيڪي ۾) اڳرائي ڪندڙ آهي، سو خدا جي ذات جي ڪشش ۾ ٻه اڳيرو آهي.

⑧ اي "سعيد" چَپ تي مُهر هڻڻ سُني آهي، معرفت خاموش رهڻ سان حاصل ٿيندي آهي، تقرير ۽ بيان ڪرڻ سان نه ملندي آهي.

غزل نمبر: ۱۴۶

① خرقه برِ عارفان خلعت از فقردان

خلعت از فقردان خرقه برِ عارفان

② آمده سرورِ جهان تاجِ فقر هرکه داشت

تاجِ فقر هرکه داشت آمده سرورِ جهان

③ گشت زمین و زمان از شرفش نورور

از شرفش نورور گشت زمین و زمان

④ اهل و دل جاودان در چه خسران بودند

در چه خسران بودند اهل و دل جاودان

⑤ شاهد مقصد نهان گشت ز تابع رسوم

گشت ز تابع رسوم شاهد مقصد نهان

⑥ از فقر او شد عیان شرع حقیقت بہم

شرع حقیقت بہم از فقر او شد عیان

⑦ بندہ درِ عارفان شو چو گدایان "سعیدؒ"

شو چو گدایان "سعیدؒ" بندہ درِ عارفان

ترجمو

① عارفن جي بدن تي فقر جي ڪري ، گودڙي پيل هوندي آهي.
② جنهن فقيريءَ جو تاج سِرَ تي رکيو، اُهوئي جهان جو سردار تي آيو.
③ اُن جي شرف کان زمين ۽ زمانو نور وارا ٿيا.
④ پاڪيزه خيال ۽ صاف دل وارن کي ڇا جو نقصان آهي.
⑤ رسمن جي تابعداري جي ڪري (اَللہ تعاليٰ جي حضور حاصل ڪرڻ) وارو مقصد بہ گم ٿي ويندو آهي.
⑥ اُن جي فقر کان شريعت جي حقيقت ظاهر ٿي.
⑦ "سعيدؒ" گداگرن جيان عارفن جي در جو ٻانهو ٿي رهُ.

غزل نمبر: ۱۴۷

① محبوب غیب آید اندر ہمین جہان

از غیب خود تجلّی سازندہ ناگہان

② شب روکند فاش از فجاءۃ آمدن

نی طاقت ست دیدن بانورِ غیبِ آن

(۳) غیبی کہ غیب گشتہ از درک ہم فہوم
از دیدنش مبرّا ہم پاک خوش بخوان

(۴) عارفِ کاملی ست منوّر بہ نورِ او
آنرا خوشا مذوّق از غیب اوبدان

(۵) خواہی اگر پیاپی نورِ سعادتی
باش ای "سعید" بندہ درگاہِ عارفان

ترجمو

① محبوب هن جهان ۾ غيبي نموني آيو، پنهنجي غيب کان اوچتي تجلّي ڪيائين.

② رات جو اوچتو اچڻ سان، مُنهن مبارڪ کوليائين، اُن غيبي نور کي ڏسڻ جي سَگهه ناهي.

③ اهڙو غيب جيڪو عقل ۽ سمجهه کان گُجهو تيو، اهو ڏسڻ کان مُبّرا ۽ پاڪ آهي.

④ عارف ڪامل اُن جي نور سان روشن آهي، جنهن کي اُن جي غيب کان، سُني ذوق وارو سمجهُ.

⑤ اي "سعيد" جيڪڏهن لڳاتار سعادت جو نور حاصل ڪرڻ چاهين تو تہ، اَللہ جي عارفن جي درگاهہ جو غلام ٿي رَهُ.

بَابُ الْوَاو

غزل نمبر: ۱۴۸

① عجب نورِ حق و انسان یکی زین سوُ یکی زانسوُ
بسانِ شمس و مہِ رخشان یکی زین سوُ یکی زانسوُ

② بگشتہ صورتِ آدم بنورِ ایزدی تو ام
چہ حرف و معنی اندر ہم یکی زین سوُ یکی زانسوُ

③ بکامل کعبہ ہم زائر بنورش ہم ملک حائر
زمین و آسمان دائر یکی زین سوُ یکی زانسوُ

④ وزیرِ اکبر و اصغر بقطبِ اعظم و اکبر
امام میمن و میسر یکی زین سوُ یکی زانسوُ

⑤ پی پابوسِ آدم مہ و انجم ز چرخ خم
بزیر آید ہمی ہردم یکی زین سوُ یکی زانسوُ

⑥ چو برزخ شد دلِ کامل کہ از وجہین شد شامل
بحق و خلق ای فاضل یکی زین سوُ یکی زانسوُ

⑦ ہماسا[1] گشت حالِ او کہ رستہ شد زبالِ او
بقبض و بسط بالِ او یکی زین سوُ یکی زانسوُ

---

(1) ن خ ۾ هما سان حال او کہ رستہ شد لکيل آهي.

⑧ زہی ذوالہمتی علیا کہ دارِ جنت و دنیا
بہ پشت افگند ہم بر پا یکی زین سُو یکی زانسُو

⑨ بسکر و نشۂ سرمد "سعیدؒ" از فیض رند آید
نگون سر زاہد و عابد یکی زین سُو یکی زانسُو

ترجمو

① اَلله تعاليٰ ۽ انسان جو نور عجب جهڙو آ، هڪڙو "هِن طرف" ۽ هڪڙو "هُن طرف". سج ۽ چنڊ وانگيان چمڪندڙ، هڪ "هِن طرف" هڪ "هُن طرف".

② پنهنجي ربّ جي نور سان، آدم عليه السلام جي صورت ٿيو آهيان، ڪهڙو نہ حرف ۽ حقيقت ان ۾ آهي؟ جو اِن مان هڪ "هِن طرف" هڪ "هُن طرف".

③ ڪامل ڪعبي ۾ ان جي نور جي زيارت ڪندڙ، ملائڪ حيران آهن! زمين ۽ آسمان چؤطرف ڦرندڙ، هڪ "هِن طرف" هڪ هُن طرف".

④ وزير اڪبر، اصغر، قطب اعظم ۽ اڪبر، امام سڄي ۽ ڪابي هڪ "هِن طرف" هڪ "هُن طرف".

⑤ آسمان ڪان چنڊ تارا، آدم عليہ السلام جي پير چُمڻ ڪاڻ هيٺ لهي آيا، هڪڙا "هِن طرف" هڪڙا "هُن طرف".

⑥ برزخ وانگر ڪامل مرشد جي دل تي، جو اي فاضل! ٻنهي طرفن ڪان شامل تي، يعني خدا ۽ خلق ۾، هڪ "هِن طرف" هڪ "هُن طرف".

⑦ اُن جو حال شريڪ ٿيو، جو عيش وعشرت ڪان آجو ٿيو، ان جي دل قبض ۽ بَسط ۾ مشغول رهي، هڪ "هِن طرف هڪ"هُن طرف"

⑧ ڪهڙي نہ بلند همت آهي، جو دنيا ۽ آخرت جي ٻنهي گهرن ڪي پُٺيءَ پُٺيان اُڇلايائين، هڪ "هِن طرف" هڪ "هُن طرف".

⑨ "سعيدؒ"، ڏينهن رات رِندي فيض ڪان سڪر ۽ نشي ۾ رهيو، زاهد ۽ عابد ٻنهي، هڪ "هِن طرف" هڪ "هُن طرف" ڪنڌ جُهڪايو.

غزل نمبر: ۱۴۹

① ای در قفاءِ حرص اجل در قفاءِ تو [1]
خندان ز محو گشتنِ تو در ہوایٔ تو

② خوف و حیا ز غیرِ خدا چون گرفتۂ
سازد قضاءِ خندۂ و عجب از حیاءِ تو

③ تدبیر رہنما چو گرفتی براہِ خویش
تقدیر در تبسّم زین رہنماءِ تو

④ از بہرِ رزق و نان چرا رنج میکشی
ضامن چو حق فتاد برزق و غذاءِ تو

⑤ صیقل ز ترکِ قصدِ خود آور بدستِ خویش
کہ این صیقل ست از دل زنگِ زدایٔ تو

⑥ اخلاص در عمل بجز از چار چیز نیست
صبر و صموت و عبرت و ترکِ ہواءِ تو

⑦ از ذکرِ ذات ساز دلت را چو خور "سعیدؒ"
تا روزِ حشر تابد خور از ضیایٔ تو

---

(1) جهڙيءَ طرح شيخ سعدي چوي ٿو ته: مسکین حریص در ہمہ عالم ہمی رود - او در قفاءِ رزق، اجل در قفاءِ او۔
مسڪين حريص سموري جهان ۾ رزق پٺيان رُلندو ٿو رهي ۽ اجل جو فرشتو وري حريص پٺيان گهمندو ٿو رهي.

ترجمو

① اي حرص ۽ سڌن پٺيان حيران ۽ پريشان ڦرندڙ! تون سڌن ۾ محو آهين ۽ موت تنهنجي پٺيان ڪلندڙ آهي.

② غير خدا کان جڏهن خوف ۽ حيا ڪيئي، ته تنهنجي حياءَ جي ڪري قضاءِ الاهي عجب ڪرڻ لڳي ۽ کلڻ لڳي.

③ تدبير ڪي جڏهن پنهنجي رستي تي رهنما ورتئي، ته تقدير انهيءَ جي ڪري کلڻ ۾ تنهنجي رهنما ٿي.

④ رزق ۽ ماني ڳيي جي ذري لاءِ ڇاجي ڪري تڪليف ٿو ڪرين؟ جڏهن ته تنهنجي رزق ۽ روزيءَ جو الله تعاليٰ ذمو ڪنيو آهي.

⑤ پنهنجي اَناَ جي ارادي ڪي ڇڏڻ جو صيقل پنهنجي هٿ ۾ رکُ، جو اهو صيقل تنهنجي دل جي بيماريءَ جي ڪَٽ ڪي لاهيندڙ آهي.

⑥ عمل ۾ اخلاص، ڇئن شين کان سواءِ نٿو ٿي سگهي، صبر، خاموشي، خدا جي نشانين ڪي عبرت جي نگاهه سان ڏسڻ ۽ سَڌن ڪي ڇڏڻ.

⑦ "سعيدؒ"! ذڪر ذاتيءَ سان پنهنجي دل ڪي سج جيان روشن ڪر، ته جيئن قيامت واري ڏينهن تنهنجي روشنيءَ مان سج چمڪي.

غزل نمبر: ١٥٠

① طالبِ ہر چیز را مطلوب او محبوب او

تشنہ را محبوب شد آبِ صفا مطلوبِ او

② میلِ بلبل سوءِ گل پروانہ را سوئے چراغ

خاطر مجنون نخواہد جز بتِ مرغوب او

③ مقصدِ دنیا پرستان مایۂ سیم و زر ست
مقصدِ زہّاد مقبول آمدن اُسلوبِ او

④ قبلۂ عاشق بود افناءِ جز ذاتِ احد
ہمتِ او ہست خس خاشاک را جاروبِ او

⑤ طالبِ حق را نیرزد دنیا و عقبیٰ بجو
خواستش منعم بود و قصد النعم مسلوبِ او

⑥ فقر در دنیا و عقبیٰ شد سواد الوجہ زین
کہ آرزوئ لذّتِ دارین شد مکروبِ او

⑦ ہرکہ دارد پاس انفاسش بہردم چون "سعیدؒ"
ماسوی اللہ پیش نورِ حق بود مغلوبِ او

ترجمو

① طالب جي هر شيءِ ان جي مطلوب ۽ محبوب هوندي آهي، اُجاري لاءِ صاف پاڻي ان جو مطلوب محبوب هوندو آ.

② بلبل جو لاڙو گل ڏانهن، پرواني جي ڪشش شمع ڏانهن، ۽ مجنونءَ جي دل اُن جي مرغوب جسم کان سواءِ ٻي شيءِ ڪي طلب نہ ڪندي.

③ دنيا جي پُوڄارين جو مقصد، سُون ۽ چانديءَ جي موڙي حاصل ڪرڻ آهي، زاهد جو مقصد پنهنجي طريقي کي مقبول ڪرڻ آهي.

④ عاشق جو قبلو خدا جي ذات کان سواءِ هر شيءِ کي فنا ڪرڻ آهي، ان جي همّت دنيا جي ڪک ڪچري کي ٻهاري ڏيئي صاف ڪندڙ آهي.

⑤ حق جي طالب کي دنيا ۽ آخرت جي طلب ڪرڻ لائق ناهي، اُن جي

طلب مُنعِم حقيقيءَ کي حاصل ڪرڻ آهي.

⑥ سُڃائي (ظاهر ۾ ته) دنيا ۽ آخرت ۾ ڪارو مُنهن هجڻ (آهي) (درحقيقت) سينگار آ، ڇو ته دنيا ۽ آخرت جي لذت جي سڌ رکڻ اِن لاءِ پريشاني ٿيندي.

⑦ جيڪو "سعيد" وانگي هردم پاڻ وٽ پنهنجو پاس انفاس رکي، اهو حق جي نور جي اڳيان مغلوب هوندو آهي.

غزل نمبر: ۱۵۱

① از شام تا بصبحم اندر خیالِ تو
ہر شب بکنج غم بخیالِ مثالِ تو

② تا گشتی جدا از ای راحتِ دلم
جاکرد جائ خواب بچشم جمالِ تو

③ دل سوختہ ست عاشق میرد بہ تشنگی
جز جرعہ ز حوض لبِ پُر زلالِ تو

④ در آتشِ فراق جگر خون کباب شد
میرم خوشست زانکہ زیم پی وصالِ تو

⑤ از ناز گر فشانی دستِ جفا بمن
خوشتر کہ خاص بہر من است این ملالِ تو

⑥ زین رشحہِ "سعید" کہ کلک حزت بریخت
روشن شود بجانان خود وصفِ حالِ تو

ترجمو

① شام کان صبح تائين تنهنجي خيال ۾ آهيان، هر رات تنهنجي خيال جي غم جي ڪُنڊ ۾ مغموم آهيان.

② اي منهنجي دل جي راحت! جڏهن کان مون کان جدا ٿيو آهين، تڏهن کان تنهنجو جمال منهنجي اک ۾ خواب جي جاءِ تي گهر ڪيو ويٺو آهي.

③ عاشق دل ساڙيل اُڄ ۾ مري رهيو آهي (پر ان جي اُڃ). تنهنجي چپن جي پِڪَ مان چُرونءَ پيئڻ سان ئي ختم ٿيندي.

④ (محبوب) جي فراق جي باهه ۾ جگر پچي ڪباب ٿي ويو، ان کان (پوءِ) ته مرڻ ئي چڱو آهي جو تنهنجي وصال کان سواءِ زنده رهان.

⑤ ناز مان جڏهن ڏاڍ جو هٿ مون تي چنڊين، ته اهو تنهنجو مَلالُ، منهنجي لاءِ تمام ڀلو آهي.

⑥ انهيءَ جي ڪري "سعيد" جا قرّا جيڪي تنهنجي پرونءَ جي قلم هاريا، تنهنجي وصفِ حال سان محبوب خود روشن ٿي ويو.

غزل نمبر: ۱۵۲

مثمن بر غزل خواجه بهاء الدين نقشبند

① والضّحیٰ وَاللّیلِ شانِ رویٔ گیسوءِ شما
قاب قوسین ست تشبیهِ دو ابروءِ شما
سرمه در دیده داری ما طغیٰ مازاغ را
نوکِ کافِ کن فکانِ پیچ خمِ موءِ شما
بخش کردی جان غزاله را و دین صیّاد را
رحمةٌ للعالمین حق گفت در خوءِ شما

روضۂ رضوان معطر شد مگر دردی چکید
وقتِ اسرا قطرۂ از خویٔ خوشبوءِ شما

حلقۂ بابِ شفاعت را بدستت داد حق
عاصیان را دمبدم وادیدہ گان سوءِ شما

رستگاری گنہگاران بدست افشانیت
آستینِ حلّ مشکل زیب بازوءِ شما

ہیچ روء رہ ندیدم باز پویان آمدم
مو سفید و روسیہ بر باب مشکویٔ شما

عاصیانہ مفلسانہ آمدم در کویٔ تو
مصطفیٰ یا شیئاً للہ از جمالِ روءِ تو

(۲) اے شہہ کونین یاسینت لقب طٰہٰ خطاب
وای مزمّل کہ از رداءِ قم فاندر در نقاب

تاجداری لی مع اللہ باجدارت انبیاء
تیغ حکمت در سماء دونیم کردہ ماہتاب

سایہ اُفتد بر زمین آنرا کہ خور زو انورست
چشمۂ خور از جمالت می نماید چون سراب

حبّذا فوج ملائک غازیانِ لشکرت
روح ہم در مقدمِ شان تیز تر پا در رکاب

آدم و ما دونہ را ز انبیا وَ اصفیا
دائما می شد دعا از جاہِ نامت مستجاب
چون بہ السائل فلا تنہر خطابت آمدہ
بستی از موجِ سخا زنجیر بر روءِ عباب
ایزدت بالمؤمنین گفتا رؤفست و رحیم
لطف فرما بر منِ شرمندۂ بس دل خراب

عاصیانہ مفلسانہ آمدم در کوئ تو
مصطفیٰ یاشیئًاللہ از جمالِ روءِ تو

③ ہمچو ماہ از نور خور از تو گیرد نور را
نور بی ظلی و بی چون و مہ دلِ دیجور را
تا قیامت پنج نوبت بر زمین از نام تست
بوق زن بوم ست کاخ قیصر و فغفور را
بر فگندی از قدم نعلین وش کونین را ۔
واین بتو مخصوص کس نشناسد این دستور را
نور ذاتِ حق بدیدی بل صفت گشتی بدان
آتش افتاد از صفت موسیٰ و کوہِ طور را

یک نفس از لعلِ لبریزت مسیحا را رسید
آب بنموده دلش چون دانهٔ انگور را

رشحه از ابرِ فیضت گر چکد بر جانِ من
رشک فردوسِ برین سازد زمینِ شور را

اکمه و مبروص از حرص و هوا بر در گہت
او فتادم ای طبیبِ جان برس رنجور را

عاصیانہ مفلسانہ آمدم در کویٔ تو
مصطفیٰ یا شیئًا للہ از جمالِ روءِ تو

(۴) پیر گشتم تا ہنوز اندر ہوایم ترکتاز
عمر دادم در خطاؤ فخر لاف و حرص و آز

ہرگز از عمرم نشد وقتی بطاعاتِ خدا
رفت اندر لہو خوابم روز و شبہاءِ دراز

نہ آمد از من یادِ ایزد بی ثبات اندر رہت
نی خلوص اندر زکواة و صوم نی حج و نماز

بال بی حال و تباہم سر بسر ای شاہِ دین
نیک میدانی چہ سازم پیش زین افشاءِ راز

منفعل سر در گریبان ایستادم بہرِ آنکہ
بارہا بشکستہ ام پیمانہ توبہ باز باز

گرچہ بی انبازم اندر جرم و عصیان در جہان
ہم تو بی انبازی اندر دو جہان الطاف ساز

نہ نگر اندر نامۂ اعمالِ من برخود نگر
صاحبِ خُلقِ عظیمی ای شہِ لولاک ناز

عاصیانہ مفلسانہ آمدم در کوئ تو
مصطفٰی یاشیئًاللہ از جمالِ روءِ تو

۵ زیرِ ظلِّ رایتِ تو انبیاء روزِ قیام
در شبِ اسرا باَقصٰی ہم بشان گشتی امام

درجۂ از نرد بانت پایۂ ذات البروج
علف زارِ خنک تو فردوس غلمانش غلام

سائلان بارگاہت اولیاؤ اصفیا
ریزہ چینِ خوانِ اکرامِ تُو ہریک خاص وعام

انت اوّل من تشقّ الارض عنہ فی النّشور
انت اوّل من یّشفع ھو لِعصات الانام

انت اوّل من یدقّ الباب قد یفتح لہ
انت من اوتی جوامع الکلم یا ذالکلام

انت اوّل من احلّت له غنائم فی الجهاد
انت من جعلت له ارض طهور والمقام

همتی فرما برس فریادم ای شاہِ شفیع
اوفتادہ در خطاؤ معصیت طشتم ز بام

عاصیانہ مفلسانہ آمدم در کوئ تو
مصطفیٰ یا شیئًا للّٰہ از جمالِ روءِ تو

(٦) نزد حق بودی نبی و آدم میانِ آب و طین
ہر ملک شد ساجدش چون دید نورت در جبین

مہبطِ جبریل مکہ گشت بہرِ شانِ تو
کعبہ را مسجود ہم کرد آرزویت بالیقین

ز التفاتِ لطفِ تُو صدیق شد ابن القحاف
انّ اکرمکم ولاتحزن بشانِ آن امین

ایدّ الاسلام دادی رتبۂ فاروق را
کز سنانِ ظلّ او بگریخت شیطانِ لعین

دستِ خود را دستِ عثمان کردی اندر بیعتت
منہ استحی الملائک نقش دارد بر نگین

کرد حکم کنت لہ مولیٰ علی را شاہِ ما
زیرِ فرمانش ہمہ اہلِ سما اہلِ زمین

در ملاذِ این چہار ارکان اسلامت مرا
از عدوِّ جان و ایمان دہ امان نعم المعین

عاصیانہ مفلسانہ آمدم در کوئے تو
مصطفیٰ یاشیئاًللہ از جمالِ روءِ تو

⑦ ای قبائے سوف یعطی راست بر بالاءِ تو
نور از ظلموا وجاؤا روشن از سیماءِ تو

از بیاضِ مطلع الفجر و سوادِ لیلِ قدر
عاشقان جستند خوش خدّ وخطِ زیباءِ تو

سرّ ما اَوحی ترا ہرگز نداند جبرئیل
سرّ تو سرّ حق ست و نیست کس داناءِ تو

ذاکرِ تو ایزد آمد در رفعنا لک مگر
ان ہو الّا وحی یوحیٰ لعلِ شکر خاءِ تو

در کبائر خود شفاعت خاصداری مصطفیٰ
میکشد از یاس ما را ہمّتِ والاءِ تو

نالہ و فریاد را لا ترفعوا مسدود کرد
زانکہ مخفی نیست چیزی بر فروغِ راءِ تو

کی شود نفسِ شقیّ من "سعیدؒ" و راضیہ
جز عنایاتِ ھدٰا بخش و گنہ بخشاءِ تو

عاصیانہ مفلسانہ آمدم در کوئے تو
مصطفیٰ یاشیئًاللہ از جمالِ روءِ تو

ترجمو

① اي محبوب! توهانجي زُلفن ۽ رُخ مبارڪ جو شان وَالضُّحيٰ ۽ وَالَّيلِ آ، توهان جي ڀنهي ڀروئن کي "قاب قَوسَين" جي تشبيھ ڏنل آ. توهان پنهنجن اکين مبارڪن ۾ "مَا زَاغَ" ۽ "مَا طَغيٰ" جو سُرمون پاتو، توهان جي زُلفن جو گُهنڊُ "كُنْ فَكَانَ" جي ڪاف جي نوڪ آ. هرڻي ۽ کي جان عطا ڪيئي ۽ شڪاري کي دين جو درد ڏنئي، اَللہ تعاليٰ توهان جي عادت مبارڪ جي باري ۾ "رحمة للعالمين" فرمايو آ. معراج واري رات توهانجي جسم پاڪ مان پگهر ٽِميو، جنهن جي ڪري سموري جنت هُبڪار ڀري معطر مُعطّر ٿي ويئي. شفاعت جي دروازي جو ڪڙو الله تعاليٰ توهان جي هٿ مبارڪ ۾ ڏيئي ڇڏيو آ، گنهگارن جون نظرون توهان کي تڪيندڙ آهن. گنهگارن کي ڇوٽڪارو ڏيڻ توهان جي هٿ ۾ آ، هر مشڪل جو حَلُّ، توهان جي بازو (مبارڪ) کي سونهي ٿو. توهان کان سواءِ ٻي ڪا راھ ۽ واھ نہ آهي، وري بہ گناهن ۾ رُو سياھ، ۽ اجا وار ڪٽي توهان جي محل جي دروازي تي ڊوڙندو آيس. گنهگار، بيواھ بنجي توهان جي گهٽيءَ ۾ آيو آهيان، اي مصطفيٰ ﷺ! خدا جي واسطي پنهنجي ڇهري مبارڪ جو ديدار ڪرايو.

② اي ٻنهي جهانن جا سردار! توهان جو "يٰس" لقب ۽ "طٰهٰ" خطاب آ، اي ڪمبل اوڍڻ وارا! اُٿي پنهنجي چهري مبارڪ تان چادر لاهي ماڻهن کي ديدار. "لِيْ مَعَ اللّٰهِ" جا تاجدار! سمورا نبي سڳورا تنهنجي (در جي) ڊِل ڀريندڙ آهن، تنهنجي حڪم جي تلوار آسمان ۾ چنڊ کي چيري ٻه اڌ ڪيو. جنهن جي ذات جي نور جو پَرتو زمين تي پيو، ته سج اُن جي نور کان روشن ٿيو، سج جي ٽِڪي تنهنجي جمال کان رِڻ وانگي چمڪندي نظر اچي ٿي. تنهنجي لشڪر جا مجاهد ملائڪن جي پلاري فوج آهي، انهن سمورن جي اڳيان، تنهنجي سواريءَ جي رڪاب کي وٺندڙ، تيز رفتار جبرئيل امين آ. آدم عليه السلام کان وٺي ٻين سمورن نبين سڳورن جي دُعا هميشه تنهنجي نالي جي صدقي قبول ٿي. توکي جڏهن "سواليءَ کي نه جهڻڪ" جو خطاب آيو، ته سخا جي موج کان، وڏي ڇَرَ جي مُنهن تي تو زنجير ٻَڌو. اَللّٰه تعاليٰ توکي مؤمنن تي "رؤف ۽ رحيم" جو لقب ڏنو، ته پوءِ مون جهڙي خراب دل ۽ شرمسار جي مٿان به مهرباني فرماءِ. گنهگار، بيواهه ٻنجي توهان جي دَر تي آيو آهيان، اي محبوب! خدا جي واسطي پنهنجو ديدار ڪرايو.

③ چنڊ جيان سجّ توکان روشني وٺي ٿو، ٻنا پاڇي جي (تنهنجو) بيمثال نور ڪاري دل کي روشني بخشيندڙ آهي. قيامت تائين پنجن نوبتن سان تنهنجو پاڪ نالو زمين تي رهندو، قيصر ۽ چين جي بادشاهه فغفور جي محلن تان به تنهنجي دين جو نغارو وڄندو رهندو. ٻنهي جهانن ۾ (معراج جي رات) جتي مبارڪ سان قدم شريف رکيئي، هيءُ مرتبو خاص توکي ئي حاصل آهي، ٻيو ڪو به اِن قانون کي پرکي نه ٿو سگهي. تو ذاتِ حق جي نور کي ڏٺو، بلڪ اُن جي صفت ٿي وئين، پر خدا جي صفت جي ٿوري (به) تجلّي ٿي، ته موسيٰ عليه السلام بيهوش ٿيو ۽ طورسينا جبل ٻاهه تي ٻرڻ لڳو. تنهنجي پِڪ مبارڪ جو ذرو (اگر) مسيح عليه السلام کي ملي ها، ته اُن جي دل انگور جي داڻي وانگي پاڻيءَ کي ڏيڪارڻ لڳي ها. تنهنجي فيض واري ڪکر مان پاڻيءَ جو ڦڙو، جيڪڏهن منهنجي جان تي ڪري ها، ته ڪلراٺي زمين کي رشڪِ فردوسِ بَرين ڪري ڇڏي ها. وڏي شوق مان ڇمندي اَنڌا ۽ ڪوڙهه جي بيماريءَ وارا تنهنجي دروازي

تي آندا اٿم، اي طبيبِ جان! بيمارن کي پڇي کا دَوا ڪر. گنهگار بيواهه تنهنجي گهٽيءَ ۾ آيو آهيان، اي محبوب! خدا جي واسطي پنهنجو ديدار ڪراءِ.

④ پير ٽيس پر اجا تائين نفسَ جي سَڌن ۾ ڊوڙ ڊُڪ ڪندڙ آهيان، عمر سموري گناهن ۾ ڏنم، حرص ۽ لالچ ۾ ڦاٿڪ هڻندڙ آهيان. خدا جي اطاعت ۾ پنهنجي عمر جو ذرو وقت به نه گذاريم، ڏينهن راند روند ۾ ۽ راتيون غفلت ۾ گهاريم. مون کان خُدا جي ياد به نه ٿيَ ۽ نه تنهنجي واٽ ۾ پير پاتم، نماز، روزي، زڪوات ۽ حج ۾ به اخلاص ناهي. اي شاهِ دين! منهنجو حال ته سربسر تباهه ۽ برباد ٿي ويو آ، تون ته نيڪ سمجهين ٿو، پر آئون هن کان وڌيڪ (پنهنجو راز) ڪهڙو فاش ڪريان؟ آئون ته پنهنجي بُري حال کان متاثر ٿي، گريبان ۾ مٿو وجهي پاڻ بينو آهيان، توبه جي واعدي کي ڪيترائي ڀيرا ڀڳو اٿم. جيتوڻيڪ جهان ۾ ڏوهن ۽ خطائن ۾ منهنجو ڪو شريڪ ناهي، پر ٻنهي جهانن ۾ مهرباني ڪرڻ ۾ تون به لا شريڪ آهين. منهنجن اعمالنامن ۾ نه ڏِسُ، پر پنهنجي ذات ڏانهن ڏِسُ، اي شاهِ لولاڪ! تون ته وڏي اخلاق جو مالڪ آهين. گنهگار بيواهه ٻنجي تنهنجي دَر تي آيس، اي مصطفيٰ ﷺ! خدا جي واسطي پنهنجو ديدار ڪراءِ.

⑤ قيامت جي ڏينهن نبي سڀُورا تنهنجي جهنڊي جي ڇانوَ ۾ هوندا، معراج واري رات مسجد اقصيٰ ۾ تون انهن سمورن جو امام ٿئين. بُرجن وارو آسمان (معراج واري رات) تنهنجي سيڙهيءَ جو ڏاڪو بڻيو، سبزه زار جنّت الفردوس جا غِلمان تنهنجا غلام بنيا. تنهنجي دَر جا وَلي ۽ نبي سوالي بڻيا، تنهنجي سخا جي دسترخوان تان، هر خاص ۽ عام مهمان ٿيا. توهان جي ذات اُها آهي، جنهن لاءِ قيامت جي ڏينهن ڀرين زمين چيري ويندي، گنهگارن جي شفاعت به ڀريائين اوهان ڪندا. توهان ڀريان آهيو، جو جنّت جو دروازو کڙڪائيندا ۽ توهان لاءِ دروازو کوليو ويندو، اي ڪلام ڪرڻ وارا! توهان جي ذات اُها آهي، جنهن کي جامع ڪلما ڏنا ويا. اوهان جي ذات اُها آهي، جنهن لاءِ جهاد ۾ مليل غنيمت جو مال حلال ڪيو ويو. توهان جي اُها ذات آهي، جنهن لاءِ سموري زمين پاڪ قرار ڏني وئي. اي شفاعت ڪرڻ

وارا سائين! همّت فرمائي منهنجي فرياد تي پُهچ، آئون گناهن ۾ ٻُڏي خوار ٿيو آهيان، گنهگار، بيواهه ٻنجي تنهنجي دَر تي آيو آهيان، اي مصطفيٰ ﷺ! خدا جي واسطي مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ.

⑥ الله تعاليٰ وٽ آدم عليه السلام (جو ٻوتو) مٽي ۽ پاڻيءَ جي وچ ۾ پيل هو، جڏهن اُن جي پيشانيءَ ۾ ملائڪن تنهنجي نُور کي ڏٺو، ته هرهڪ اُن کي سجدو ڪرڻ لڳو. تنهنجي شان جي ڪري، مڪ مڪرم، جبرئيل جي نزول جي جاءِ ٿيو. ڪعبي کي تنهنجي آرزو مطابق سجده گاهه بڻايو ويو. تنهنجي توجه مبارڪ سان قحافه جو پُٽ صديقِ اڪبر ٿيو، "اِنَّ اَکۡرَمَکُمۡ" ۽ "وَلا تَحۡزَنۡ" ان امين جو شان ٿيو. فاروق رضي الله عنه کي "اَيِدِ الۡاِسۡلَامَ" جو مرتبو ڏنئي، اُن جي پاڇي جي تير کان شيطان لعين ڀڳو. تُنهنجي بيعت ۾ پنهنجي هٿ کي عثمان رضي الله عنه جو هٿ قرار ڏنئي، (اُن جي مُنديءَ تي) "جنهن کان ملائڪ به حياءُ ڪندا هئا،" (انهيءَ جملي) جو نقش چٽيو ويو. اسان جي شاهه حضرت علي رضي الله عنه لاءِ "مَنۡ کُنۡتُ لَهٗ مَوۡلاً"[1] جو حڪم ڪيائين، سندس فرمان هيٺ سڀ آسمان ۽ زمين وارا آهن. پنهنجي اسلام جي هنن چئن رڪنن جي پناهه ۾ مون کي جان ۽ ايمان جي دشمنن کان اَمان ڏي. گنهگار ۽ بيواهه ٻنجي تنهنجي گهٽيءَ ۾ آيو آهيان، اي مصطفيٰ ﷺ! خدا جي واسطي مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ.

⑦ "سَوۡفَ يُعۡطِيۡ "[2] جي چادر توتي رکيل آ، "اِذۡ ظَلَمُوۡا" ۽ "جَاءُوۡا"[3] جو نور تنهنجي پيشاني مان چمڪي رهيو آ. عاشق شبِ قدر جي ڪاراڻ ۽ پاڪ ڦٽيءَ جي سُفيدي تنهنجي رخسار مبارڪ ۽ سانوري چهري مبارڪ ۾ ڳولهيندا آهن. تنهنجي وحيءَ جي راز جي جبرئيل عليه السلام کي به خبر ناهي، تنهنجو راز، ربَّ جو راز آ، اُن جي ٻئي

---

(1) حديث شريف ڏانهن اشارو آهي ته "جنهن جو آئون مددگار آهيان حضرت علي ڪرم الله وجهه به ان جو مددگار آهي."

(2) قرآن پاڪ جي آيت ڏانهن اشارو آهيَ ته "عنقريب تنهنجو رب توکي ايترو ته عطا فرمائيندو، جو تون راضي ٿي ويندين."

(3) قرآن پاڪ جي آيت ته "جيڪڏهن اُهي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري اي حبيب! تنهنجي حضور ۾ حاضر ٿين.

ڪنهن کي بہ خبر ناهي. "وَرَفَعْنَا لَکَ ذِکْرَکَ" ۾ [1] الله تعاليٰ تنهنجو ذڪر بيان ڪيو آ، مگر "اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُوْحيٰ" [2] (۾) تنهنجي سرخ لب مبارڪ جو ذڪر آ. ڪبيرن گناهن وارن جي خاص شفاعت اي مصطفيٰ ڪريم ﷺ! تون ئي ڪندين، اسان کي نااُميدي جي کُن مان تنهنجي ئي همّت ٻاهر ڪڍي پار ڪندين. دانهن ۽ فرياد کي "لَا تَرْفَعُوْا" [3] (جي حڪم) بند ڪري ڇڏيو، ڇو تہ تنهنجي روشن راءِ کان ڪابہ شيءِ ڳجهي نہ آهي. تنهنجي هدايت بخشڻ وارين مهربانين ۽ منهنجن گناهن جي بخشش لاءِ تنهنجي سفارش کان سواءِ آئون "سعيد" (نيڪ بخت) ۽ منهنجو نفس بدبخت ۽ خدا جي رضا تي، راضي رهڻ وارو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ گنهگار بيواهہ تنهنجي در تي آيو آهيان، اي مصطفيٰ ﷺ! خدا جي واسطي پنهنجو ديدار ڪراءِ.

غزل نمبر: ۱۵۳

① شد مدتی کہ نامد پیک و سلامِ تو
دل انتظار دار بسلام و پیامِ تو

② کحلِ مداد و میلِ قلم چشمِ ما سیاہ
مشاطہ‌ات نکرد ز طولِ منامِ تو

③ پروازِ مُرغ ہر یک سوئے آشیانہ است
آشیانۂ کبوتر جانم بِبامِ تو

---

(1) آيت ڪريمہ ڏانهن اشارو آهي تہ "اسان تنهنجي لاءِ تنهنجي ذڪر مبارڪ کي بلند ڪيو".

(2) آيت سڳوري ڏانهن اشارو آهي تہ "محبوب پنهنجي خواهش سان ڪلام نہ فرمائيندو آهي. مگر اهو ڪلام ڪندو آهي، جنهن جي سندن طرف وحي ڪئي ويندي آهي.

(3) آيت سڳوري ڏانهن اشارو آهي تہ "اي ايمان وارؤ! انهيءَ نبي سڳوري جي آواز کان پنهنجا آواز مٿانهان نہ ڪريو.

④ یاران اگرچہ فارغ از یادِ ما شوند
از ما ہزار یاد بود بر کلامِ تو

⑤ ہر چند ذواہلهم تبک و تاز میروند
تا ہم ہنوزد ور خلوص و خیامِ تو

⑥ ساقی شکست جام و صراحی کہ شد خجل
رنگ و خمار می ز لبِ لعلِ فامِ تو

⑦ افلاک و عرش و کرسی و منزل بعید نیست
گرمی بود براق ہمم در لگامِ تو

⑧ صحبت نما کہ صحبۃ حکمۃ و سعادت است
جز پیر باغبان نبزد شاخ خامِ تو

⑨ وحشی صفۃ گیر نر مکن یار بیش زین
پیچ و خمِ حروفِ "سعیدؒ" ست دامِ تو

ترجمو

① ڪيتري مدّت ٿي ويئي تنهنجو سنيهو ۽ سلام بہ نہ آيو، منهنجي دل تنهنجي سلام ۽ سنيهي جي انتظار ۾ آهي.

② سُرمي، قلم ۽ اسان جي اکين جو رنگ ڪارو آهي، پر تنهنجي ڏکهي ننڊ (۽ آرام) جي ڪري توکي سينگارڻ واريءَ تيل قليل نہ ڪيا.

③ هر پکيءَ جي اُڏام تہ اُن جي آکيري ڏانهن هوندي آهي، پر منهنجي محبوب جي کبوتر جو آکيرو تنهنجي اک جي اُٽي آهي.

④ دوست کٽي منهنجي ياد کان منهن موڙي فارغ ٿيو ويٺا آهن، پر اسان کي تہ تنهنجي گفتي ٻُڌڻ لاءِ هزار يادون ايندريون آهن.

⑤ همّت وارا جيتوڻيڪ زبردستيءَ سان گذري ويندا آهن، پر (حقيقت ۾) اجا تائين تنهنجي سچائي ۽ پَردن ۾ ئي هوندا آهن.

⑥ ساقي جام ۽ صراحيءَ کي ٽوڙي شرمسار ۽ پريشان ٿيو، (اِنهيءَ) شراب جو نشو ۽ رنگ تہ تنهنجن لبن جي کري لعل ٿيو آهي.

⑦ جيڪڏهن همّت واري براق جي واڳ تنهنجي هٿ ۾ آهي، تہ ستن آسمانن، عرش ۽ ڪرسيءَ واري جي منزل پري نہ آهي.

⑧ صحبت ڪر، چو تہ صحبت ڪرڻ ۾ حڪمت ۽ سعادت آهي، تجربيڪار باغبان (مالهيءَ) کان سواءِ تنهنجي ڪَچي ميوي جي شاخ نہ ٿي پچي سگهي.

⑨ ماڻهن کان پکندڙ (ڀڄندڙ) جانور جي عادت پلي اختيار ڪر، (پر) ناهموار رستو اختيار نہ ڪر (ڇو تہ) هن کان گهڻو اڳ يار "سعيدؒ" جي حرفن جا وَر وڪڙ تنهنجو دام ٻڌيل آهن.

بَابُ الْھَاءِ

غزل نمبر: ۱۵۴

① ماہ و خور خجلند پیشِ گلرخ جانانہ
سرّ این معنی نداند ہر دلِ بیگانۂ

② سوز جانِ من بپرس از شمع اندر گریہ اش
حالِ ہجر و دردِ ما بپرس از دلِ پروانۂ

③ در تمناء دُرّ دندانِ تو ای بحرِ حلم
ریختہ اصداف چشم ز اشک وہ دردانۂ

④ دل بدلبر وبا زبان اندر جہانم قال و قیل
زین چنین زیبا روش گشتم لقب فرزانۂ

⑤ روزہا عشقِ تو مخفی کردم از فرزانگی
لیک ظاہر می شود چون گشتہ ام دیوانۂ

⑥ دلبرا شد شانہ عسان جان ودل من چاک چاک
بر تمنّائیکہ کی باشم بزلفش شانۂ

⑦ تن بہ راحت خاک کردم بر سرم پایت بنہ
نیست عیبی گر بیائی بر سر مستانۂ

⑧ چون لبت آبِ حيات آمد عجب نبود اگر
لاشهٔ عاشق شود زنده ازين پيمانهٔ

⑨ [1] حسن رويش بت پرستم كرد و عقلم شد "سعيدؒ"
از جنون يكسان به بينم مسجد و بتخانهٔ

ترجمو

① محبوب جي رُخسار جي اڳيان، سج ۽ چنڊ شرمسار آهن، هر بيگانِي دل هن راز جي حقيقت کي نہ ٿي سمجهي سگهي.

② اي پيارا! شمع کان اُن جي ڳرڻ جي سوز جو پُڇ، پرواني جي دل کان اسان جي درد ۽ هجر جو حال پڇُ.

③ تنهنجي ڏندن جي موتيءَ جي (ڏسڻ جي) سَڌ ۾ حِلم جي سمنڊ منهنجي اکِ جي سِپَن مان اَشک وهايو، اهو کهڙو نہ عجيب اَشک هو.

④ جهان ۾ دل دلبر سان ۽ زبان قيل وقال سان آهي، ان جي اهڙي سهڻي ڇَهري کان آئون عقلمند لقب وارو ٿيس.

⑤ کيترائي ڏينهن دانائيءَ سان تنهنجي عشق کي لڪايم، پر جڏهن چريو ٿيس تہ عشق ظاهر ٿي پيو.

⑥ اي دلبر! منهنجي دل ۽ جان ڦڻيءَ جيان ڏندا ڏندا ٿي ويئي، هِن اُميد تي تہ مَن ان محبوب جي زُلفن جي ڦڻي ٿي پوان.

⑦ پنهنجو بَدن تنهنجي واٽ ۾ خاک کيم، منهنجي مٽي تي پير رَکُ، مستاني جي مٽي تي اهڙي طرح (پير رکي) آئين تہ (ان ۾) ڪو عيب ناهي.

---

(1) چنانچه حافظ شيرازي گويد: همه كس طالب يار اند چه هشيار و چه مست همه جا خانهٔ عشق ست چه مسجد چه كنشت
سمورا ماڻهو يار جا طالب آهن، توڙي هوشيار آهن، توڙي مست، سموريون عشق جون جايون آهن، مسجدون هجن توڙي گرجا گهرَ

⑧ تنهنجي لَبڙن مان جڏهن آبِ حيات اچي ته ان ۾ عجب ناهي، اگر عاشق جو لاش اُن پيماني مان زنده ٿي پوي.

⑨ اُن جو سهڻو چهرو (ڏسي) مون بت پرستي ڪئي، ۽ منهنجو عقل "سعيد" (پلو) ٿيو، عشق جي جُنون جي ڪري مسجد ۽ بُتخانو هڪ جهڙا ڏٺم.

غزل نمبر: ۱۵۵

① ساقیِ ما مرشد ست و خانقہ میخانہ
طالبان وہ بادہ نوشان بیخودی پیمانۂ

② مست[1] این می ہر دو عالم میزند بر پشت پا
حبّذا کہ این سرّ مخفی ماند از بیگانۂ

③ بت پرستانیم حسنِ یار ہردم پیشِ ما
صورتِ جانان نمودہ قلب را بتخانۂ

④ صورتِ پیرست گویا گنج از نورِ احد
در زمینِ قلب ویران و تنِ مستانۂ

⑤ بزمِ دل شد روشن از تصویر جانان چون چراغ
عرش تا فرش ست بروی جان فشان پروانۂ

---

(1) حديث پاڪ ۾ آهي ته دنيا آخرت وارن تي حرام آهي، دنيا ۽ آخرت بئي الله وارن تي حرام آهن. سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان ﷫ فرمايو ته:

ڇڏيان هيءُ جهان، هو پڻ گهوري گهوريان،
پلڪ پريان ساڻ، جي مون سَري جيڏيون.

⑥ جان فدا کردن بہ شیرین کارِ فرہاد ست وبس

کوہ کندن کارِ دیوانہ ست نی فرزانۂ

⑦ عقل خواہد ہستی و دیوانگی در نیستی

بلہ اہل الجنت آمد شان ہر دیوانۂ

⑧ برق روئ رشکِ خور افتاد در چشم ازان

دانۂ اشکم "سعیداؒ" رشک شد دردانۂ

ترجمو

① اسان جو ساقي مرشد ۽ خانقاهه ميخانو آ، طالب واهه جو حقيقت وارو شراب پيئندڙ بيخوديءَ وارو پيمانو آ!

② هن حقيقت واري شراب جو مست ٻنهي جهانن کي پيرن جي پٺيءَ تي ٿو هڻي، ڪهڙو نہ سٺو آهي؟ جو هيءُ راز اڻ ڄاڻ کان مخفي رهيو!

③ هر گهڙيءَ اسان جي اڳيان يار جو حُسن آ، اسان بُت پرست آهيون، يار جي صورت دِل کي بُت خانو ڏسڻ ۾ آئي.

④ مستانہ بدن ۽ ويران دل جي زمين ۾ مرشد جي صورت ڄڻ تہ خدا جي نور جو گنج آهي.

⑤ محبوب جي تصوير مان دِل جي محفل چراغ جيان روشن ٿي، عرش کان فرش تائين پروانو مٿس جان گهوريندڙ آهي.

⑥ شيرين تي جان فدا ڪرڻ بس! فرهاد جو ئي ڪم آهي، جبل ٽڪڻ چرين جو ڪم آهي، عقلمندن جو ناهي.

⑦ عقل هستيءَ جي طلب ۽ چريائپ نيستيءَ جي ڳولا ۾ هوندي آهي، بيوقوفي هر ديواني ۽ جنّت واري جو شان آهي.

⑧ محبوب جو چمڪندڙ چھرو جنھن جي سونھن تي سج به رشڪ
ڪري، اُن جي نگاھ (جڏھن) منھنجي اک تي پيئي، ته اي ”سعيدؒ“!
انهيءَ جي ڪري منھنجي اَشڪ جو داڻو ان جي داڻي تي رشڪ
ڪندڙ ٿيو.

غزل نمبر: ۱۵۶

① گفت یاری کہ تبہ حالِ ضعیفم بس کہ
گفتمش ہرکہ بخود دید کہ او باشد مہ

② گفت شرمندہ ز صیّاد کہ بس لاغر صیدم
گفتمش پایٔ ملخ پیشِ سلیمان فربہ

③ گفت من لاغر و صحراء نقوشِ واسع
گفتمش آہو مشکین ز صد گاوان بہ

④ گفت آلودہ و حل چون صدفم در مردم
گفتمش گوہر یکدانہ درون داری زِہ

⑤ گفت افلاس مرا خندۂ عالم کردہ
گفتمش ورثۂ اولادِ نبی بہ زان چہ

⑥ گفت حاسد ز حسد پاء نہد بر طارم
گفتمش درخت خبازہ بفغان باشد سہ

⑧ محبوب جو چمڪندڙ چهرو جنهن جي سونهن تي سج به رشڪ ڪري، اُن جي نگاهه (جذهن) منهنجي اک تي پيئي، ته اي "سَعيد"! انهيءَ جي ڪري منهنجي اَشڪ جو داڻو ان جي داڻي تي رشڪ ڪندڙ ٿيو.

غزل نمبر: ۱۵۶

① گفت یاری کہ تبہ حالِ ضعیفم بس کہ
گفتمش ہر کہ بخود دید کہ او باشد مہ

② گفت شرمندہ ز صیّاد کہ بس لاغر صیدم
گفتمش پائ ملخ پیشِ سلیمان فربہ

③ گفت من لاغر و صحراء نقوشِ واسع
گفتمش آہو مشکین ز صد گاوان بہ

④ گفت آلودہ و حل چون صدفم در مردم
گفتمش گوہر یکدانہ درون داری زِہ

⑤ گفت افلاس مرا خندۂ عالم کردہ
گفتمش ورثۂ اولادِ نبی بہ زان چہ

⑥ گفت حاسد ز حسد پاء نہد بر طارم
گفتمش درخت خبازہ بفغان باشد سہ

⑦ گفت از عشق و خرد چیز کدام ست اکسیر
گفتمش بارد را حار تَہِ و دمسی دِہ

⑧ گفت افضال چہ دیدی کہ کسی گویا ام
گفتمش مثلِ تو در خلق ندیدم در دِہ

⑨ گفت خواہم سفری بارِ دگر پیشِ ارم
گفتمش پائی سوئ راہ "سعید" بر نہ

ترجمو

① چيائين دوستيءَ تہ منهنجي حال کي ڪافي ڪمزور ۽ تباھ ڪيو آهي، مون کيس چيو تہ، "جنهن پاڻ کي ڏٺو اهو سردار آهي".

② چيائين تہ شڪاريءَ کان ڪافي شرمسار ۽ ڏُبرو آهيان، مون کيس چيو تہ، مَڪڙ جو پَيرُ سليمان عليه السلام جي اڳيان ٿلهو آهي.

③ چيائين تہ آئون ڏُبرو آهيان، ميدان ۽ پَٽ تمام ڪشادو آهي، مون کيس چيو تہ ڪارو هرڻ سئو ڍِڳين کان ڀلو آ.

④ چيائين تہ منهنجي سِپَ جڏهن ماڻهن ۾ آلي ٿي، (ان وقت) مون کيس چيو تہ هي موتيءَ جو هڪ داڻو بہ اِنهيءَ ۾ ڀلو هوندو آ.

⑤ چيائين تہ غُربت (۾) مون تي جهانُ ڪليو، مون کيس چيو تہ نبيءَ جي اولاد جو ورثو ان کان ڀلو ٻيو ڇا هوندو آهي؟

⑥ چيائين حاسد حَسد کان منهنجي بالاخاني تي پير رکيو، يعني ڪابہ اڻ ٽيڏي ڳالھ ڪري سگهي ٿو، چيومانس تہ خبازہ نالي وڻ دانهن سان ڪارو ٿي ويندو آهي.

⑦ چيائين تہ عشق ۽ عقل ۾، ڪهڙي شيءِ اڪسير آهي؟ مون ڪيس چيو تہ، ٽڏيءَ کي هيٺيان گرمي ڏي.

⑧ چيائين تہ، دنيا ۾ ڪو پلو ڏنئي؟ مون ڪيس چيو تہ، تو جهڙو مخلوق ۾ نہ ڏٺم.

⑨ چيائين تہ جنّت جي اڳيان، ہي پيري سفر ڪرڻ چاهيان ٿو، مون ڪيس چيو تہ "سعيد" جي واٽ جي طرف پير رَکُ.

غزل نمبر: ١٥٧

① توی ملجایٔ عُشّاقان محمّد یا رسول اللہ
توئی ماؤیٔ مشتاقان محمّد یا رسول اللہ

② بدہ آدم بآب و گل تو بودی ز آب ہستی گل
ملائک جملہ ات بلبل محمّد یا رسول اللہ

③ خدارا مر حبیبی تو بعالم فیض غیبی تو
سوالم را مجیبی تو محمّد یا رسول اللہ

④ ز عشق و ہجرت و دردم چنان گردیدہ ام ہر دم
کہ بر لب آمد ہستم دم محمّد یا رسول اللہ

⑤ نہ یاری ماند کس مارا جز از تو نیست بس مارا
توئی فریاد رس مارا محمّد یا رسول اللہ

۶ همه یاران خوشنودی بودند و عیش بهبودی
بغم دادندم آلودی محمّد یا رسول الله

۷ همه یاران از یاری بگشته خالی و عاری
توام کز لطف نگذاری محمّد یا رسول الله

۸ کجا کز بخت روز افزون رَوَم در طیبه میمون
بگویم از دلِ محزون محمّد یا رسول الله

۹ اگرچه بس تبه کارم ولی امید نگذارم
بکش زینجاء یکبارم محمّد یا رسول الله

۱۰ توئی مر رحمتِ عالم توئی واقف بر احوالم
که همچون مرغ بی بالم محمّد یا رسول الله

۱۱ توئی برحق امامِ ما توئی نورِ ظلامِ ما
برآید از تو کامِ ما محمّد یا رسول الله

۱۲ بتن محبوس در سنده ام بدل در طیبه خورسندم
زتن برکش تو این بندم محمّد یا رسول الله

۱۳ دلم بس تنگ شد اینجا ز عشقت سرورِ اسرا
فدا پیشِ تُو جانِ ما محمّد یا رسول الله

⑭ توئی عشاق را یاری درین سنده ام نه بگذاری
بلُطفت پیشِ خود آری محمّد یا رسول اللّٰہ

⑮ کنی از لطف میلی گردوان آیم بپایٔ سَر
به پیشِ روضهٔ اطهر محمّد یا رسول اللّٰہ

⑯ شنوز آری واین نالم بخود برکش درین سالم
زہے محزون بی حالم محمّد یا رسول اللّٰہ

⑰ نکردی پیش زین گاہی چنین بندم ازین راہی
شنو یکبار باز آہی محمّد یا رسول اللّٰہ

⑱ نظر بر دل فگارِ من فگن بین اضطرارِ من
بشو یاور به کارِ من محمّد یا رسول اللّٰہ

⑲ "سعیدم" کن بلطفِ خود رہایم دہ ز نفسِ بد
که عصیانم گذشته از حد محمّد یا رسول اللّٰہ

ترجمو

① تون ئي عاشقن جي پناه جي جاءِ آهين، يا محمّد يا رسول الله! (ﷺ)
تون ئي مشتاقن جو آسرو ۽ اُجهو آهين يا محمّد يا رسول الله! (ﷺ)

② جڏهن آدم (عليہ السلام) مٽي ۽ پاڻيءَ ۾ هو، تہ تون ان وقت بہ هستيءَ جو گل هئين، سمورا ملائڪ تنهنجي ثنا ۾ بلبل جيان ثنا خوانيءَ ۾ مشغول هئا يا محمّد يا رسول الله! (ﷺ)

③ تون خدا جو حبيب آهين، جهان لاءِ غيبي فيض آهين، منهنجي سوال کي قبول ڪندڙ آهين يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

④ تنهنجي عشق ۽ جُدائيءَ جي درد ۾ اهڙو ٿي ويو آهيان، جو جان لَب تي پهتي آهي يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑤ توکان سواءِ اسان جو ڪو به يار ۽ مددگارناهي، تون ئي اسان جي فرياد تي پُهچ يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑥ سمورا دوست خوشنودي ۽ بهبوديءَ جي عيش ۾ آهن، آئون غم ۾ مبتلا آهيان يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑦ سمورا دوست دوستي ڇڏي ويٺا آهن، پر تون پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان نه ڇڏ يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑧ ڪڏهن اهو بخت وارو ڏينهن ايندو، جو آئون مديني پاڪ ڏانهن ويندس؟ غمگين دل سان چوان ٿو يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑨ جيتوڻيڪ ڪافي تباهه ڪار آهيان، پر (پوءِ به) اُميد نه ٿو ڇڏيان، هڪ ڀيري هِن جاءِ تان مون کي (پاڻ ڏي) ڇڪي وَٺ يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑩ تون ئي جهان لاءِ رحمت آهين، تون ئي منهنجي حال کان واقف آهين، آئون ته بغير پَرن جي پکيءَ وانگر (هتي ويٺو) آهيان يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑪ تون ئي اسان جو برحق امام آهين، تون ئي اسان جي انڌيري لاءِ روشني آهين، هڪ ڀيري منهنجي آه ٻُڌ يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑫ جسماني طور سِنڌ ۾ قيد آهيان، دلي طور (مديني) طيّبه ۾ خوش آهيان، هِن قيد کي منهنجي بدن مان ڪَڍُ يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑬ اي شَبِ اسريٰ جا سردار! تنهنجي عشق ۾ هِن جاءِ تي منهنجي دِل ڪافي تنگ آهي، اسان جي جان توهان تي فِدا آهي يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑭ تون ئي عاشقن جي مدد ڪندڙ آهين، مون کي هِتي سِنڌ ۾ نه ڇڏ! پنهنجي مهربانيءَ سان پاڻ وٽ گهراءِ يا محمّد يا رسول الله! (صلى الله عليه وآله وسلم)

⑮ يا محمّد يا رسول الله! (عليه وسلم)جيڪڏهن تون پنهنجو لطف ڪرين، ته آئون مٽي ۾ ٻوڙندو اچي توهان جي روضي ڪريم جي اڳيان حاضر ٿيان.

⑯ يا محمّد يا رسول الله! (عليه وسلم) منهنجي دانهن ۽ زاري ٻُڌ، آئون بي حال ۽ پريشان آهيان، هن سال ئي مون کي پاڻ وٽ گهراءِ.

⑰ هِن ڪان پهرئين اهڙي بندش! هِن واٽ ۾ ڪڏهن به نه ٿي، يا محمّد يا رسول الله! (عليه وسلم) هڪ ڀيري وري به منهنجي آه وزاري ٻُڌ.

⑱ منهنجي زخمي دل تي نظر ڪر، منهنجي بيقراريءَ کي ڏس، يا محمّد يارسول الله! (عليه وسلم) منهنجي هر مشڪل ڪم ۾ منهنجو مددگار ٿيءُ.

⑲ پنهنجي مهربانيءَ سان مون کي "سعيد" (رحمة الله) (نيڪ بخت) ڪر، يا محمّد يا رسول الله! (عليه وسلم) منهنجا گناهه حد ڪان لنگهي ويا آهن، بُڇڙي نفس ڪان مون کي آزاد ڪر.

غزل نمبر: ۱۵۸

مخمّس بر حدیثِ قدسی

① ای آنکه در دینِ الٰہی پائی رسوخیت نہی
اشکم مہ و روزہ تہی کن کز ہمہ عصیان رہی
روز و شبش فرح و بہی کہ اندر اطاعت حق دہی
بہ چیست زین فخر و مہی کہ آن حضرتِ شاہنشہی
قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِہٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ [1]

② مَنْ جَآءَہٗ رَمَضَانُ فَلَمْ یُغْفَرْ لَہٗ فَلَہٗ کُلُّ الْاَلَمْ
بشنو بجان ای ذوالہمم کہ اللہ از لطف و کرم

(1) حديث قدسيءَ ۾ آهي ته "روزو منهنجي لاءِ آهي ان جي جزا آئون ئي ڏيندس."

در ماهِ روزه محترم بخشد ہمہ جرم و الم
زاین امتِ خیر الامم کز جودِ خود بی کاست و کم
قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِہٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ

③ ای غافلِ لہو و سمرتا چند می مالی بصر
می دان یقین حسب الخبر صوم این مہ از دوزخ سپر
ہم حق ز لطفش ہر سحر در ماہِ روزه مستمر
بخشد ہزاران از فجر و از راہِ عہدِ مستقر
قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِہٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ

④ این ماہِ شہر اللہ دان بہرِ قیام صوم آن
ہر گز مَشَو افسرده جان کز این اطاعت درجنان
حوران پاؤ کف زنان غلمان شوندت گل فشان
رضوان شود عذبُ البیان کاللہ شود سلطان جہان
قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِہٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ

⑤ و از لطفِ خود حق بیگمان اکرام آن دارد چنان
کہ ابواب وا سازد جنان بندد درِ نار از جہان
و از عاصیان بی این و آن میگذرد باامتنان
پس چہ عطا باشد نہاں بہریکہ از وعده بشان
قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِہٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ

⑥ اشکم دہ و یک ماہ پُر خوردی و شدی ہم خواب در

یک ماہ چست و با خبر بردار از بالین سر

باری بشوکم خواب و خُور تاجاءِ تُو گردد مگر

نزدِ ملیک مقتدر کہ آن شاہ خلّاقِ سحر

قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِہٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ

⑦ در خواب و خُور ای مبتلا روز و شبت شد در بلا

یک مہ ز سالت غافلا ہم در طلب نہ آمد ھلّا

ماہِ صیامِ پُر جلا اندر خفاؤ در ملا

در ذکر باشد ای ولا کہ اللہ باریٔ علا

قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِہٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ

⑧ اَلنَّوْمُ اَخُ الْمَوْتِ بین وَالشَّبْعُ اَصْلُ الشَّرِّ گزین

وان کاژ طاعت بالیقین و این مبدأ ہر مرض بین

کمتر بہ اینہا شو قرین اندر مہ مہتر چنین

کہ اللہ ربّ العالمین بر رغمِ شیطان لعین

قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِہٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ

٩ فرض ست صومش مستمر طاعت شبش یاب از اثر

در شان بشوکت چون قدر شبقدر دروی مستتر

پس هر شبش نعمت شمر نقدت که تا گردد مگر

که آن حاکمِ زیر و زبر فِیهِ سَلَامٌ تا سحر

قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِهٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجزِیْ بِهٖ

١٠ خوابِ گران باشد جفا نفس ست دشمن در قفا

هشیار شو ای ذُو الْوَفَا که ایں کارِ اہلِ ارتقا

اَلصَّوْمُ اَصْلُ الْاِصْطَفَاء و ازین دو انور صفا

یابی ز حرصِ خود شفا که اللہ شافی بی خفا

قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِهٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجزِیْ بِهٖ

١١ نزد اہلِ دل صومی دگر باشد "سعیدا" معتبر

کز وصفِ حرصت چون شرر خود رارھانی با ہنر

از ذکرِ حق گفت و سمر می ساز نه از نفسِ بتر

یعنی ز بودِ خود گذر کز حق شہِ خیرالبشر

قَدْ قَالَ فِیْ تَرْغِیْبِهٖ اَلصَّوْمُ لِیْ وَاَنَا اَجزِیْ بِهٖ

ترجمو

① اي دينِ الاهي ۾ مضبوط پير رکندڙ! روزا رک، تہ جيئن سمورن گناهن کان آجو ٿئين، ڏينهن رات خدا جي اطاعت ۾ ڏئين، تہ انهي کان وڌيڪ ٻي خوشي ڪهڙي آهي؟ جو شهنشاهِ دوعالم ﷺ اِن (روزي) جي ترغيب ۾ فرمايو تہ، ”روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو اَجر آئون ئي ڏيندس“ (حديث قدسي)

②* جنهن وٽ رمضان (شريف) آيو ۽ اُن جي بخشش نہ ٿي تہ اُن لاءِ هر مصيبت آهي، اي همّت وارا! دل سان هيءَ ڳالهہ ٻُڌ، تہ هن ڀلاري مهيني ۾ الله پاڪ پنهنجي لطف وڪرم سان بغير ڪمي بيشيءَ جي هن ڀلاري امّت جا سمورا گناهہ بخشي ڇڏيندو آهي. اَللهُ تعاليٰ جي رسول ﷺ ان جي ترغيب ۾ فرمايو تہ: ”روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو اَجر آئون ئي ڏيندس“.

③ اي راند روند ۾ غافل! ڪجهہ پنهنجون اکيون مَهنّي ڪولي ڏس، حديث جي حڪم مطابق يقين سان سمجهہ تہ”هن مهيني جو روزو دوزخ جي باهہ کان ڍال جيان بچاءُ ڪندڙ آهي، اَللهُ تعاليٰ پنهنجي مهربانيءَ سان هن مهيني ۾ سحري جي وقت روزانہ هزارن جي تعداد ۾ گنهگارن جي بخشش فرمائيندو آهي،. حديث قدسيءَ ۾ اَللهُ تعاليٰ روزي جي ترغيب ۾ فرمايو تہ: ”روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو اَجر آئون ئي ڏيندس“

④ هِن مهيني کي روزي ۽ تراويح جي لاءِ خدا جو مهينو سمجهہ، هرگز سُست جان نہ ٿيءُ، جو انهيءَ اطاعت جي ڪري حورون ۽ غلمان جنت ۾ توتي گُلن جي گهور ڪندا. رضوانِ جنّت (تنهنجي استقبال ۾) خوش الحان تقرير ڪندو، حديث قدسيءَ ۾ اَللهُ تعاليٰ ان جي ترغيب ۾ فرمايو تہ: ”روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو اجر آئون ئي ڏيندس“

⑤ اَللهُ تعاليٰ پنهنجي لطف سان روزيدارن کي اهڙي عزت بخشي، جو جنّت جا دروازا کولي ڇڏيائين ۽ جهنم جا دروازا بند ڪيائين ۽ گنهگارن جا گناهہ پنهنجي خاص مهربانيءَ سان معاف ڪيائين. اهڙي

واعدي کان وڏيڪ، ٻي ڪهڙي عطا ڏيندي؟ الله تعاليٰ فرمايو ته "روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو اجر آئون ئي ڏيندس".

⑥ خدا جي خوف ۾ هنجون هارِ، هڪ مهينو ته کائڻ ۽ ننڊ ڪرڻ ڇڏ، هڪ مهينو ته چست ٿيءُ، وهائي کان مٿو ڪڍ، هڪ ڀيري ته گهٽ کاءُ، گهٽ ننڊ ڪر، ته جيئن سَحر جي خلقڻهار وڏي قدرت واري بادشاهه وٽ تنهنجو اعليٰ مقام ٿئي. حديث قدسيءَ ۾ الله تعاليٰ روزي جي ترغيب ۾ فرمايو ته: "روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو اجر (ثواب) آئون ئي ڏيندس".

⑦ اي کائڻ ۽ سمهڻ ۾ مُبتلا! پنهنجي رات ۽ ڏينهن ۾ بُرا! پنهنجي سال جي هڪ مهيني ۾ به ثواب جي طلب کان غافل رهين، رمضان جو مهينو ته ظاهر ۽ باطن ۾ پُر روشن آهي، اي دل! باري تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول هُج. حديث قدسيءَ ۾ روزي جي ترغيب ۾ الله تعاليٰ فرمايو ته: "روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ آئون ئي ان جو اَجر (ثواب) ڏيندس".

⑧ ننڊ کي موت جو پاءُ سمجهه، پيٽ ڀرڻ کي بُرائيءَ جو بُنياد سمجهه، روزو رکڻ يقيناً اطاعتِ الاهي جو ڪم آهي، هي (گهٽو کائڻ) هر مرض جو منڊُ آ، هِن ڀلاري مهيني ۾، هِن (کائڻ ۽ سمهڻ) کي گهٽ ويجهو وڃُ، ڇو ته الله ربّ العالمين هن مهيني ۾ شيطان ملعون جي مُنهن ۾ مٽي وڌي آهي. حديث قدسيءَ ۾ روزي جي ترغيب ۾ الله تعاليٰ فرمايو ته: "روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ آئون ئي ان جو اَجر (ثواب) ڏيندس"

⑨ ان مهيني جو روزو هميشه کان فرض آهي، حديث جي حڪمَ سان ان جي رات ۾ قيام ڪرڻو آهي، هر رات کي شبِ قدر جيان سمجهه، ڇو ته شب قدر ان ۾ مخفي آهي، هر رات جي نعمت کي پنهنجي لاءِ نقد ثواب جيان سمجهه، ڇو ته پروردگار انهيءَ ۾ پرهه ڦٽڻ تائين سلامتي رکي آهي. حديث قدسيءَ ۾ روزي جي ترغيب ۾ الله تعاليٰ فرمايو ته: "روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو اَجر (ثواب) آئون ئي ڏيندس"

⑩ ننڊ وڏو ظلم آهي، نفس دشمن پٺيان آهي. اي وفادار! هوشيار ٿيءُ،

جو هيءُ ڪم بلند مرتبي وارن جو آهي (ءِ) روزو اصل ۾ اندر جي صفائي آهي، انهيءَ صفائيءَ ۾ حرص ڪان شفا لهندين اَللهُ تعاليٰ ظاهر ظهور شفا بخشيندڙ آهي. حديث قُدسيءَ ۾ روزي جي ترغيب بابت اَللهُ تعاليٰ فرمايو تہ: "روزو منهنجي لاءِ آهي ءِ آئون ئي ان جو اجر (ثواب) ڏيندس"

⑪ اي "سعيد"! اهلِ دل وٽ، بيو روزو معتبر هوندو آهي، جو تون (نفس) جي حرص ءِ سَڌن ڪان ڇوٽڪارو لهين، خدا جو ذڪر ڪر، اڳتي واري منزل جي ڏورانهين سفر جو سامان تيار ڪر، بُڇڙي نفس جي شرارتن ڪان پاسو ڪر، يعني پنهنجي موهوم هستيءَ کي مِٽاءِ، ڇو تہ رسول اَللهُ ﷺ جن فرمايو: اَللهُ تعاليٰ روزي جي ترغيب بابت فرمائي ٿو تہ، "روزو منهنجي لاءِ آهي آئون ئي ان جو اَجر (ثواب) ڏيندس"

غزل نمبر: ۱۵۹

① راهِ پیمایٔ طریقت عامل و عرف آمده
وارِدِ اسرار ایزد را بهیں ظرف آمده

② چون محمّد گشت تارک تاج رونق برزمان
در تجلّی لمعہ افگن نورِ حق صرف آمده

③ نام پاکِ اطہر و آن عاملِ عُرف و شرع
سوزشِ نارِ وساوس را عجب برف آمده

④ بی عمل عُرف و شرع عامل وساوس خود شدن
نقد مایۂ عمر خود ای صرف در سرف آمده

⑤ عمل بالعُرف از کتاب از بر بخوان ای باھدا
بین چہ خوش رمز و چہ خوش سخن و چہ خوش حرف آمدہ

⑥ در سیاہی نامۂ اعمال فعلِ حرف چون
در خطوطِ نیلگون خطی ز شنجرف آمدہ

⑦ گشت صرّافِ معانی در جہان فانی "سعید"
مدح عرف و حمد ایزد او صرف آمدہ

ترجمو

① طريقت جي واٽ جو پارکو آيو آهي، خدا جي مخفي رازن جو اچڻ انهي پاڪ سيني کان آيو.

② محمّد ڪريم (عليہ وسلم) جڏهن زماني جي رونق واري تاج کي ڇڏي ڏنو، ته اَلله تعاليٰ پنهنجي طرفان ڪيس نوراني تجلّيون عطا ڪيون.

③ سندس نالو پاڪ آهي، معرفت ۽ شريعت جو مالڪ، وسوسن جي باھ جي سوزش لاءِ عجيب سُڪون بنجي آيو آهي.

④ طريقت ۽ شريعت تي عمل ڪرڻ کان سواءِ (سمجھ ته) پنهنجو پاڻ کي وسوسن ۾ وجهڻ آهي، جَڻ ته پنهنجي عمر جي نقد مُوڙي يعني سُون کي وڃائڻ آهي.

⑤ اي هدايت جي طلب ڪرڻ وارا! نيڪي تي عمل ڪرڻ وارو سبق قرآن ڪريم مان پڙھ (۽) ڏِس ته ڪهڙي نه سٺي رمز، ڪهڙي نه سهڻي ڳالھ ۽ ڪهڙا نه سهڻا حرف آهن.

⑥ اعمالنامي جي ڪاراڻ ۾ اسان جو چڱو ڪم ايئن آهي. جيئن نيرن اکرن ۾ شنگرفي اکر.

⑦ "سعيد"، هِن فاني جهان ۾، حقيقتن جي پرک رکندڙ آهي، انهي ڪري پنهنجي اَلله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا سُهڻي ڪري آيو.

غزل نمبر: ۱۶۰

① ناوکِ مژہ ش نمود جانم بر نیزہ
تیغِ ابروش کرد مغزِ دلم ریزۂ

② پیشِ توصید اشکبوس پاء پیادہ فتند
رستم چشمت چو کرد وا غمزہ ستیزۂ

③ برقع رخ کرد دید چونکہ سوارِ دلم
حاجت تا زانہ نیست بافرسِ دیزۂ

④ زلفِ سیہ پیچ پیچ گرد جبین وخدّ ست
سنبل و گل و یاسمین وہ بہم آمیزۂ

⑤ بوسۂ حق نصاب غبغب شیرین وشم
خواہم فرہاد وار دست بدرویزۂ

⑥ گشت فرامش رقیب زحل وشم بدو غم
مجلس ماہ از چہ بوددوشؔ زہرتیزۂ

⑦ کرد چو منصور ہوش دعوی خود کامیش
مفتیِ عشقِ تو کرد دار بر آویزۂ

⑧ عشق چنانم خمیر شد کہ باشکِ آب غم
بوکہ پسم ہم ز گور روید سر ریزۂ

⑨ صانع اکسیر عشق ریخت بجانبِ "سعید"ﷺ
جان بقالب چو کرد ز روش در ریزهٔ

ترجمو

① محبوب جي پرونءَ جي تير، منهنجي جان کي نيزي تي آندو، ان جي تلوار جهڙي ٻن پروئن، منهنجي دل جي مغز کي پورا پورا ڪري ڇڏيو.

② تنهنجي (بهادريءَ) جي اڳيان، اَشڪبوس پهلوان، پيادل شڪار تي پيش پيو، تو جڏهن اک جو اشارو ڪيو، ته رستم لڙائي جو رستو ڇڏي ڏنو.

③ پَردي ۾ مُنهن وجهي جڏهن منهنجي دل جي سوار محبوب ڏنو ته خاڪي رنگ جي گهوڙي کي چهبڪ جي ضرورت نه آهي.

④ تنهنجي خوبصورت چهري ۽ رُخسار تي ڪارن ڪاڪُلن وَر وڌا، واهه! واهه! (جڻ ته) سُنبل ۽ ياسمين گُل پاڻ ۾ مليا آهن.

⑤ حق جي قرب جو نصاب غبغب جو منو ڪوهه (تڙ) آهي، آئون به فرهاد وانگر سوال ڪري (ان جي اڳيان) هٿُ ٽنگيندس.

⑥ مون کي ڳُٽيءَ ۾ زحل جهڙو (بدبخت) رقيب وسري ويو، ڪالهه چنڊ جي منزل بُرج اَسد جي ڪلهي تي ڇو سوار هئي؟

⑦ منصور جڏهن هوش مان نڪري، پنهنجي مراد ماڻڻ جي دعويٰ ڪئي، ته تنهنجي عشق جي مفتيءَ اُن کي سوليءَ تي ٽنگي ڇڏيو.

⑧ عشق جڏهن غم جي پاٽيءَ جي ڳوڙهن ۾ ڳري خميرو بنجي ويو، ته اُن جي خوشبوءِ قبر مان سَلا اُپاڙڻ لڳي.

⑨ صانع "سعيد"ﷺ ڏانهن (جڏهن) اڪسير هاريو، ته جان جسم ۾ سون جي ذرڙن وانگر بنجي ويئي.

غزل نمبر: ۱۶۱

① بر صفحۂ عالم مدادِ ہجر و حرمان ریختۂ
بر روئ روز از زلفِ شب ہی نیل ہجران ریختۂ

② نیشِ فراقِ دلربا کمتر ز افعی نیست کاین
زپراب آبِ زہرہ از ہر انس و جان ریختۂ

③ از شور و غوغائ غمش مثل الحشر عظم رمیم
زد چاک بر گور و کفن خاکش ز ساران ریختۂ

④ اندر فلک صد بو ہمن شد از تلاتوفِ زمن
صد چند ز انجم چرخیان درّ از درفشان ریختۂ

⑤ از دشتِ دردِ کربلا شاید کہ گردی ماندہ بود
کانرا زمان بر روئ این بی سرو سامان ریختۂ

⑥ بین ھدھد فکر و زکا از لطمۂ دیوِ حزن
چشم آب تیز و عمق بین پس از سلیمان ریختۂ

⑦ طاؤس جاہ وشان از بادِ خریف ہجرِ پیر
پرّ جمالِ عزّ را ساران بپایان ریختۂ

⑧ پیلِ سیہ ماتمکدہ آمد ز مغرب تا بشرق
خون آب از خرطومِ غم پُر سوز و نالان ریختۂ

۹ دیو شهاب افگن جفا با خنجرِ آتش فشان
سینه دریده شعله صد از نارِ سوزان ریختهٔ

۱۰ چشم شده رشکِ عقیق از جوشِ خونِ درد دل
و از شاخ بسدِ هر مژه یاقوت و مرجان ریختهٔ

۱۱ در باغِ عالم زاغ غم وقتِ خزان دیدآمده
زان فندق و عناب تر بادامِ گریان ریختهٔ

۱۲ بی دلرباء رشک گل آب از گل و گل از چمن
نشه ز مل مل از کفِ صهباء خواران ریختهٔ

۱۳ از صدمه صیت غمش انجیر بید انجیر شد
هر بید مشک از لرزه اش هر بید لرزان ریختهٔ

۱۴ بی تاجدار چینِ دل بی باج خوار مشکِ جان
شد نافه بو مشکِ ختن و مشک از غزالان ریختهٔ

۱۵ بی ماه کنعان هر یکی گلرخ و عزیزِ مصر دل
خوی آب حسرت از لب چاهِ ز نخدان ریختهٔ

۱۶ جور آسمان غم ببین سر هر اُمید و هر امل
هر صورتِ کاژِ جفا چاکِ گریبان ریختهٔ

⑰ صيّاد اندوه ز من از بهر چكسا چاكِ من
شور آب درد اندر كباب جان بريان ريختهٔ

⑱ اى نوح كشتيبان بيا گرد آب حالِ ما به بين
بحر سيه ماتم دگر صد موج طوفان ريختهٔ

⑲ در مردم دل نقش شد چون عكس پير تو "سعيدؒ"
غم نيست چشمت گر همين سيلاب باران ريختهٔ

ترجمو

① جهان جي گردش واري صحفي تي جدائي ۽ نا اُميدي پکيڙيئي، ڏينهن جي مُنهن تي رات جي زلف جي جُدائيءَ جو داغ لڳايئي.

② محبوب جي جدائيءَ جو ڏنگ کاري نانگ جي ڏنگ کان گهٽ ناهي، (جو ان جي جدائيءَ واري زهر ڀريل ڏنگ کان) هر جن ۽ انسان هنجون هاريون.

③ اُن جي غم جي غوغا ۽ شور کان، حشر جيان پُراڻيون هڏيون ان جي مٽي، ڪفن ۽ قبر کي چيري ٻاهر نڪتيون.

④ زماني جي شورءِ غُل کان، فلڪ ۾ سَوين زلزلا برپا ٿيا، آسمان ستارن مان سوين موتي هاري ڇڏيا.

⑤ ڪربلا جي درد واري بيابان کان شايد پوئتي رهيل هئين؟ جو اُن (جي نالي) کي زماني بغير ڪنهن ساز ۽ سامان جي زمين تي هميشه لاءِ نقش ڪري ڇڏيو.

⑥ ديوَ جي چمات کان هُدهُد جي فڪر، هوشياري ۽ غم کي ڏسُ، پاڻي جو اونهون ۽ تيز چشمو سليمان عليه السلام پنيان هاريل ڏسُ.

⑦ جاهه وجلال جي ڪُراڙي مور ڪي وچوڙي واري سَرءِ جي هوا ان جي عزت ۽ حسُن وارن پَرن ڪي مٽي ڪان وٺي پيرن تائين ڇاڻي ختم ڪري ڇڏيو.

⑧ ماتم ڪده جي ڪاري هاٿيءَ مغرب ڪان مشرق تائين (پنهنجو) خون پاٽيءَ وانگر سوزِ ۽ غم سان ڀرپور سُونڊ ذريعي وَهائي ڇڏيو.

⑨ ظلم جون ڇٽنگون ڇڏيندڙ راڪاس باهه اڇلائيندڙ خنجر سان سينو چاڪ ڪري ڀڙڪندڙ باهه مان صَدا جا شعلا پيدا ڪري ڇڏيا.

⑩ ان جي اک جنهن تي عقيق بہ ريس ڪري دل جي خوني درد جي جوش وچان مرجان شاخ مان ياقوت ۽ مرجان بہ اڏائي ڇڏيا.

⑪ جهان جي باغ ۾ غم جي ڪانءُ خِزان (سَرءُ) جو وقت ڏسي ان مان نيزا ۽ تازا عناب ۽ بادام ڇاڻي ڇڏيا.

⑫ گلن جهڙن دلربائن جي نہ هجڻ ڪري گلن مان پاڻي ۽ خود گل بہ باغ ۾ ختم تي ويا، شراب پيئندڙ جي هٿ ۾ جهليل صراحين مان بہ ختم تي ويو.

⑬ ان جي غم ڀرئي آواز جي صدمي وچان انجير ويران تي ويا ۽ بيد مُشڪ جي هر هڪ تاري ان جي لوڏي سان جُدا تي ويئي.

⑭ بي تاج بادشاهه دل جو چَين جيڪو ٽيڪس ۽ ڍَلون وٺندو آهي، اسان جي جان جي مشڪ (يار) ملڪ جي مشهور مشڪِ ختن جو ٻيڙو تي پيو، هوڏانهن هرڻ جي دُن وارا مشڪ هارجي ختم تي ويا.

⑮ ڪنعان جي چنڊ ڪان سواءِ دل جي عزيز مصر واري گلن جهڙي هر هڪ ڇَهري مان حسرت جو پگهر ڪاڍيءَ جي ڪوهه جي پڳهه ڪان وَهي هليو.

⑯ غمن جي آسمان جو ظلم ڏسُ، اميدن جي زماني جي هر هڪ اميد ٽيڏو ڏسندڙ شخص جي صورت ۾ گريبان چاق ڪري ڇڏيو.

⑰ زماني جي ڳٽتين جي شڪاريءَ منهنجي قَتيل آڪيري تي درد جو نَمڪين پاڻي جان جي ڪباب ۾ وجهي پُجي ڇڏيو.

⑱ اي ناڪئا نوح! اَڄ، اسان جي ڪُنَ جو حال ڏِسُ، جو هڪ گهرو سمنڊ، ٻيو ماتم ۽ طوفان جون سَوين ڇوليون پلٽندڙ آهن.

⑲ "سعيد ﷺ"! جڏهن تنهنجي پِير جي صورت ماڻهن جي دل ۾ نقش تي ويئي، (تہ هاڻي) جيڪڏهن تنهنجي اک مان هڙو سيلاب وَهيو تہ ڪو بہ غم ناهي.

غزل نمبر: ۱۶۲

① جز رهِ لا الٰہ الّا اللہ نیست سوئ اللہ ہرگز راہ

② لابود نافیِ زمان و مکان آمد اِلّا بہ ساکنان پناہ

③ عارف آنکہ در خطابِ ایزد دل عروق ویش شود اقواہ

④ ہرکہ وحدت وحید نشناسد نیست اورا بمعرفت پائگاہ

⑤ نقطۃ العلم وحدت آمد بس جملہ جز نقطہ دان ہمہ تُو تباہ

⑥ خاکبوسی اہلِ دل بہ "سعیدؒ"

آمدہ زیب و عزّ زینت جاہ

ترجمو

① "لاَ اِلٰهَ اِلاَّ الله" جي واٽ کان سواءِ خدا جي طرف ٻيو ڪو به رستو ويندڙ ناهي.

② "لاَ" زمان ۽ مڪان جي نفي لا آهي، ۽ "اِلاَّ" خدا جي خاص پناهه ۾ رهائيندڙ آهي.

③ عارف اُهو آهي جيڪو خدا جي خطاب ۾ توجّه ڏيندو آهي، خدا جي ذڪر سان اُن جي دل ۽ رڳون مضبوط ٿينديون آهن.

④ جيڪو خدا جي وحدت کي نه سڃاڻي، اُن کي معرفت جو درجو نه ملندو آهي.

⑤ علم جو نقطو، صِرف وحدت ۾ آهي، اُن کان سواءِ سمورن نقطن کي خراب سمجهه.

⑥ "سعيدؒ"! اهلِ دل جي دَر جي خاڪِ بوسي ڪرڻ ۾ زيب زينت، عزت ۽ مرتبو آهي.

بَابُ الیَاءِ

غزل نمبر: ۱۶۳

۱ بدرویشان نظر کردن بود خود شانِ شاہانی
به صد حشمت کرم بر مور شد شانِ سلیمانی

۲ بزرگی سلاطین ست بر مسکین کرم وُرزی
بود نوشیروان نام او را ز لطفِ زن فانی

۳ عنایاتِ کرم خویان به ہر کس بی سبب آید
که بی غرضی ثمر بارد مطر ہر بید بستانی

۴ به نزدِ دل شناسان نیست حاجت حاجتی گفتن
که اضطراب خود دارد خبر از رازِ پنہانی

۵ سلاطین گل به گلشن آمده بینند بہرِ آن
که ریزد آب گل گر رفت از جاءِ گلستانی

۶ چو نو باده بجائ خود به یمن و لطف شان می بین
که تابِ خور پزاند میوه را بر اوجِ قضبانی

۷ شناسد قدرِ خود شه چون "سعیدؒ" از رازِ فکرِ دل
به الماس زبان سفته دُرّ از بحرِ سخن دانی

ترجمو

① اَللهُ وارن ڏانهن نظر ڪرڻ خود شاهن جو شان آهي، سَوين بزرگين هوندي بہ ڪِول تي ڪرم ڪرڻ سليمان عليہ السلام جو شان آهي.

② بادشاهن جي عزّت مسڪينن تي رحم ڪرڻ ۾ آهي، نوشيروان (بادشاھ) مخلوق تي مهرباني ڪرڻ جي ڪري فاني دنيا ۾ سُٺو نالو رکندڙ ٿيو.

③ مهرباني ڪندڙ جي عنايت هرهڪ ماڻهوءَ سان بغير سبب جي هوندي آهي، جو برسات بغير مقصد جي بيد مُشڪ جي باغ تي وسندي آهي.

④ دل سجاڻڻ وارن وٽ ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي، ڇوتہ ستارن سڃاڻڻ وارو اوزار خود ڳجهي راز جي خبر رکي ٿو.

⑤ بادشاھ گل ڪي گلشن مان ڏسڻ لاءِ آڻيندا آهن، باغ جي جاءِ تان جڏهن گل ويندو آ تہ گل پاڻي هاريندو آهي.

⑥ ڪَچي ميوي وانگر پاڻ ڪي انهن جي مهرباني ۽ برڪت هيٺ سمجهہ، جو سج جي تپش ٺارين ۾ ميون ڪي پچائي وٺندي آهي.

⑦ "سعيد" ! دل جي فڪر جي راز ڪان شاھ پنهنجو قدر سڃاتو، (ڇوتہ) شاعر جي بحر وزن ڪان زبان موتين ۽ هيرن ۾ پوتل آهي.

غزل نمبر: ١٦٤

① وفادارا وفاداری نہ آنست آنکہ کردستی
بہ یاران شیوۂ یاری نہ آنست آنکہ کردستی

② متاعِ حُسن روپوشیدی از چشمِ خریداران
بجائ گرم بازاری نہ آنست آنکہ کردستی

٣ چوں شیشۂ دل بتو دادم ز سنگِ ہجر میکوبی
بہ شیشۂ دل نگہ داری نہ آنست آنکہ کردستی

٤ بہ اغیاران نہی خندہ جبین با یار چین ابرو
الا ای شوخ عیاری نہ آنست آنکہ کردستی

٥ بجائے نوش وصل از صبر ہجران میدہی معجون
علاجِ سخت بیماری نہ آنست آنکہ کردستی

٦ مکن شکوہ "سعیدؒ" از جورِ مہرویان پری خویان
کہ مہ رخ را جفاکاری نہ آنست آنکہ کردستی

ترجمو

① اي وفادار! جيڪا تو وفاداري ڪئي آهي، اها وفاداري ناهي، يارن سان ياري نِباهڻ جو اهو شيوو ناهي، جيڪو تو ڪيو آهي.

② حُسن جو سامان خريدارن جي نظر کان پوشيدو رکيئي، اهو عشق جي بازار ۾: واپار تہ نہ ٿيو، جيئن تو ڪيو آهي.

③ شيشي جهڙي دل توکي ڏنم، تون اُن کي جدائيءَ جي پٿرن سان ٽوڙين ٿو، دل جي شيشي جي جيئن حفاظت ڪبي آهي، ايئن تو حفاظت نہ ڪيئي.

④ غيرن سان کلي ملئين، يارن کان مُنهن موڙئين، اي شوخ طبيعت چالاڪ! ائين نہ ڪبو آ، جيئن تو ڪيو.

⑤ وصل جي پيالي پيارڻ جي جاءِ تي، جُدائيءَ جي صبر جو معجون ڏين ٿو، سخت بيماريءَ جو علاج اهو تہ ناهي، جيڪو تو ڪيو آ.

(٦) "سعيد"! چند جھڙي ڇھري ۽ پَرِي عادتن وارن جي ڏاڍ جي شڪايت نہ ڪر، ۽ سُهڻن ڪي بہ ايئن جفا ڪرڻ نہ جڳائي، جيئن تو جفا ۽ بيوفائي ڪئي.

غزل نمبر: ١٦٥

(١) طریقِ عشق دراز ست پائی مجنونی
بود کہ قطع شود نی ز پائی مظنونی

(٢) نقوشِ سرّ برون شد ز صفحۂ ادراک
چو عشق کلک شد و قلب صورتِ نونی

(٣) خیال رابطۂ یار رہبرِ راه ست
نظر بحلیۂ مرسل شدست مسنونی

(٤) مرید صادق را داب صورتِ پیرست
کہ ہیچ گاه شود زاب سیرِ محنونی

(٥) ولی کامل معروف تامہ وماہی ست
شنیدۂ خبرِ ماہیان ذی النونی

(٦) بہ بحرِ حسن رخ یار غوطہ زن تا
کفِ مراد پُر آری ز دُرِّ مکنونی

(٧) بہ عام ہیچ نداوند رخصت اعیان
چو کرده اند محافل ز سرّ مضنونی

⑧ "سعيدﷺ" محو رخ يار شو که میگردد
بروزِ حشر مصوّر خيالِ اکنونی

ترجمو

① عشق جو رستو ڏکيو آ (ان کي) مجنون جي پير سان طئي ڪري سگهجي ٿو، (صرف) دل ۾ وهم ۽ گمان ڪندڙ اُن کي طئي نہ ٿو ڪري سگهي.

② راز جا نقشا سمجھ جيڪي صفحي کان ٻاهر ٿيا، جڏهن عشق قلم ٿيو ۽ دل نُون واري صورت اختيار ڪئي.

③ يار جي رابطي جو خيال وات جو رهبر آهي، محمد مير مرسل ﷺ جي حليي سان نظر مسنون ٿي آهي.

④ سچي مريد کي مرشد جي صورت جو نمونو اختيار ڪرڻو آهي، جو ڪو ماڻهو ڪنهن مهل گهڻي پاڻي پيئڻ جي باوجود بہ مڪمل طور سيراب نہ ٿو ٿئي.

⑤ ڪامل ولي آسمان کان سمنڊ تائين ڇانئل سجاڻل آهي، مڇين جي خبر يونس (عليہ السلام) کان پُڇل آهي.

⑥ محبوب جي رخ جي حُسن واري سمنڊ ۾ ٽٻي هڻ، جيئن تہ خالص موتيءَ مان مُراد جو پريل چرون ٻاهر ڪڍي اچين.

⑦ جڏهن راز جي محفل منعقد ڪئي ويندي آهي تہ خاص ڪنهن بہ عام ماڻهوءَ کي (اچڻ) جي اجازت نہ ڏيندا آهن.

⑧ "سعيدﷺ"! يار جي رخ ۾ محو ٿي وڃ، جو قيامت جي ڏينهن مُصوّر اهڙي خيال جو ٿي ويندو.

غزل نمبر: ۱۶۶

① یارِ وفادار را قدر نہ بشناختی دلبرِ عیّار را قدر نہ بشناختی

② شاہ کرم خوءِ خود کرد بدارت نزول قلزمِ ذخّار را قدر نہ بشناختی

③ شاہ عمامہ نمود تاجِ سرت لیک آہ عزّتِ دستار را قدر نہ بشناختی

④ ناگہ دُرِّ یتیم ریخت شدہ دامنت گوہرِ شہوار را قدر نہ بشناختی

⑤ آمد ابرِ بہار بر صدفِ جانِ تو ابرِ گہر بار را قدر نہ بشناختی

⑥ ماہ منوّر بتافت در شبِ اوہامِ تو ماہ شبِ تار را قدر نہ بشناختی

⑦ رستہ ز اہلِ شقا نزد "سعیدؒ" آمدی
لیک خوش اطوار را قدر نہ بشناختی

ترجمو

① وفادار يار جو قدر نہ سڃاتئي، چالاڪ دلبر جو قدر نہ سڃاتئي.

② مهرباني واري عادت رکندڙ شاهہ پاڻ ڪرم ڪري تنهنجي گھر تشريف فرما ٿيو، اهڙي موجن هڻندڙ (سخا جي) سمنڊ جو قدر نہ سڃاتئي.

③ شاهہ تہ تنهنجي مٿي تي پٽڪي جو تاج رکيو، پر افسوس! دستار جي عزت نہ سڃاتئي.

④ قسمت سان دُرِ يتيم تنهنجي جھوليءَ ۾ ڏنو ويو، بادشاهہ جي لائق موتي جو قدر نہ سُڃاتئي.

⑤ تنهنجي جان جي سِپَ تي بهار جو ڪڪر آيو، اهڙي موتي بخشيندڙ ڪڪر جو قدر نہ سڃاتئي.

⑥ تنهنجي خيالن واري رات ۾ روشن چنڊ چمڪيو، رات ۾ روشني بخشيندڙ چنڊ جو قدر نه سڃاتئي.

⑦ بد بختن کان آزاد ٿي "سعيدؒ" وٽ آئين، پر سُٺين عادتن واري يار جو قدر نه سڃاتئي.

غزل نمبر: ۱٦٧

① نباشد آدم انسان تا بود درخوء سالوسی
بود انسان چون انسان عین از قلب فانوسی

② نشد انسان انسان جز بہ انسانیّت اِلّا تا
مساوی جان انسانست جان گاوٴ و جاموسی

③ ز خاکِ ما سوا آلودہ پاءِ قلب می بخشد
خجالت رنگ صورت را بسانِ پر طاؤسی

④ مئی وحدت نمی ریزند در میناءِ قلبت تا
نہ داری رہن بر دکّان ساقی دلق ناموسی

⑤ اگر عنوان باطن بود ظاہر در ہمہ حالت
بگشتی مفتخر در آخرت دیہیم کاؤسی

⑥ درین شش در جہت یکسان بود ہر مؤمن و فاجر
ممیّز نیست مرسل زان جزُاز پیغامِ ناموسی

⑦ مگر عنوانِ باطن ظاہر آمد یک صفت اکثر
که ہر کس را بہ بخشش می بود میلی و مانوسی

⑧ شده میلِ دلِ ماہر دم اندر مہر و ماہِ ما
بود کی چون شبِ زلفش بدست آریم پابوسی

⑨ "سعیدؒ" اندر زمینِ دل مغرّس تخم عشقش کن
که ہرگز غارس این تخمِ نیاید پیش مایوسی

ترجمو

① انسان ايستائين ڪامل انسان ناهي، جيستائين ڏوڪي واري عادت ۾ آهي، صحيح انسان تڏهن هوندو آهي، جڏهن ان جو قلب فانوس وانگر ٻرندڙ هوندو آهي.

② انسان انسانيت ڪان سواءِ انسان نہ تو ٿي سگهي، جڏهن انسان ۾ ماڻهپو ناهي تہ انسان ڍڳيءَ ۽ مينهن جي برابر آهي.

③ اها دل جيڪا پيرن سوڌو "ماسويٰ" جي مٽيءَ ۾ پيوت پريل آهي سا ڪڏهن ڪوجهي صورت واري ڪي مور جا ڪنپ بہ عنايت ڪندي آهي.

④ وحدت جو شراب ايستائين تنهنجي دل جي پيالي ۾ نہ ٿو هارجي، جيستائين عزّت جي گودڙي ڪي ساقيءَ جي دُڪان تي گِروي نہ رکين.

⑤ جيڪڏهن باطن جو ڍنگ ظاهر جي حالت وانگر آهي، تہ آخرت ۾ پاڪ تاج سان فخر ڪندڙ ٿيندين.

⑥ هنن ڇهن ئي طرفن ۾، هر مؤمن ۽ گنهگار هڪ جهڙو آ. مُرسل عليهم السلام خدا جي پيغام ڪي پهچائڻ جي ڪري ان حڪم ڪان ڏار آهن.

نور محمد ڦرڙو 03023629987

⑦ مگر باطن جي عنوان مان اڪثر ڪري ظاهر رڳو هڪ صفت ٿيندي آهي، اها هيءَ ته بخشش ۽ عنايت سان هرهڪ شخص ۾ لاڙو ۽ اُنسيت پيدا ٿيندي آهي.

⑧ اسان جي دل جو لاڙو هر دم اسان جي چنڊ ۽ سج جهڙي چهري رکندڙ محبوب ڏانهن آهي، جڏهن ان جي ڪارن زلفن جي رات (ان جي چهري تي ڇانئجي وڃي) ته اسان ڪهڙي ريت دست بوسي ڪري سگهون.؟

⑨ "سعيدؒ"! دل جي زمين ۾ عشق جو ٻج پوکيندو ڪر، ڇو ته هن ٻج پوکيندڙ کي مايوسي هرگز نه ٿي ٿئي.

غزل نمبر: ۱۶۸

① الا ای دلبر رعنا کجائی — نه نازت کم شود گر باز آئی

② ز هجرت لیلة الدّاج ست روزم — به ماهت ده شبم را روشنائی

③ چو عابد سر نهم اندر سجودت — اگر محرابِ ابرویت نمائی

④ ز حسنت کم نگردد گر کنی باز — دلِ محزون را حاجت روائی

⑤ پریشان خاطرم مجموع گردد — اگر بند از سر مُویت کشائی

⑥ چو لاله ز اشکِ خونی دیده ام سرخ — درونِ خاطرم داغِ جدائی

⑦ دلم بشکست بهرِ جبر این کسر — نباشد جز وصالت مومیائی

⑧ مِسم تفته ز نارِ عشقِ هجرت — ز سیمابِ نظر کن کیمیائی

⑨ سرم را گر ز دستت تاج سازی — کنم تعبیر زان ظلِّ همائی

⑩ بزدت بهرِ سود ایم دواء ست — ز یاقوتِ مفرّح جان فزائی

⑪ قدت سروست رعنا من تدروم نزیبد درمیان جز آشنائی
⑫ نمی نالم ز شکوش چونکه در مهد بدادش مام نا نواز وفائی
⑬ قرآنِ ماه و زہره فالم این داد که باری در کنارِ ما درائی
⑭ بنوکِ سوزنِ موئ مژه باز کشا ز ابروئ خود چینِ جفائی

⑮ "سعیدؒ" اندر خیالت چون فنا شد
فنا را ہست لابد از بقائی

ترجمو

① اي محبوب! هي ناز ڪٿان آيو؟ تنهنجو ناز گهٽ نہ تو ٿئي، جيڪڏهن موٽي اچين.

② تنهنجي جُدائيءَ جي ڪري منهنجو ڏينهن انڌيري رات ٿي ويو، ٿنهنجي چنڊ سان منهنجي رات کي روشنائي ڏي.

③ جيڪڏهن تنهنجي ڀرونءَ کي محراب ڪري ڏيکارين، تہ عابد وانگر تنهنجي سجدي ۾ سِرُ رکان.

④ جيڪڏهن غمگين دل جي حاجت وري پوري ڪرين، تہ تنهنجي حُسن مان ڪا بہ ڪَمي نہ ٿيندي.

⑤ منهنجي پريشان دل، سُڪون واري ٿي پوندي، جيڪڏهن پنهنجي زُلفن جي ڳُنڍ کي کوليندين.

⑥ منهنجي دل ۾ جدائي جي داغ کان ڳاڙهي گل جيان خوني ڳوڙها ڳاڙيندي ڏٺم.

⑦ منهنجي دل ٽٽي ويئي، ان جي سَنڌَ کي جوڙڻ لاءِ، تنهنجي وصال ڪانسواءِ ٻي موميائي نہ ٿي ٿي سگهي.

٨ تنهنجي جُدائيءَ جي عشق جي باھ سان منهنجا مَسامَ سڙي ويا، (هاڻي رحم سان) ڪيميا واري ڪا نظر ڪر.

٩ منهنجي مٿي تي اگر پنهنجي هٿ سان تاج رکين، تہ آئون اُن کي هُما پکي جي پاڇي جو تعبير سمجهان.

١٠ منهنجي فڪر جي تو وٽ جان بخشيندڙ آبِ حيات مُفرح ياقوت جي دوا آهي.

١١ تنهنجو ناز وارو سروَ جو قدُ ۽ آئون صحرائي پکي آهيان، ٻنهي جي وچ ۾ ميلاپ بغير واقفيت جي نہ ٿو سُونهي.

١٢ آئون ان جي شڪايت ڪان روئان نہ ٿو، ڇو تہ ان کي ماءُ پينگهي ۾ وفا جي لولي ڏني آهي.

١٣ چنڊ ۽ زهره ٻنهي گڏجي مون کي هيءَ فال وجهي ڏني، تہ تون ڪڏهن مَن! منهنجي پاسي ۾ اچي ويهين.

١٤ ناز واري گهنڊ سان پنهنجي پروڻ ڪان، اک جي اَٽيءَ کي هڪ پيري وري ڪول.

١٥ "سعيد"، جڏهن تنهنجي خيال ۾ فنا ٿيو، (تہ) ان کي احساس ٿيو تہ فنا کي آخرڪار ضرور بقا آهي.

غزل نمبر: ١٦٩

١ ثبت ست چو تشریف مکانی بہ مکینی
جاکرد ذوالرّشید زمانی بہ زمینی

٢ ذوالعلم چو نحل ست عسل ریز بعالم
ذوالجهل مگس وار چمانی بہ چمینی

③ عشق ست صفتِ شیر دلان نہ چو روباہ
مقرون بود خوف جبانی بہ جبینی

④ پیوند بہ معشوق بعید ست نیاری
از عشق خوری تا نہ سنیانی بہ سنینی

⑤ در عشق مکمّل نہ بود خوفِ و ساوس
چہ باک گرفتی چو امانی بہ امینی

⑥ ز اکسیر نظر سرب چنان زر بکند پیر
تاثیر عجب داشت چنانی بہ چنینی

⑦ در برجِ دلم اسم بہ تصویر مکمّل
شد جمع زہی گشت قرانی بہ قرینی

⑧ تہلیل بدل حصن ز نفس ست "سعیدا"
از دزد سزد خوب حصانی بحصینی

ترجمو

① عزّت واري مڪان ۾ جڏهن مَڪينُ رهيو (تہ) وقت جي هادي ۽ مرشد زمين تي وڃي جاءِ ناهي.

② عِلم وارو ماڪي جي مک جيان، جهان ۾ ماڪي (علم) وندبيندو رهندو آهي، جاهل مکين وانگر گند تي اُڏرندو رهندو آهي.

③ عشق رکڻ: شينهن جهڙي دل رکڻ واري جي صفت آهي، لومڙي جيان مُنهن ۾ بُزدليءَ جو خوف رکڻ وارن جي ناهي.

④ عشق ۾ جيستائين پالي ۽ تلوار جا گھاءَ نه کائيندين، تيستائين معشوق سان پريت جو پيچ نه پائي سگھندين.

⑤ ڪامل عشق ۾ وسوسن جو خوف نه هوندو آهي، ڇا جي خوف ورتو اٿئي؟ جڏهن ته اَمن ۾ آهين.

⑥ دَارون جهڙي ريت اڪسير جو اثر رکندو آهي، اهڙي ريت مرشد ڪامل بہ ڪٽيل دلين کي صاف ڪري سُون جيان چمڪائي ڇڏيندو آهي.

⑦ منهنجي دل جي برج ۾ (محبوب) جي تصوير مڪمّل جمع ٿيل آهي، ڪهڙو نه سنو آهي، جو دل سان دوست ڳنڍيل آهي.

⑧ اي "سعيد ﷺ"! هر سَاهَ سان دل جي ڪوٺ ۾ تهليل جو ذڪر آهي، چور جي (بچاءَ) ڪان اهو تمام سنو قلعو آهي.

غزل نمبر: ١٧٠

① رحمت و غضب ست وفقِ حکمِ شرعِ ایزدی
سر بسر باید قدم بر راہِ پاکِ احمدی

② رحمتی برجاءِ رحمت خشم اندر جاءِ خشم
زیب زینت جاہ رتبت باشد از حق سروری

③ گر نبودی رحمتِ مطلق بنفی خشمہا
تا نبودی قتل موذی دفع ایذاؤ بدی

④ حکم راہِ شرع عالی گشت از فکر و عقول
عقل بسپردن بباید تا شود رہِ اوحدی

⑤ واضح و روشن برائے رہروان ای "سعیدؒ"
باسعادت گردد و یابد ز نوری واحدی

ترجمو

① اَللہ تعاليٰ جي شريعت جي حڪم مطابق رحمت ۽ غضب هوندو آهي، احمد(ﷺ) جي ڏسيل پاڪ رستي تي هميشه هلڻ گهرجي.

② رحمت جي جاءِ تي رحمت، ڏمر جي جاءِ تي ڏمر ڪرڻ، زيب ۽ زينت ۾ مرتبو رکڻ، سردارن ڪي حق هوندو آهي.

③ جيڪڏهن اَللہ تعاليٰ جي عام رحمت ڏمر ڪي روڪيندڙ نہ هجي ها، تہ نقصان رسائيندڙ جي شر ۽ بُرائي کان بچي نہ سگهجي ها.

④ شريعت جي واٽ جو حڪم، عقل ۽ فڪر کان تمام مٿاهون آهي، عقل ان جي حوالي ڪرڻ گهرجي جيئن تہ واحد يڪتا راهہ ٿئي.

⑤ اي "سعيدؒ"! شريعت ۽ طريقت جي واٽهڙن لاءِ واضح ۽ روشن (رستو آ) سعادت وارو اهو ٿيو ۽ اَللہ تعاليٰ جو نور ان لڌو، جنهن اهو رستو اختيار ڪيو.

غزل نمبر: ١٧١

① یکی خاطر بود ملکی دوم ازلم شیطانی
سیوم نفسی ہمی باشد چہارم ہست ربّانی

② بعارف کامل واکمل ہمہ خطراتِ مذکورہ
بود اسرارِ انوارات ہم اذکارِ سبحانی

③ چراکه از خطرہا او را نظر اسماء ایزد شد
ازین معنی بشد خطرات آمد نورِ یزدانی

④ بہ شیطانی ز اسماءِ حق بعید اسحق ملحق شد
بنفسی دان مرید وہم حفیظ آمد برِبّانی

⑤ نگر اسم قریب حق تعلّق داشت با ملکی
باین تنظیم عارف دید خوش اسرارِ رحمانی

⑥ "سعیداؒ" گر ز نورِ شان بعالم ذرۂ افتد
شود ہر ذرۂ عالم چو خور در نور افشانی

ترجمو

① دل ۾ هڪ سُٺن ڪمن جو خيال وجهڻ وارو ملائڪ هوندو آهي تہ ٻيو خراب خيال وجهڻ وارو لَمَ نالي شيطان هوندو آهي، تيون نفس جو خيال ۽ چوٿون ربّاني خيال آهي.

② خدا جي ڪامل اڪمل وليءَ لاءِ اهي سمورا خيال، انوارِ الاهي ۽ اذڪارِ سبحاني هوندا آهن.

③ چو تہ اهي سمورا خطرا (خيال) اَلله جي ولي کي، اَلله تعاليٰ جا نالا نظر ٿي ايندا آهن، انهي ڪري اهي (خيال) خطرا، اَلله تعاليٰ جو نور بنجي ايندا آهن.

④ شيطاني وسوسو اَلله تعاليٰ جي نالن جي برڪت سان پَجي پَري ٿي ويندو آهي، سچو مُريد نفس جي خيالن کي، اَلله تعاليٰ جي حفاظت سمجهي.

⑤ اَللهُ تعاليٰ جي اسم "قريب" کي، ملڪي خيال وارو تعلق رکندڙ ڏِسُ، انهن پاڪ اِسمن جي لڙيءَ کي، اَللهُ جو ولي سُنا رحماني راز سمجهندو آهي.

⑥ اي "سعيدؒ"! جيڪڏهن انهيءَ نور کان ذرو جهان ۾ اچي، ته هوند جهان جو ذرو ذرو، سج جيان نور پکيڙيندڙ ٿئي.

غزل نمبر: ١٧٢

① يار خطی نه نوشت ست شده ایامی
طائری هم نه فرستاد و نه هم پیغامی

② برامیدِ خبرش چند فرستم قاصد
تاهم از ناز سلامی نه نمود ارقامی

③ صبح شد شام و شده شام صبح وعده کو
آنچه گفتا که بیایم و همت دل کامی

④ بسته ام زاد که تا سحر ز بابل آرم
سنگدل شوخ صفت را بدهم آرامی

⑤ نوک نوکِ مژه‌ام دانه ز اشکم دارد
مگر آن کبک خرامان فتدم در دامی

⑥ لحنِ داؤد ز طنبور فوادم زده ام
که آهو وحشی خورا بنمایم رامی

⑦ تابکویش زده ام پا نروم در مسجد
وعظ قاصم بتر از قند لبش دشنامی

⑧ ساقیا وقت فراغ ست بهار است شباب
پا به میخانه که از عشق و طرب ده جامی

⑨ حسنِ یوسف ز نگاهش بزلیخا نشود کم
نیست عیب ار بکند شه بگدا انعامی

⑩ گفت رندم که اگر وصل نگارت خواهی
جوشش عشق نهان دار مگو باخامی

⑪ قولِ رندان نه مجاز ست "سعیداؒ" لیکن
قدرِ ترصیع دُرّ و لعل نداند عامی

ترجمو

① ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن، يار ڪو خط نہ لکيو، نہ قاصد موڪليائين، نہ ڪو پيغام اُماڻيائين.

② مون سندس خير جي خبر وٺڻ جي اُميد تي قاصد موڪليو، تڏهن بہ ناز مان ڪو سلام نہ لکيائين.

③ ان جي وعدن ۾ صبح شام ۽ شام صبح ٿيو، جو چوي پيو تہ اچان ٿو ۽ دل جي مُراد پوري ڪندس.

④ سفر جو سامان ٻڌم تہ اَسُر ويل بابل مان آڻيان (تہ جيئن) سنگدل سخت مزاج کي آرام ڏيان.

⑤ منهنجي پنبڻ جي اَڪي اَڪي ۾ ڳوڙهن جو داڻو رکيل آ، پر آئون انهيءَ ڏيل جهڙي رفتار رکندڙ محبوب جي دامَ ۾ ڦاسي پيس.

٦ دائودي سُر (جو آواز) پنهنجي دل جي طنبوري مان ڪڍيم، جو وحشي عادت واري هرڻ کي مُطيع بنايان.

٧ جيستائين ان جي گهٽيءَ ۾ رهيس ته مسجد ۾ پير نه رکيم، واعظي جي نصيحت اُن جي چپَّ جي پِڪَّ کان به وڌيڪ خراب گار لڳي.

٨ اي ساقي! فراغت جو وقت ۽ جواني جي بهار آ، شراب خاني ۾ پير رکُ، عشق ۽ تازگيءَ سان شراب جو پيالو ڏي.

٩ يوسف جو حُسن زليخا تي نگاهه ڪرڻ سان گهٽ نه ٿو ٿئي، جيڪڏهن شاهَ گدا کي انعام ڏنو ته (ان ۾ ڪو) عيب ناهي.

١٠ جيائين ته آئون رندي آهيان، جيڪڏهن پنهنجي معشوق جو وصل چاهين، ته اُن جي عشق جي جوش کي ڳجهو رک ۽ لچائي نه ڪر.

١١ اي "سعيد" ! رندن جي ڳالهه مجاز ناهي، پر موتي ۽ لعل کي جڙاءِ ڪرڻ جو قدر عام ماڻهو نه ٿو ڄاڻي.

غزل نمبر: ۱۷۳

١ هست خود پست ست زشت و هست دینِ من نیستی
دانۂ خوشه شود چون گرددش زان نیستی

٢ آب هستی جز بتاب نیستی هر کس ندید
مردمک دیده زلیخا گشت از جان نیستی

٣ بیخودی خود وصلِ حق شد در خودی خود تفرّقه
محرمی جاهست کشت و جنت ایوان نیستی

٤ خور چو تاب هست زد از تابِ او هر کس گریخت
مه اشاره گاه شد چون یافت یک آن نیستی

۵ نيستي گر طالبِ عرفان نجويد تاچه كرد
طفل نگذارد لعب را جز دبستان نيستي

۶ بلبلان سان از رخ ليلىٰ چو گل مجنون نديد
ذوق جانش تا ندارد رو به هجران نيستي

۷ سطر هاى كتب اهلِ حق چو اشجارِ چمن
تو "سعيدا" بلبلش نعمت ز الحان نيستي

ترجمو

① هستيءَ جي هوڏ ڪرڻ ته خود هيڻ نيندڙ آهي، هستيءَ جي هوڏ هٺ منهنجي دين جي نيستي جو بَد نُما داغ آهي. ڏاڍو تڏهن سنگ ڪيندو آهي، جڏهن هجڻ جي هوڏ کي ڇڏي زمين ۾ ويندو آهي.

② هجڻ جي رونق نيستي جي تاب کان سواءِ هر ماڻهو نه ڏئي، زليخا جو منظورِ نظر به اهو ماڻهو ٿيو جنهن نيستي اختيار ڪئي؟

③ بيخودي خُود خدا سان ملائيندڙ ٿي، خوديءَ ۾ جُدائي آ. مطلب ته هستيءَ ۾ محرومي ۽ هَستي کي ڇڏڻ سان جنّت جو حاصل ٿيڻ آهي.

④ سچ جڏهن هستي جو جلوو ڏيکاري ٿو ته ان جي جلوي کان هرڪو پڄي ٿو، پر چند جڏهن نيستي (تڏاڻ) اختيار ڪئي ته سمورن جا اشارا ان ڏانهن ٿين ٿا.

⑤ عِرفان جو طالب جيڪڏهن نيستيءَ جي مقام کي نه ڳولهي ته ڇا ڪري؟ ٻار نيستي جي مڪتب کان سواءِ راند نه ڇڏيندو آهي.

⑥ بُلبلن جيان گُل وانگي ليليٰ جي رُخ کي مجنون تيستائين نه تو ڏسي سگهي جيستائين سندس جان جو ذوق نيستيءَ جي وڇوڙي ڏانهن رُخ نه ڪري.

⑦ اهلِ حق جي ڪتابن جون سٿون، چمن جي وڻن وانگر آهن، اي "سعيدؒ"! تون اُن جي بُلبل بنجي نعمتن جي سُرَ سان ڳائيندڙ ناهين.

غزل نمبر: ۱۷۴

① اے متاعِ شرک در بازارِ جان انداختی
گوہر ہر سود در جیبِ زیان انداختی

② گلبنِ ایمان بدل از لطف آب لطف رست
طالبان را رقص لحنِ بلبلان انداختی

③ لب بہ بکشودہ صدفِ دل گوہر ایمان دراو
از تلاطم موج شرکت درامان انداختی

④ غرق عالم موجۂ طوفان شرک آمد مگر
دل بنوح روح کشتی درمیان انداختی

⑤ نقش کلکِ عقل وایمان کرد بر لوح عدم
ہر کہ از غیبِ تو حوضِ کن فکان انداختی

⑥ در رگِ عقل از خلد چون نشترِ ایمان زتو
خون سودا شرک گویا از جنان انداختی

⑦ تازہ شاخ شعر بر لب خشک کہ آوردی "سعیدؒ"
در سفالِ خشک شاخ ارغوان انداختی

ترجمو

① شرڪ جو سامان جان جي بازار ۾ اڇلايئي، هر نفعي جو مقصد نقصان جي ڪيسي ۾ اُڇلايئي.

② دل ۾ پيل ايمان جي گلدستي لطف پيدا ڪندڙ پاڻيءَ جي مهرباني سان سالڪن کي بلبل جي آواز تي رقص ۾ محو ڪري ڇڏيو.

③ دل جي سِپَ چپ ڪولي اُن ۾ ايمان جو موتي رکي، تنهنجي شرڪ جي موج جي ڇولين کان اَمان ۾ اڇلايو.

④ شرڪ جي طوفان جي ڇوليءَ جهان کي ٻوڙيو ٿي، مگر دل ۽ روح کي حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي بنائي وچ ۾ اُڇلايئي.

⑤ ايمان ۽ عقل جي قلم عَدم جي پٽيءَ تي نقش کي چٽڻ (شروع) ڪيو، تنهنجي غيب جي "ڪُنَ فَڪَانَ" جي حوض ۾ جيڪي ڪجهه هو، اُن کي اڇلايائين.

⑥ عقل جي رڳ ۾ خُلد مان جڏهن تنهنجي ايمان جو نشتر لڳو، ته فڪر جو رَتُ زبان جو شرڪ جنّت مان اُڇلايائين.

⑦ اي "سعيد"! سُڪل چَپَ تي (جڏهن) شعر جي تازي ٺاري آندئي، ته چڻ سُڪل ڪونڊيءَ ۾ گهٽڻ گلن واري سُرخ رنگ جي ٺاري اُڇلايئي.

غزل نمبر: ۱۷۵

① سحر آمد هنوز اندر[1] تکاسل غفلت و خوابی

شبت آخر شده برخیز تا وقتِ سحریابی

② شنو عبرت ز مرغِ صبح من کم خوار بیدارم

تو که اندر غفلتِ خوابی مگر سیری و سیرابی

(1) ن خ ۾ خيالِ غفلت لکيل آهي.

③ ز انوارِ خدا محروم ماند آنکه شب مرده
بود هم روز اندر ہاء ہوئ حرص لعابی

④ ندِایم می رسد از[1] آسمان تاہم نمی خیزی
ندانم مردهٔ یا از فسونِ دیو درخوابی

⑤ بسانِ طبل نالیدم نمی خیزی ز غفلتہا
سزد کرّی و یا در گوشہا انداختہ سیمابی

⑥ خداوند از عنایات و کرم وقتِ سحر آمد
که ہل من داعی گویان بسقفِ چرخ دولابی

⑦ خدا وقتِ سحر سوئ خودش می خواندت آوخ[2]
تو سوئ حرص غفلت شیطان ہمی پوئ وبشتابی

⑧ اگر زین شاه رو گردانی اندر طاعتِ نفست
سیہ دل بوجہل باشی بنام ار ابن خطابی

⑨ سحر گہ بر که ومه حق کشاده بابِ رحمت را
زغفلت گر نمی خیزی بلی محروم زین بابی

⑩ بود خوئ شریعت ہم طریقت مغز بیداری
زخوئ نفس اندر آب خوابت گشت غرقابی

(1) ن خ ۾ تا آسمان لکيل آهي.   (2) ن خ ۾ آخر لکيل آهي.

(۱۱) اسیر اندر قماطِ حرص در گہوارۂ دنیا
چو طفلی گرچہ در صورت بعمرِ شیخ و یاشابی

(۱۲) اگر خواہی بگور اندر فراشِ جنت و راحت
برآور سرپئ طاعت از این بالین سنجابی

(۱۳) بدر شو از رداءِ خواب رُو ازچرگ غفلت شو
کہ پوشی برد در فردوس رشکِ برد عتابی

(۱۴) بذکرِ حق بود انسان انسان ورنہ بوزینہ
نگردد مس زر ار صورت کند زر زآبِ قلّابی

(۱۵) خداوندا ترحّم کن براین حالِ تباہِ ما
کہ رحمانی و منّانی و غفاری و توابی

(۱۶) بہ بخشا ورنہ بخشی کیست بخشندہ جزت آخر
دلیل گمرھانی و کریم و ربّ اربابی

(۱۷) ز دستِ غفلتِ نفسم رہائی دہ بلطفِ خود
منوّر کن قلوبِ ما بسان ماہِ شبتابی

(۱۸) سوٴالِ من براءِ ہر ہمہ شب زندہ داران ست
اجابت کن الٰہی حرمتِ این قطب اقطابی

۱۹ مفخم و غوث سبحانی کریم و قطبِ ربّانی
جوارش بهرِ ما باشد جنان و باغ اعنابی

۲۰ زہی قیوم فیّاضیکه از جودِ فیوضاتش
شود معروف کرخی ار بود مجهول اعرابی

۲۱ محمّد وار در ارشاد چون می بود زیبا شد
محمدن الزمان نامش زہی از وصف القابی

۲۲ خدایا در چنین وقتِ سحر ہم حرمتِ این کامل
چرانه آری اجابت چون مجیب ہستی و وهّابی

۲۳ جوارِ نیک شب خیزی بود اصلِ سعادت چون
"سعیدی" را بود زین ہر دو حاصل لُبِّ الابابی

ترجمو

① اَسُر جو وقت آيو تون اجا تائين سُستي ۽ غفلت جي ننڊ ۾ آهين، تنهنجي رات جو آخري ويلو آ، اُٿ! ته جيئن اَسُر کي لهين.

② صبح واري ڪڪڙ کان عبرت حاصل ڪر، جو اِهو چئي رهيو آهي ته آئون سڄي رات سجاڳ رهيو آهيان، توکي ڇا ٿيو آ جو ڪايو پيو غفلت جي ننڊ ۾ سُتو پيو آهين؟

③ خدا جي رحمت واري انوار کان اهو محروم رهيو جيڪو سڄي رات مئن جيان سُتل رهيو، ۽ ڏينهن به حِرص ۽ هَوس جي راند ۾ گذاريائين.

④ آسمان مان مون کي نِدا جو آواز ايندو رهندو آ، ته اجا تائين نه تو اُٿين، مون کي خبر ناهي مُئل آهين، يا شيطان جي جادوءَ کان ننڊ ۾ سُتل آهين.

⑤ طنبوري جيان رُنو آهيان تڏهن ٻہ غفلت کان نہ ٿو اُٿين، ٻوڙو آهين يا ڪنن ۾ شيهو وڌو اٿئي؟

⑥ اَللهُ تعاليٰ پنهنجي مهرباني ۽ فضل سان اَسُر جو وقت آندو، جو آسمان جي ڇت تي پڙهو ڏيندڙ هي چئي رهيو آهي تہ: ”آهي ڪو دعا گهرڻ وارو“

⑦ اَللهُ تعاليٰ اَسُر ويل توکي پنهنجي طرف سڏي ٿو، افسوس! تون حرص ۽ غفلت ۾ شيطان پويان آهستي ۽ تيزُ ڊُڪندو رهين ٿو.

⑧ جيڪڏهن هن شاهہ (رسول الله ﷺ) کان مُنهن موڙي پنهنجي نفس جي اطاعت ۾ رهندين، تہ ڪاري قلب واري ابوجهل جيان ٿي پوندين، ڪٿي ابن خطاب هو. (ابن هشام هو)[1]

⑨ اَسُر جي وقت هر عام ۽ خاص تي اَللهُ تعاليٰ پنهنجي رحمت جي دروازي کي کوليندو آهي، جيڪڏهن غفلت کان نہ ٿو اُٿين، تہ ان جي رحمت کان محروم رهجي ويندين.

⑩ رات جو جاڳڻ شريعت وارن جي عادت ۽ طريقت رکندڙن جو مغز آ، نفس بڇڙي عادت جي ڪري توکي ننڊ جي پاڻيءَ ۾ غرق ڪري ڇڏيندو.

⑪ ٻار جيان دنيا جي پينگهي ۾ حِرص جي پوتڙي ۾ قيدي رهين، جيتوڻيڪ عمر ۾ پوڙهو يا جوان آهين.

⑫ جيڪڏهن چاهين تہ توکي قبر ۾ راحت ۽ جنّت جا نرم وڇاڻا ملن، تہ اطاعت جي پويان هن ريشم جي وِهاڻي کان مٿو ڪڍي، (ڪا) خدا جي عبادت ڪر.

⑬ ننڊ جي چادر کي لاهي ٻاهر اُڇلاءِ، غفلت جي ميل کي مُنهن تان ڌوئي صاف ڪر، تہ فردوسِ برين ۾ ناز واري چادر تي رَشڪ ڪندڙ ڀَلي چادر ڏِڪين.

⑭ اَللهُ تعاليٰ جي ذڪر سان ئي انسان، انسان هوندو آهي، ورنہ تہ ڀولڙو آ، ٽامون سُون نہ ٿو ٿي سگهي، ڪٿي ظاهر ۾ (ان کي) ڪوٺي مان خالص بنائيندڙ سُون جو پاڻي ڏجي.

⑮ اي خدا! اسان جي هن خراب حال تي رحم ڪر، ڇو تہ تون رحم، احسان، بخشش ڪرڻ وارو ۽ توبہ قبول ڪندڙ آهين.

---

(1) هتي ڪاتب کان سهو ٿي وئي آهي. درحقيقت ابن هشام هجڻ کپي ها. (از مترجم)

⑯ اي اَللهُ! اسان کي بخش ڪر، تون نہ بخشيندين تہ توکان سواءِ آخر ٻيو ڪير بخشيندڙ آهي؟ پُلين کي سِڌو رستو ڏيکاريندڙ، وڏو ڪرم ڪندڙ ۽ سموري جهان جو رب آهين.

⑰ اي پالڻهار! پنهنجي مهربانيءَ سان مون کي منهنجي نفس جي غفلت کان ڇوٽڪارو ڏي، اسان جي دلين کي چوڏهينءَ جي چنڊ جيان روشن ڪر.

⑱ اي اَللهُ! منهنجو سوال هرهڪ رات جاڳندڙ لاءِ آهي، الٰهي هن قطب الاقطاب جي مهابي هيءُ سوال قبول فرماءِ.

⑲ تمام عزّت واري غوث سبحاني ڪريم قطب ربّاني جو پاڙو جنّت ۽ جنّت جي انگورن جي باغ ۾ اسان لاءِ هجي.

⑳ اهڙي قيوم الزّمان فياض مرشد جي فيض کان ڪرخي ڄاتل سڃاتل ٿيو، جيتوڻيڪ (اهو) اَڻ سڃاتل ٻهراڙيءَ جو هو.

㉑ محمّد(ﷺ) جيان جڏهن اهو رُشد وهدايت ۾ پهتل هو، تہ اُن جو نالو محمّد زمان سينگاريل ٿيو، اهو ڪهڙو نہ سٺو لقب ۽ سُني صفت آهي!

㉒ اي خدا! ههڙي اَسُر جي وقت هن ڪامل جي مهابي ڇونہ ٿو دعا قبول ڪرين؟ جڏهن تہ تنهنجي ذات تمام گهڻو عطا ڪندڙ آهي.

㉓ نيڪن جي پاڙي ۾ رات جاڳڻ اصل سعادت آ، جڏهن تہ "سعيد" قدس الله کي اهي ٻئي مقصد اِتان ئي حاصل ٿيا آهن.

غزل نمبر: ۱۷۶

① الا ای نقشبندانند نقّاشان حقانی
بہ نقشِ لافنا سازند صدہا نقش و صدمانی

② ہمہ گردندہ چون پرکار گردِ مرکزِ ذات اند
ہمہ ہشیار اند از گردشِ پرکار سبحانی

۳ دراقصایٔ جہان نبود کسی نقّاشِ دل چون شان
چہ در اجناسِ جن وہم ملک ہم نوع انسانی

۴ اگر یک ذرۂ نورِ دل خور خوءِ شان رخشد
بسنگِ دل شود رخشان و رشکِ لعل پیکانی

۵ اگرچہ ہند کفرستان بود از ظلِّ ہماء شان
چو ہند از کفر نحسیّت برآمد در مسلمانی

۶ بظلمات این اگر گنجینہ فیضِ خدا باشد
نہ بشمر عیب گر در جستجوءِ آبِ حیوانی

۷ یمن سان گشت حدِّ ھدا زیُمنِ دلِ ایشان
دمادم از دمِ ایشان می دمد انفاسِ رحمانی

۸ سفر اندر وطن دارند ہمچو ماہ درھالہ
ز خلوت انجمن حسنِ مہ و انجم ہمی دانی

۹ ز ہر یک اولیاء و اصفیا دعواءِ ہمتایٔ
بشان حکمِ سہا دارد بخاور لاف رخشانی

۱۰ ز فیضِ نور بخش این شموس اندر کسوف افتد
خورِ تابان چو لافد پیشِ شان درشان ہمشانی

۱۱ کند رُوبہ شکارِ شیر گر منسوب شان گردد
بہ قہرِ شان کشد نمرود وش را پشہ زآسانی

۱۲ دمِ عیسیٰ ید موسیٰ بغمزِ چشم شان پنهان
بیک جا جان دهِ لاشه بیک جا نور افشانی

۱۳ هزاران کور مادر زادهٔ باطن زبوءِ شان
شود بینا چو یعقوب از قمیصِ شاهِ کنعانی

۱۴ نخرچنگان کجرواند جوءِ رقص و زرّاقی
بسانِ ماهیانِ راست رو در بحر دیّانی

۱۵ کسی گر از حسد جوید عیوبی شان عجب نبود
که آبِ نیل خون میدید چشمِ قومِ گبرانی

۱۶ اگرچه نقشبنداند چون آئینهٔ صافی
ولی زنگی برنگِ زنگ بیند رنگ نادانی

۱۷ به بلبل و زاغ فرح و غم زبوءِ گل مثل باشد
بهیزم نار و بهر یار حق آن شان بستانی

۱۸ محمّد وارمحی الشّرع هریک می بود ز ایشان
وحید العصر فرید الدّهر گویا احمدِ ثانی

۱۹ فلک از بحرِ خضرایش کند هرشب نثارِ شان
هزاران لؤلؤِ رشکِ دُرِّ دریاءِ عمانی

(٢٠) بود ہریک از ایشان قطب اعظم و غوث کز جودش
سیاہ آمد خجالت یاب گریان ابرِ نیسانی

(٢١) ہزاران اولیاءِ دین ہزار ابدال ہم نُجبا
ز لوح جبہۂ ایشان سبق خوانِ دبستانی

(٢٢) ہزاران ہمچو منصور و ہزاران شیخ شبلی وش
بدرس صحوشان سازند چون طفلان سبق خوانی

(٢٣) "سعیدؒ" از وصفِ شان لب بستہ ماند ہمچو خوئ شان
چہ طاقت مور کہ آرد در بیان شانِ سلیمانی

ترجمو

① اي خدا جو اسم دل تي چٽيندڙ نقشبنديو! "لَا " جي نقش چٽڻ سان ماسوي الله جي ٻيا سوين نقش فنا ڪري ڇڏيندا آهن.

② سمورا گول ڪڙي وانگي خدا جي ذات جي چؤطرف ڦرندڙ آهن، سمورا سبحاني پَلڪار جي گردش کان هوشيار آهن.

③ جهان جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ هنن جهڙو دل جو چٽيندڙ ناهي، ڪٿي جنن، ملائڪن ۽ انسانن جي جنس هجي.

④ جيڪڏهن هڪڙو ذرو بہ سج جيان هنن جي روشن دل مان نڪري، تہ پٿر دل بہ موتيءَ وانگر چمڪڻ لڳي.

⑤ جيتوڻيڪ هند ڪُفرستان هو، پر اُن هُماءَ جي برڪت واري ڇانوَ سان هندَ وانگي ڪُفر مان نڪري مسلمان ٿيا.

⑥ هِن انڌيري ۾ جيڪڏهن خدا جي فيض جو خزانو آ، تہ ان ۾ ڪو عيب ناهي، ڇوتہ آبِ حيات بہ انڌيري ۾ آهي.

⑦ هنن جي برڪت واري دل سان هندستان جي حد ۾ يمن جهڙي برڪت واري ٿي ويئي، انهن جي هرهڪ ساهه مان اَنفاسِ رحماني نڪرندا آهن.

⑧ جهڙي ريت چنڊ پنهنجي دائري ۾ سفر ڪندو آ، اهڙي طرح هي به وطن ۾ سفر اختيار ڪندا آهن، انجمن ۾ ان جو رهڻ ايئن آهي، جيئن چنڊ تارن ۾ هوندو آهي.

⑨ هر هڪ اولياء ۽ اصفياء جي پنهنجي شان مطابق دعويٰ آهي، ان جي حڪم سان ننڍڙو تارو به، اولهه ۽ اوڀر ۾ روشني ڪرڻ لڳو.

⑩ ان جي فيض جي نور ڪان سج کي گرهڻ ٿي ويئي، ان جي شان جي اڳيان سج ڪهڙي ٻڙاڪ هڻندو؟

⑪ لومڙي شينهن جو شڪار ڪري جيڪڏهن ان ڏانهن منسوب ٿئي، ان جي قهر سان نمرود کي مڇر آساني سان ماري ڇڏي.

⑫ عيسيٰ عليہ السلام جي ڦوڪ، موسيٰ عليہ السلام جو هٿ، ان جي اک جي اشاري ۾ پوشيده آهي، (هي) هڪ ئي وقت مُئي ۾ ساهه وجهي ۽ نور افشاني ڪري ڇڏي.

⑬ هزارين باطني طرح ڄمندي نابينا ان جي خوشبوءِ سان اهڙي ريت اکين سان ڇتا ٿي ويا، جيئن حضرت يعقوب عليہ السلام جو نور يوسف عليہ السلام جي پهراڻ جي برڪت سان نروار ٿيو.

⑭ ڪيڙن جيان آڏا ۽ ٽيڙا نه ٿا هلن ۽ نه مڪّار جي نچڻ وانگي، (بلڪ) مڇيءَ وانگر سدا خدا جي بحرِ عميق ۾ وجڻ وارا آهن.

⑮ جيڪڏهن حَسد مان ڪو انهن جي عيب جوئي ڪري، ته ان ۾ ڪو عجب ناهي، ڇو ته نيل نديءَ جو پاڻي ڪافر قوم کي رَتَ جهڙو ڏسڻ ۾ ايندو هو.

⑯ نقشبندي جيتوڻيڪ آئيني جيان صاف آهي، پر شيدي آئيني ۾ به ناداني‌ءَ سان پنهنجي شڪل خراب ڏسندو آهي.

⑰ بلبل کي گُل مان فرحت ملندي آ، ۽ ڪانو کي غم نصيب ٿيندو آهي، جهڙي ريت باهه ٻاهر کان حضرت ابراهيم عليہ السلام کي آڙاهه نظر ٿي آئي، پر حقيقت ۾ اُها باغيچو هئي.

⑱ محمّد (ﷺ) وانگر انهن مان هر هڪ شريعت کي زنده ڪرڻ وارو آ، پنهنجي زماني جو يڪتا چڻ ته محبوب جو نائب آهي.

⑲ فلڪ پنهنجي نيري سمنڊ مان هر رات اُن تي نثار ٿيندو آ. هزارين بي بها موتي جن تي اُن عماني درياءَ جا موتي به رشڪ ڪندا آهن.

⑳ انهن مان هرهڪ قطب اعظم ۽ غوث آهي، جنهن جي سخا سان بهار جو ڪڪر ڪارو ۽ شرمندو ٿيندو آ.

㉑ هزارين دين جا اولياء، ابدال ۽ بزرگ، اُن جي منهن مبارڪ جي پٽيءَ مان سبق پڙهندا آهن.

㉒ منصور ۽ شيخ شبليءَ جهڙا هزارين ڪامل ان جي هوشياريءَ جي مدرسي مان ٻارن وانگر سبق پڙهندا آهن.

㉓ اي "سعيدؒ" هاڻي ان جي وصف بيان ڪرڻ ۾ خاموشي اختيار ڪر، ڇو ته اِها انهن (نقشبندين) جي وصف آهي، ڪِول کي ڪهڙي طاقت آهي، جو حضرت سليمان عليہ السلام جو شان بيان ڪري.

غزل نمبر: ۱۷۷

① نقش نورِ ذات خود از عالمی را نقشبند
کرد بر لوح دلِ مرا نقشبندان نقشبند

② نقشبند اند کز آفاق نفس رستہ اند
زانکہ این ہمہ نقش اند از نقشہا برجستہ اند

③ نقشبند اند خلوت انجمن در می کنند
خلوتِ این انجمن را دور خود از افگنند

④ نقشبند انند خلوت شان ز خلوت دیگران
آن چنان روشن کہ خور اندر میانِ اختران

⑤ طالبان را جذب اوشان جذب سازد سوء ذات
دیدۂ شان سوءِ باطن نی بہ انساب و صفات

⑥ نقشِ نورِ حرف می بندند در دل نقشبند
نقشبندان کہ ناگردید اندر نقشبند

⑦ نقشبندانِ ہمہ را تو بہاء الدین دان
مسندِ فیضِ محمّد را ز شان تمکین دان

⑧ مبتدی شان منتہی چون سائرِ عرفان بود
مرغ فہم اندر ہوای انتہا شان کی پرد

⑨ مدح شان آخر نیاید چون "سعیدا" در بیان
وردِ لا احصی بخوان اسماءِ شان آور بیان

ترجمو

① ذاتِ باري تعاليٰ خود پنهنجي نور سان جهان کي چٽيو آ، منهنجي دل جي پٽيءَ تي خاص ڪري (بزرگن) نقش چٽيو آهي.

② نقشبندي بزرگ (ڏک سُک ۾) آفاق ۽ انفس جي مدارج کان آجا آهن، جو تہ هي سمورا نقشا ٻين سمورن نقشن کان مضبوط آهن.

③ نقشبندي بزرگ انجمن جي خلوت کي ٻَري رکندا آهن، هِن انجمن جي خلوت کي پاڻ کان تمام پري اُجلائيندا آهن.

④ نقشبندين جي اها خلوت ٻين خلوتن کان مختلف هوندي آ، اهي اهڙي طرح روشن هوندا آهن جيئن چنڊ تارن ۾ روشن هوندو آهي.

⑤ طريقت جي طالبن کي انهن جو ڇڪڻ (درحقيقت) خدا جي ذات جي طرف ڇڪڻ هوندو آ، انهن جي نظر صرف اندر اجارڻ جي طرف هوندي آهي، نه پنهنجي حسب، نسب، ذات ۽ صفات جي طرف.

⑥ نقشبندي دل ۾ نور جي حرف واري نقش کي ٻڌندا آهن، صرف مطالعو نه ڪندا آهن.

⑦ سمورن نقشبندي بزرگن کي تون حضرت بهاءُالدين نقشبند سمجهه، محمّد (ﷺ) جي فيض واري مَسند کي انهن لاءِ لائق سمجهه.

⑧ نقشبندين جو (نئون طالب) مُبتدي به مُنتهيٰ سالڪ جيان منزل تي پهتل ۽ سموري عِرفان جي مراتب کي سمجهندڙ هوندو آهي. سَڌُن ۾ سوچيندڙ عقل جو پکي، انهن جي انتها واري منزل ۾ ڪيئن اُڏامي سگهندو؟

⑨ اي "سعيدؒ"! انهن (بزرگن) جي تعريف آخر بيان ڪرڻ سان پوري نه ٿي ٿئي، ته پوءِ "لَا اُحْصِيْ" (نٿو ڳڻي سگهان) جو ورد پڙهه، ۽ (برڪت خاطر) انهن جا نالا بيان ڪر.

غزل نمبر: ۱۷۸

شجره طريقت حضرات نقشبنديه لواري شريف

① احمد و بوبکر سلمان و باز قاسم جعفر ست
بویزید و بوالحسن بس بوعلی خور انور ست

② یوسف ست و غجدوانی عارف و محمود دان
بعد زان رامیتنی بابا سماسی مسعود دان

③ سیّد میرِ گلال و پس بہاء الدین شاہ
شیخ یعقوب و عبیداللہ زاہد دین پناہ

④ خواجہ درویش امکنگی و باقی باللہ ست
خواجہ احمد پس ازوی گشت باللہ ست

⑤ بعد زان شد خواجہٗ محمدن السعید
خواجہٗ عبدالاحد کہ او واحدِ ربِّ وحید

⑥ خواجہٗ حضرت حنیف و خواجہٗ محمد زکی
حضرت شیخ محمد طازو شد زکی

⑦ حضرتِ شیخ محمدن الزمان شد در زمان
چون محمد فیض بخشِ طالبانِ انس و جان

⑧ گل محمد از گلستانِ زمان بشگفت چون
بلبلان را شد بلحنِ ذکر رحمان رہمون

⑨ بعدزان حضرت محمدن الزمان ثانی نمود
عالمین را نور ور ہم انس و جان رارہنمود

⑩ حضرت شیخ محمدن الحسن کردہ ظہور
عرش و فرش از نورِ آن گشتند بس تابانِ نور

ترجمو

(١) (حضرت امام الانبياءِ) احمد (ﷺ)، ابوبڪر (رضي الله عنه) سلمان فارسي (رضي الله عنه) پوءِ قاسم رحمة الله ۽ امام جعفر صادق (رضي الله عنه) آهن، ابويزيد قدس سره ۽ ابوالحسن قدس سره ۽ بو علي قدس سره روشن سج ڪافي آهن.

(٢) يوسف قدس سره آهي، عارف غجدواني قدس سره ۽ محمود قدس سره ڪي ڄاڻ، ان ڪان پوءِ رامتيني قدس سره ۽ بابا سماسي مسعود قدس سره ڪي ڄاڻ.

(٣) سيّد مير ڪلال قدس سره پوءِ بهاءُ الدين شاهه قدس سره، شيخ يعقوب قدس سره ۽ عبيدالله قدس سره، زاهد قدس سره، جيڪو دين جي پناهه آهي.

(٤) خواجه درويش امڪنگي قدس سره ۽ باقي بالله قدس سره آهي، ان ڪان پوءِ خواجه احمد قدس سره (سرهندي) اَلله سان واصل ٿيو.

(٥) ان ڪان پوءِ خواجه محمّد سعيد قدس سره گادي نشين ٿيو، خواجه عبد الاحد جيڪو ربّ واحد جو ٻانهو آهي.

(٦) خواجه حضرت حنيف قدس سره ۽ خواجه محمّد زڪي قدس سره، حضرت شيخ محمّد قدس سره جيڪو پاڪيزه ٿيو.

(٧) سلطان الاولياءِ حضرت شيخ محمّد زمان جيڪو پنهنجي وقت ۾ محمّد (ﷺ) جيان هر جنّ ۽ انسان جي طالب ڪي فيض بخشيندڙ هو.

(٨) حضرت خواجه زمان قدس سره جي باغ مان محمّد جو گل ٽڙيو، جيڪو بُلبلن لاءِ خدا جي ذڪر جو مَحور ۽ مرڪز ٿيو.

(٩) ان ڪان پوءِ محمّد زمان ثاني قدس سره جهان ۾ نروار ٿيو، جنهن جهان جي جنّن ۽ انسانن ڪي نور ۽ هدايت جو رستو ڏيکاريو.

(١٠) حضرت شيخ محمّد حسن قدس سره دنيا تي ظاهر ٿيو، جنهن جي فيض واري نور سان، عرش ۽ فرش گهڻا روشن ٿيا.

پيو شجره طريقت

① باز گويم نسبتِ ثاني اکابر سلسله
مي کند بلبلِ دلم در لحنِ شوقش غلغله

② حضرتِ ختم الرّسل زان بود ختم الاولياء
لحم لحمي بحقش قولِ شاهِ اصفيا

③ حضرت ميرِ حسين پس علي و باقرست
بعد زان شهِ سرورِ صادق امام جعفرست

④ حضرت کاظم و علي و کرخي و جنيد
بوعلي رود باري شاه گرگانِ شنيد

⑤ بعد زان شه بو علي همچون علي
گشت زو دير اين مسدّس همچو خاور منجلي

⑥ حق نمايد حرمتِ اين اصفياءِ سلسله
وابلِ عرفان "سعيداؒ" بر تو دائم ها طله

ترجمو

① وري اسان جي بزرگن جي سلسلي جي ہي نسبت چوان، جو منهنجي دل جو بُلبل اُنهن جي شوق ۾ وڏا سُرَ ۽ نغما ڳائي ٿو.

② حضرتؐ ختم الرسل (سمورن رسولن پڄاڻا ايندڙ) ان جي فيض مان

فيضياب، اوليائن سڳورن جو مَحور ۽ مرڪز آهي جنهن لاءِ حضور انور ﷺ فرمايو: "منهنجو جسم تنهنجو جسم، منهنجو گوشت تنهنجو گوشت آهي" يعني اهو حضرت علي ڪرّم الله وجهه آهي.

③ حضرت مير حسين ﷺ، پوءِ علي (امام زين العابدين) ﷺ ۽ امام باقر ﷺ آهي، ان کان پوءِ سچن جو سردار امام جعفر ﷺ آهي.

④ حضرت ڪاظم ﷺ، علي ﷺ، ڪرخي ﷺ ۽ جنيد ﷺ، بو علي ﷺ ۽ شاهه ڳُرگان ﷺ کي ٻُڌو.

⑤ ان کان پوءِ شاهه بو علي ﷺ، حضرت علي ﷺ جيان، ان جي فيض مان هِن دنيا جا ڇهه ئي طرف سج جيان روشن ٿيا.

⑥ اي "سعيد"! اَلله تعاليٰ توکي هنن بزرگن جي مهابي حق جي رستي تي هلائي، ۽ پنهنجي عِرفان جو وڏ ڦڙو مينهن ۽ ماڪ هميشه توتي وسائيندو رهي. آمين.

الحمدلله والصلواة والسلام عليٰ رسول الله.
الله ڪريم جا لک شڪر ۽ ڪروڙين ڪرم جنهن جي ڏنل فهم ۽ سگهه سان "ديوانِ سعيد" جو ترجمو هِن حقير جي هٿان خير سان پورو ٿيو.

فقير عبدالرزاق مهراڻ سڪندري
خطيب جامع مسجد
پوليس لائين سانگهڙ

10 سيپٽمبر 2006ع
مطابق 16 شعبان المعظم

"ديوانِ سعيد" جا رجال

آ

آدم

آل محمد ﷺ

آل مناف

الف

ابراهيم عليه السلام

ابن سينا

ابن هشام

ابوبڪر صديق

ابوجهل

ابوقحافه

ابويزيد بسطامي

احمد مجتبي ﷺ

اسماعيل عليه السلام

اصحاب ڪهف

امام اعظم

امام مالڪ

امام مهدي

امير حمزه

امڪنگي خواجه

اياز

بلال حبشي

بلقيس

بلعم باعور

بهاءُ الدين نقشبند

بو علي رودباري

ج

جامي عبدالرحمٰن

جبرئيل عليه السلام

جعفر صادق

جنيد بغدادي

ح

حافظ شيرازي

حسنين ڪريمين

حنيف خواجه

حيدر ڪرار

خ

خسرو

خضر عليه السلام

د

دائود عليه السلام

ر

راميتني خواجه

ز

زليخا

زين العابدين امام

س

سعيد خواجه

سامري

سڪندر ذوالقرنين

سلمان فارسي

سليمان عليه السلام

ش

شاهه گرگان

شبلي ابوبڪر

شيرين

ص

صائب

ع

عارف ريوڪري

عبيدالله احرار

عثمان ذوالنورين

عزيزِ مصر

علي المرتضيٰ

عمر فاروق

عيسيٰ عليه السلام

غ

غجدواني

غازي عبدالحميد

ف

فاروق اعظم رضي الله عنه

فاطمه رضي الله عنها

فرعون

فرهاد

ق

قطمير

قيس عامري

گ

گل محمد خواجه

ل

ليليٰ

م

مجنون

محمد حسن خواجه

محمد زمان اول خواجه

محمد زمان ثاني خواجه

محمد زڪي خواجه

محمد سعيد خواجه

مريم

منصور حلاج

موسيٰ عليه السلام

ن

نوح عليه السلام

نوشيروان

ي

يحيٰ عليه السلام

يعقوب عليه السلام

يوسف عليه السلام

يونس عليه السلام

Scanned with CamScanner

”ديوانِ سعيد“ جا اماڪن

ا

ايران

ب

بخارا

ت

ترڪي

ج

جيحون

ح

حرم

حبش

ر

روس

س

سمرقند

سنڌ

ش

شيراز

ط

طورسينا

ع

عمان

ڪ

ڪنعان

ل

لواري شريف

م

مصر

مدينو شريف

مڪو شريف

ھ

هندستان

ي

يمن

نور محمد قرڙو 03023629987